

# سماج
# جا
# اڳواڻ

اين جي او ريسورس سينٽر
(آغا خان فائونڊيشن جو پراجيڪٽ)

# سماج جا اڳواڻ

سماجي ترقيءَ جي شعبي جي
ناميارن شخصيتن جا انٽرويو

اين جي او ريسورس سينٽر
(آغا خان فائونڊيشن جو پراجيڪٽ)

# سماج جا اڳواڻ

## سماجي ترقيءَ جي شعبي جي ناميارين شخصيتن جا انٽرويو

آءِ ايس بي اين 5-11-8412-969 ISBN 969-8412-11-5

جملي حق ۽ واسطا محفوظ

پهريون ايڊيشن 1999ع

ترتيب ۽ اهتمام
**عبدالسلام سلامي**
ترجمو: **شڪور نظاماڻي**

ڪمپوزنگ: آزاد ڪميونيڪيشنز، ڪراچي
ڇپائي : فضلي سنز (پرائيويٽ) لميٽيڊ

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**اين جي او ريسورس سينٽر**
ڊي-114، بلاڪ 5، ڪلفٽن، ڪراچي-75600
فون: 2-5865501 (21-92) فيڪس: 5865503
اي ميل: info@ngorc.khi.sdnpk.org

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## اين جي او ريسورس سينٽر

(آغا خان فائونڊيشن جو پراجيڪٽ)

اين جي او ريسورس سينٽر (NGORC) هڪ سهائتا ۽ صلاحون مهيا ڪندڙ ادارو آهي جنهن جو مقصد غير سرڪاري تنظيمن جي ڪارڪردگيءَ کي سڌارڻ لاءِ سازگار ماحول جوڙڻ آهي. اين جي او آر سي سکيا جي فراهمي، نيٽ ورڪنگ ۽ ڄاڻ مُهيا ڪرڻ ذريعي غير سرڪاري تنظيمن جي ڪم جي صلاحيت وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. اين جي او آر سي ڪنهن به قسم جي مالي مدد نه ڪندو آهي.

# فهرست


| | |
|---|---|
| مُهاڳ | 1 |
| 1ـ ڊاڪٽر آريارتنا | 7 |
| 2ـ ابان مارڪر ڪبراجي | 23 |
| 3ـ اختر حميد خان | 35 |
| 4ـ ايئن اسمائيلي | 51 |
| 5ـ ڊاڪٽر پونا وگناراجا | 61 |
| 6ـ تسنيم احمد صديقي | 73 |
| 7ـ جسٽس دُراب پٽيل | 85 |
| 8ـ رابرٽ چئمبرس | 91 |
| 9ـ راجيش ٽنڊن | 105 |
| 10ـ شبانہ اعظمي | 117 |
| 11ـ شعيب سلطان خان | 129 |
| 12ـ عارف حسن | 145 |
| 13ـ فضل حسن عابد | 161 |
| 14ـ ڪِرن بيدي | 177 |
| 15ـ پروفيسر محمد يونس | 191 |
| 16ـ وجي ڪُمار سرڊنا | 203 |
| فرهنگ | 213 |
| مخفف نالا | 216 |

# مُهاڳ

اسان جنهن سماج ۾ جيئون پيا، اُهو فنا ۽ بقا جي قوتن وچ ۾ هڪ تاريخي ڇڪتاڻ کي منهن ڏيئي رهيو آهي. هڪ پاسي پراڻيون عمارتون ڊهي رهيون آهن ته ٻئي طرف نين اڏاوتن جا بنياد پئجي رهيا آهن. اها هڪ اهڙي جنگ آهي، جيڪا عملي زندگيءَ جي صحرائن سان گڏوگڏ اسان جي ذهن ۾ پڻ وڙهي پيئي وڃي. يعني اها ڳالهه نهايت اهم آهي ته اسان پنهنجي آسپاس جي مسئلن ۽ تڪليفن جو جائزو وٺي اهڙا نتيجا ڪڍون، جيڪي نئين سر اڏاوت جي صبر آزما مرحلن ۾ اسان جي رهنمائي ڪري سگهن. سمجهڻ ۽ سکڻ ۽ پوءِ ڏورانهن ماڳن ڏانهن شروعاتي ۽ ننڍڙيون وکون کڻڻ، اِهائي وقت جي سڀ کان وڏي گهرج آهي.

’سماج جا اڳواڻ‘ کي شايع ڪرڻ به سمجهڻ ۽ سکڻ جي عمل کي واڌ ڏيڻ جي هڪ ڪوشش آهي. هي ڪتاب انهن ملاقاتن تي مشتمل آهي، جيڪي اين جي او ريسورس سينٽر جي ”اخبار“ ۾ هڪ لاڳيتي سلسلي جي حيثيت رکن ٿيون. هونئن ته اِها ته ماهي ”اخبار“ غير سرڪاري تنظيمن جي ترقياتي سرگرمين جي اشاعت لاءِ شايع ڪئي پيئي وڃي پر فقط خبرن جي آرسيءَ ۾ ئي سموري تصوير نظر نٿي اچي. اِهو به ضروري آهي ته رضاڪارانه ترقياتي سرگرمين جي پس منظر ۾ جيڪي تجربا ۽ مُشاهدا وجود ۾ اچي رهيا آهن، تن جو به جائزو به جاري رهڻ گهرجي ۽ اهو جائزو شخصي حوالن سان ئي وڌيڪ سمجهه جوڳو ۽ دلچسپ ٿي سگهي ٿو. تاريخ جو عمل به بااختيار ۽ فڪر توڙي

عمل جو جوهر رکندڙ ماڻهن جي ڪهاڻين جو هڪ سلسلو آهي. زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اهم تبديلين ۽ گڏيل يا جماعتي ڪاميابين جو ذڪر ڪجهه ماڻهن جي ذات سان لاڳاپيل سمجهيو ويندو آهي.

اهو بحث يقيني طور تي پنهنجي جاءِ تي اهم آهي ته سماجي تبديلي جي ڪنهن عمل ۾ يا ڪنهن اداري جي واڌ ويجهه ۽ پائيداريءَ جي لاءِ ڪجهه خاص ماڻهن جي موجودگي اثر هوندي آهي يانه، يعني ڪا تحريڪ ڪنهن اڳواڻ کي جنم ڏيندي آهي يا ڪو اڳواڻ پنهنجي ذات جي ڪشش يا ڪرشمي سان هڪ نئين دنيا جو پايو وجهندڙ بڻجي سگهي ٿو. ظاهري طور تي اهوئي سمجهه ۾ اچي ٿو ته معروضي حالتون ۽ ڪنهن فرد جي تخليقي اڳواڻيءَ جي ميلاپ سان ئي ترقي ۽ تبديليءَ جا امڪان جنم وٺن ٿا. سياسي سطح تي هيجان انگيز ۽ ڏکوئيندڙ حالتن ۾ ڪرشمه ساز اڳواڻيءَ جا ڪيئي مثال ملن ٿا ۽ اهڙي قسم جي اڳواڻيءَ جي روشن توڙي اونداهن پاسن جا علمي تجزيا پڻ موجود آهن. سماجي ترقيءَ جي جدوجهد جو دائرو اهڙي ڪرشماتي قيادت جي اٿاهه اُمنگن لاءِ شايدگهڻو محدود هوندو آهي. اهڙا ماڻهو جيڪي سماجي تبديليءَ لاءِ ٿيندڙ تحريڪن جا سُونهان آهن گهڻي ڀاڱي آزاديءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ يا سڄي سماج کي هڪ نئون رُخ ڏيڻ جي ڪوشش ڪندڙ سياسي اڳواڻن کان مختلف هوندا آهن!

اِهو به چئي سگهجي ٿو ته سياسي عمل ۽ سماجي ترقيءَ جي رٿائن ۾ عام ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ هڪ چٽو فرق آهي، ۽ ٻنهي تحريڪن ۾ قيادت جي نوعيت بلڪل مختلف هوندي آهي. هڪ ٻيو بنيادي فرق، جنهن کي اوهان تضاد به چئي سگهون ٿا، اهو آهي ته ڪرشمه ساز سياسي اڳواڻ انقلابي تبديليءَ جو علمبردار بڻجي سگهي ٿو، پر سماجي تبديليءَ لاءِ جدوجهد لازمي طور تي هڪ ارتقائي عمل آهي. اهوئي سبب آهي جو گهڻا مبصر اهو سوال به ڪندا آهن ته ڇا سماجي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ تنظيمون ڪنهن گهڻ پاسائين انقلاب جو بنياد بڻجي سگهن ٿيون؟ ان کي پاسيرو رکندي ته سماجي تبديليءَ لاءِ ڪم ڪندڙ اهڙي ريت اقتدار جا خواهشمند نه هوندا آهن جهڙي ريت سياسي اڳواڻ هوندا آهن، گذريل ڪيترن ئي سالن جي تاريخ اِها شاهدي

ڏٺي ٿي ته هاڻي انقلاب جي نوعيت بدلجي چڪي آهي. جهڙوڪ عارف حسن سنڌس انٽرويو ۾ چئي ٿو ته نظرياتي انقلاب جو زمانو گهڻا سال اڳ ختم ٿي ويو ۽ هاڻي انقلاب جي شڪل اِهائي ٿي سگهي ٿي ته ماڻهن ۾ شعور پيدا ٿئي ۽ سنڌن علائقن جي معاملن تي سنڌن ڪنٽرول قائم ٿي سگهي.

جن شخصيتن جي ڪم ۽ خيالن کي اسان هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيا آهيون اُهي بنيادي طور تي اهڙا حساس ۽ عملي ماڻهو آهن، جن پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي دائري ۾ سماج جي ڏک کي محسوس ڪيو ۽ اُن ڏک کي گهٽائڻ لاءِ ڪجهه ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڏار واٽ ڪان سماجي عمل سان ڳنڍجڻ واري ماڳ تي پهتو. هنن سورهن ماڻهن مان گهڻا اهڙا ماهر آهن، جن ڪنهن خاص شعبي ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ پوءِ پنهنجو رستو بدلائي ڇڏيو. انهن سمورن ماڻهن ۾ جيڪي ڳالهيون هڪجهڙيون آهن، تن مان سڀ ڪان ذڪر جوڳو اهو ڀروسو آهي ته ديانتداري ۽ خلوص سان سماج کي تبديل ڪري سگهجي ٿو، پر اهو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اسان پنهنجن مسئلن ۽ پنهنجي سماج کي سمجهي سگهون.

برطانوي فيلسوف برٽرينڊرسل سنڌس آتم ڪهاڻيءَ جي مُنڍ ۾ اُنهن ٽن جذبن جو ذڪر ڪيو هو، جيڪي سنڌس زندگيءَ ۾ متحرڪ رهيا. هڪ محبت جي طلب، ٻيو علم جي جستجو ۽ پوءِ ڏکويل انسانيت لاءِ آٿاهه ۽ تقريبا ناقابل برداشت رحم جو جذبو- ٻين جي ڏکن کي ڏسي بيچين ٿيڻ واري اها جذباتي ڪيفيت.انهن سمورن ماڻهن ۾ هڪجهڙي آهي، جن جا تجربا ۽ خيال جٽادار ترقيءَ لاءِ ٿيندڙ ويڙهه ۾ خاص اهميت رکن ٿا.

مثال طور پروفيسر محمد يونس لاءِ غربت جي خاتمي جو عزم انقلاب ڪان به وڌيڪ عظيم آهي. پر ماڻهن جي ٻيوسي ڏسي ڪجهه ڪرڻ جي خواهش، اُها معنيٰ نٿي رکي جيڪا پروفيسر يونس جي ان اعتماد ۾ آهي ته غربت ڪان ڇوٽڪارو ملي سگهي ٿو، يعني انسان تاريخ جي رُخ کي (ڇو ته غربت سدائين ڪان موجود آهي) موڙي سگهي ٿو. هونئن اهو سبق سماجي تبديليءَ لاءِ ڪم ڪندڙ تقريبا سمورن

اڳواڻ سکي ورتو آهي. جيئن فضل حسن عابد چيو آهي ته انسان شين کي تبديل ڪري سگهي ٿو، ۽ شين کي تبديل ڪرڻ جي عمل ۾ اُهو سماج کي، ماحول کي ۽ پاڻ کي تبديل ڪري ٿو ۽ ان تبديليءَ جي ڪوشش ۾ انهن سماجي اڳواڻن غريبن کي منظم ڪرڻ جي اهميت ۽ ضرورت تي زور ڀريو آهي ۽ گهڻن ان عمل جا نوان نوان مثال آڏو آندا آهن.

هن ڪتاب ۾ اوهان کي لاتعداد اهڙا مثال ملندا ته ڪيئن ڪامياب ۽ سُکين ستابن ماڻهن زندگيءَ جو رستو اُن مهل تبديل ڪري ڇڏيو، جڏهن هُنن غريبن کي ويجهڙائي کان ڏٺو، ۽ جيڪي ڪجهه هنن ڏٺو سا محض اٿوند نه پر غريبن جي سگهه به هئي. يعني اهو احساس ته هر انسان وٽ ڪجهه قابليت هوندي آهي، سندن پنهنجي سمجهه ٿيندي آهي، جيڪڏهن سندن قابليت کي وڌائي سگهجي، جيڪڏهن منجهن زندگيءَ کي بدلائڻ جو ارادو پيدا ڪيو وڃي ته غربت ۽ پسماندگي مان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو. يعني اصل مسئلو پاڻ سڃاڻ جو آهي ۽ اهو عمل، جيئن راجيش ٽنڊن چئي ٿو، ٻطرفو آهي. ماڻهو اوهان کان سکن ٿا، اوهان ماڻهن کان سکو ٿا. اصل ڳالهه خلوص ۽ نيت جي آهي ۽ تسنيم صديقي، مثال جي طو تي، هڪ سرڪاري آفيسر هوندي به نيون بستيون آباد ڪري سگهي ٿو. ڪرن بيدي به هڪ رول ماڊل آهي. هن اِهو ثابت ڪيو ته پوليس آفيسر به سماجي ڀلائي لاءِ ڪم ڪري سگهن ٿا. اختر حميد خان ۽ شعيب سلطان خان به وڏا سرڪاري عملدار هئا پر هنن هڪ مرحلي تي پنهنجن نوڪرين کي الوداع چيو ۽ غريبن جي زندگيءَ ۾ تبديلي آڻڻ جو مشن اختيار ڪيو. شبانه اعظمي هڪ غريب عورت جو ڪردار ڪرڻ لاءِ ڪردار سان مشابهت رکندڙ هڪ مقامي عورت سان دوستي ڪئي، غربت کي ويجهڙائي کان ڏٺو ۽ دوستيءَ جو حق ادا ڪرڻ لاءِ اهڙين عورتن جي حالتن کي تبديل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پروفيسر محمد يونس يونيورسٽي ڇڏي ۽ فضل حسن عابد چارٽرڊ اڪائونٽنٽ جي پيشي کي الوداع ڪري غربت جي خاتمي جي جاکوڙ ڏانهن اڳتي وک وڌائي.

هن ملاقاتن جي اپياس مان هڪ ٻيو اهم نقطو چٽو ٿي سامهون

اڇي ٿـو تہ عام ماڻهن ۾ پنهنجي مدد پاڻ جو جذبو جاڳائڻ ڪـو اهڙو ڪم ناهي، جنهن جو خاڪو يا نسخو ڪنهن ڪتاب ۾ لکيل هجي. جيئن فضل حسن عابد جو چوڻ آهي تہ، ماڻهن سان گڏجي ڪم ڪرڻ ۾ سکڻ، ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ سان ئي اچي ٿـو. هر مسئلي لاءِ هڪ ڌار حڪمت عملي جي ضرورت پوندي آهي. هر هڪ پنهنجي آزمودي مان سکي ٿـو. انهيءَ ڪري هن ڪتاب ۾ ايڏي گوناگوني آهي، ڇـو تہ سماج کي تبديل ڪرڻ هڪ تخليقي عمل آهي.

هن ڪتاب ۾ مختلف ملڪن جي سماجي اڳواڻن جا تجربا آهن، پر گهڻو ڌيان ڏکڻ ايشيا تي آهي، ڇـو تہ هن علائقي جي ملڪن جي مسئلن ۾ گهڻي ياڳي هڪجهڙائي آهي. جيڪي مغربي ماهر هن لسٽ ۾ شامل آهن، تن جو تجربو بہ ڏکڻ ايشيا يا ٽين دنيا جي ملڪن سان واڳيل رهيو آهي.

اسان کي اُميد آهي تہ اين جي او آر سي جي اها ننڍڙي ڪوشش ڪيترين ئي ننڍين ننڍين سماجي تحريڪن جو بنياد بڻجندي ۽ اسان جي هن ممتاز سماجي اڳواڻن جا تجربا ۽ نظريا مقامي سطح جي سماجي اڳواڻن کي متاثر ڪندا. وڏي پئماني تي سماجي تبديليءَ لاءِ ملڪ کي اهڙن سماجي اڳواڻن جي سخت گهرج آهي. جيئن شعيب سلطان خان چيو آهي تہ ماڻهن کي سماجي اڳواڻيءَ جي ضرورت آهي، تنهن ڪري ڪنهن نہ ڪنهن کي اُٿي وڃي چوڻو پوندو تہ، جيڪڏهن اوهان ڪجهہ ڪرڻ چاهيو ٿا تہ پهريائين پاڻ کي منظم ڪريو. ڇـو تہ فضل حسن عابد جي بقول، هڪ فرد جي حيثيت ۾ اوهان بي اختيار آهيو ۽ هڪ تنظيم جي حيثيت ۾ اوهان بااختيار آهيو.

ڇـا اوهان ڪڏهن اِهو سوچيو آهي تہ، ان سلسلي جي ڪا ننڍڙي ڪوشش اسان، اوهان، سڀئي پنهنجي پنهنجي سطح تي ڪري سگهون ٿا؟

**صادقہ صلاح الدين**

ڊائريڪٽر
اين جي او ريسورس سينٽر

# ڊاڪٽر آريارتنا

”اين جي اوز کي طاقت جي سياست ۾ ` نہ، شراڪت جي سياست ۾ ڀھرو وٺڻ گھرجي. شراڪت جي سياست مان مراد اھا آھي تہ جتي انساني حَقن جي پائمالي ٿي رھي ھجي، اُتي اين جي اوز کي جوکو کڻندي مُھاڏو اٽڪائڻ گھرجي.“

ڊاڪٽر اي ٽي آريارتنا جو جنم 1931ع ۾ سري لنڪا ۾ ٿيو. هُن وديوديايا يونيورسٽي سري لنڪا مان گرئجويشن ڪئي. ڊاڪٽر آف ليٽرس (ڊي- لٽ) جي ڊگري ڪيس سري جيا وردينا پورا يونيورسٽيءَ ڏني.



سروودايا تحريڪ جي شروعات هُن 1958ع ۾ ڪولمبو ڪاليج ۾ مقرريءَ دوران ڪئي. هن شاگردن جي هڪ ٽيم جوڙي ۽ هڪ ڏورانهين ڳوٺ ۾ وڃي سماجي ڀلائي وارو ڪم شروع ڪيو، جنهن وڏي هڪ تحريڪ جي شڪل اختيار ڪري ورتي، سروودايا تحريڪ هاڻي سري لنڪا جي سڀ کان وڏي غير سرڪاري تنظيم آهي.

ڊاڪٽر آريارتنا جي اڳواڻيءَ ۾ قانوني حيثيت رکندڙ ڏهه امبريلا آرگنائزيشنس قائم ڪيون ويون آهن. سروودايا تحريڪ جو ڳوناڻي ترقي پروگرام سري لنڪا جي 11600 ڳوٺن ۾ پکڙجي چڪو آهي. ٽن هزارن کان وڌيڪ ماڻهو هن پروگرام سان ڳنڍيل آهن ۽ پنهنجي ڳوٺ جو پاڻ انتظام رکڻ واري تصور کي اڳتي وڌائي رهيا آهن. سماجي ترقيءَ جي شعبي ۾ سندن خدمتن کي آڏو رکندي کين ميگسيسي ايوارڊ سوڌو ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي اعزاز ڏنا ويا آهن.

ڊاڪٽر آريارتنا جو هي انٽرويو ڊسمبر 1995ع ۾ قدير بيگ ۽ منصور رضا سري لنڪا ۾ ورتو.

# ڊاڪٽر آريارتنا

سوال: اوهان پاڻ بابت ڪجھ ٻڌايو؟ اوهان ڪٿي تعليم حاصل ڪئي؟ سروودايا تحريڪ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيئن ڪيو؟

جواب: مان 5 نومبر 1931ع تي ڏکڻ سري لنڪا جي هڪ ساحلي ڳوٺ ۾ ماني مڇي واري ڪٽنب ۾ پئدا ٿيس. اسان جا اقتصادي مسئلا گهڻ هجڻ سبب ڳوٺ جي ڇھ سؤ ڪٽنبن مان اسان جو ڪٽنب انهن ڇهن خوشقسمت خاندانن مان هڪ هو جيڪو پنهنجن ٻارن کي هاءِ اسڪول جي تعليم ڏياري سگهيو ٿي. مون تعليم جي ابتدا ڳوٺ جي مندر اسڪول کان ڪئي. جنگ شروع ٿيڻ ڪري اسان کي اُتر ڏانهن لڏپلاڻ ڪرڻي پيئي، جتي تعليمي سهوليتون چڱيون ڪونہ هيون. اُتي ٻہ ڇئن سالن تائين مان ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهندو رهيس. واپسيءَ بعد مون هڪ انگريزي اسڪول ۾ داخلا ورتي، جتان مان مهندر ڪاليج ويس جيڪو منهنجي بنيادي تعليم جو مرڪز بڻيو. اُن کان پوءِ مون ٽيچرس ڪاليج مان ٽيچرس ٽريننگ حاصل ڪئي ۽ اُتان ئي گرئجويشن ڪئي. جنهن بعد مون يونيورسٽيءَ جي تعليم حاصل ڪئي.

منهنجي ڳوٺ جي ماڻهن جي گهڻائي غريب هئي، منهنجا والدين پنهنجي ليکي سندن مدد ڪندا رهندا هئا، مان بہ سندن خدمتن ۾ شريڪ ٿيڻ چاهيندو هئس. اسان جو گهر ڳوٺ جي مندر پرسان هو ۽ ٻڌيڪشو جهڙي ريت ڳوٺ جي ماڻهن جي خدمت ڪندا هئا، اُها ڳالهہ مون کي متاثر ڪندي هئي. انهن سمورين ڳالهين جو مون تي وڏو اثر

ٿيو ۽ مان شام جو غريب ٻارن جي پڙهائي ۾ مدد ڪرڻ لڳس. يونيورسٽيءَ کان پوءِ مون هڪ انگريزي اسڪول ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو ۽ انهن ٻن سالن ۾ سماجي خدمت جي ابتدا ڪيم. مون ڳوٺ ۾ ڀرين ڪوآپريٽو سوسائٽي جو بنياد وڌو، جنهن مان 80 کن نهايت غريب عورتن گهڻو لاڀ پرايو.

ان کان پوءِ منهنجي نالنگ ڪاليج ڪولمبو ۾ مقرري ٿي، جيڪو ملڪ جو ٻيو وڏو ٻڌ اسڪول هو. تعليم دوران ملڪ جي ڏورانهن ۽ پٺتي پيل علائقن ۾ وڃڻ جو اتفاق ٿيو، جتي مون مختلف آبادين کي نهايت ئي خراب حالتن ۾ زندگي گذاريندي ڏٺو. مثال جي طور تي ڪجهه برادريون اهڙيون هيون جن کي ٽن يا ڇئن مهينن تائين ڪجهه وٽن جي تارين جي رس چوسي جيئڻو پوندو هو. وٽن ٻار ڄڻائڻ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ دائيون ڪونه هيون، جنهن ڪري اُتي ٻارن جي موت جي شرح تمام گهڻي هئي. انهن ماڻهن جي سڙڪن، ريل گاڏين ۽ اسڪول تائين به پُهچ ڪانه هئي. جڏهن مون اها ڳالهه پنهنجي هاءِ اسڪول جي شاگردن کي ٻڌائي ته هُنن چيو ته اوهان کي اُنهن غريبن جي مدد ڪرڻ گهرجي. اهڙي ريت موڪلن توڙي هفتيوار موڪلن ۾ اسان ڪئمپون لڳائڻ شروع ڪيون. شاگردن ڳوٺ جي ثقافت کي ڄاڻڻ سان گڏوگڏ ڳوناڻن جي پورهئي ۽ وسيلن جي به ورڇ ڪئي. اهو هڪ قسم جو اپياس منصوبو هو.

ڪا رسمي سڃاڻپ نه هجڻ ڪري اسانکي پئسن لاءِ اسڪول جي پرنسيپال يا ٻارن جي مائٽن ڏانهن وڃڻو پوندو هو. مان اُنهن کي اُنهن پٺتي پيل علائقن ڏانهن وٺي ويندو هئس ۽ اُتان جون حالتون ڏسي اُهي خوشيءَ سان اسان جي مدد ڪندا هئا. اُن وقت جي وزيراعظم مسز بندرانائڪي اسان جي پروگرام کي گهڻو ساراهيو جنهن سان اسان جو حوصلو وڌيو. بعد ۾ ٻين ماڻهن به اسان جو ساٿ ڏيڻ شروع ڪيو، اهڙي ريت جيڪو پروگرام اسڪول کان شروع ٿيو هو اُهو ڪولمبو ۾ 6 کان 7 اسڪولن ۽ هاڻي سڄي ملڪ جي سوين اسڪولن ۾ پکڙجي ويو. اها بنيادي طور تي، اُستادن ۽ شاگردن جي ڪاوش هئي، جيڪي ماڻهن بابت ڄاڻ حاصل ڪرڻ سان گڏوگڏ سندن خدمت ڪرڻ به چاهيندا هئا. جلد

سوال: اهو ٻڌايو ته سروودايا جو مطلب ڇا آهي ۽ اهو نالو اوهان ڇو چونديو؟

جواب: سروودايا جو مطلب آهي عالمي جاڳرتا. مون جڏهن اهو لفظ ڏٺو ته ڏاڍو متاثر ٿيس ۽ اسان پنهنجي تنظيم کي سروودايا شرما ڏانا تحريڪ سري لنڪا جي نالي سان سڏڻ شروع ڪيو. هڪ اهڙي تحريڪ جنهن ۾ اوهان ماڻهن کي بنا ڪنهن فرقي، نسل، مذهب ۽ قوم جي متڀيد جي پنهنجي وقت، سوچ ۽ سگهه جو تحفو ڏيئي سجاڳ ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا. سروودايا جو مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته ڇهن درجن جي سُجاڳي حاصل ڪئي وڃي. انفرادي شخصيت جي سجاڳي، ڪُٽنب جي سجاڳي، ڳوٺاڻي آباديءَ جي سجاڳي، شهري آباديءَ جي سجاڳي، مُلڪي سُجاڳي ۽ دنيا جي سُجاڳي.

انهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان ڪيترائي پروگرام جوڙيا. انفرادي ترقيءَ جي پروگرامن ۾ ننڍن ٻارن لاءِ غذائيت، صحت سنڀال ۽ نفسياتي واڌ ويجهه سڀ کان وڌيڪ اهميت رکن ٿا. تنهن ڪري هڪ وقت اسان جي 22 سکيا مرڪزن ۾ استادن کي انهن مضمونن جي سکيا ڏني ويندي هئي. اُن وقت فقط سُکيا ستابا ماڻهو پنهنجن ٻارن کي نرسري اسڪول اُماڻيندا هئا ڇو ته اُتي في ڏيڻي پوندي هئي. اسان سڄي ملڪ ۾ مفت نرسري اسڪول کوليا.

ٻارن لاءِ ابتدائي ٻاراڻو ترقياتي پروگرام، مائرن لاءِ پروگرام، اسڪول ويندڙ ٻارن هارين ۽ ٻين ماڻهن لاءِ پروگرام گهڻا ڪارائتا آهن. اسان هر ڳوٺ ۾ ڇهه گروپ جوڙيندا هئاسين ۽ کين سدائين اهو ٻڌائيو هو ته انهن ڇهن درجن جي پاڻ ۾ گڏجڻ واري سجاڳي ضروري آهي. پهرين سجاڳي روحاني سطح تي ٿيڻ گهرجي، جنهن جو مطلب آهي سٺا لڇڻ، ٻي اخلاقي سطح تي جنهن مان مراد آهي پاڻ ۾ سٺا لاڳاپا، ٽين تهذيبي سطح تي جنهن ۾ هر تهذيب جيڪا ڪيڏي به ننڍڙي ڇو نه هجي، تنهن جا احترام ڪيو وڃي ٿو ۽ ماڻهو بنا ڪنهن تعصب جي گڏ رهن ٿا. چوٿين سماجي سطح جي سجاڳي آهي جنهن ۾ ...ادري جي شرڪت، برادري جي قيادت، جمهوري طريقن سان فيصلا ...ڻ جي آزادي، انساني حقن، مختلف مذهبن ۾ ٻڌي وغيره شامل

آهن، پنجين سطح اقتصادي ترقي ۽ ڇهين سياست جي آهي. سياست ۾ اختيارن جي سياست بدران شراڪت جي سياست شامل آهي.

سياست بابت ڳالهائڻ ۾ مان انهن نقصانن جو ذڪر ڪندس، جيڪو جماعتي ۽ اقتدار جي هوس رکندڙ سياسي نظام سان اسان کي ٿيو آهي. اهو نظام انتهائي درجي جي مرڪزيت تي يقين رکي ٿو، تنهن ڪري اهو ناقص آهي. هتي اوهان ڳوٺن جي پنهنجي حاڪميت جي خيال جي اهميت کي قبول ڪريو. ڳوٺ سياسي، سماجي ۽ اقتصادي زندگيءَ جو سڀ کان اهم ايڪو آهي ۽ اسان کي انهيءَ هنڌ کان سمورين آبادين کي يڪجا ڪرڻ گهرجي. اسان انهي ڳالهه کي ذهن ۾ رکي سمورا پروگرام جوڙيا. هر ڳوٺ کي اسان هڪ خودمختيار سوسائٽي ۾ ضم ڪيو. هڪ سوسائٽي جي حڪومت کان تصديق ڪرائڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ويجي ٿو پر اسان جي ڏهن هزارن مان ٻه هزار سوسائٽين جي باقاعده رجسٽريشن ٿي چڪي آهي. قومي سطح تي اسان سوچيو ته اسان جي مرڪزن کي سندن پلي ڪم جي نتيجي ۾ انعام ملڻ گهرجي. پاڻ ۾ گڏ ڪيل تنظيمن کي آزاد قانوني مرڪزن جي حوالي ڪرڻ گهرجي. جنهن جي نتيجي ۾ قومي سطح تي سروودايا پيس بريگيڊ خودمختيار آهي. سروودايا بهبودي اُپاءَ آزاد آهن.

1969ع کان مون کي هر قسم جا انعام ملڻ شروع ٿي ويا، جن ۾ ڪيترائي بين الاقوامي انعام به شامل هئا، انهن سڀني سان رقمون به مليون، جيڪي تنظيم ۾ ورهايون ويون هيون. اسان هڪ ٽرسٽ قائم ڪيو، جنهن جو مقصد انهن ماڻهن کي انعام ڏيڻ هو، جيڪي اسان جي ملڪ کان ٻاهر اسان جهڙي سماجي خدمت جو ڪم ڪري رهيا هئا. گهڻن ماڻهن مختلف سببن ڪري پنهنجون خودمختيار تنظميون ٺاهي ورتيون. جنهن جي نتيجي ۾ ملڪ ۾ تمام وڏيون سوسائٽيون وجود ۾ آيون. ڪجهه ماڻهن ڏوڪڙن خاطر به اسان کي دوکو ڏنو. انهن سمورين ڳالهين هوندي به اِسان سمورين تنظيمن جي مدد ڪندا آهيون. اسان جي ڏنل سکيا جي نتيجي ۾ گهڻيون تنظيمون اسان جي طريقن کي استعمال ڪري رهيون آهن.

سوال: ڇا اوهان کي پنهنجي ان ڪم دوران ڪي ڏکيائون به سامهون آيون؟
جواب: ها، 1987ع کان پوءِ 1988ع ۽ 1993ع جي وچ ۾ اسان کي هڪ مخالف صدر، صدر پريماداسا کي منهن ڏيڻو پيو. هو مون کي ذاتي طور ناپسند ڪندو هو ۽ مون کي پنهنجي لاءِ خطرو سمجهندو هو. هُن مون کي سياست ۾ آڻڻ چاهيو ٿي. پر مون انڪار ڪري ڇڏيو، ڇو ته مون چاتو ٿي ته مونکي سياست ۾ وڃڻو ناهي. منهنجي وڏي پيڻ جو پٽ هڪ فراڊ ڪيس ۾ سوگهو ڪيو ويو، جنهن کي مون کي پوڳڻو پيو. هو صدر وٽ ويو ۽ ڪيس ڇپائين ته مون سندس چوڻ تي سياست ۾ اچڻ کان انڪار ان ڪري ڪيو آهي ته مان ساڻس مقابلي جي تياري ڪري رهيو آهيان. جنهن تي هو مون کان ايڏو خوفزده ٿي ويو جو سي آءِ اي، پوليس، انڊر گرائونڊ ٽولا ۽ ڪميشن سيئي اسان کي ڇئن سالن تائين سخت پريشان ڪندا رهيا، اسان کين نقصان ڏيڻ کان سواءِ پنهنجو ڪم ڪندا رهياسين. پر اسان پنهنجو بچاءُ پڻ چڱي ريت ڪيو.

سوال: ڇا ڇئن سالن واري ان پريشانيءَ اوهان جي ترقي ۽ واڌ ۾ رنڊڪ وڌي؟
جواب: ها، بلڪل. اُهو نهايت خراب وقت هو. اسان کي ته ڪميشن کي به مُنهن ڏيڻو پيو.

سوال: ماڻهن جو ردعمل ڇا هو؟
جواب: ڳوٺن جي ماڻهن اسان جو ساٿ ڏنو، پر شاهوڪار ۽ خاص طور تي پڙهيل ڳڙهيل مٿئين طبقي جا ماڻهو، اسان ڏانهن ڏسندي به ڊڄندا هئا.

سوال: هنن سمورين ڳالهين مان اوهان ڇا سکيو؟
جواب: مون سکيو ته جوابي حملو ڪڏهن به نه ڪرڻ کپي. سندن سياسي مخالفت سان ئي اسان کين گهڻو نقصان پهچايو ۽ اهوئي منهنجي گهڻگهرن مون کي سيکاريو. جن ماڻهن کي هو ختم ڪرڻ چاهيندو هو،

تن مان فقط مسز بندرانائڪي ۽ آئون باقي بچياسين. ٻيا سڀ ڇڏي هليا ويا. اهو سمورو عمل مالي طور تي اسان لاءِ گھڻو نقصانڪار ثابت ٿيو. صدر اسان جي مدد ڪندڙن کي خط لکي کين ائين ڪرڻ کان منع ڪيو. بعد جي عارضي حڪومت سان اسان جو ڪو به اختلاف ڪونهي. اُها اسان کي پريشان نٿي ڪري ۽ اسان اهوئي چاهيون ٿا. صدر پريماداسا واري دؤر ۾ سموريون روزانه اخبارون، جيڪي حڪومت جي سنسر پاليسيءَ جون شڪار هيون، اسان جي خلاف هيون، پر اسان جي ڪم ۾ ڪنهن به مداخلت نه ڪئي. انهن سڀني کي ڄاڻ هئي ته اها هڪ سوچيل سمجهيل چال آهي، پر اسان پنهنجو ڪم سٺي نموني ڪري رهيا آهيون ۽ اهو هيٺين سطح تي پنيرائي هجڻ ڪري ٿيو.

اسان ڪڏهن به دٻاءَ اڳيان گوڏا ڪونه کوڙيا. اسان سپريم ڪورٽ ۾ حڪومت خلاف 6 ڪيس داخل ڪيا ۽ سندن ضمير کي ڏونڊاڙيو. سپريم ڪورٽ انصاف جو ساٿ ڏيندي آهي، انهيءَ ڪري اسان ڇهن مان پنجن ڪيسن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي، ڇهون ڪيس اسان واپس ورتو. ڇو ته حڪومت پٺتي هٽي ويئي هئي. ان کان علاوه 57 ننڍڙن مضمونن ۾ اسان حڪومت ۾ شامل ٺڳ ۽ مڪار ماڻهن کي نشانبر ڪيو.

ايندڙ صدر اسان کان عدالت ۾ معافي ورتي ۽ 4 ملين رپين جو معاوضو ڀري ڏنو. مون کين پئسن سان گڏ معافي نامو شايع ڪرڻ لاءِ چيو، جيڪو هنن ڪيو. پئسن سان اسان هڪ فنڊ قائم ڪيو.

سوال: سروودايا پاڻ ۾ گڏيل اصولن تي ڪم ڪري ٿي، ان طريقي جي ڏس ۾ ڇا اوهان ڪنهن نموني کان متاثر هئا؟

جواب: اسان پنهنجا اصول ماڻهن سان ڪم ڪري جوڙيا آهن. مختلف ذريعن کان اوڇا ۽ عمدا خيال گڏ ڪيا ويا. جهڙوڪ مهاتما گانڌي، رابندر ناٿ ٽيگور ۽ ڪيترائي ٻيا ماڻهو جن مان هر هڪ کان اسان سکيو ۽ پوءِ پنهنجو ماڊل پاڻ بڻايو، جنهن کي هاڻي بنگلاديش ۾ اختيار ڪيو پيو وڃي. اُهي مسلمان آهن ۽ سنهالي نه ڄاڻڻ جي باوجود هنن اسان کان سکيو ۽ هاڻي اُهي گڏريل سالن کان مثالي ڪم ڪري

رهيا آهن. هن اسان جي نظام کي اسلامي فلسفي ۾ ضم ڪري ڇڏيو آهي. اسان جي نظام کي انڊيا، يونان ۽ نيپال ۾ ب اختيار ڪيو پيو وڃي. اهي سڀئي هتي سکيا حاصل ڪن ٿا. اولھ جي ملڪن مان ب ڪيترائي ماڻهو سکيا وٺڻ اچي رهيا آهن. ڇاڻ لاءِ هر درجي تي جهڙوڪ شخصيت، انساني حق، ماڻهن جي گهرجن وغيره بابت پروگرام جوڙي سگهجن ٿا. خانداني قدرن جي معاملي ۾ اسان اولھ کان گهڻا اڳيرا آهيون. اسان آڏو هاڻي اهو سوال آهي ت جيڪڏهن تنظيم جي سار سنڀال ۽ عملي لاءِ اسان جي آمدني پنجاھ ملين رپيا هجي ت حڪومت ۽ ٻين ادارن کان ملندڙ رقمون بهتر نموني استعمال ٿي سگهنديون، تنهن ڪري اسان چندي جو سلسلو شروع ڪرڻ گهرون ٿا.

سوال: پاڪستان ۾ چندي جو مسئلو هڪ بحث جوڳو موضوع آهي، ماڻهن ۾ پئسي گڏ ڪرڻ جو لاڙو وڌي رهيو آهي، سري لنڪا جي صورتحال جو مون کي صحيح اندازو ڪونهي، پر ڇا چندو واقعي مسئلن جو حل آهي؟ ڇا اها هڪ قابل عمل تجويز آهي؟

جواب: سري لنڪا ۾ ناڻي واڌ جي شرح ايڏي گهٽي ڪانهي، جيڪا اٽڪل 8 کان 9 سيڪڙي تائين آهي. جنهن ڪري چندو هڪ حل آهي، جنهن تي اڃان اسان کي ڪم ڪرڻو آهي. ناڻي واڌ هڪ اهڙو عنصر آهي، جنهن سان اسان کي ويڙھ ڪرڻي آهي. بنيادي طور تي اسان مختلف ماڊل ٺاهيا، جنهن ۾ ذاتي آمدنيءَ جي اُپت وارو پروگرام ب شامل هو. مختلف سببن جي ڪري اهو پروگرام گهڻو ڪامياب ن ٿي سگهيو. هاڻي اسان سروودايا بئنڪ جو پايو وجهڻ بابت سوچي رهيا آهيون. اها بئنڪ، بئنڪاريءَ جي عمل تحت ٻهراڙين ۾ مالي نفعي جي اُپت کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪندي. مستقبل ۾ اسان جو ڳوٺاڻو ترقياتي پروگرام اهڙين ئي رٿائن تي عمل ڪندو. چندو اهڙن جامع پروگرامن جو هڪ حصو آهي، اسان مختلف ماڊلس کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ مختلف رٿائون جوڙيندا آهيون ۽ چندو انهن مسئلن جو هڪ حل آهي.

سوال: سروودايا کي ايڪويهين صديءَ ۾ اوهان ڪيئن ٿا ڏسو؟

جواب: سرووداايا ايڪويهين صديءَ ۾ ڪيئن هوندي، تنهن جو دارومدار مختلف ڳالهين تي آهي. پهرين اسان عام لاڙا ڏسون ٿا. موجوده اقتصادي ۽ سياسي نظام تان ماڻهن جو ڀروسو ختم ٿي ويندو. ڇو ته اسان جا، هندستان جا، اوهان جا، بنگلاديش جا مسئلا ايندڙ پنجن سالن ۾ حل نه ٿي سگهندا، جنهن ڪري ماڻهن کي موجوده نظام بيڪار محسوس ٿيندو. جيڪڏهن ماڻهن کي تعليم ڏني وڃي ته اُهي مختلف انداز ۾ سوچڻ لڳندا. ٻيو لاڙو اهو آهي ته ٻهراڙين جي ماڻهن جي ٽيڪنالاجي تائين ڪا به رسائي ڪانهي. ٽيون لاڙو اهو آهي ته روحانيت کي پُٺيرو ڇڏيو ويندو. اڳيئي اُنکي ڪجھ رسمن ۽ رواجن تائين محدود ڪيو ويو آهي. هاڻي مذهبي عقيدن کي جيڪي روحانيت کي وجود ۾ آڻين ٿا، بلڪل اهميت نه ڏني ويندي.

جڏهن اوهان انهن ڳالهين تي ويچار ڪريو ٿا ته اِها ڳالھ سامهون اچي ٿي ته 21هين صديءَ ۾ هاڻوڪو اقتصادي سرشتو جَڏو ٿي پوندو، موجوده اقتصادي نظام جي پيڙھ ڪمپيوٽر جي انگن اکرن تي رکيل آهي، تنهن ڪري پوءِ وڏي پئماني تي ڪمپيوٽر جون چوريون ٿينديون، جيڪي دولت جي بنياد تي بيٺل اسان جي اقتصادي نظام کي تباھ ڪري ڇڏينديون. انهن سڀني ڳالهن مان اهو ڏس ٿو ملي ته سموريون مالي سرگرميون پيهر ڳوٺن ۾ ٿيڻ لڳنديون؛ جڏهن انهن لاڙن جي روشنيءَ ۾ ايڪويهين صدي کي ڏسجي ٿو ته مونکي محسوس ٿئي ٿو ته سرووداايا واري طرز جي ڪوشش کي وڌيڪ مقبوليت ۽ پسنديدگي حاصل ٿيندي.

سوال: اوهان گذريل ويهارو کن سالن کان ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهيا آهيو. ڇا اِن طريقي ڳوٺن ۾ اوهان تي ضرورت کان وڌيڪ انحصار ڪرڻ واريَ جذبي کي وڌايو نه هوندو؟ جيڪڏهن ائين ٿيو آهي ته اوهان هاڻي پُنتي ڪيئن هٽندا؟

جواب: اسان اڳيئي ڪجھ قدم کڻي ورتا آهن. شروع ۾ اسان نفسياتي جوڙجڪ جو بنياد وجهون ٿا، پوءِ اقتصادي جوڙجڪ جو، جنهن کان پوءِ تنظيم ۽ تنظيم جو قانوني جواز ۽ بعد ۾ سرمائي جي تربيت. اِهي

سموريون ڪارروائيون ماڻهن کي سرمائي کي سنڀالڻ سيکارين ٿيون. اسان جا ڪجھ ڳوٺ اهڙا آهن، جيڪي ڪجھ لک رپيا پنهنجي ليکي سنڀالي سگهن ٿا. هاڻي ڪي ڳوٺ ڪجھ ضروري ٽيڪنالاجي کي پڻ اختيار ڪري رهيا آهن. ڳوٺن جي سطح تي جتي ڪجھ مثبت ڳالهيون نظر اچن ٿيون، اُتي ڪجھ منفي ڳالهيون قومي سطح تي پڌريون ٿي رهيون آهن.

سوال: سري لنڪا ۾ گهڻا ڳوٺ آهن؟
جواب: 23 کان 24 هزار تائين.

سوال: ۽ اوهان 10 هزار ڳوٺن ۾ ڪم ڪري رهيا آهيو، ڇا اوهان پنهنجو دائرو اڃان به وڌائڻ جو ارادو رکو ٿا؟
جواب: اسان جي ڪم جو دائرو از خود وڌندو ويندو، ڇو ته اسان جي خيالن کي سِڱني اختيار ڪيو آهي، ڪيترين ئي تنظيمون اسان جي اصولن تي عمل ڪري رهيون آهن.

سوال: اوهانِ ڪيتري عملي کان شروعات ڪئي هئي ۽ هاڻ گهڻو اسٽاف آهي؟
جواب: اسان وٽ 3 کان 4 هزار تائين نرسري اسڪول ٽيچرس هئا ۽ هاڻي فقط 2 هزار عملو پوري پگهار کڻي ٿو.
سوال: ڇا عملي جي ڇانٽي سان ڪم جي سرانجاميءَ ۾ ڪو فرق پيو؟
جواب: نہ اسان جا ڇوڏهن هزار رضاڪار اڃان به ڪم ڪري رهيا آهن. سڌي طرح اسان فقط ٻہ هزار ڪارڪنن جي سارسنڀال لهون ٿا. اسان مختلف طريقا آزمائي رهيا آهيون. جهڙوڪ مائرن کي نرسري اسڪول ٽيچرس جي طور تي اسان ڪجھ پئسا ڏيندا آهيون. اُهي اسان جي اقتصادي پروگرام تحت اسان سان گڏ ڪم ڪنديون آهن. اهو هڪ بهتر طريقو آهي، ڇو ته اسان ڪجھ ماڊل جوڙي رهيا آهيون. پروگرامن جي ناڪام ٿيڻ جي باوجود ماڊل ڪامياب ٿي ويندا آهن.

سوال: پنهنجي ڪم لاءِ ڳوٺ چونڊڻ جي ڏس ۾ اوهان جو معيار ڇا آهي؟
جواب: اصل ۾ اسان ڪونہ چونڊيندا آهيون. شروع ۾ ٻہ ٽي سؤ ڪن ڳوٺن کي چونڊيو ويو هو، اُن کان پوءِ سيئي اسان سان شامل ٿيندا ويا. هاڻي اسان ڪنهن بہ ڳوٺ کان پُڇندا ڪونہ آهيون. ڪنهن ڳوٺ کي پاڻ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ ڪين پڌائڻ ڪونہ ويندا آهيون.

سوال: جڏهن ڪو ڳوٺ اوهان کي باقاعده درخواست اُماڻي ٿو تہ اُن کي اوهان جي مدد جي گهرج آهي ۽ اوهان پنهنجن ماڻهن کي اِهو ڏسڻ لاءِ اُماڻيو ٿا تہ اُن ڳوٺ جا ڪهڙا مسئلا ڏيان جوڳا آهن، تہ هڪ ڳوٺ تي جهڙو هي ڳوٺ آهي، جنهن ۾ اوهان ويناآهيو، اهڙو ٽيڻ ۾ گهڻو عرصو لڳي ٿو؟
جواب: اسان جو خيال آهي تہ جنهن وقت سروودايا هڪ ڳوٺ ۾ داخل ٿئي ٿي اُن وقت کان اُن ڳوٺ کي هڪ باقاعده آبادياتي تنظيم بڻجڻ ۾ ٽي کان چار سال لڳن ٿا. اُن مهل کان اُن کي هڪ محفوظ ادارو بڻجڻ ۾ 4 کان 5 سال لڳن ٿا. ڳوناڻو گرئجويشن ڪورس، جنهن جو اسان ذڪر ڪري رهيا هئاسين اٽڪل 8 کان 10 سالن جو وقت وٺي ٿو. پر انهن سمورين ڳالهين جو دارومدار ماحولياتي عنصر، ڳوٺ جي قيادت ۽ ٻين معاملن تي آهي.

سوال: هڪ محفوظ ڳوٺ مان اوهان جي ڇا مراد آهي؟
جواب: حفاظت مان اسان جي مراد آهي فيصلي ڪرڻ جو سرشتو. اُهي پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن ٿا جيئن اُهي تنظيم کي هلائڻ لاءِ ضروري خرچ برداشت ڪري سگهن. پر جڏهن اوهان قرض وٺو ٿا تہ اوهان اِهو ڏسو ٿا تہ قرض جو مطلب آهي ان علائقي ۾ تنظيم جو پڪڙجڻ. اَهو شايد ڳوٺ جي اضافي بچت سان سدائين نہ ڪي ٿي سگهي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ خال پئدا ٿي سگهي ٿو، جنهن کي فقط قومي شاخن جي ڇار سان ئي پري سگهجي ٿو. اهوئي ڪارڻ آهي جو اسان سروودايا بئنڪ جو بنياد وجهڻ چاهيون ٿا.

سوال: پاڪستان ۾ اين جي اوز ۽ سياست ٻئي هڪ ٻئي جي اُبتڙ رستا آهن، پر سري لنڪا ۾ اوهان شراڪت جي سياست جي ڳالهه ڪريو ٿا. ڇا اوهان ٻڌائي سگهو ٿا ته اين جي اوز سياست ۾ پنهنجو ڪردار ڪيئن نڀائي سگهن ٿيون ۽ ان جو ڇا مطلب آهي؟

جواب: منهنجو خيال آهي ته اين جي اوز کي طاقت جي سياست ۾ جيڪا اقتدار حاصل ڪرڻ يا ڪنهن کي اقتدار حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ جو نالو آهي بهرو نه وٺڻ گهرجي. شراڪت جي سياست مان مراد آهي ته جتي انساني حقن جي پائمالي ٿي رهي هجي، اُتي اين جي اوز کي جوکم کڻندي اُن سان ويڙهه ڪرڻ گهرجي. اهو اهڙي ريت نه هئڻ گهرجي جو اُها حڪومت جي مخالف ۽ مخالف ڌر جي حمايت ڪندڙ نظر اچي، اِها عمل جي هڪ نهايت ڏکي واٽ آهي. جهڙوڪ جڏهن گڏريل حڪومت خلاف مخالف ڌر ڪولمبو ۾ هڪ وڏو واڪ شروع ڪيو ته اسان هزارين ماڻهن کي گڏ ڪري سگهون ها. پر اسان ائين ڪرڻ کان انڪار ڪيو ڇو ته اسان حڪومت جي پريشان ڪرڻ جي باوجود سڌي ريت اهو ثابت ڪرڻ نٿي چاهيو ته اسان حڪومت کي ختم ڪرڻ گهرون ٿا. پر حڪومت جهڙي ريت ملڪ کي هلائي رهي هئي، ان طريقي خلاف اسان پنهنجي ناراضپي جو ڀرپور اظهار ڪيو. گروهي مراقبي ذريعي اسان هزارين ماڻهن کي گڏ ڪري سگهون ٿا ۽ اُن تي ڪو اعتراض به نٿو ڪري سگهي، ڇو ته اِهو ڪنهن جي به خلاف ڪونه هوندو آهي. جهڙوڪ هڪ فائيو اسٽار هوٽل جي اڏاوت خلاف اسان 50 هزار ماڻهو گڏ ڪيا هئا ڇو ته جتي اُهو هوٽل اڏيو پئي ويو، اُتان جي ماڻهن جي ثقافت اُن سان ٺهڪي نه رهي هئي. ان طريقي سان اسان پنهنجي بي اطمينانيءَ جو اظهار ڪيو.

اسان پنجن بنيادي اصولن تي عمل ڪندا آهيون. 1۔ حڪومت جي تنگ ڪرڻ تي سؤ سيڪڙو سهپ جو اظهار، 2۔ جڏهن سهپ مان ڪم نه ٿئي ته بي ڊپائي سان ٻاهر نڪري ماڻهن کي ٻڌائڻ ته اسان کي پريشان ڪيو پيو وڃي، 3۔ پوءِ ڪيس ڪرڻ، جيڪڏهن عدالتون آزاد آهن ته اسان حڪومت خلاف دعويٰ داخل ڪري سگهون ٿا ۽ 4۔ جيڪڏهن اِهو به ناڪام ٿئي ته پوءِ پهرئين چڪر ۾ 1، ٻئي چڪر ۾

1+1 ٻہ، ٽئين ۾ 1+1+1 ٽي ۽ چوٿين ۾ چارئي پروگرام. پوءِ انهن ماڻهن کي سياسي طور ٻہ چونڊن ۾ شڪست ڏيئي سگهجي ٿي.

سوال: اڄڪلهہ اين جي اوز ۽ حڪومت وچ ۾ ڪم جي اتحاد جو گهڻو چڙبول آهي، چيو وڃي ٿو تہ ترقي حڪومت جي ذميواري آهي، جنهن ڪي ماڻهن جي مدد سان قائم رکي سگهجي ٿو، ڇا اوهان جي خيال ۾ هڪ ادارو جتي تدبيرن، اصولن ۽ قانونن کي اهميت ڏني ويندي هجي، سو غريبن سان گڏجي ڪم ڪري سگهي ٿو؟
جواب: اسان جي انساني خاصيتن جي ڪري شايد عملي طور تي اها اڻ ٿيٽي آهي. اوهان پاڻ ڏسو تہ ماڻهو ڪهڙي پاتال ۾ ڪري پيا آهن، ڇو تہ سڻن لاڳاپن لاءِ اهو ضروري معياري بنياد ڪونهي. اُهي ماڻهو جيڪي حڪومت ڪن ٿا، سي غرور ۽ اقتدار جي هٻڇ ۾ ڦاٿل آهن ۽ اسان سان هڪجهڙائي نٿا رکن. اسان عامَ ماڻهو آهيون ۽ وڙهڻ نٿا چاهيون، جنهن جا ڪجهہ سبب آهن. مون واري معاملي ۾ ئي ڪٽي ڏسو تہ مان جيڪي ڪجهہ بہ ڪريان ٿو تہ اهو ويچار ڪري وٺندو آهيان تہ تنظيم ۽ ماڻهن تي اُن جو ڇا اثر ٿيندو. ان جو سبب اِهو آهي تہ مان هڪ تنظيم سان واسطو رکان ٿو، مان نهايت خبرداريءَ سان ڪم ڪندو آهيان ۽ حڪومت سان جهيڙي کان پاڻ بچائڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان. ايجان تائين ڪنهن مون تي تنقيد ڪانہ ڪئي آهيَ.

سوال: هڪ سوال منهنجي ذاتي وضاحت لاءِ اسان وسندين ۾ ڪم ڪريون ٿا ۽ پاڻ کي سپاهي ليکيون ٿا. مان مختلف هنڌن کان سکان ٿو ۽ پوءِ اُن کي عمل ۾ آڻيان ٿو. جنهن جي نتيجي ۾ جاڻ ۾ واڌارو ٿئي ٿو. مان ماڻهن سان گڏ ڪم ڪريان ٿو. پر اِهو ڪم ڪڏهن ڪڏهن ڏاڍي مايوسي پيدا ڪندو آهي، تہ مون جهڙن ماڻهن لاءِ اوهان ڪو پيغام ڏيڻ پسند ڪندا؟
جواب: گانڌي جي چيو هو تہ اسان جهڙن ماڻهن کي پنجن ڏاڪن مان لنگهڻو پوندو آهي. پهريون ڏاڪو آهي جنهن ۾ دوست ۽ عزيز اوهان جي پلي ڪم کي بي ڏيانيءَ سان ڏسن ٿا. ٻئي ڏاڪي اُهي اوهان تي

نـنول ڪن ٿا ۽ ڪل پوگ ۾ اوهان کي ڪو بيو ڪم ڪرڻ جي صلاح ڏين ٿا. ٽيئن ڏاڪي ۾ اُهي بدسلوڪيءَ جو مظاهرو ڪندي اوهان جي بيعزتي ڪن ٿا ته اوهان ماڻهن جا پئسا زيان ڪري رهيا آهيو. چوٿون ڏاڪو جسماني ايذاءُ پهچائڻ جو آهي، جنهن مان اسان کي پار پوڻو آهي ۽ آخري ڏاڪو اُهو آهي جنهن ۾ ماڻهو اوهان جي پـلي ڪم جي ڪري اوهان جي عزت ڪرڻ شروع ڪن ٿا. اسان سدائين ارادي جي مضبوطيءَ جو مظاهرو ڪيو آهي.

سوال: انهن پاڪستاني اين جي اوز لاءِ ڪهڙو پيغام آهي، جيڪو بنيادي مسئلن سان مُهاڏو اٽڪائي رهيون آهن؟

جواب: مان اهو چوندس ته اسان جو سڀ کان وڏو سرمايو هڪ انسان طور جنم وٺڻ آهي، يعني اسان وٽ سوچڻ لاءِ ذهن ۽ ڪم ڪرڻ لاءِ جسم آهي. پهريون ڪم اهو آهي ته اسان کي پنهنجي آسپاس اِهو ڏسڻ گهرجي ته اُهي ڪهڙا ڪم آهن، جيڪي اسان پنهنجي مدد پاڻ جي اصول هيٺ ڪري سگهون ٿا، جيڪڏهن اسان اِهو ڪرڻ جي لائق ٿـي ويجون ته ڪابه غريب آبادي گڏجي بهترين ڪم ڪري سگهي ٿي ۽ اصل معنيٰ ۾ پنهنجن پيرن تي بيهي سگهي ٿي. جيڪڏهن پاڪستان جي عام ماڻهن ۾ جذبو ۽ دور انديشي آهي ته اُهي اِهو ڪري سگهن ٿا. منتظر ٿيڻ لاءِ ڄاڻ اوهان ٻاهر کان حاصل ڪري سگهو ٿا. اُتان کان ئي پنهنجي ڪم جي شروعات ڪريو ۽ سرمائي جو اوسيئڙو نه ڪريو. 17 ورهين تائين اسان هي تنظيم بنا ڪنهن بئنڪ اڪائونٽ جي هلائي، ڇو ته اسان وٽ اڪائونٽ کولڻ لاءِ ڏوڪڙ ڪونه هئا. اڄ اسان لکين روپين جون رٿائون هلائي رهيا آهيون ۽ جيڪڏهن اسان هن تحريڪ کي بيهارڻ به چاهيون ته نٿا بيهاري سگهون. □

اباڻ مارڪر ڪبراجي

’قانونن تي اثرانداز
ٿيڻ، قومي ماحولياتي
حڪمت عمليءَ جي اهم
ڪاميابي آهي.‘



ابان مارڪر ڪبراجي، جنوري 1997ع کان ماحول جي بچاءُ واري عالمي اداري آءِ يو سي اين جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا واري آفيس جي علائقائي ڊائريڪٽر آهي. ان کان اڳي 1995_96ع ۾ هو ايشيا ورڪنگ گروپ جي چيئرپرسن پڻ رهي آهي. 1988ع ۾ آءِ يو سي اين جي ڪنٽري ريپريزنٽيٽو (پاڪستان لاءِ) جي حيثيت ۾ سنڌس مقرري ٿي ۽ پاڪستان لاءِ ماحول جي بچاءَ واري قومي حڪمت عملي جوڙڻ ۾ هن اهم ڪردار ادا ڪيو. 1993ع ۾ کيس آءِ يو سي اين پاڪستان جون سموريون انتظامي ذميواريون حوالي ڪيون ويون.

اُن کان اڳ 1975ع کان 1985ع تائين ابان مارڪر ڪبراجي ماحول جي بچاءَ جي ڏس ۾ ڪيترن ئي قومي ۽ بين الاقوامي ادارن جي رڪنيت تي ڪم ڪيو. جن ۾ ورلڊ وائلڊ لائيف فنڊ سنڌ وائلڊ لائيف مينيجمينٽ بورڊ ۽ فورڊ فائونڊيشن شامل آهن. عالمي سطح تي وڻن ۽ جانورن جي بچاءَ لاءِ سندس خدمتن جي مڃتا ۾، هالينڊ جي سرڪار 1994ع ۾ کيس ”رائيڊر آف دي آرڊر آف دي گولڊن آرڪ“ جو اعزاز عطا ڪيو.

ابان مارڪر ڪبراجي ڪيترين ئي غير سرڪاري تنظيمن جي ميمبر آهي. جن مان ڪن جو بنياد هن رکيو آهي. هو شرڪت گاهه جي بورڊ آف ٽرسٽيز جي ميمبر، ايس ڊي پي آءِ، اسلام آباد جي بورڊ آف گورنرس جي ميمبر ۽ وِمن ايڪشن فورم جي ميمبر هجڻ کان سواءِ، ڪجهه ٻين تنظيمن ۽ ادارن جي پڻ ميمبر آهي. ابان مارڪر ڪبراجي ماحول جي بچاءَ واري موضوع تي ڪيترائي ڪتاب پڻ لکي چڪي آهي.

سندس هي انٽرويو سيپٽمبر 1996ع ۾ زينت حسام ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# ابان مارڪر ڪبراجي

سوال: يارهن سالن کان اوهان آءِ يو سي اين پاڪستان جي سربراهي ڪري رهيون آهيو.منهنجي خيال ۾ ان اداري جي اهم ڪاميابين مان هڪ ماحول جي بچاءَ واري قومي حڪمت عملي آهي، جنهن جي شروعات 1992ع ۾ ٿي ۽ جنهن تي عمل جو هاڻي پنجون سال هلي رهيو آهي. توهان اسان کي اهو ٻڌايو ته اِن عمل کي لاڳو ڪرڻ واري مرحلي ۾ اها حڪمت عملي ڪيتري حد تائين ڪامياب رهي آهي ۽ اوهان جو ادارو، اُن جي لاڳو ڪرڻ واري ڪم جي نظرداريءَ ۾ ڪنهن حد تائين شامل رهيو آهي؟

جواب: پهرين مان ڪجھ پس منظر کي واضح ڪريان. آءِ يو سي اين هڪ ميمبر شپ واري تنظيم آهي ۽ پاڪستان سرڪار ستر واري ڏهاڪي کان وٺي اُن جي ميمبر آهي. پاڪستان سرڪار سان ڪم وقت بوقت هلندو رهندو هو، پر باقاعده ڪنٽري آفيس 1985ع ۾ قائم ڪئي ويئي، ڇو ته اُن وقت اِهو اندازو ٿيو ته ڪم گهڻو پکڙندو پيو وڃي. آفيس قائم ڪرڻ جو هڪ ڪارڻ اِهو به هو ته قومي حڪمت عمليءَ تي اسان جو ڪم شروع ٿي چڪو هو. ان وقت اِهو محسوس ڪيو ويو ته ترقياتي ماحولياتي حڪمت عمليءَ ۾ مدد ڏيڻ لاءِ مستقل موجودگي ضروري آهي.

قومي حڪمت عملي هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن کي ڪوبه

پڙهي سگهي ٿو، پر اُن دستاويز سان سڀ کان اهم ڳالھ جيڪا لاڳاپيل آهي، سا غير معمولي اتفاق راءِ جي جوڙجڪ آهي، جنهن اسان کي اُن هنڌ تي آڻي بيهاريو آهي، جتي اڄ اسان آهيون ۽ اهو اتفاق راءِ لاڳو ڪرڻ واري عمل تي هاڪاري نموني اثر انداز ٿيو آهي. قومي حڪمت عملي هڪ سُٺي رٿا آهي، پر ڪنهن بہ پاليسي پلان تي حقيقي طور تي عمل ٿيڻ، خاص طور پاڪستان ۾ هڪ نهايت وڏو مسئلو آهي. قومي حڪمت عملي بہ اُن کان آجي ڪانهي. ڇو تہ اُوچن خيالن، سٺن تجزين ۽ عُمدين پاليسن کي عملي شڪل ڏيڻ لاءِ سياسي ارادي ۽ متمدن سماج جي مرضي شامل هجڻ ضروري آهي. تنهن ڪري جڏهن قومي حڪمتِ عملي جي لاڳو ڪرڻ بابت جاچ ڪئي وڃي تہ اِهو ضرور پُڇڻ گهرجي تہ سماج جي ڪهڙي حصي جو تجزيو ڪيو پيو وڃي، حڪمت عمليءَ جي ڪهڙن پاسن کي ڌيان ڏنو پيو وڃي ۽ ڪارگذاريءَ جي پرک جي ڪهڙي ماپي کي ڪم ۾ آندو پيو وڃي. جيڪڏهن اوهان اِهو سوال ڪندا تہ ڇا قومي حڪمت عملي کي لاڳو ڪيو ويو آهي تہ مان چوندس تہ ها. جيڪڏهن اوهان اِهو پُڇو تہ ڪنهن حد تائين بهتر نموني اُها لاڳو ٿي آهي؟ تہ مان چوندس تہ ان جو دارومدار آهي اُن شعبي تي، جنهن جو اوهان ذڪر ڪري رهيا آهيو. جيڪڏهن اوهان اِهو سوال ڪندا تہ ڇا قومي حڪمت عملي ڪامياب ٿي آهي تہ مان چونديس هڪ مشروط طريقي سان حڪمت عملي جون ڪيئي ڪاميابيون آهن، جيڪي منهنجي خيال ۾ مجيل ڪاميابيون آهن. پر پاڪستان ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ اقتصادي ۽ جاگرافيائي حالتن ۽ سماجي ۽ سياسي منظرنامي جو خيال رکڻ وارو سوال ضرور اُڀري ٿو. اهو ان ڪري تہ هتان جو ڪئنواس ايڏو وسيع ۽ پيچيدو آهي، جو اوهان ڪٿي ڪيڏا بہ ڪامياب ٿيا هُجو، اوهان ڪئنواس جي هڪ ننڍي حصي تي ئي پکڙيل هوندا آهيو، اوهان پهلي هڪ حصي ۾، جيڪو پکڙجي ڪئنواس جي هڪ وڏي حصي تائين ڦهلاءَ ڪري سگهي ٿو، ڪيڏائي ڪامياب ڇو نہ ٿيو، اوهان جي ڪاميابي اُن مهل تائين غير يقيني ۽ غير جٽادار رهندي، جيستائين ڪيترائي ٻياپاسا اُن ۾ شامل نہ ٿي وڃن.

اِهوئي معاملو قومي حڪمت عملي ماحولياتي شعبي جو بہ آهي. اوهان وٽ سُٺا واعدا، سُٺا قانون ۽ بهترين منصوبا ٿي سگهن ٿا پر آخري تجزئي ۾ اهو سوال آڏو رهندو تہ ڇا اِهي پاليسيون ڪارائتيون ٿينديون، اِهي منصوبا جاري رهي سگهندا ۽ قانونن تي عمل ٿي سگهندو يا نہ. جنهن جو دارومدار اقتصادي ۽ سماجي پاسن، عوام جي آزادي، حڪومت جي سياسي ارادي ۽ اُن صوبي جي خاص حالتن، جتي اوهان ڪم ڪري رهيا آهيو، اُنهن سمورين ڳالهين تي ٿئي ٿو.

سوال: اوهان جي خيال ۾ قومي حڪمت عملي ڪنهن خاص شعبي ۾ لاڳو ٿيڻ ۾ ڪامياب رهي آهي؟

جواب: سڀ کان ڪامياب شعبو پاليسيءَ جي تبديلي رهيو آهي. اسان پاڪستان ۾ ماحولياتي پاليسيءَ کي تبديل ڪيو آهي. اسان قانونن تي اثرانداز ٿيڻ شروع ڪيو آهي. اسان حقيقي طور ڪجھ اهم تبديليون آڻڻ ۾ ڪامياب ٿيا آهيون. جهڙوڪ اسان صنعت لاءِ ماحولياتي اثرن جي سُڃاڻپ ۽ تجزئي کي هڪ سنجيده ۽ ٺوس معاملو بنائي ڇڏيو آهي. اهو سڀ ڪجھ ڪرڻ لاءِ سماج ۾ ماحولياتي مسئلن بابت ڄاڻ عام ڪرڻ بيحد ضروري آهي. اڄڪلھ ماڻهن ۾ ماحولياتي مسئلن جي ڄاڻ حيرت انگيز حد تائين موجود آهي. گهڻي ڀاڱي ماڻهن کي گدلاڻ جي نقصانن بابت ڄاڻ آهي، پلي اُن جي تدارڪ جي ڪين ڄاڻ نہ هجي، جيڪو هڪ ڌار معاملو آهي.

ٻهراڙين ۾ ماڻهو انهن مسئلن کي منهن ڏيئي رهيا آهن، ۽ مسئلن جي ڄاڻ رکن ٿا، اُنهن بابت ڳالھ ٻولھ ڪن ٿا، ۽ انهن جي نبيري لاءِ ڪوشش ڪن ٿا. جهڙوڪ صاف پاڻي حاصل ڪرڻ، صاف هوا، صحت سنڀال جا انتظام اِهي اهڙا مسئلا آهن، جن جو ترقياتي معنيٰ ۾ اُهي سدائين ذڪر ڪندا آهن. ٻيلن جي واڍي ۽ اُن جا اثر، زمين جي ڪٽاؤ جي نتيجي ۾ ٿيندڙ پاڻيءَ جي گدلاڻ وغيره اهڙا مسئلا آهن، جن بابت سمجھ ۽ شعور وڌندو پيو وڃي. پاڪستان جي اُترين علائقن ۾ ڪجھ رٿائون ڪامياب ٿيون آهن، جهڙوڪ سياحت لاءِ جهنگلي

جيوت جو هڪ مالياتي وسيلو هُجڻ، يا محدود تفريحي شڪار تي عمل ٿيڻ جنهن ڳوٺاڻين آبادين کي جهنگلي جيوت جي بچاءَ لاءِ گهٽ آماده ڪيو آهي. اهي ڪجھ تبديليون آهن جيڪي اوهان ڏسڻ شروع ڪريو ٿا جڏهن ته اوهان قومي حڪمت عمليءَ کي لاڳو ڪرڻ واري ڳالھ ڪريو ٿا.

سوال: قومي حڪمت عملي هڪ نهايت ئي اهم دستاويز آهي، اُن جا حدف حاصل ڪرڻ گهرجن. پر ڇا اوهان جي خيال ۾ اهي حدون قومي وسيلن جي انصاف پرئي ورڇ ڪانسواءِ حاصل ڪري سگهجن ٿيون؟ يا سولن لفظن ۾ ته ڇا جٽادار ترقي سياسي ۽ سماجي ڍانچي ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ بناتي سگهي ٿي؟
جواب: نه، بلڪل نه، ۽ جيڪڏهن اوهان قومي حڪمت عمليءَ کي غور سان پڙهندا ته اوهان کي اندازو ٿيندو ته اهو هڪ انقلابي دستاويز آهي، ڇو ته اِهو ان بنيادي حقيقت کي ميجي ٿو ته اِهي سموريون ڳالهيون سماجي انصاف، اقتصادي عدل، زمين جي منصفاڻي ورهاست، زرعي سڌارن، محصولن ۽ مالياتي ترغيب جي عقلي سرشتي تي دارومدار رکن ٿيون. جٽادار ترقيءَ جو نظام، سماجي انصاف بنا، اڻ ٿيڻو آهي. اِهي بنئي هڪبئي لاءِ اٽر آهن، حقيقت ۾ قومي حڪمت عملي جن رٿائن کي لاڳو ڪرڻ چاهي ٿي، اُهي وسيلن جي بچاءَ ۽ سارسنڀال کي ملڪيت ۽ طاقت جي تناظر ۾ ڏسندي انقلابي تبديلين جي ڳالھ ڪن ٿيون. ته هي دستاويز هڪ انقلابي دستاويز آهي. جيڪو ظاهري طور تي اهڙو ڏسڻ ۾ نٿو اچي، پر اُن کي غور سان پڙهبو ته اُن ۾ اندروني طور سماجي تبديلين تي زور نظر اچي ٿو.

سوال: قومي حڪمت عملي ادارتي ڍانچن جي اوڻاين جو ته ذڪر ڪري ٿي، پر ادارن جي غلط سياسي استعمال جو ذڪر نٿي ڪري؟
جواب: اوهان کي ڄاڻ آهي ته اِها پنهنجي نوعيت جي پهرين قومي حڪمت عملي آهي. اُن تي جنرل ضياءَ واري حڪومت جي زماني کان

ڪم شروع ٿيو ۽ اهو سفر اڃان تائين هلندڙ آهي. جيڪڏهن اوهان اها ڳالهه آڏو رکو ته هڪ حڪمت عملي جنهن جي جوڙجڪ مختلف حڪومتن تحت ٿي، ۽ اُن هوندي به اُها قائم رهي سگهي ته يقيني طور تي اوهان ان ڳالهه کي سمجهي سگهندا ته ان ۾ ڪجهه سمجهوتا به ڪرڻا پيا هوندا ۽ پوءِ اِن نظام مان گذرڻ ۽ ڪابينه وٽان منظوريءَ لاءِ ڪي اهڙا معاملا هوندا جن کي آڏو رکندي اسان انهن سمورين اوٿاين کي وائکو ايڏي ڪُليل نموني نه ڪري سگهياسين جيڏو شايد اسان ڪرڻ چاهيندا هُئاسين. ڪجهه مجبوريون هيون. جيڪڏهن اوهان ڳُوڙهي ويچار سان ان دستاويز کي پڙهندا ته ڳُجهه ڳوهه ۾ اُهي سموريون ڳالهيون چيون ويون آهن، جيڪي پڌري پٽ نه ٿيون چيون وڃن.

پر هاڻي اوهان ڏسندا ته حڪمت عملين جي ٻي کيپ، جيڪي صوبائي حڪمت عمليون آهن، گهڻين ڀاڱي انقلابي دستاويزن تي ٻڌل آهن. جيڪا حڪمت علمي سرحد لاءِ لکي ويئي آهي، تنهن ۾ حڪمرانيءَ جي عمل، سياسي بدعنوانين، زرعي سڌارن ۽ ٻين ڪيترن ئي اهم مسئلن جو ڪليل نموني ذڪر ٿيل آهي. هاڻي اسان بلوچستان لاءِ حڪمت عملي جوڙي رهيا آهيون، مون کي پڪ آهي ته بلوچستان جي قدرتي وسيلن جي بچاءَ ۽ جٽادار ترقيءَ جي مسئلن کي اُتان جي سماجي جوڙجڪن ۽ قبائلي، جاگيرداري ۽ سرداري نظام کان ڌار ڪري نٿو ڏسي سگهجي. پر اِها ڳالهه ياد رکڻ گهرجي ته اسان کي اِهي حڪمت عمليون حڪومت، اين جي اوز، پرائيويٽ سيڪٽر ۽ ميڊيا جي گڏيل سهڪار سان جوڙڻيون پيون ٿيون. پوءِ ان ڳالهه جوبه ڌيان رکڻو پوي ٿو ته اِهي سمورين ڌرين لاءِ مڃڻ جوڳيون هجن، يعني اسان کي بهرحال ڪٿي نه ڪٿي سمجهوتو ڪرڻو پوي ٿو. پر ڪم کي اڳتي وڌائڻ جو اهوئي واحد طريقو آهي. ڪم ٿيڻ لاءِ اُن ڪم جو سڀني لاءِ قابل قبول هجڻ ضروري آهي.

سوال: اوهان جي خيال ۾ آءِ يو سي اين جي پنجن سرگرمين، حڪومت جي پاليسين تي نظر رکڻ، ادارن جي اڏاوت، سکيا، فيلڊ پراجيڪٽ ۽

علائقائي محرڪ مان سڀ کان اهم ڪاميابي ڪهڙي شعبي کي حاصل ٿي آهي؟
جواب: آءِ يو سي اين جي اهم ڪاميابي پاڪستان ۾ هڪ اهڙي اداري کي وجود ڏيڻ آهي جنهن جٺادار ترقيءَ جي بنيادي مسئلن کي نشانبر ڪرڻ ۽ انهن کي نبيرڻ جو حل آهي. مان ادارتي ۽ تنظيمي ڪم جي لياقت جي اوسر تي اُن جي ڏور رس اثرن جي ڪري سڀ کان وڏي ڪاميابي سمجهان ٿي. هاڻي اسان وٽ اهڙن خاص ماڻهن جو هڪ وڏو ڳاڻيٽو آهي، جيڪي انهن مسئلن کي نبيرڻ جي پيشيورانه صلاحيت رکن ٿا. ان کان علاوه اسان جي وڏين ڪاميابين مان هڪ سرڪاري پاليسين تي اثر وجهڻ جو عمل آهي. ان کان علاوه اسان جا فيلڊ پراجيڪٽس ڪافي نواڻ وارو ڪم ڪري رهيا آهن.

سوال: اوهان جو ادارو ڪيترن صوبائي فيلڊ پراجيڪٽس تي ڪم ڪري رهيو آهي؟
جواب: اسان سنڌ ۽ بلوچستان جي ساحلن تي ڪم ڪري رهيا آهيون. اُترين ايراضين ۽ سرحد ۾ به ڪم هلي رهيو آهي. ٺ فيلڊ پراجيڪٽس جو ڳاڻيٽو شايد ست يا اٺن تائين محدود هجي. پر جيڪڏهن اوهان پراجيڪٽس کي جاڳرتا پيدا ڪرڻ، پاليسي سڌارڻ، ڪميونيڪيشن ۽ سکيا وارن ڪمن طور ڏسو ته پوءِ اُنهن جو تعداد گهڻو وڌيڪ آهي.

سوال: اوهان جا پروگرام ستن شعبن ۾ هلي رهيا آهن. مان چاهيندس ته اوهان اسان جي پڙهندڙن کي اين جي او شعبي بابت ٻڌايو، ان شعبي جي سگهه ڪيتري آهي ۽ اوهان اُن تي ڪيئن ڪم ڪريو ٿا؟
جواب: آءِ يو سي اين جون پاڪستان ۾ پنج آفيسون آهن ۽ اوهان کي هر آفيس ۾ ماڻهو پنهنجين خاص ذميدارين سان اين جي او سيڪٽر سان گڏجي ڪم ڪندي نظر ايندا. اين جي او يونٽ ڪراچيءَ ۾ ٽي يا چار اسٽاف ميمبر آهن ۽ ٻين آفيسن ۾ هڪ يا ٻه ماڻهو ان يونٽ سان لاڳاپيل آهن. حڪمت عملي گڏجي ٺاهي وڃي ٿي ۽ ان جي

لاڳو ٿيڻ جو دارومدار ان ڳالھ تي آهي تہ اُها آفيس ڪٿي آهي ۽ اُن جي خاص ايجنڊا ڇا آهي، اين جي اوز لاءِ اسان بنيادي طور تي لياقتون وڌائڻ جو ڪم ڪري رهيا آهيون. گھڻو زور اين جي او جي مالياتي اهليت جي اڏاوت تي آهي ۽ اُن ۾ گھڻو اهم ٽيڪنيڪي پاسو آهي. جهڙوڪ هڪ تنظيم پنهنجي پروگرام ۾ پيلن جي واڌي، سم ۽ ڪلر جي نظرداري يا آبپاشيءَ جي نگراني شامل ڪرڻ ۾ دلچسپي رکي ٿي تہ پوءِ اسان اها ڪوشش ڪندا آهيون تہ اُن کي يقيني طور تي پنهنجي پروگرام لاءِ ٽيڪنيڪي مدد ملي. پوءِ اسان پروگرامن جو جائزو ۽ ڇڪاس بہ ڪندا آهيون. ٽريننگ، جهڙوڪ پي آر اي، پي ايل اي ۽ اين جي او جي انتظامي ٽريننگ. هاڻي اسان جو اين جي او يونٽ اِهو سکيا جو ڪم اين جي او آر سي کي ڏيڻ بابت سوچي رهيو آهي، ڇو تہ اُهو ان ڪم جي صلاحيت رکي ٿو. پوءِ اسان حڪومت طرفان رکيل اين جي او فنڊس سان گڏ ڪم ڪندا آهيون ۽ اُنهن کي قومي حڪمت عملي جي لاڳو ڪرڻ مطابق جاري ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون.

سوال: اوهان جي خيال ۾ ڀرپاڙين جي جٽادار ترقيءَ ۾ ڪهڙا بنيادي مسئلا شامل آهن؟

جواب: ان جو دارومدار ان ڳالھ تي آهي تہ اسان ڪهڙي علائقي جي ڳالھ ڪري رهيا آهيون، ان کي هن ريت سمجھو تہ پاڪستان ۾ گھڻي ڀاڱي ترقياتي مسئلا ماحول جي بحاليءَ جا مسئلا آهن. اسان پنهنجي ماحول کي اهڙي پستيءَ ۾ وجھي ڇڏيو آهي جو هاڻي پاڪستان ۾ نهايت ٿورو ڀاڱو اهڙو آهي، جيڪو نسبتاً خالص شڪل ۾ آهي. گھڻن علائقن ۾ اسان وسيلن جي غلط واهپي جي ڳالھ ڪندا آهيون. جيڪو واحد ڪم اسان ڪري سگھون ٿا، سو صفائي جو عمل، درستيءَ جو عمل، ٿيل نقصان کي قابو ۾ ڪرڻ ۽ اڳوڻي حالت ۾ واپس آڻڻ آهي. اها حالت ٻين گھڻن ملڪن وانگر ڪانهي، جتي ڪافي اڻ ڇُهيل، نج ماحول موجود آهي، جنهن جي بچاءُ جي اسان ڳالھ

ڪري سگهون ٿا. جيڪڏهن هاڻي اسان حفاظت جي ڳالهه ڪنداسين ته اُها ڳالهه اُن جي ٻيهر افزائش جي معنيٰ ۾ هوندي، جيئن جهنگلي جيوت جا آخري قسم بلڪل اڻ لڀ نه ٿي وڃن. ته ٻهراڙين ۾ ترقيءَ لاءِ ماحول جي بحاليءَ جو عمل نهايت ضروري آهي. اُتي سم ۽ ڪلر، زمين جو ڪٽاؤ، ڪيڙا مار ۽ جيت مار دوائن جي گهڻي استعمال، نيڪال جي خراب انتظام، صنعتن مان زهريلن ڪيميائي مادن جي خارج ٿيڻ وغيره جا مسئلا آهن.

سوال: قومي حڪمت عمليون ٻين اُسرندڙ ملڪن ۾ جوڙيون آهن، ڇا اوهان اسان کي اهو ٻڌائيندئيون ته اُهي ڪهڙن ملڪن ۾ ڪاميابيءَ سان لاڳو ٿيون آهن؟
جواب: قومي حڪمت عمليون سمورن ملڪن ۾ مختلف سطح جي ڪاميابين سان هلندڙ آهن. نيپال، بنگلاديش، سري لنڪا، ويٽنام، ڪينيڊا ۾ پاليسي دستاويز ڪجهه معاملن ۾ ڪامياب ٿيون آهن ۽ ڪجهه ۾ گهٽ ڪامياب.

سوال: اين جي اوز ۽ حڪومت جي سهڪار بابت اوهان جو خيال ڇا آهي؟
جواب: منهنجي خيال ۾ حڪومت ۽ اين جي اوز جو سهڪار ئي مستقبل جو طريقو آهي. اين جي اوز کي حڪومت جهڙو ٿيڻ گهرجي، ان انداز ۾ ته جن حلقن جي اُهي خدمت ڪن ٿيون، تن جي وڏيڪ ذميداري ڪڻن. حڪومت کي اين جي اوز جهڙو ٿيڻ گهرجي ۽ عوامي پُڇاڻي لاءِ ڪين اين جي اوز وانگر ادراڪ حاصل ڪرڻ گهرجي. ان مان مراد اِها هرگز ڪانهي ته هڪ کي ٻئي جهڙو ٿي وڃڻ گهرجي، پر مان اِهو محسوس ڪريان ٿي ته جيڪي ليڪون ٺاهيون ويون آهن، خاص طَور تي اُسرندڙ ملڪن ۾ جتي اين جي اوز اهو سوچين ٿيون ته اُهي سڀ ڪجهه آهن، جيڪا حڪومت ڪانهي، ۽ حڪومت اُن جي ابتڙ سوچي ٿي. اِهي خيال ايندڙ صديءَ ۾ داخل ٿيڻ تائين مدي خارج

ٿي ويندا، ڇو تہ حالتون تيزيءَ سان بدلجي رهيون آهن، خانگي شعبو اڳتي اچي رهيو آهي. آءِ يو سي اين بہ اهڙي هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ اين جي اوز ۽ حڪومت جي ميمبر شپ نهايت اهم آهي، جنهن مان اِها ڳالھ پڌري ٿئي ٿي تہ اِهي ٻئي گڏجي ڪم ڪري سگهن ٿيون. پر جيڪڏهن اِهي ٻئي ساڳين مقصدن لاءِ ڪم ڪري رهيون آهن تہ ڪين هڪٻئي جو ساٿ ڏيڻ جا طريقا ٺاهڻا پوندا، جيئن حدف حاصل ڪري سگهجن.

سوال: سوشل ايڪشن پروگرام بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟ ڇا آءِ يو سي اين اُن ۾ شامل آهي؟

جواب: نہ، سڌي طرح ڪنهن پراجيڪٽ جي سطح تي نہ. اسان ان حد تائين سوشل ايڪشن پروگرام ۾ شامل آهيون تہ اسان ڪوشش ڪندا آهيون تہ ان جا حدف قومي حڪمت عملي جي حدفن کي سگهارو ڪن ۽ حڪمت عملي جا حدف، سوشل ايڪشن پروگرام جي حدفن کي. مثال جي طور تي سرحد صوبي ۾ اسان ان ڳالھ جي خاطري ڪئي تہ سوشل ايڪشن پروگرام واري سوچ جو حوالو رکيو وڃي ۽ اُن کي حڪمت عملي جي نشانن سان ڳنڍيو وڃي ۽ اهوئي اسان ٻين صوبن ۾ پڻ ڪنداسين.

سوال: ماحولياتي مسئلن تي ڪم ڪندڙ مختلف اين جي اوز بابت اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: منهنجي خيال ۾ اِهي جيتريون گهٽيون هونديون اوترو ئي چڱو آهي. سماج جيڏو متحرڪ هوندو ۽ انهن گروپن جي چوڌاري جيڪي سماج کي تبديل ڪرڻ تي اثر انداز ٿي رهيا آهن ۽ جيڪي مقامي مسئلن کي کڻي رهيا آهن، جيڏو منظم هوندو، اوترو ئي چڱو آهي.

سوال: اهو ٻڌائيندا تہ ماحول ۾ اوهان جي دلچسپي ڪڏهن شروع ٿي؟

جواب: منهنجي تربيت هڪ بائلاجسٽ طور ٿي، پوءِ مون خاندان جي دوا سازيءَ جي ڪاروباري ۾ ڪجھ سال ڪم ڪيو. شاديءَ کان پوءِ

ڪراچي اچي ويس. مان دوا سازيءَ ڏانهن واپس نہ وڃڻ چاهيندي هُيس، ۽ ڪنهن ٻئي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ جو خيال هو. مان گهڻو ڪري سمنڊ جي ڪناري تي وڃي اُتي ڪميون ڏسندي هيس، جن ۾ مونکي خاص دلچسپي هئي. منهنجي هڪ دوست جيڪا وائلڊ لائيف ڊپارٽمينٽ ۾ ڪم ڪندي هئي، مونکي ڪمين تي هڪ پراجيڪٽ بابت ٻڌايو. مان اُهو ڏسڻ ويس تہ ڪرماني صاحب، جيڪو وائلڊ لائف کاتي جو سيڪريٽري هو، تنهن مون کي چيو تہ مان ڪُمين تي هڪ پراجيڪٽ ڪريان تہ مون کي نوڪري ملي سگهي ٿي. مون اِهو پراجيڪٽ ڪيو، جنهن لاءِ رقم ورلڊ وائلڊ لائف فنڊ ۽ آءِ يو سي اين مُهيا ڪئي. اهڙي ريت منهنجو آءِ يو سي اين سان واسطو پيدا ٿيو پوءِ 1985ع ۾ جڏهن آءِ يو سي اين پنهنجي آفيس قائم ڪرڻ چاهي تہ مون کي نوڪريءَ جي آڇ ڪئي ويئي جيڪا مون قبول ڪري ورتي. □

# اختر حميد خان

‘ ٻاهرين امداد ۽ ڪرپشن
جو پاڻ ۾ ناتو آهي. جيتري
ٻاهرين امداد وڌي آهي،
اوترو ئي ڪرپشن ۾ واڌارو
ٿيو آهي. ’



سماجي ترقيءَ جي شعبي سان دلچسپي رکندڙ اختر حميد خان جي نالي کان چڱي طرح واقف آهن.

سياسي ارادي ۽ وسيلن جي کوٽ جي شڪار ٿيل ٽين دنيا ۾ سندس ڏاهپ، عزم ۽ ارادي، رٿابندي ۽ مستقل مزاجيءَ اهڙا ڪارناما ڪري ڏيکاريا آهن، جو سندس ڪامياب منصوبن کي مثالي ٺهرائيندي، دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ انهن جي پوئيواري ڪئي پيئي وڃي.

اختر حميد خان اڄ کان پنجاهه سال اڳ انڊين سول سروس مان استعيفا ڏيئي غريب عوام کي سندس پنهنجن پيرن تي بيهارڻ لاءِ هڪ ڏکئي سفر جي شروعات ڪئي. اڳوڻي اوڀر پاڪستان ۾ رورل اڪيڊمي ڪوميلا ۽ بعد ۾ اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ ڪراچي سندس به اهڙا پراجيڪٽ آهن، جيڪي سماجي ترقيءَ جي شعبي ۾ ڪم ڪندڙن کي نئون اُتساهه ڏين ٿا. سندس نمايان خدمتن جي ميڄتا طور پاڪستان سرڪاري کين ستاره پاڪستان، هلال امتياز ڏنا آهن. جڏهن ته فلپائن جي سرڪاري ميگسيسي ايوارڊ ڏيئي چڪي آهي.

اختر حميد خان ڪجهه سالن کان آمريڪا جي مشي گن يونيورسٽيءَ ۾ وزيٽنگ پروفيسر رهيو. ان يونيورسٽيءَ کيس ايل ايل ڊي جي اعزازي ڊگري ڏني. پيرسنيءَ جي باوجود هن پنهنجي ڪم کي جاري رکيو آهي، جيڪو سندن زندگيءَ جو مشن آهي. سماجي ترقيءَ جي موضوع تي سندن فڪر انگيز مضمون اخبارن ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن، جيڪي ڪتابي شڪل ۾ به شايع ٿيا آهن.

اختر حميد خان جو انٽرويو زينت حسام جنوري 1998ع ۾ ورتو.

# اختر حميد خان

سوال: ننڍي کنڊ ۾ رضاڪار تنظيمن جي تاريخ گهڻي پراڻي آهي. اُن وقت جي تنظيمن ۽ اڄوڪين اين جي اوز ۾ جيڪو تفاوت نظر اچي ٿو، اُهو هي آهي تہ اُن مهل تنظيمون ادارن جي پيڙهہ رکنديون هيون. چندو گڏ ڪري يعني مقامي وسيلن کي تحرڪ ۾ آڻي تعليمي ادارا، مدرسا، يتيم خانا وغيره ٺاهينديون هيون، ۽ اِهي ادارا جٽادار ثابت ٿيندا هئا. اڄوڪيون تنظيمون گهڻي ڀاڱي پرڏيهي اِمداد تي هلن ٿيون، جٽادار ادارن جو وجود ۾ اچڻ بہ نظر نٿو اچي، اُن تبديليءَ جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟

جواب: اڄ جنهن کي ويلفيئر يا ڀلائي جو ڪم چئجي ٿو، اسان جي زماني ۾ اُن کي ثواب جو ڪم سڏبو هو ۽ هِندن ۾ پُن جو ڪم چئبو هو. ذوق جو شعر آهي:

نام مطلوب ہے تو فیض کے اسباب بنا
پل بنا، چاہ بنا، مسجد و تالاب بنا

مسلمانن وٽ جيڪو روايتي عام ڀلائي وارو ڪم هو، تنهن ۾ اوليت مسجد کي ڏيئي اُن کان پوءِ هو مدرسو ۽ تنهن بعد يتيم خانو. هندن وٽ گئوشالا، ڌرم شالا هوندا هئا. اِهو هڪ قسم جو غريبن لاءِ لنگر خانو ۽ مسافر خانو هوندو هو. انسان دوست ۽ خيرات ڪندڙ ماڻهو اسڪول ۽ اسپتالون قائم ڪندا هئا ۽ اُهي اِهو سڀڪجهہ پنهنجن وسيلن

مان ڪندا هئا، ٻاهر کان مدد ڪانہ ايندي هئي.

سڀ کان وڏو تفاوت جيڪو اُن وقت ۽ اڄ ۾ آهي، سو اِهو آهي تہ پرڏيہ مان ڏوڪڙ اچي رهيا آهن. ورهاڱي مهل هندستان ۾ ڪجھ پرڏيهي امداد ايندي هئي پر پاڪستان ۾ اين جي اوز سپورٽ گهٽ گهٽ هئي. اِها تبديلي اُن مهل زورائتي نموني آئي، جڏهن بنگلاديش آزاد ٿيو. سڄي دنيا سندس مدد لاءِ ڊوڙي پيئي ۽ بنگلاديش ۾ هڪ قسم جي متبادل حڪومت قائم ٿي ويئي. اُن کان پوءِ پاڪستان ۾ بہ اهڙين اين جي اوز جو ڄار پکڙجي ويو. جنهن جو نتيجو اِهو نڪتو تہ هڪ ريڪٽ ٺهجي ويو. پرڏيهي امداد جو سلسلو ايڏو وڏو ويو آهي جو هاڻي روايتي مدرسن تي بہ اِها مصيبت اچي ويئي آهي. اُنهن وٽ سعودي عرب، ايران ۽ عراق وٽان پئسو اچي رهيو آهي. پاڪستان ۾ اِهو ڏٺو ويو آهي تہ جيڏي ٻاهران امداد اچي رهي آهي، اوتري ئي بي ايماني وڌندي پيئي وڃي. ٻاهرين امداد ۽ ڪرپشن جو پاڻ ۾ ناتو آهي. جيترو ٻاهرين امداد ۾ واڌارو ٿيو آهي، اوتري ئي تيزيءَ سان ڪرپشن وڌي آهي.

سوال: ٻاهرين امداد تہ بنگلاديش ۾ بہ گھڻو وڌي آهي؟

جواب: بنگلاديش ۾ ڪرپشن ۾ بہ گهٽي واڌ ٿي آهي. ٻاهرين امداد سان هلندڙ اين جي اوز ۾ پگهارون تمام گهٽيون آهن. ان سان ئي گهڻو فرق پئجي وڃي ٿو. اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ جي بقا جو وڏي ۾ وڏو ڪارڻ اِهو آهي تہ اسان جي پگهارن جا اسڪيل سرڪاري آهن. ٻاهر جا اسڪيل ڪونهن.

سوال: ڇا اوهان جي چوڻ جو مقصد اِهو آهي تہ جيڪڏهن پرڏيهي اِمداد ڪي احتياط سان خرچ ڪجي، اسٽاف جي پگهارن تي خرچ ڪرڻ بدران ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪجي تہ سٺا نتيجا نڪري سگهن ٿا؟

جواب: اهو ممڪن آهي، پر گهڻو مشڪل آهي. جهڙوڪ ملٽي نيشنل ڪارپوريشن ۾ جتي اِهو ناممڪن آهي تہ پگهار گهٽ هجي ۽ پرڏيهي

امداد تي هلنڊڙ اين جي اوز ملٽي نيشنل ڪارپوريشن جو ٻيو روپ آهن.

سوال: اُن سان گڏوگڏ قدرن ۾ به تبديلي ٿي آهي. پهرين ماڻهن ۾ واعدن سان، اصولن سان وابستگي هوندي هئي. سندن آڏو اعليٰ نصب العين هوندا هئا، جن لاءِ اُهي حياتيون اربي ڇڏيندا هئا. ان ڏس ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟
جواب: سماج ۾ هڪ عام زوال آيو آهي. جيڪڏهن اوهان سياستدانن جي اُن پيڙهيءَ جو، جن انگريز خلاف جدوجهد ڪئي، ۽ هندستان پاڪستان کي آزاد ڪرايو تن جي ڀيٽ اڄ جي سياستدانن سان ڪريو ته، اُن پيڙهيءَ ۾ ڪرپشن جو ته سوال ئي پيدا نه ٿيندو هو. منجهن تمام گهڻو آئيڊيلزم هو ۽ چند ڳڻڻ جيترا ماڻهو ان ڪم ۾ هٿ وجهندا هئا. سياست اُن وقت سڀ کان وڏيڪ خطرناڪ ڪرت هئي. تاج يا تختي واري ڳالهه هئي. گهڻو ڪري اُن ۾ نقصان ئي هو. هاڻي حالتون مختلف آهن. اڄ ڪله چوري ۽ بي ايمانيءَ جو سڀني ۾ سڀنو موقعو سياست ۾ آهي. اُن زماني ۾ فلاحي ڪمن جي صورتحال به ڪجهه ٻي هئي. ڪو اسڪول يا اسپتال ٺهندي هئي ته ڪو وڏو مُخير ماڻهو سمورو پئسو پنهنجي هڙان ڏيندو هو. اُهو چندو ڪونه گهرندو هو، پر هاڻي بلڪل ٻي ڪهاڻي آهي، جيتوڻيڪ اڄان به ڪٿي ڪٿي پراڻين روايتن جا مثال نظر اچن ٿا، پر نه هئڻ جي برابر. هاڻي ته اِهو فقط ڏوڪڙن ڪمائڻ جو ڌنڌو بڻيل آهي.

سوال: پاڪستان ۾ ڪوآپريٽوز جي زوال بابت تفصيل سان ٻڌائيندا. ٻين ملڪن ۾ ڪو آپريٽوز گهڻو وڏي ويجهي رهيون آهن ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ کي سڌارڻ ۽ سندن حقن جي بچاءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن، جنهن جي اُبتڙ پاڪستان ۾ ڪوآپريٽوز ٺپ ٿي چڪيون آهن، اِهو ڇو ٿيو آهي؟
جواب: هونئن ته پوڙهو ٿيڻ ۾ گهڻو نقصان آهي، پر هڪ فائدو اِهو

آهي ته هڪ پس منظر پئدا ٿي ويجي ٿو، شين کي ڏسڻ ۽ سمجهڻ لاءِ. جهڙوڪ مان 1936ع ۾ سول سروس ۾ آيس، ته اُن وقت جيڪي ڪجھ ٿيندو هو، تنهن جي مون کي ڄاڻ آهي. هتي صورتحال اِها هُئي ته پنجاب، جيڪو پاڪستان جو سڀ کان اهم حصو آهي، تنهن جون ڪوآپريٽوز سڃي نٺيڻي کنڊ ۾ چوٽيءَ تي هيون. جڏهن پاڪستان ٺهيو ته سڀ کان اڳ هتان جون ڪوآپريٽوز برباد ٿيون، ڪرپٽ ٿيون.

منهنجي راءِ ٿورڙي تعصب واري ٿي سگهي ٿي. ماڻهن کي ڪانه وڻندي. مون ڪوآپريٽوز ۾ خاص طور تي پنجاب جي ڪوآپريٽوز جو ڳوڙهو اڀياس ڪيو هو اُن زماني ۾ جنهن جو ڪارڻ اِهو هو ته پنجاب اسان لاءِ ماڊل هو. هارين جو مقروض ٿيڻ، پنهنجي زمين گرويءَ ۾ ويجائڻ، واڻئي جي ظلم جو شڪار ٿيڻ، انهن سمورين ڳالهين جو پنجاب ۾ گهڻو مقابلو ڪيو ويو هو. سڀ کان اڳ هارين جي حقن جي حفاظت لاءِ پنجاب ۾ قانون پاس ٿيو، جنهن پٺاندڙ اُهو طبقو جنهن جي ڪرت پوکي ڪرڻ نه هُئي، سو هاريءَ کان زمين خريد نٿي ڪري سگهيو. سڀ کان وڏيڪ جدوجهد هتي ٿي. ۽ واڻئي ۽ هاري جي ناتي بابت سڀ کان بهترين لٽريچر پنجاب ۾ لکيو ويو. اڻويهين صديءَ ۾ هڪ انگريز ٿابرن سڀ کان اڳ ان تي تحقيق ڪئي ۽ ڪتاب لکيو (The Punjab Peasant Debted Prosperity) هن لکيو آهي ته اهڙي علائقن ۾ جتي مسلمانن جي گهڻائي هئي، جيئن اُترين سرحد اُتي واڻين جي گهرج ٿيندي هئي. واڻيو، جنهن کي بنگال ۾ ساهوڪار يا مُهاجن سڏيندا آهن، دُڪاندار به هو، بينڪر به هو، پئسن جي ڏيتي ليتي ڪندو هو، وکر خريد به ڪندو هو، ۽ وڪڻندو به هو. سماج ۾ اُن جو گهڻو اهم ڪردار هو. سالن کان اِهو سلسلو هلي رهيو هو، پر انگريزن جي اچڻ کان اڳ واڻيو ڳوٺ جي ماڻهن جي ڪنٽرول ۾ هو. اول ته هو ڪڙمين جي زمين تي قبضو نه ڪري سگهندو هو. زمين جو وڪرو نه ٿيندو هو. ٻيو ته اُهو نهايت خبرداريءَ کان ڪم وٺندو هو، ڇو ته جيڪڏهن هو زيادتي ڪندو هو ته ڪُڙمي کيس ماري ڇڏيندا

هُئا، يا سندس سموو رڪارڊ ساڙي ڇڏيندا هئا. پر انگريز جي قانون ڪيس سگهارو ڪري ڇڏيو. اِهو ثابرن لکيو آهي.

ننڍن هارين جي حقن جي تحفظ ۾ پنجاب سيني کان اڳيرو هو. هتان جو Land Settlement بہ سُٺو هو. جاگيرداري نظام چند ضلعن ۽ قبائلي علائقن ۾ هو. پنجاب ۾ زرعي ايراضيءَ جو نظام زبردست ۽ گهڻو ائڊوانس هو. هتي حڪومت ۽ هارين وچ ۾ سڌو تعلق هو. هتي تپي دار هو، هتي شعور هو، پنهنجن حقن جي ڄاڻ هئي. هتي گهڻي ۾ گهڻي سُجاڳي هئي. ڇوٽورام نالي شخص هتي ننڍن آبادگارن جي حقن جي بچاءَ لاءِ قانون جوڙيو ۽ پاس ڪرايو هو. جنهن سان ماڻهن ۾ آئيڊيل ازم پئدا ٿي رهيو هو پر اُهو هندن ۽ سکن ۾ گهڻو هو. آئيڊيل ازم مسلمانن ۾ گهٽ هو. ڪوآپريٽوز هتي گهڻو ڪامياب هيون، پر اُنهن ۾ مسلمان ٿورڙا هئا. هندن ۽ سکن جو ڳاٽيٽو تمام گهڻو هو. پاڪستان ٺهڻ بعد سڀ کان پهريون ڪم اهو ٿيو تہ هنن سمورن هندن ۽ سکن کي ڪڍي ڇڏيو. جنهن جي نتيجي ۾ ڪوآپريٽوز ويهي رهيون؟

سوال: انڊيا ۾ ڪوآپريٽوز جي ڇا صورتحال آهي؟

جواب: گهڻائي اهڙا علائقا آهن جتي اُهي ڪامياب آهن، دنيا جي وڏي ۾ وڏي ڊيري ڪوآپريٽو ”آمول“ جيڪا ننڍن ڪڙمين کي تحفظ ڏيندي آهي، سا هندستان ۾ آهي. اُتي پنجاب ۾ ڪوآپريٽوز گهٽيون سگهاريون آهن. اولهہ يو پي ۾ مضبوط آهن. مهاراشٽر ۽ گجرات ۾ بہ گهٽيون سگهاريون آهن. ڪوآپريٽوز اُتي وڏي ويچھي رهيون آهن، جتي لوڪل گورنمينٽ ڪم ڪري رهي آهي. يعني ڪوآپريٽوز اُتي ناڪام نہ ٿيون آهن جتي لوڪل گورنمينٽ ناڪام نہ ٿي آهي. اسان وٽ لوڪل گورنمينٽ انهيءَ ڪري ويهي رهي جو اُن کي هلائيندڙ، ماڻهن جي خدمت ڪندڙ، گهڻي ڀاڱي هندو هئا، ٻيو تہ پاڪستان ٺهڻ بعد ايڏي گهڻي طاقت ۽ دولت سندن هٿن ۾ اچي ويئي جو اُهي ڪرپٽ ٿي ويا. هتي بي ايماني جيڪا زوراٽي نموني پکڙي آهي اُها

Evacuee Property جي ڪري پڪڙي آهي. يعني جيڪي ملڪيتون هندو ۽ سک ڇڏي ويا، ۽ جيڪي مُسلمان اُتي ڇڏي آيا ۽ ڪليم ڪيا ويا، تن ۾ زبردست بي ايماني ٿي.

سوال: ستر ۽ اسي وارن ڏهاڪن ۾ جيڪي اين جي اوز ٺهيون، جن ۾ سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ وڏيون اين جي اوز شامل آهن، تن ۾ اوهان کي ڪهڙيون خوبيون ۽ خاميون نظر اچن ٿيون؟

جواب: سڀ کان پهرين ڳالهه ته اِها آهي ته اهاهڪ سوچيل سمجهيل تحريڪ هُئي، جيڪا پرڏيهي ڊونرس شروع ڪئي. پهريائين ڊونرس جو خيال هو ته اُهي ٽين دنيا جي حڪومتن جي مدد ڪندا ته اُهي تمام سٺو ڪم ڪنديون. گهڻي ترقي ٿيندي، پر ڪين اِهو تلخ تجربو ٿيو ته اِهي حڪومتون ڏينهون ڏينهن وڌيڪ بي ايمان ۽ غير ذميدار ٿينديون ويون. ان تجربي جو ري ايڪشن اِهو ٿيو ته هُنن سوچيو ته ڇو نه غير سرڪاري تنظيمن کي پروموٽ ڪن جيئن اُهي ترقياتي ڪمن کي اڳتي وڌائين. اهو گهڻي ڀاڱي ستر جي ڏهاڪي ۾ ٿيو. ضياءَ الحق خاص طور تي ان لَاڙي کي گهڻو همٿايو. ڇو ته اُهو اُن کي هڪ قسم جو متبادل ليکيندو هو. سياستدانن تي بندش سان جيڪو خال پيدا ٿي ويو هو، اُهو اُن کي هن ريت پرڻ چاهيندو هو. جيڏيون وڏيون وڏيون اين جي اوز قائم ڪيون هيون ڊچن ۽ جرمنن، اُهي سڀئي ناڪام ٿي ويون. انهن وٽ ڏيکارڻ لاءِ ڪجھ به نه هو. ڊونرس ڪانئن مايوس ٿي ويا آهن ۽ هاڻي اُهي امداد بند ڪري رهيا آهن، پر انهي دوران ڪين ڏسندي اِهو ٿيو جو ڪيتريون ئي سپورٽ آرگنائزيشنس ٺهي ويون، جيڪي اين جي اوز کي پروموٽ ڪري رهيون آهن. جهڙوڪ ٽي وي او (Trust for Voluntary Organization) آهي جنهن کي امريڪا 35 ڪروڙ رپيا ڏنا. جيترين اين جي اوز ٽي وي او کان پئسو ورتو تن مان ٿورڙيون ئي ڪامياب ٿيون آهن. ڪامياب ان معنيٰ ۾ ته وٽن پرخلوص ۽ محنتي ڪارڪن هُجن، سندن پوزيشن مضبوط ٿي ويئي هُجي. سندن پنهنجو سرمايو ٺهي ويو هجي. سندن حيثيت معتبر ٿي ويئي هجي. اهڙيون

اين جي اوز تمام گهٽ آهن. سنڌ ۾ ته نهايت خراب صورتحال آهي.

اين جي اوز جي ناڪاميءَ جو پيو وڏو ڪارڻ اِهو آهي ته ڊونرس اِهو ته چيو ته اين جي اوز جوڙيو ۽ ڪميونٽي کي شريڪ ڪريو، پر وٽن ڪو ماڊل ڪونه هو ته ڪين هتي ترقيءَ جي واڌاري لاءِ ڇا ڪرڻ کُپائي. اورنگي ۾ اسان کي فقط اها ڳالهه سمجهڻ ۾ پنج ڇهه سال لڳا ته ماڻهن کي سنڌن ترقياتي ڪمن ۾ مدد ڏيڻ لاءِ ڪين ڪهڙي قسم جو سهڪار گهربل آهي. مثال جي طور تي ڪين صحت ۽ گندي پاڻيءَ جي نيڪال وارو مسئلو نبيرڻ لاءِ ڪهڙين شين جي گُهرج آهي ۽ پوءِ اِهو ته ڪين قرض ۾ ڇا کپي. اسان کي گهٽي نقصان بعد هاڻي اِهو سمجهه ۾ آيو آهي. ماڻهن کي ۽ سندن گهرجن ۽ مسئلن کي تڏهن ئي سمجهي سگهجي ٿو جڏهن اُنهن سان گهٽي وقت تائين ڪم ڪيو وڃي. جهڙوڪ اِهو چيو وڃي ٿو ته Capacity Building ڪرڻ گهرجي. Capacity Building ڪهڙي ڪرڻ گهرجي؟ گهٽي ۾ گهٽو اُهي اِهو ٻڌائين ٿا ته درخواست ڪيئن لکڻ گهرجي. فارم ڪيئن ڀريا ويندا. جڏهن ته ضرورت جهڙوڪ ڪچين آبادين ۾ ان ڳالهه جي آهي ته گندي پاڻيءَ جي نيڪال جو مسئلو نبيريو وڃي. ٿورڙيون ئي اين جي اوز اهڙيون آهن جيڪي اهڙي سپورٽ ڏيئي سگهن ٿيون. اِهو ڪم اسان پهرين شروع ڪيو آهي ۽ هاڻي اسان کي اِها ڄاڻ آهي ته ڪنهن تنظيم کي ان لائق بنائڻ ۾ ڪيڏي ڏکيائي ٿيندي آهي ته اُها ماڻهن جي سينيٽيشن ۾ مدد ڪري سگهي يا ڪريڊٽ ۾ سندن مدد ڪري سگهي. هڪ ته اِهو ته جيڪا ٽيڪنيڪي مهارت هُئڻ گهرجي تنهن جو ڪو صحيح ماڊل ڪونهي، ۽ ٻاهر کان جيڪي صلاح ڏيندڙ اچن ٿا، تن کي ته پاڻ به اِها ڄاڻ ڪانهي ته ڇا ڪرڻ گهرجي.

سوال: مقامي سطح تي جيڪي تنظيمون پنهنجن محدود وسيلن سان ڪم ڪري رهيون آهن، اُنهن سان اوپي پي جي حوالي سان اوهان جو ڇا تجربو رهيو آهي؟

جواب: اورنگي ۾ جڏهن اسان آياسين ته منهنجو اِهو خيال هو ته هتي

موجود تنظيمن سان گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري اسان اورنگيءَ ۾ پنهنجي آفيس قائم ڪرڻ بدران، آل اورنگي فيڊريشن سان گڏجي ڪم ڪيو ۽ سندن ئي آفيس استعمال ڪئي پر ثابت اهو ٿيو ته اهو غلط آهي. لابيئنگ ته اُهي ڪري سگهندا هئا، پر تعميري ڪم نه ڪري سگهندا هئا. سندن آئيڊيائي لابيئنگ جي هُئي ته هي گهُر به ڪئي وڃي ته هُو گهُر به ڪئي وڃي. هتي وڏي ۾ وڏي ڪمزوري اِها آهي ته ماڻهو پنهنجي ذميداري محسوس نٿا ڪن. انفرادي ته سمجهن ٿا، اجتماعي ذميداري نٿا سمجهن. سندن خيال آهي ته گورنمنٽ ئي سڀ ڪجهه ڪندي، جيڪو غلط آهي.

اسان ڏٺو ته هر گهٽيءَ ۾ ڪنو پاڻي وَهي رهيو آهي. ان وقت گڏيل خيال اهو هو ته ميونسپالٽي کان ڪم ڪرايو وڃي. ميئر وٽ وڃون، ميٽنگ ڪئي وڃي، جلوس ڪڍيو وڃي. اسان اِن نتيجي تي پهتاسين ته اسان کي ڪين اِهو سمجهائڻو پوندو ته اهو ڪم اوهان کي پاڻ ڪرڻو آهي. اسان کي سَندن نفسياتي رنڊڪ کَي هٽائڻو پوندو. پوءِ اسان تنظيم سان گڏ ڪم ڪرڻ ڇڏي سڌي طرح گهٽين ۾ ماڻهن سان رابطو ڪيو.

اسان اورنگيءَ ۾ ڪنهن تنظيم سان گڏجي ڪم نه ڪيو. اسان اِها ڪوشش ڪري رهيا هئاسين ته اسان جو هڪ حلقو ٺهجي وڃي، ايماندار Actionist جو، ۽ اُهو ٺهندو پئي ويو. پوءِ اسان اورنگيءَ کان ٻاهرايَن جي اوز سان گڏ ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. سنڌ ۾، پنجاب ۾ اسان 45 اين جي اوز سان گڏجي ڪم ڪيو. يعني سينيٽيشن ۽ ڪريڊٽ جي مسئلي تي اسان سندن مدد ڪئي ۽ صلاحون ڏيڻ شروع ڪيون. اسان اُنن پنهنجي ڪا جاچ يا ڪڙي نظرداري نٿي ڪري سگهياسين. اعتماد ڪري سگهياسين، اُهو ڪيو پر اسان کي تلخ تجربو ٿيو. اسان کي گهڻو ڪري سيني دوکو ڏنو. 45 اين جي اوز سان گڏ ڪم ڪري اسان کي اندازو ٿيو ته ڪم ڪندڙ تنظيمون فقط هڪ ٻه آهن.

سوال: اُن جو ڪارڻ؟

جواب: ٿئي ائين ٿو ته پاڪستان ۾ جڏهن ڪنهن کي Discretion يا اختيار ڏجي ٿو ته اقربا پروري شروع ٿي وڃي ٿي. ٻاهر جي ته ڳالهه ئي ٻي آهي اسان جي پنهنجي او پي پي جي آفيس ۾ اهو شروع ٿي ويو هو Credit ۾. چئن پنجن کي ڊسمس ڪيو آهي مون ۽ هاڻي اهو آهي ته ڪنهن وٽ ٻه Discretion ڪانهي. هتي ٻن قسمن جي ڪرپشن آهي، هڪ چوري ۽ ٻي ڪم چوري ته پگهار وٺجي پر ڪم نه ڪجي.

سوال: اوهان او پي پي جو بنياد تحقيق ۽ توسيع تي رکيو هو يعني ٻهريائين علائقي جي مسئلن کي سمجهجي ۽ پوءِ ماڻهن جي سهڪار سان انهن مسئلن جو حل ڳوليو وڃي؟

جواب: ماڻهو جيڪو اڳئي ڪم ڪري رهيا آهن، تنهن کي وڏيڪ سڌاريو وڃي، سستو بڻايو وڃي.

سوال: اوهان جو بي سي سي آءِ (BCCI) سان معاهدو ٿيو هو ته شروع ۾ او پي پي جي ڪا به حد ڪانه هوندي، ڪم جو شيڊيول نه هوندو ۽ اهو ته اوهان خودمختيار هوندا، پر اوهان جي ڪم ۾ شفافيت هوندي، آڊٽ ٿيندو، ٽماهي رپورٽ باقاعدگيءَ سان پڌري ٿيندي. جيڪڏهن اهي طريقا ٻيون اين جي اوز به اختيار ڪن ته اوهان جي خيال ۾ ڪاميابيءَ جا ڪيترا امڪان آهن؟

جواب: اسان پاڻ تي ڪجھ ٻيون به بندشون وڌيون هيون. اُهي هي آهن ته فضول خرچي نه ڪبي. بجيٽ Exceed ٿيڻ نه ڏبي. اهو گهڻو ضروري آهي. ٻيو هي ته تحقيقي رويو هئڻ گهرجي ۽ اهو ته اسان ماڻهن ۾ ڪجھ ورهائڻ ڪونه آيا آهيون، بلڪ سندن ڪمن ۾ شريڪ ٿيڻ آيا آهيون. جيڪڏهن انهن مڙني ڳالهين جو خيال رکجي ته ڪاميابي ٿيندي.

او پي پي ۾ اسان پگهارن جا چار گريڊ رکيا هئا. ڊائريڪٽر جا پنج هزار، جوائنٽ ڊائريڪٽر جا چار هزار، مئنيجر جا ٽي هزار ۽ اسسٽنٽ جا ٻه هزار، اهي سرڪاري گريڊ 14، 15 ۽ 16 سان مطابقت

رکندا هئا. عام طور تي اين جي اوز پنهنجي اسٽاف کي وڏي پگهار ڏينديون آهن. جيڪڏهن مون کي هڪ لک رپيا ماهوار پگهار گهرجي ته مون کي او پي پي نه کولڻ گهرجي ڪجهه ٻيو ڪرڻ گهرجي.

اهي سيئي ساڳيون ئي ڳالهيون آهن جيڪي آءِ ايم ايف پاڪستان سرڪار سان ڪري رهيو آهي ته مالياتي ڊسيپلن هئڻ گهرجي ادارن ۾. بجيٽ بئلنس هئڻ گهرجي. ڊائون سائزنگ ٿيڻ گهرجي. پاڪستان انهيءَ ڪري تباهه ٿيو آهي ۽ جن سڀني جي ڪري پاڪستان تباهه ٿيو آهي، انهن جي ڪري ئي هي سمورا ادارا تباهه ٿي رهيا آهن. قرآن ۾ به اها ڳالهه واضح طور تي هر هر چيل آهي ته فضول خرچي کان پاسو ڪريو. پئسا بي سبب نه وڃايو ۽ اُن کان پوءِ چيل آهي فضول خرچي ڪندڙ شيطان جا پائر ٻنجي وڃن ٿا. فضول خرچي ڪرپشن جي پاڙ ٻنجي وڃي ٿي. يعني جيڪڏهن مان آمدنيءَ کان وڌيڪ خرچ ڪري رهيو آهيان ته مون کي بي ايمان ٿيڻو پوندو.

سوال: او پي پي جي ڪاميابيءَ جا ڪيئي سبب آهن. هڪ ڳالهه جيڪا او پي پي کي ٻين اين جي اوز کان منٽيرو ڪري ٿي سا هي آهي ته اوهان جي ڊاڪيومينٽيشن ۽ تحقيق ڏاڍي سگهاري آهي. ٻيون اين جي اوز ان ڏس ۾ پوئتي رهجي وڃن ٿيون، اُن جو ڇا سبب آهي؟

جواب: اُن جو ڪارڻ هي آهي ته هنن اهڙي سکيا حاصل نه ڪئي آهي. ڪين شوق ڪونهي. اسان جي ته زبردست ٽريننگ ٿيل آهي. پهريائين مان سول سروس ۾ هوندو هئس، جتي ٽن بنيادي شين جي سکيا ڏني وڃي ٿي. اڪائونٽس جي، رپورٽنگ جي، انتظامي معاملن جي ۽ پوءِ تجربو هو ۽ اسان بنگال ۾ ڪم ڪيو هو. جتي اڪائونٽس ۾ ماهر گهرايا ويندا هئا، ٽن مهينن لاءِ، ڇهن مهينن لاءِ. مان هر وقت سائن ويهندو هئس. اڪائونٽس ۾ مون کي مهارت حاصل آهي. ماڻهن ۾ اها مهارت حاصل ڪرڻ جو شوق ئي ڪونهي. هاڻي اسان جا پنج ادارا آهن. او پي پي آهي. او پي پي کي هاڻي سميٽي رهيو آهيان ته جيئن اهو ختم ٿي وڃي، ڇو ته او پي پي واقعي منهنجي نمائندگي ڪري ٿو

۾ مان اهو سمجهان ٿو تہ مون پنهنجو ڪم ڪري ورتو آهي، هاڻي پنهنجي واپسيءَ جي واٽ ناهي رهيو آهيان. آر ٽي آءِ (Research Training Institute) آهي، جيڪو رجسٽرڊ ادارو آهي. اُن جي پنهنجي گورننگ باڊي آهي. شروع ۾ اُتي هفتيوار ميٽنگ ڪبي هُئي. اسٽاف کي چوندو هئس تہ سڄي هفتي جي رپورٽ ڏيو، لکو ۾ مان بہ رپورٽ ڏيندو هُئس. هاڻ آر ٽي آءِ جي ميٽنگ ٿئي ٿي هر هفتي ساڳي ريت. اورنگي چيريٽيبل ٽرسٽ جي ميٽنگ هفتيوار ٿئي ٿي، خاصداه جي ميٽنگ ٿئي ٿي. انهن جي گورننگ باڊي ڌار آهي، سندن بجيٽ ڌار ڌار آهن، مطلب تہ اهي چار ئي خودمختيار ادارن جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيا آهن.

سوال: اورنگي چيريٽيبل ٽرسٽ قرض اسڪيم هيٺ 1987ع کان 1997ع تائين 5122 ماڻهن کي قرض ڏنا ۽ قرضن جي واپسي جي شرح بہ چڱي رهي، پر او پي پي جي رپورٽ مطابق ڪراچي شهر جي 14 گروپن کي قرض ڏيڻ جو تجربو سٺو نہ رهيو، جڏهن تہ ڪراچيءَ جي پسگردائي جي ڳوٺن ۽ اندرين سنڌ جا گروپ ايمانداريءَ سان قرض موٽائي رهيا آهن. ڇا شهري ۽ ڳوٺاڻين قدرن ۾ فرق آهي يا اهو محض اتفاق آهي؟

جواب: نئين رپورٽ مطابق سنڌ جي ٻهراڙين ۾ اسان جيڪي قرض ڏنا آهن، اُهي بہ ماڻهن واپس نہ ڪيا آهن. ڪراچي ڊويزن ۾ تہ قرض ڏيڻ جو تجربو سؤ سيڪڙو فيل ٿيو آهي. حيدرآباد ۾ ڪجهہ هلي رهيو آهي، ڇو تہ اُتي اسان ڪرڙي نظرکي آهي شهرن ۾ اسان جو خيال هو تہ جيئن بنگال جي ڪوميلا ۾ قرض اسڪيم ڪامياب ٿي هُئي، هتي بہ ڪامياب ٿيندي، پر ائين ڪونہ ٿيو. سيٺي پنهنجين پراڻين عادتن تي اچي ويا ۽ اسان جا پئسا ڦاسي پيا. هاڻي اسان انهن هنڌن تان Withdraw ڪري رهيا آهيون. لاڙڪاڻي ۾ ڏهہ پندرهن اين جي اوز کي قرض ڏنو هو ڪنهن بہ قرض نہ موٽايو. مطلب تہ اين جي اوز کي قرض ڏيڻ جو تجربو ناڪام ٿي ويو آهي. هڪ ٻن هنڌن تي اين جي اوز ڪامياب

ٿيون آهن، جيڪي باقاعدگي سان قسطون موٽائي رهيون آهن. اسان ان نتيجي تي پهتا آهيون ته اول ته پاڪستان ۾ ڪنهن کيDiscretion يا ڪنهن شئي جو اختيار ڏجي ٿو ته اُهو ان جو ناجائز استعمال ڪري ٿو. اهوئي او پي پي ۾ ٿيو. جنهن کي اختيار ڏنو ويو ته قرض ڏي، تنهن اقربا پروري شروع ڪري ڇڏي. واضح حڪم هُئا ته فقط پراڊڪشن لاءِ قرض ڏنا ويندا، پر مڙس کي ٻه قرض ڏيئي ڇڏيو زال کي ٻه ڏيئي ڇڏيو، ماسيءَ کي ٻه ڏيئي ڇڏيو. پنج،پنج قرض هڪ ئي ڪٽنب کي ڏنا ويا. پر اسان ان آزمودي جو هڪ هاڪاري پاسو ڏٺو آهي. يعني موت مان زندگي. هر هنڌ ڏهه ويهه ماڻهو ضرور اهڙا هُجن ٿا جيڪي ايماندار ۽ لائق هوندا آهن. اُهي واقعي ڪم ڪري رهياآهن. سندن مفاد انهيءَ ۾ ئي هوندو آهي ته قرض جاري رهي. اورنگيءَ ۾ اسان جن کي قرض ڏنو آهن، تن تي پاڻ نظرداري ڪري رهيا آهيون. هي اهڙا ماڻهو آهن، جيڪي قرض موٽائي رهيا آهن. اِهي اسان جا وفادار گراهڪ آهن. هنن جو هڪ گروپ آهي. پوءِ اسان ان گروپ جي سفارش تي ٻين کي قرض ڏيون ٿا. ان ۾ اٽڪل 600 ماڻهو آهن. جن ڪان اسان ٻه ضامن گهرندا آهيون. اسان کين چوندا آهيون ته سفارش ته ڪري رهيا آهيو، پر جيڪڏهن هن شخص قرض نه موٽايو ته اوهان کي ٻه نه ملندا. ڳالهه اها آهي ته هتي وفاداري ڪانهي بي ايماني تمام گهٽي آهي. ماڻهن جا چار قسم آهن. اهل ۽ ايماندار، اهل ۽ بي ايمان، نااهل ۽ ايماندار ۽ نااهل ۽ بي ايمان. اصل طريقو اهو آهي ته اهل ۽ ايماندار ماڻهن جو ٽولو ٺاهيو ۽ اُن ۾ بي ايمان ۽ نااهل ماڻهن کي گهڙڻ ئي نه ڏيو. اصل ڳالهه آهي اهليت، جنهن مان مراد اها آهي ته کين پراڊڪشن ۽ مارڪيٽنگ جو فن اچي ويو هجي ۽ جڏهن اُهي قرض کڻن ته سندن پراڊڪشن وڌي، ڪم وڌي، جتي ايئن نه ٿيندو، اُتي قرض ٻُڏي ويندو.

سوال: جتي قرض جو صحيح استعمال ٿيو آهي ته اُتي فائدو ٿيو آهي؟
جواب: تمام گهڻو فائدو ٿيو آهي. پاڪستان جو غريب ماڻهو مالا مال ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن کيس ننڍين قرضن جي سهوليت ملي وڃي.

ڪوميلا ۾ به ائين ئي هو ۽ هتي به اسان اهو ڏسي رهيا آهيون ته يا ته ڪين قرض ملندو ئي ڪونه يعني اُهي پنهنجو ڪم وڌائي نه سگهندا يا جيڪڏهن قرض ملندو ته اُهو به 120 يا 200 سيڪڙو وياج تي. يعني ڪانئن سڀ ڪجهه کسجي ويندو. هاڻي بجاري، بدين ۾ اسان جو گروپ ٺهيو آهي، جنهن قرض ونـي واپس ڪيو آهي. اِهي پهريائين پنج ڇٽا هئا، هاڻي اهو گروپ وڌي ٻارهن ماڻهن جو ٿي ويو آهي. پاڪستان ۾ رول ماڊل جي گهرج آهي. لائق ۽ ايماندار ماڻهن جو حلقو بنائڻ جي ضرورت آهي، ۽ ان جو علاج اين جي او ڪونهي. منهنجي چوڻ جو مطلب آهي ته اين جي اوز ۾ عام طور تي ساڳيون ئي خاصيتون هونديون آهن، جيڪي سڄي قوم ۾ هونديون آهن. اعليٰ معيار ڪونهي. آئيڊيلزم ڪونهي.

سوال: ته اِهي قدر جيڪي ختم ٿيندا پيا وڃن، تن کي ڪيئن بحال ڪري سگهجي ٿو؟

جواب: دنيا جو سڀ کان پراڻو طريقو اِهو آهي ته توهان هڪ مثال قائم ڪريو ۽ پوءِ جيڪي چڱا ماڻهو آهن، اُهي شايد پوئيواري ڪن. بس اِهوئي هڪ طريقو آهي. بي ايماني کان پاسو ڪريو، محنت ڪريو، ڪفايت شعاري کان ڪم ونو، ڪجهه ڪري ڏيکاريو ۽ پوءِ دعا ڪريو ته ٻيا ماڻهو به ائين ئي ڪن ۽ جيڪڏهن ڪو ماڻهو سکڻ چاهي ٿو ته ڪفايت شعاري ڪيئن ڪجي، حساب ڪيئن رکجي، رپورٽ ڪيئن لکجي ته مان کيس اِهو سيکاري ڇڏيندس. پر جيڪڏهن ڪو سکڻ ئي نه گهري ته مان ڇا ڪريان؟ پاڪستان جي بدقسمتي ٻيڻي آهي، هتي ڪو نمونو يا مثال ئي ڪونهي، يا ايڪڙ ٻيڪڙ آهن. ٻي ڳالهه اِها آهي ته جيڪڏهن ڪا مثال هجي ته به ڪو اُن مان سکڻ ئي نٿو چاهي. □

# ايئن اسمائيلي

'جڏهن اوهان ڀلائي جي
ڪم کان ترقيءَ ڏانهن اچو
ٿا تہ مسئلن جي اصل سببن
ڏانهن اوهان جو ڌيان وڃي
ٿو. تنهن ڪري ترقيءَ جو
عمل خدمتن ۽ سهوليتن مهيا
ڪرڻ واري عمل کان اڳيرو
آهي.'



ايئن اسمائيلي سماجي ترقيءَ جي شعبي جي هڪ نامياري بين الاقوامي شخصيت آهي. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات 1967ع ۾ اوير آفريقا جي ملڪ سير اليون ۾ اُستاد جي حيثيت ۾ ڪئي. گذريل ٽيهن سالن دوران هو بين الاقوامي ترقيءَ جي شعبي ۾ منتظم، جائزو وٺندڙ ۽ ليکڪ جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو آهي. هو امداد ڏيندڙ ڪيترن ئي بين الاقوامي ادارن جي انتظامي عهدن تي رهيو آهي. ايشيا ۽ آفريقا جي ڪيترين ئي اين جي اوز ۽ ترقياتي پروگرامن جو جائزو وٺندڙ رهيو آهي ۽ بين الاقوامي ترقيءَ جي موضوع تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن.

هن آفريقا ۽ ڪينيڊا ۾ ڪيترن ئي وڏن ترقياتي ادارن جو انتظام هلايو آهي ۽ ڪينيڊا جي غير سرڪاري تنظيم انٽر پيريز جو باني آهي. اُن کان علاوه هو ڪينيڊا جي وڏي ۾ وڏي اين جي او ڪينيڊين يونيورسٽي سروس اوورسيز (سي يو ايس او) جو ڊائريڪٽر رهي چڪو آهي.

سرڪاري ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي صلاحڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪندي ايئن اسمائيلي کي ڏکڻ ايشيا (پاڪستان، بنگلاديش، سري لنڪا) ۽ آفريقا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ سماجي ترقيءَ جي تحريڪن جي شروعات، سندن اوسر ۽ بهتري سان لاڳاپيل معاملن جو ڳوڙهو جائزو وٺڻ جو موقعو مليو. سندس مشهور ڪتاب "ڀن منڊي" (Alms Bazar) لفظ اين جي او کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش آهي، جنهن ۾ رضاڪار تنظيمن جي آزاديءَ جي مسئلي تي ڌيان ڏنو ويو آهي. هن ڪتاب جي شايع ٿيڻ مهل هو صنعتي ملڪن ۾ اين جي او ۽ رياست لاڳاپن جي جائزي تي ٻڌل هڪ رٿا تي ڪم ڪري رهيو آهي.

ايئن اسمائيلي جو انٽرويو فيبروري 1994ع ۾ حارث خليق ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# ايئن اسمائيلي

سوال: ايئن اسمائيلي صاحب، ترقياتي شعبي ۾ پنهنجي سفر بابت اسان کي ڪجھ ٻڌايو؟

جواب: مون 25_30 سال کان اڳ هڪ ڪينيڊين اين جي او سان رضاڪار جي حيثيت ۾ ڪم شروع ڪيو ۽ آفريقا ۾ اسڪول ٽيچر طور خدمت سرانجام ڏني. مان اُن مهل سير اليون ۾ هُئس. جڏهن مون کان پڇيو ويو ته ڇا مان نائجيريا ۾ ان تعليمي پروگرام ۾ ڊپٽي ڪوآرڊينيٽر جي حيثيت ۾ ڪم ڪري سگهان ٿو ته مون هاڪار ۾ جواب ڏنو ۽ بعد ۾ مون کي سڄي ملڪ جو ڪوآرڊينيٽر مقرر ڪيو ويو. مان اٽڪل ٽن سالن تائين نائجيريا ۾ ترسڻ بعد ڪينيڊا موٽي ويس. سال کن بعد آمريڪي اين جي او ڪيئر (CARE) جي بنگلاديش پروگرام ۾ نوڪري ملي ۽ هائوسنگ جي هڪ چڱي وڏي رٿا سان لاڳاپيل رهيس. مان 1969_70ع ۾ پهريون ڀيرو محض ونڊر خاطر پاڪستان آيو هُئس. بنگلاديش قائم ٿيڻ دوران مون کي نہ فقط ان علائقي بابت چڱي ڄاڻ ٿي پر غير سرڪاري تنظيمن جي مختلف معاملن کي بہ سمجهڻ جو موقعو مليو. ان دوران تيل جو عالمي بحران ٿيو ۽ ڪيترن ئي مسئلن سان گڏ بنگلاديش ۾ سيمنٽ جي بہ سخت اڻاٺ ٿي پيئي. ان موقعي تي مان ڪيئر جي رويي کان مطمئن نہ ٿيس جڏهن اُن بنگلاديش جي اين جي اوز کي اِهو چئي سيمينٽ ڏيڻ کان

انڪار ڪيو ته، ان ڳالھ جي ڇا ضمانت آهي ته ان سيمينٽ جو صحيح واهپو ٿيندو. جڏهن ته منهنجو خيال آهي ته مقامي تنظيمن کي مضبوط ڪرڻ ئي اصل مقصد هئڻ گھرجي تنهن ڪري مون ڪيئر کي الوداع ڪيو. مون لاءِ اُهي ڪجھ وڏيڪ ئي آمريڪي هُئا ۽ مُنهنجي آڏو ڪيترائي مسئلا هئا. ڪينيڊا موٽي مون ڪجھ دوستن سان گڏ هڪ اين جي او جو بنياد وڌو. جنهن جو نالو انٽرپيرز (Inter pares) هو ۽ ان جو هڪ بنيادي مقصد بنگلاديش جي تنظيمن جي امداد هو. اڄڪلھ اها هڪ سولي ڳالھ آهي پر اُن دؤر ۾ هڪ انقلابي قدم هو. ڇو ته ماڻهو هڪدم اِهو سوال پُڇندا هئا ته پئسي جي صحيح استعمال جي خبر ڪيئن پئجي سگھندي. بعد ۾ 1979ع ۾ ڪيو سو (CUSO) سان وابسته ٿي ويس، ڪيو سوڪينيڊا جي وڏي ۾ وڏي اين جي او آهي. جتي 1983ع کان صلاحڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪري رهيو آهيان. ان جو هڪ ڪارڻ اِهو آهي ته مون کي لکڻ جو موقعو ملي ويجي ٿو، جيڪو منهنجو پسنديده ڪم آهي. مون ترقيءَ جي مسئلن بابت ٽي ڪتاب لکيا آهن جڏهن ته ٻه ناول پڻ لکيا آهن، ناول اڃان شايع نه ٿيا آهن. مشاورت جو گھڻو ڪم مون اين جي اوز سان گڏ ڪيو آهي ۽ ذڪرڻ جي تنظيمن بريڪ (بنگلاديش) سروودايا (سري لنڪا) آغا خان فائونڊيشن، آغا خان رورل سپورٽ پروگرام پاڪستان وغيره سان منهنجي گھري وابستگي رهي آهي. مون پاڪستان، ڀارت، بنگلاديش ۽ ڪينيا ۾ اين جي اوز جو چڱو موچارو مشاهدو ڪيو آهي.

سوال: ڪم جي سلسلي ۾ اوهان پهريون ڀيرو پاڪستان ڪڏهن آيا؟
جواب: آغا خان فائونڊيشن ڪينيڊا جن رٿائن لاءِ امداد ڏيئي رهي هُئي تن جي تجزئي لاءِ شايد 1986ع يا 87ع ۾ پاڪستان اچڻ ٿيو ۽ ان کان پوءِ 1988ع ۾ مون کي ڀيهر گھرايو ويو جيئن مان اين جي او ريسورس سينٽر جي امڪانن جو جائزو وٺي سگھان. ته جڏهن 1988ع ۾ مون سموري پاڪستان جو تفصيلي دورو ڪيو ۽ خاص طور سنڌ جي شهرن ۽ ٻهراڙين کي ويجھڙائي کان ڏٺو. ڪيترن ئي ماڻهن ۽ تنظيمن

سان ملڻ ٿيو ۽ تنظيمن، امدادي ادارن ۽ حڪومت وچ ۾ ناتن کي به سمجهڻ جي ڪوشش ڪيم.

سوال: اُن کان پوءِ اوهان لاڳيتو پاڪستان ايندا رهيا آهيو ۽ پاڪستان جي اين جي او منظرنامي جي گهٽي ڇاڻ رکو ٿا، اُن وقت ۽ اڄ جي حالتن وچ ۾ اوهان کي ڪهڙو تفاوت ڏسڻ ۾ اچي ٿو؟

جواب: پهريون ته اين جي اوز جي تعداد ۾ تمام گهڻو واڌارو ٿيو آهي. ٻيو ته اين جي اوز جو چڱو وڏو تعداد ذهني ۽ فڪري بلوغت حاصل ڪري چڪو آهي. ننڍيون تنظيمون ڀلائي جي ڪمن کان هاڻي ترقيءَ ڏانهن اچي رهيون آهن. هاڻي اسان کي تنظيمون مسئلن جي اصل ڪارڻن سان مُهاڏو اٽڪائينديون نظر اچن ٿيون، محض علامتن سان نه. اِهو هڪ آهستي هلندڙ عمل آهي، ڇو ته ننڍين تنظيمن وٽ هر قسم جي وسيلن جي اڻاٺ آهي.

ٽين ڳالھ اِها ته اين جي اوزجو ڪردار، جيڪو اُهي ڪنهن اهم ڳالھ جي پٺڀرائي لاءِ ادا ڪن ٿيون يا ڪنهن معاملي ۾ مقامي، صوبائي يا وفاقي سرڪار تي زور ڀرين ٿيون، اُهو اڳ جي ڀيٽ ۾ گهڻو اثرائتو ٿي ويو آهي. جهڙوڪ ڪيرٿر نيشنل پارڪ مان سڙڪ ناهڻ واري مسئلي تي ڪيترين ئي تنظيمن نهايت اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پارڪ جو بچاءَ ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون. هنن ڪيترائي ڪم ڪيا، پر وڏ ۾ وڏ ساراهه جوڳو اُهو باقاعده اڀياس آهي جيڪو هنن ماحوليات تي پوندڙ اثرن بابت ڪيو هو. هنن ثابت ڪيو ته سڙڪ جيڪڏهن پارڪ جي ٻاهران لنگهندي ته خرچ ۾ ڪوبه فرق نه پوندو ڇو ته پارڪ جي وچان لنگهڻ ۾ نقصان گهڻو آهي. اهڙيون ڳالهيون پُختگيءَ جو دليل آهن، جيڪي اوهان کي اڄ به گهڻن ملڪن جي تنظيمن ۾ نظر نه اينديون. ڪيترائي ٻيا مثال پڻ آهن. اسڪوپ، آءِ يو سي اين، سنگي وغيره مسئلن کي اعليٰ سطح تي کڻي رهيون آهن. اڄ کان پنج سال اڳ، اهو سڀ ڪجھ ان ريت بلڪل ڪونه هو.

سوال: اوهان چيو تہ ننڍيون تنظيمون ڀلائي جي ڪمن کان ترقياتي ڪمن ڏانهن اچي رهيون آهن. ڇا اوهان عام ڀلائي ۽ ترقياتي سرگرمين ۾ تفاوت کي واضح ڪندا ڇو تہ عوامي سطح جي تنظيمن لاءِ اچان بہ ان تفاوت کي سمجهڻ گهڻو ڏکيو آهي؟

جواب: مان ڀلائي جي ڪمن جو مخالف نہ آهيان. ڪنهن بہ سماج ۾ چاهي اُهو مُسلم هجي، عيسائي يا ٻڌ، تنظيمن قائم ڪرڻ جو هڪ بنيادي ڪارڻ سدائين مشڪلات ۽ مصيبتن جي ماريل غريبن، يتيمن، بيوائن ۽ بيمارن جي امداد ڪرڻ رهيو آهي. ڪجھ عام ڀلائي جي ڪمن اڳتي وڌي تعليمي پروگرامن کي بہ پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو. ان سموري عمل ۾ ظاهر آهي تہ ڪابہ خرابي ڪانهي، بلڪ سرڪار جيڪڏهن ڪجھ بنيادي خدمتن کي سر انجام ڏيڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿي تہ ڪميونٽي کي اهو ڪم ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن اوهان عام ڀلائي جي ڪمن کان ترقيءَ ڏانهن اچو ٿا تہ مسئلن جي اصل ڪارڻن ڏانهن اوهان جو ڌيان ڇڪجي ٿو. مثال جي طور تي اوهان بيمارن کي دوائون ڏيڻ، ائمبولينس ۽ اسپتال جو بندوبست ڪرڻ جي بدران، اِهو سوچيو ٿا تہ آخر ماڻهو بيمار ڇو ٿين ٿا. اهڙي ريت ترقيءَ جو عمل خدمتن ۽ سهوليتن مهيا ڪرڻ واري عمل کان اڳيرو آهي. هاڻي اوهان صاف پاڻي، تعليم، خواندگي، صحت ۽ کاڌي بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ تي زور ڀريو ٿا. انهن ڪارڻن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو ٿا، جن جي ڪري ماڻهو بيمار ٿين ٿا.

سوال: اوهان اسان کي ڪيترين ئي اين جي اوز جا مثال ڏنا آهن، جيڪي مختلف طريقن سان ڪم ڪري رهيون آهن. جهڙوڪ انهن مان ئي ڪجھ تنظيمن ڪيرٿر نيشنل پارڪ واري مسئلي ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. يا اهڙا ٻيا مثال آهن. مختلف ڪيترن ۾ ڪم ٿي رهيو آهن، پر گهڻي ڀاڱي سرگرميون ٻاهرين امداد تي دارومدار رکن ٿيون. جيڪڏهن ٻاهران ملندڙ مالي امداد بند ٿي وڃي تہ ڇا صورتحال ٿيندي؟

جواب: اِهو فقط پاڪستان ۾ ڪونهي. آمريڪا ۽ ڪينيڊا جي اين جي اوز به پنهنجن مالي وسيلن لاءِ ٻين تي انحصار ڪن ٿيون. اهو سڄي دنيا جي اين جي اوز جي وڏي ڪمزوري ۽ مسئلو آهي. ڪينيڊا ۾ اسان عام ماڻهن جا محتاج آهيون، جيڪي چندي جي شڪل ۾ تنظيمن جي مدد ڪن ٿا پر هڪ لحاظ کان اِهو وڏيڪ جٽادار آهي. حڪومت يا سيڊا (CIDA) جهڙن ادارن کان ملندڙ امدا جي پيٽ ۾ پنج ڊالر ڏيندڙ هڪ عام ڪينيڊين گهٽ ۾ گهٽ هر سال باقاعدگيءَ سان اِها امداد ڏيندو رهندو. بهرحال اِها به مُحتاجي آهي. هونئن به ماڻهو ڪنهن هنگامي مسئلي، ڏڪر، قدرتي آفتن وغيره کان هڪدم متاثر ٿين ٿا. ڪينيڊا ۽ پاڪستان ٻنهي هنڌن تي چندو ڏيندڙ ڪنهن مصيبت جي ماريل ٻار جي تصوير ڏسي ڪجھ نہ ڪجھ ڏيڻ لاءِ هڪدم راضي ٿي ويندا. يقيني طور تي اُهي هڪ کوھ جي اهميت ڄاڻندا هوندا، پر کوھ جي کوٽائي ۽ اڏاوتن لاءِ جيڪڏهن اوهان امداد گهرندا تہ ايڏي سولائي سان ڪانہ ملندي جيترو هڪ ٻارڙي کي تڪليف ۾ ڏسي ملي ويجي ٿي. امداد ڏيندڙن تي انحصار چاهي اُهو وڏن ڊونرس تي هجي يا ماڻهن تي، اين جي اوز لاءِ گنڀير مسئلو آهي، جنهن جو حل ڳولڻ ظاهر آهي سولو ڪونهي. ايشيا ۾ هاڻي ڪيترين ئي اهڙيون اين جي اوز آهن، جيڪي پنهنجا وسيلا پاڻ پيدا ڪرڻ لاءِ مختلف ڪاروبار ڪري رهيون آهن. اُهي ٻاهرين امدادي ادارن کي بہ سمجهائڻ ۾ ڪامياب ٿي ويون آهن تہ سندن سرگرمين لاءِ امداد ڏين جيئن پاڻيرو ٿيڻ ۾ ڪاميابي ٿئي. بريڪ بنگاديش جي پنهنجي پرنٽنگ پريس آهي. سروودايا جو سري لنڪا ۾ پريس بہ آهي ۽ ڪاٺ ۽ ڌاتو جي ڪم جا دڪان بہ آهن. ڪنهن وقت اُهي سري لنڪا جا وڏي ۾ وڏا هئنڊ پمپ ٺاهيندڙ هُئا. اُهي ترقياتي ڪمن لاءِ هئنڊ پمپ ٺاهيندا هئا ۽ ان رٿالاءِ هنن جپان جي امدادي اداري ۽ گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (UNDP) کان امدادحاصل ڪئي. اهڙين صورتن ۾ حاصل ٿيندڙ واڌو رقم ظاهر آهي نفعو تہ ڪونہ هوندي آهي، ڇو تہ اين جي اوز نفعو نہ ڪمائيندڙ ادارا آهن، پر اها رقم ترقياتي ڪمن تي خرچ ڪري

سگهجي ٿي. اهڙي ريت تنظيمن کي خودمختيار ٿيڻ ۾ مدد ملي ٿي. پاڪستان ۾ اجڪلھ ماڻهو هڪ خاص رقم بابت ڳالھ ڪري رهيا آهن، جنهن کي تنظيم مختلف هنڌن تي سيڙائي ان مان نفعو ڪمائين، يعني وقف. پر ان جو مسئلو اِهو آهي تہ جيڪڏهن اوهان رپيو ڪمائڻ چاهيو ٿا تہ ڏھ رپيا بئنڪ ۾ جمع ڪرايو ۽ ڊونرس رستا ناهن، ڳوناٹي ترقيءَ جي رٿائن وغيره تي رقمون سيڙائڻ چاهين ٿا ۽ بئنڪ ۾ پئسا رکڻ ۾ دلچسپي نٿا رکن. ڊونرس اين جي اوز جي مالي طور تي خودمختيار ٿيڻ ۾ ظاهري طور تي دلچسپي وٺن ٿا، گهٽيون ڳالهيون ڪن ٿا ۽ تنظيمن کان پڇندا رهندا بہ آهن تہ اُهي ڪڏهن مالي طور تي پاڻيرون ٿي ويندين پر ان ڏس ۾ عملي طور تي ڪجھ ڪرڻ کان ڪيبائين ٿا. تنهن ڪري اسان کي ڊونرس جي قول ۽ فعل ۾ وڏو تضاد نظر اچي ٿو.

سوال: اوهان هڪ جمهوري ملڪ مان آيا آهيو ۽ اوهان وٽ هڪ سگهارو اين جي او سيڪٽر موجود آهي. پر پاڪستان ۽ بنگلاديش ۾ اسان ڏسون ٿا تہ ڪيتريون ئي اين جي اوز مارشل لاءَ دؤر ۾ وڌيون ويجهيون آهن. اوهان جي خيال ۾ اين جي اوز ۽ جمهوري نمائندن جي وچ ۾ ڪهڙي قسم جا تضاد موجود آهن يا اُڀري سگهن ٿا؟

جواب: جمهوريت جو بنياد محض چونڊون ڪونهن. جمهوريت جو اصل بنياد مختلف قسمن جا گهڻا سارا ادارا آهن. جنهن مان مراد آهي اظهار جي مڪمل آزادي، گڏ ٿيڻ جي آزادي، آزاد صحافت، آزاد عدالت ۽ ظاهر آهي تہ چونڊون بہ. پر عام طور تي سيئي ماڻهو ۽ خاص طور تي اولھ جا ملڪ اِهو سمجهن ٿا تہ ڪين دنيا ۾ جمهوريت مان مراد چونڊون ٿيڻ آهي. سياستدان چاهي اُهي اولھ جا هُجن يا اوپر جا، اُتر جا يا ڏکڻ جا، اِهو وساري ويهن ٿا تہ جمهوريت مان مراد محض اليڪشن ۽ سياستدان ڪونهن. جمهوريت بحث ۽ مباحثي، سوال اُٿارڻ ۽ سرعام اُٿارڻ جي اجازت ڏئي ٿي. ڪلب يا پيشيور بنيادن تي قائم ٿيل تنظيمون، صارفين جون سوسائٽيون، فلاح ۽ بهبود جون تنظيمون، ترقياتي

تنظيمون وغيره سياستدانن تي دٻاءُ وجهنديون آهن ته اُهي مسئلن تي ڌيان ڏين. هڪ عام ڪينيڊين سياستدان به اُن دٻاءَ کان ايترو ئي بچڻ چاهيندو جيترو هڪ عام پاڪستاني سياستدان. پر وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ڪين اِها ڳالهه سمجهه ۾ اچڻ لڳي ٿي ته سماج انهي ريت ڪم ڪندو آهي. جيستائين مارشل لا دوران تنظيمن جي واڌ ويجهه جو سوال آهي ته مان چوندس ته مارشل لاءَ حڪومتن اُنهن کي خدمتون انجام ڏيندڙ ۽ سهوليتون پهچائيندڙ ادارن کان وڌيڪ نه سمجهيو آهي. بلڪ هڪ مسئلو اِهو به آهي ته ڊونرس به تنظيمن جو اهوئي مقصد سمجهن ٿا. جيڪڏهن اوهان انهن کي صحتمند سماج جو اهم حصو نه سمجهندا ته اوهان جو رويو غلط هوندو. □

# ڊاڪٽر پونا وگنا راجا

’ عوام جي زندگي ۾
ترقي اُن وقت ٿئي ٿي،
جڏهن ڪين نتيجه خيز
۽ سُٺي اجوري وارو ڪم
ڏنو ويجي ٿو. ‘



سري لنڪا جو اقتصادي ماهر ڊاڪٽر پونا وگنا راجا سماجي ترقيءَ جي شعبي جي هڪ سرگرم ۽ فعال شخصيت آهي. اقتصادي ماهر جي حيثيت ۾ هن سري لنڪا جي مرڪزي بئنڪ کان سواءِ بين الاقوامي مالياتي فنڊ ۽ عالمي بئنڪ ۾ به ڊگهي عرصي تائين ڪم ڪيو آهي. هو ٻارهن سالن تائين گڏيل قومن جي ايشين ڊيولپمنٽ انسٽيٽيوٽ سان لاڳاپيل رهيو. هن مهل هو انڊيپينڊنٽ سائوٿ ايشين ڪميشن فار پاورٽي ايليويشن جو وائس چيئرمين ۽ ڪوآرڊينيٽر ۽ سري لنڪا ۾ واقع يو اين يونيورسٽيءَ جو صلاحڪار آهي. غربت جي خاتمي لاءِ ڪميشن جيڪا رپورٽ جاري ڪئي آهي تنهن جي تياريءَ ۾ ڊاڪٽر پونا وگنا راجا اهم ڪردار ادا ڪيو آهي.

ٽين دنيا جي هڪ ملڪ جي شهري هجڻ ۽ عالمي اقتصادي ادارن ۾ ڊگهي عرصي تائين رهڻ جي ڪري ڪيس غربت جي سببن ۽ ان مسئلي جي شدت جو نہ فقط احساس ۽ ڄاڻ آهي، بلڪ هُن ان صورتحال کي نهايت ويجهڙائي کانَ بہ ڏٺو آهي ۽ ان جو مشاهدو ڪيو آهي. ڊاڪٽر راجا سري لنڪا جي هڪ اين جي او سائوٿ ايشين پرسپيڪٽوزنيٽ ورڪ ائسوسئيشن (سپنا) جو اڳواڻ آهي.

ڊاڪٽر پونا وگنا راجا جو هي انٽرويو آگسٽ 1995ع ۾ سري لنڪا ۾ قدير بيگ ۽ منصور رضا ورتو.

# ڊاڪٽر پونا وگنا راجا

سوال: اقتصادي ماهر جي حيثيت ۾ اوهان سري لنڪا جي مرڪزي بئنڪ، بين الاقوامي مالياتي فنڊ آءِ ايم ايف ۽ ورلڊ بئنڪ جهڙن ادارن ۾ ڪيترائي سال ڪم ڪيو آهي. بعد ۾ اوهان غير سرڪاري سطح تي ڪم ڪرڻ کي ترجيح ڏني. اسان کي پنهنجي ان سفر بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: منهنجي رسمي تعليم جي شروعات ڪولمبو يونيورسٽي سري لنڪا مان ماسٽرس جي سند سان ٿي ۽ پوءِ مون آمريڪا جي Yale يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي ڪئي. جنهن قسم جي اقتصاديات اُن وقت پڙهائي پئي ويئي مان پڙهائي دوران ئي ان مان غير مطمئن هئس. تنهن ڪري اقتصاديات جي مضمون کان پاسيرو ٿي سياسيات، سوشل سائڪلاجي وغيره ۾ ڪورسز ڪرڻ شروع ڪيم. مان ترقياتي اقتصاديات جو ماهر ٿيڻ چاهيندو هئس.

پنهنجي ڪيريئر جي پٺي ٻاگي ۾، مون پهريائين عالمي مالياتي فنڊ آءِ ايم ايف ۾ شموليت اختيار ڪئي، جتي ٻه سال گذاريا. پوءِ مان ڏهن سالن تائين سينٽرل بئنڪ سري لنڪا ۾ رهيس جنهن کان پوءِ مون ٻيهر ورلڊ بئنڪ جي ائڊوائزري سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي. اِهو ٻارهن ماڻهن جو هڪ گروپ هو ۽ مون کي اُن جي ٽن نوجوان ميمبرن مان هڪ جي طور تي چونڊيو ويو هو. اهڙي ريت مون کي عالمي بئنڪ

۽ آءِ ايم ايف کي اندران ڏسڻ جو موقعو مليو، جيڪي بلڪل ڌارجهان هُئا. ڊيولپمينٽ ائڊوائزري سروس سان مون پنج سال گذاريا، جنهن دوران مون کي گهڻو ڪجهه سکڻ جو موقعو مليو. معاملن تي ڳالهه ٻولهه جي ڪوشش ڪرڻ، بئنڪ جي اهم رٿائن تي ويچار ڪرڻ ته اُهي ڇو ناڪام ٿيون وغيره، اهي تجربا گهڻي ڀاڱي آفريقا ۾ ٿيا. مان بعد ۾ ايشيا موٽيس، پر يو اين سسٽم جي اندر ئي رهيس ۽ ٻارهن سالن تائين يو اين ايشين ڊيولپمينٽ انسٽيٽيوٽ سان واڳيل رهيس. اها ترقياتي منصوبه سازي ۾ هڪ قسم جي سکيا ۽ کوجنا هُئي ۽ ان مون کي صحيح معنيٰ ۾ ايشيا جي ڪنڊڪڙڇ ۾ سفر ڪرڻ جو موقعو ڏنو. ايران، افغانستان کان وٺي ايشيا جي ٻئي ڇيڙي تائين.

سوال: هن اداري سان اوهان جو تجربو ڪيئن رهيو؟

جواب: انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمينٽ پلاننگ اُهو ادارو هو جتي پهريون ڀيرو مون ڏکڻ ايشيا ۾ غربت جي گنڀير مسئلي تي ڪم ڪرڻ شروع ڪيو. اسان جي آڏو اوڀر ايشيا جو جپاني ماڊل هو. شروعاتي ٽيهن سالن جو سوشلزم جو ٻچ چينيءَ ماڊل هو. مون ڏکڻ ڪوريا جي سرمائيداري سرشتي جو به اڀياس ڪيو هو، جتي اُهي ٻنهي چنگهن تي هلي رهيا هئا. يعني معيشت کي وڌائڻ سان گڏوگڏ سماجي تبديليءَ جي به ڪوشش ڪري رهيا هئا. جپانين به انهي ريت ٻن چنگهن تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. هڪ پاسي هنن جديديت اختيار ڪئي ۽ ٻئي طرف پنهنجي ڳوٺاڻن بنيادن کي مضبوط ڪيو. ان ڪوشش وڇوٽي پئدا ٿيڻ نه ڏني. ماؤ جي سوشلزم ۾ به ٻن چنگهن تي هلڻ واري اها ئي حڪمت عملي هئي. اهڙي ريت اسان ايشيا ۾ موجود هنن ڊرامائي مثالن سان گڏ پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي. ايشيا جي نون اُسريل ملڪن جي اُن وقت هڪ ڌار ئي ڪهاڻي هئي، اُهي جديد فڪر ۽ عمل اختيار ڪري رهيا هئا ۽ پنهنجين انتظامي، ٽيڪنيڪي ۽ واپاري صلاحيت جي به اڏاوت ڪري رهيا هئا، سندن ترقيءَ جي رفتار ڏاڍي تکي هئي، جنهن جا اثر هيٺ تائين پهچي رهيا هُئا. اسان وٽ اهو فريم ورڪ نه هو،

پر جپان، چين ۽ ڪوريا جا مثال هئا ۽ اُنهن کي هڪ ماپيي طور استعمال ڪندي اسان ٻن جنگهن تي هلڻ ۽ سماج کي طبقي بنديءَ کان بچائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي ته ڏکڻ ايشيا ۾ ڇا ٿي رهيو آهي ۽ ڇو ٿي رهيو آهي، اسان ايڏي وڏي پئماني تي ٻهراڙيءَ جي غربت کي ڪيئن جنم ڏنو آهي. تنهن ڪري پُهريون نظريو ڳوڻاٽي ترقيءَ جو هو. اسان اِهو اندازو لڳايو ته مقامي سطح تي ورتل اُپاءَ پنهنجا اثر ڏيکاري رهيا آهن. خاص طور تي 71ع کان پوءِ بنگلاديش ۾ آزاديءَ کان پوءِ هندستان ۾. تنهن ڪري اسان ڳوڻاٽي ترقياتي نظرئي جا گڏيل نقطا ڪنيا ۽ اِها اسان جي پهرين ڪوشش ٻٽي.

بئنڪاڪ ۾ يو اين يونيورسٽيءَ ۾ ٻارهن سال گذارڻ بعد مان 1970ع ۾ يو اين يونيورسٽي ٽوڪيو ٽرانسفر ٿي ويس. هي بين الاقوامي معيار جو هڪ نئون ادارو هو ۽ هتي مون سائوٿ ايشين پرسپيڪٽونيٽ ورڪ ائسوسئيشن جي شروعات ڪئي.

سوال: ان نيٽ ورڪ، جنهن کي مختصر طور سپنا سڏجي ٿو، تنهن جا ڪهڙا مول متا آهن؟

جواب: ان نيٽ ورڪ کي مون، ڏکڻ ايشيا جي هيڪڙائي تي ڌيان ڏيندي هڪ پروگرام طور شروع ڪيو، جنهن ۾ پنهنجي صورتحال کي آڏو رکندي ٻين جي ڪامياب مثالن مان سبق حاصل ڪجي ها، جنهن ۾ ڏکڻ ايشيائي ملڪن کي ميل جول جي مختلف درجن ۾ رکيو وڃي ها. تنهن ڪري اسان شروعاتي 25_30 سالن جي محدود اقتصادي صنعتڪاري کان وٺي غير محدود اقتصادي صنعتڪاري تائين جي اوسر جو جائزو ورتو. اسان پنهنجن وسيلن جي بنياد جي سمورن پاسن جو جائزو ورتو. اسان پنجاب ۾ سبز انقلاب جو جائزو ورتو، ۽ پوءِ جمهوري ۽ سياسي تناظر تي نظر وڌي ۽ هتي ئي منهنجو ٻيو ڪتاب جيڪو جمهوريت ۽ ترقيءَ بابت هو، پڌرو ٿيو. اسان اِهو نتيجو ڪڍيو ته ڏکڻ ايشيائي ملڪن کي پنهنجن مسئلن جي نبيري لاءِ سهڪار ڪرڻ جي گُهرج هئي. انهيءَ دوران مون کي ماڻهن، جن ۾ سرتاج عزيز، جبران،

باربراوارڊ شامل هئا، سوسائٽي فار انٽرنيشنل ڊيولپمنٽ (SID) ڪي سنيالڻ جي دعوت ڏني.

سوال: تہ پوءِ اوهان SID جي صدارت سنڀالي؟

جواب: جي ها. 1981ع کان 1987ع تائين. پر ان وچ ۾ مون ڏکڻ ايشيا جي نيٽ ورڪ کي منظم ۽ مربوط ڪرڻ جو ڪم جاري رکيو، مان ان اداري جو چيئرمن بہ هئس، جيڪو اسان پاڻ جوڙيو هو. اهو هو پارٽيسپيٽري انسٽيٽيوٽ فار ڊيولپمنٽ (Participatory Institute for Development) جنهن جو مقصد سري لنڪا ۾ ڪيل تجربن کي وسعت ڏيڻ هو. هتي اسان بنيادي سماجي ڪارڪنن کي سکيا ڏيئي رهيا آهيون. اهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون تہ غريبن لاءِ تنظيمون ڪهڙي طرح ناهي سگهجن ٿيون. ان کان پوءِ پيو وڏو مرحلو سارڪ سربراه اجلاس هو. جتي ملڪي سربراهن پنهنجين بيوروڪريسين کان مٿيرو ٿي پنهنجي بدانتظامين کي محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو. سري لنڪا ۾ پريماداسا، پاڪستان ۾ نواز شريف، بنگلاديش ۾ خالده ضياءَ، انڊيا ۾ نرسمها راؤ ۽ ٻين بہ اهو محسوس ڪرڻ شروع ڪيو هو تہ ڪا اهڙي شئي هئي، جيڪا انتهائي مرڪزيت پسند رياستي ڍانچي جي باوجود حڪومت ڪرڻ کان روڪي رهي هئي. 1991ع ۾ سارڪ جي سربراهن اسان کان صلاح ورتي. عام طور تي اُهي هڪ بين الحڪومتي ڪميٽي جوڙيندا هئا. اسان کين چيو تہ اُهي هڪ خودمختيار ڏکڻ ايشيائي ڪميشن قائم ڪري سگهن ٿا. حڪومتون پاڻ ڪمشنرن کي نامزد ڪن. هُنن اسان جي ڳالهہ تي ڌيان ڏنو ۽ هڪ خودمختيار ڏکڻ ايشيائي ڪميشن قائم ڪئي، جنهن ۾ فقط ڏکڻ ايشيائي ملڪ هئا. اهو ڏکڻ ايشيا ۾ سارڪ جي تاريخ جو هڪ انوکو واقعو هو. نہ تہ اسان اوسيئڙو ڪندا رهندا هئاسين تہ ماڻهو اچن ۽ ايشيا جو ڊرامو لکن. يا ورلڊ بئنڪ ايشيا بابت لکي. پهريون ڀيرو ڏکڻ ايشيائي ملڪن کي ڏکڻ ايشيا جي اصل صورتحال تي ويچار ڪرڻ ۽ پنهنجين پنهنجين سرڪارن کي سفارشون پيش ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويو. اُن کي سياسي

طور اڳتي وڌايو ويو. هن نيپال جي اڳوڻي وزيراعظم ڪرشا پرساد راءِ کي چيئرمين طور چونڊيو ۽ مون کي نائب چيئرمين ۽ ڪوآرڊينيٽر بڻجڻ جي گذارش ڪئي. هر ملڪ بہ ماڻهو نامزد ڪيا ۽ جنهن ڳالهه مون کي تعجب ۾ وڌو، سا اِها هئي تہ ڪنهن نہ ڪنهن ريت اُهي پروسي جوڳن ماڻهن کي شامل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، جيڪي سوچڻ، ڪم ڪرڻ ۽ آزاديءَ سان عمل ڪرڻ لاءِ تيار هئا ۽ انهن مان گهڻ ۾ گهڻ ٽن يا چئن وٽ پس منظر ۽ بُنياد بہ هو.

سوال: ان جو مطلب ٿيو تہ اوهان اثرائتي ۽ سگهاري ٽيم جوڙڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا؟

جواب: ها، هڪ ڏاڍي مضبوط ٽيم هُئي، ۽ اِها هڪ انوکي رپورٽ هئي. پهريون تہ ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي پندرهن عيوضين جي گڏيل رضامنديءَ سان منظور ڪئي ويئي. ٻيو تہ اُن کي واسطيدار ملڪي سربراهن جو راضپو حاصل ٿيو. اِهو هڪ ڪارنامو هو. پهريون ڀيرو ڏکڻ ايشيائي ملڪن جي ترقيءَ جو بنيادي نظام ترتيب ڏنو ويو هو، جنهن ۾ غربت ڪو ذيلي واقعو يا ضمني پئداوار ڪانہ هئي، پر سرگرميءَ جو مرڪزي نقطو هئي.

سوال: غربت ڪو حتمي اصطلاح ڪونهي، اسان کي غربت جي پنهنجي تصور بابت ٻڌايو؟

جواب: غربت کي مختلف طريقن سان ماپي سگهجي ٿو. اُن کي آمدنيءَ جي حوالي سان ماپي سگهجي ٿو. اُن کي ڪئلو ريز يا غذائيت جي حوالي سان ماپي سگهجي ٿو. هاڻي انساني ترقياتي ڪميشن غربت کي انساني ترقيءَ جي فهرست ۾ شامل ڪري ٿي. جنهن مان مراد آهي آمدني، تعليم ۽ غذائيت گڏيل طور. هڪ ٻيو طريقو آهي جنهن کي فاصلو سڏجي ٿو، يعني اوهان ماڻهن تائين خدمتون ڪٿا پهچائي سگهو، جنهن جي نتيجي ۾ اُهي غريب رهن ٿا.

غربت واري ڪميشن جا ٽي پيغام ۽ هڪ سفارش آهي. اسان اُن

کي هڪ مضبوط سياسي فيصلو بنائڻ چاهيون ٿا. پهريون پيغام اهو آهي ته اوهان ڏکڻ ايشيا ۾ غربت جي پلي ڪيئن به پئمائش ڪريو، غريبن جو ڳاڻيٽو تمام گهڻو آهي. ورلڊ ڊيولپمينٽ رپورٽ جي مطابق اهو 30_40 سيڪڙو آهي. پر اسان جو چوڻ آهي ته اهو قطعي طور تي 40 سيڪڙو آهي. هڪ ڪارڻ هي به آهي ته جنهن وقت پبلڪ ڪميشن ويٺي هئي ۽ جاڻ گڏ ڪئي ويئي ته پارت جيڪي انگ اکر پيش ڪيا تن مطابق پارت ۾ غربت گهٽجي 29 سيڪڙو ٿي ويئي هئي. پر هڪ سال اندر انهن نظرثاني ڪري اُن کي ٻيهر 39 سيڪڙو ٻڌايو. گهڻيون حڪومتون اهڙي دوکيبازي ڪنديون آهن، جيئن اِهو ظاهر ڪريْ سگهن ته اُهي ترقي ڪري رهيون آهن، جڏهن ته ائين ڪونه هوندو آهي. تنهن ڪري پهريون پيغام اِهو آهي ته غريبن جو ڳاڻيٽو تمام گهڻو آهي، جيڪو جمهوريت لاءِ خطرو آهي ۽ اِهو هڪ قابوءَ ۾ نه ايندڙ صورتحال ڏانهن وٺي وڃي رهيو آهي جو ته اِهو گهڻ پاسائتن بحرانن سان ڳنڍيل آهي.

ٻئي پيغام ۾ اسان چيو ته جهڙي ريت ترقي جي حڪمت عملي آهستي آهستي تيار ٿي آهي سا ناڪافي آهي ۽ پنج ڇهن سالن ۾ غريبن کي لاڀ ڪونه ملندو.

ٽيون پيغام هڪ نئون پيغام هو ۽ اُهو هي هو ته جتي غريبن کي مختلف پر حساس طريقي سان منظم ڪيو وڃي، اُتي سرمائيداري سرشتو به سولائي سان هلي ٿو. اسان جي آڏو ڪيترائي ڪامياب مثال هئا، پر انهن ۾ سيئي اين جي او پروگرامز ڪونه هئا. ڪڏهن اِهو حڪومت، ڪڏهن ڪوآپريٽو ۽ ڪڏهن بئنڪ ذريعي ٿيو. انهن مثالن کي آڏو رکندي اسان تجويز ڏني ته معيشت کي غير محدود ڪيو وڃي ۽ تنظيمي حوالي سان تبديليون آنديون وڃن، پر اهڙي ريت جو تبديلين جو بار غريبن تي نه پوي ۽ اسان انهن جي تعداد ۾ واڌارو نه ڪريون. ان وچ ۾ اوهان کي پي جنگه حاصل ڪري وٺڻي آهي. جيڪڏهن اوهان فقط غير محدود اقتصادي تنظيمي تبديليون ڪندا ۽ پوءِ محض ڪجهه حفاظتي ترڪيب، ٿوري گهڻي انساني ترقي ۽ چند

رٿائون ته اوهان منڊڪائيندا رهندا. ان ڪري اوهان کي ٻن تيز رفتار چنگهن تي هلڻو پوندو.

بدقسمتيءَ سان ڪميشن جو ڪم ختم ٿيڻ کان پوءِ اُن کي ختم ڪيو ويو. اسان کي رسمي طور تي ڇڙوڇڙ ته نه ڪيو ويو ۽ نه ئي موڪل ڏني ويئي پر ڪو ڪم بچيو ڪونه هو ڇو ته رپورٽ سندن حوالي ڪئي ويئي هئي. جيڪا منظور ٿي چڪي هئي ۽ ان کان پوءِ سارڪ جي باقاعده ڪم کي جاري رهڻو هو. پر هُن رپورٽ کي باقاعده سڏ سماءَ جي ذريعن تان پکيڙڻ جو ڪم نه ڪيو.

سوال: اوهان چيو ته آهستي آهستي ٿيندڙ اثر وقت وٺندا ۽ ٻيو اهو ته جيڪڏهن اسان غربت کي ختم ڪرڻ چاهيون ٿا ته اسان کي ٻنهي چنگهن تي هلڻو پوندو؟

جواب: وقت جون ٻه مختلف حدون آهن. ورلڊ بئنڪ اهو چئي رهي هئي ته اوهان پنهنجي معيشت کي وسيع ڪريو ۽ انتظامي ۽ ادارتي لحاظ کان تبديليون آڻيو. ان سان غريبن کي فائدو ٿيندو. اُها ڳالهه جنهن جو هو جواب نٿا ڏين، سا اِها آهي ته ڪڏهن؟ ان لاءِ وقت جي ڪا حد مقرر نه ڪئي ويئي هئي.

سوال: جيڪڏهن اهڙا ملڪ، جهڙو پاڪستان آهي ٻئي اهم پاسي يعني سماجي ۽ انساني ترقيءَ ڏانهن نه وڃن ۽ فقط پنهنجي معيشت کي وسعت ڏين ۽ گهڻ قومي ۽ ٻين ڪمپنين کي دعوت ڏيندا رهن ته اُهي سندن لاءِ ڪم ڪن ته ان حالت ۾ اوهان جي خيال ۾ ملڪ جو آئيندو ڇا ٿيندو؟

جواب: مستقبل اِهو ٿيندو ته ڪراچي هڪ پوڙهي ٿڪل عورت جي چانھ پارٽيءَ جو ڏيک ڏيندو. انهيءَ ڪري مان چوان ٿو ته هي هڪ فريم ورڪ آهي، جنهن کي پاڪستاني گهرجن مطابق بدلائڻ گهرجي. ٿي سگهي ٿو اوهان وٽ اُهي ڪروڙين بي گهر ۽ بُڪايل ماڻهو نه هجن، ڪراچيءَ جي ڪچين آبادين کان سواءِ. يا شايد ان ڪري ته پنجاب

آهي، هڪ سيفٽي والو آهي، جتان کان خوراڪ حاصل ٿي وڃي ٿي ۽ پوءِ هاڻي ته ننڍيون صنعتون به آهن، پيو ته پاڪستان ۾ ڪڏهن به اهو غير لچڪدار بيورو ڪريٽڪ دٻاءَ ڪونهي، ڇو ته اُتي اهڙي قسم جي انتظاميه نه هئي اوهان وٽ ڊگهي عرصي تائين نسبتا آزاد معيشت رهي آهي. اوهان بي شمار ننڍيون صنعتون پيدا ڪري ورتيون آهن. پين سرگرمين ۽ آزاد ماحول کي اُپايو ۽ نپايو آهي. جيڪڏهن اوهان اُن کي خبرداريءَ سان سنڀالي نه سگهيا ته پوءِ اوهان ڏسندا ته طبقي واريت ۾ واڌارو ٿيندو ويندو ۽ جيڪڏهن اوهان اُن کي هڪ پئي رخ کان ڏسو ته انگريزي پڙهيل هڪ واٽ تي هوندا ته اُردو خوانده پئي رستي تي. اوهان جي معيشت سدائين انگريزي پڙهيلن جو ساٿ ڏئي ٿي. اهائي طبقي بندي آهي ۽ اها تہ مُنهين بلا جي شڪل ۾ سامهون اچي سگهي ٿي ۽ پوءِ اوهان اُن کي سنڀالي نه سگهندا. اِهو طبقن جو مسئلو ٿي سگهي ٿو. ذات پات جو مسئلو ٿي سگهي ٿو. تنهن ڪري اوهان وٽ پئي جنگهون هئڻ گهرجن ۽ اوهان کي اُنهن کي هم آهنگ ڪرڻ گهرجي.

سوال: پاڪستاني اين جي اوز لاءِ اوهان ڪو پيغام ڏيڻ چاهيندا؟

جواب: فقط اِهو ته اوهان اُنهن کي متحد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهو ۽ ائين ئي ڪريو جيئن اسان رٿابندي ڪميشن ۾ ڪيو ۽ اُهو هي ته سوال اُٿاريو. جيڪي ڪجهه سکيو ويو آهي، اُن تي لاڳيتو غور ۽ ويچار ٿيندو رهڻ گهرجي. اوهان وٽ 45 سالن جي هڪ ترقياتي حڪمت عملي به رهي آهي، جيڪا گهٽي ياڳي آزاد معيشت تي ٻڌل هُئي. ڇا اُن غريبن کي فائدو ڏنو يا نه؟ پيو سوال جيڪو اوهان کي ڪرڻ گهرجي اُهو هي ته ڇا هتي ڪا متاثر ڪندڙ شيءِ آهي؟ ڇا سبز انقلاب غريبن کي فائدو ڏنو؟ ڇا مرڪزيت پسند ننڍي پئماني جي ننڍين ننڍين رٿائن مان غريبن کي فائدو ٿيو؟ يا ليبر مڪمل صلاحيتن سان موجود آهي؟ پوءِ پيو سوال پروگرام کي محدود ڪرڻ جو آهي. آغا خان رورل سپورٽ پروگرام سان ڇا ٿيو؟ اُهو ڇو هڪ جڳهه تي

ڪامياب ٿيو، جڏهن ته ٻين علائقن ۾ وڌڻ ويجهڻ ۾ ناڪام رهيو؟ اوهان جو ڳوناٽي امدادي پروگرام جو به تجربو آهي ۽ ٻوءِ شهري غربت جو ڇا ٿيندو؟ اُها ڪهڙي ريت گهڻ پاسائتن اختلافن سان ڳنڍجي ٿي؟ پاڪستان ۾ اوهان هن مسئلن لاءِ ڏوهه ڪنهن حد تائين هندستان کي ۽ ڪنهن حد تائين گروهي مسئلن کي ڏيو ٿا، پر اِهي اصل ۾ مختلف عوامل جو مجموعو آهن. تنهن ڪري جيستائين اوهان ڳالهه ٻولهه نه ڪندا ته ڪو جواب به حاصل نه ڪري سگهندا. تنهن ڪري اوهان کي اجان گهڻو ڪم ڪرڻو آهي. □

# تسنيم احمد صديقي

’سرڪار ۾ گهڻي گُنجائش هوندي آهي. هينئر اِها گُنجائش وڏن ماڻهن جي فائدي ۾ استعمال ٿي رهي آهي، عوام چاهي تہ حڪومت سان گڏجي گهڻو ڪجھ ڪري سگهي ٿو.‘



پارهن آڪٽوبر 1939ع تي، ميرٺ ۾ جنم وٺندڙ تسنيم احمد صديقي پاڪستان جي سول سروس سان، گذريل ٽن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصي کان لاڳاپيل رهيو آهي. هو سياسيات ۽ انگريزي ادب ۾ ايم اي ۽ ايل ايل بي کان سواءِ، سماجي شهرت ۽ ترقيات جي سياست ۾ ايم بي اي جي ڊگري به حاصل ڪري چڪو آهي. سرڪاري حيثيت ۾ حيدرآباد ترقياتي اداري جي ڊائريڪٽر جنرل کان علاوه سنڌ ڪچي آباديز اٿارٽي جي ڊائريڪٽر جنرل، وقف ملڪيت واري ٽرسٽ جي ڊائريڪٽر، لوڪل گورنمينٽ ۽ پبلڪ هيلٿ انجنيئرنگ کاتن جي سيڪريٽري، فشريز کاتي حڪومت سنڌ جي سيڪريٽري ۽ ڊپٽي ڪمشنر سکر توڙي ٻين ڪيترن ئي کاتن ۾ اهم ذميواريون سرانجام ڏيئي چڪو آهي. تسنيم صديقي 1995ع ۾ گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ سنڌس جڳ مشهور رهائشي اسڪيم "خُدا جي بستي" تي آرڪيٽيڪچر جو آغا خان ايوارڊ حاصل ڪيو. انڪريمينٽل ڊيولپمينٽ جي فلسفي تي ٻڌل هڪ غير سرڪاري تنظيم "سائبان" جو چيئرمين آهي. ملڪي ۽ پرڏيهي اخبارن ۽ رسالن ۾ بيوروڪريسي ۽ سماجي ترقيءَ تي ڪيترن ئي مضمونن ۽ مقالن جو ليکڪ آهي. هي انٽرويو آگسٽ 1997ع ۾ منصور رضا ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# تسنيم احمد صديقي

سوال: اوهان ڪچين آبادين نهڻ کي روڪڻ ۽ گهٽ آمدني وارن طبقن جي رهائشي گهرجن جي پورائي لاءِ ”انڪريمينٽل اسڪيم“ جي شروعات ڪئي آهي. اُن بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: پاڪستان ۾ اجهي جو مسئلو سرڪاري ۽ عوامي سطح تي وڏي اهميت اختيار ڪري ويو آهي. هڪ طرف ماڻهن کي گهٽ لاڳت وارا گهر ۽ پلاٽ نٿا ملن ۽ ٻئي طرف رهائش ۽ ترقيات سان لاڳاپيل ادارن ۾ موجود عملدارن ۽ رٿائون جوڙيندڙن جون اوليتون ٻه ڇتيون ڪونهن، مان سمجهان ٿو ته ان مسئلي تي سنجيدگيءَ سان ويچار ڪرڻ جڳائي. خوشقسمتيءَ سان مون کي آڪٽوبر 1985ع ۾ ان مسئلي کي پنهنجن خيالن موجب عمل ڪرڻ جو موقعو تڏهن مليو جڏهن مون حيدرآباد ترقياتيءَ اداري جي ڊائريڪٽر جنرل جو عهدو سنڀاليو.

حيدرآباد ۾ اُن مهل رهائشي مسئلي جا ٻہ پاسا هئا. پهريون ته جيڪي ترقياتي يا رهائشي رٿائون نهي رهيون هيون، تن ۾ رهائشي مسئلي کي مُنهن ڏيڻ جي ڏس ۾ واضح غير سنجيدگي نظر اچي رهي هئي. گهڻي ڀاڱي اسڪيمون رڳو ڪاغذن تي هيون يا زمين تي هيون ته خالي هيون. مان ان ڏس ۾ حيدرآباد ۾ 1982ع ۾ ٺهندڙ 70 هزار پلاٽن واري اسڪيم ”گلشن شهباز“ جو حوالو ڏيڻ چاهيندس، جنهن جا 10 هزار پلاٽ پڪن ذريعي ورهايا ويا ۽ ماڻهن وڏي تعداد ۾ پلاٽن

لاءِ رقم پڻ جمع ڪرائي، پر تعجب جي ڳالهه اِها هُئي ته ڪيئي سال گذرڻ جي باوجود اُتي ماڻهو آباد نه ٿيا. پاڻي، رستن وغيره جي بنيادي سهوليتن جي هوندي به ماڻهو اوڏانهن جو رخ نه ڪري رهيا هئا. جڏهن ته گلشن شهباز جتي ختم ٿي رهيو هو، اُن کان اڳتي ڪچيون آباديون شروع ٿي ويون هيون، جن جي پکڙڻ جو سلسلو تيزيءَ سان وڌي رهيو هو. منهنجي لاءِ اِها ڳالهه سمجهه ۾ نه ايندڙ هئي ته ماڻهو گلشن شهباز جي قانوني ۽ سرڪاري اسڪيم ۾ رهڻ بدران اُن کان اڳتي وڃي غير قانوني طور تي دلالن وسيلي زمين خريد ڪري رهڻ کي ترجيح ڏيئي رهيا هُئا. مون ان معاملي جي جاچ جوچ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ۽ هڪ تفصيلي سروي ڪئي ته ڪجهه دلچسپ ۽ اچرج جوڳا انڪشاف ٿيا، جن سان ڪچين آبادين ۾ رهندڙ ماڻهن جي نفسيات ۽ گهرجن جي ڄاڻ پيئي.

اسان جا پلانر ۽ ترقياتي ماهر سماج جي سمورن طبقن کي ساڳي سوچ جي لٺ سان هڪلڻ جا عادي آهن، جنهن جو نتيجو اسان کي گلشن شهباز ۾ نظر آيو ته ماڻهو اُتي رهڻ کان پاسو ڪري رهيا هئا. اصل ۾ ڪچين آبادين ۾ رهندڙ ماڻهن جون ڪجهه گهرجون هونديون آهن. سڀ کان پهرين ڳالهه اها آهي ته اُهي ڪم واري هنڌ جي ويجهو رهڻ چاهيندا آهن. وٽن ڊگهن فاصلن تي اچ وڃ لاءِ وقت ۽ پئسو نٿو هجي. تنهن ڪري اُهي پنهنجي ڪم واري هنڌ جي ڀرسان ئي گهر ٺاهيندا آهن. انهيءَ ڪري صنعتي علائقن ۽ ريلوي لائن لڳ ڪچيون آباديون وڌيڪ تيزيءَ سان ٺهن ٿيون. سندن قوت خريد گهٽ هوندي آهي اُهي زمين ياگهر لاءِ هيڪاندي رقم ڏيئي نٿا سگهن. اُهي پئسا ڏيڻ بعد سالن جا سال انتظار نٿا ڪري سگهن. ڪين ترت قبضي ۽ رهائش جي گهرج هوندي آهي. اِهي گهڻو ڪري اڻ پڙهيل يا گهٽ پڙهيل هوندا آهن، تنهن ڪري سرخ فيتي کان گهٻرائين ٿا. فارم ڀرڻ، بئنڪن جا چڪر ڪاٽڻ، تصديق ڪرائڻ، ٺپا لڳرائڻ سندن وس جي ڳالهه نه هوندي آهي. اِهي آڏيون ۽ چاڙهيون وارا ماڻهو هوندا آهن. سندن لاءِ آفيسن جا چڪر ڪاٽڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. ڇو ته جيڪڏهن ڪم نه ڪندا ته اٽو ڪٿان آڻيندا. پر اجهي جي گهرج

بهرحال ٿـئي ٿي. تنهن ڪري انهن گهرجن ۽ تقاضائن کي نظر ۾ رکندي ڪجھ اهڙا ٽولا پئدا ٿـي پيا آهن، جيڪي سندن پـولي، سوچ ۽ گهرجن پٽاندر سهوليتون ڏين ٿا ۽ گهٽ قيمت ۾ گهرج آهر اجهو مهيا ڪن ٿا. اهڙا ٽولا پاڪستان جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود آهن. ڪٿي اُهي لينڊ مافيا، ڪٿي بروڪر ۽ ڪٿي دلال سڏجن ٿا. ان ٽـولي عوام جي طلب کي محسوس ڪيو ته اُن جي پورائي جو رستو به ڳولي لڌو ۽ ڪم کي جُنبي ويو آهي.

اهڙا ٽـولا عام طور تي سرڪاري زمين تي قبضا ڪندا آهن ۽ پوءِ ڪچيون آباديون ٺاهيندا آهن. اِها لينڊ مافيا سرڪاري آفيسرن، هيٺيئن اسٽاف ۽ مقامي سياستدانن جي سهڪار سان سرڪاري زمين تي قبضو ڪندي آهي ۽ پوءِ گهرجن پٽاندر اُن جي ورهاست ۽ وڪرو ڪندي آهي. جهڙوڪ حڪومت هڪ رهائشي اسڪيم ۾ گهٽ خرچ گهر ٺاهيندي آهي، جنهن جي ايراضي 500 چورس فوٽ آهي. ته اُن آباديءَ ۾ هر هڪ گهر 500 چورس فوٽـن جو هوندو پـلي خريدار جو ڪٽـنب ڪيڏو ئي وڏو يا ننڍو ڇـو نه هجي. لينڊ مافياءَ جي ڪم جو طريقو مختلف آهي. جيڪڏهن اوهان جو ڪـٽـنب وڏو آهي، اوهان پنهنجي گهر ۾ مينهن به پالڻ چاهيو ٿا ته اوهان هڪ هزار والن جو پلاٽ وٺـو، جيڪڏهن اوهان جي پاڙيسري کي 50 والن جي گهرج آهي ته اُهو 50 والن تي پنهنجو گهر ٺاهي وٺـندو. اوهان جي گهرج به پوري ٿـي ويندي ته پاڙيسري جي به. ٻـئي پاسي اُهي آباديءَ جي گهرج ۽ طلب مطابق بنيادي سهوليتن جو معيار گهٽائي يا وڌائي ڇڏيندا آهن. اُهي رستا برابر ڪري ڇڏيندا آهن، پڪو رستو نه ٺاهيندا آهن. پاڻيءَ لاءِ ڪٿي واٽر ٽينڪ ته ڪٿي نلڪا لڳائيندا آهن. گهر گهر ۾ پاڻيءَ جو ڪنيڪشن نه ڏيندا آهن. ان ڪري لاڳت گهٽ ۽ پلاٽ سستا ٿـي ويندا آهن جيڪا خريدارن جي پهرين ترجيح هوندي آهي.

لينڊ مافيا هڪدم قبضو ڏيندي آهي ۽ قبضي لاءِ ڪنهن به قسم جي ڪاغذي ڪارروائي جي ضرورت نه هوندي آهي، تنهن ڪري ماڻهو جنجال کان بچي ويندا آهن ۽ خوشيءَ سان پئسا ڏيئي زمين يا گهر جا

مالڪ بڻجي ويندا آهن. ليند مافيا پنهنجن خريدارن سان ويجهڙائي قائم ڪندي آهي. جڏهن ته حڪومت اخبارن ۾ اشتهار ڏيندي آهي ماڻهو اچي فارم جمع ڪرائيندا آهن ۽ ڪنهن کي ڪنهن جي ڄاڻ نه هوندي آهي. جنهن ڪري سرڪاري زمين جا گهڻا پلاٽ سيڙپڪارن جي قبضي ۾ هليا ويندا آهن ۽ حقدار محروم رهجي ويندا آهن. ليند مافيا وٽ ماڻهو پاڻ هلي ويندا آهن ۽ پنهنجي مسئلي جو ترت نبيرو ڳولي وٺندا آهن.

عوام جي انهن گهرجن کي نظر ۾ رکندي اسان گلشن شهباز جي هڪ سيڪٽر ۾ 100 ايڪڙن جو هڪ ٽُڪرو چونڊيو، جتي اسان تجرباتي بنيادن تي رهائشي اسڪيم شروع ڪري سگهياسين ٿي. هتي ماڻهن کي آباد ڪرڻ لاءِ اسان اخبارن ۾ ڪوبه اشتهار نه ڏنو. اسان چاهيو ٿي ته ماڻهو پاڻ اسان ڏانهن اچن. اسان رهائش لاءِ ڊگهي ڪاغذي ڪارروائي کي ننڍو ڪندي فقط سڃاڻپ ڪارڊ جو شرط وڌو. ڪجهه ئي ڏينهن اندر اسان وٽ پنجاهه سٺ ماڻهن جو هڪ گروپ اچي ويو. هنن اسان جي اسڪيم تي جهوپڙيون ناهي ورتيون. هنن چيو ته صاحب اسان ته پلاٽ وٺڻ آيا آهيون. سامان اسان سان گڏ آهي، اسان موٽي نه ويندا سين. انهن ماڻهن جي اچڻ مان اسان اهو نتيجو ڪڍيو ته جيڪڏهن اسان پنهنجي اسڪيم ۾ هڪ رسيپشن ايريا ناهي ڇڏيون ته جتي ايندڙ ماڻهو لاءِ پنج ڏهه ڏينهن رهڻ لازمي هُجي ته اهڙي طرح اسان سيڙپڪارن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري فقط سنجيده ۽ ضرورتمند ماڻهن کي پلاٽ وڪرو ڪري سگهنداسين. رسيپشن ايريا ۾ اسان ٻن ڪمرن سان گڏ رڌڻو ۽ باٿ روم به ناهيو ۽ ان تجربي جا لياڻتا نتيجا نڪتا.

سوال: اوهان ضرورتمندن جي ڳولا يعني تارگيٽنگ ڪيئن ڪئي؟
جواب: اسان ڪچين آبادين ۾ ماڻهن کي ٻڌايو ته جيڪڏهن اوهان جو ڪٽنب وڏو ٿي ويو آهي يا اوهان کي وڏيڪ جاءِ جي گهرج آهي ته اسان هڪ نئين اسڪيم شروع ڪري رهيا آهيون، جتي اوهان هڪدم رهي سگهو ٿا، ان مائوٿ پبلسٽي جو سٺو اثر ٿيو ۽ پهرين گلشن

شهباز جي پسگردائي جي ڪچي آبادين پوءِ لطيف آباد ۽ ان ڪان پوءِ آسپاس جي ضلعن ايستائين جو ميرپورخاص ۽ سانگهڙ وغيره مان به ماڻهو اچڻ لڳا. لاڳت گهٽ رکڻ لاءِ اسان روايتي ڪچين آبادين وانگر واٽر ٽئنڪون ناهي ڇڏيون. بئي ڏاڪي ۾ پمپ لڳايا ۽ پوءِ اسان جو ارادو هو ته جڏهن آبادي ايجان به وڌي ته گهر گهر ۾ پاڻيءَ جو ڪنيڪشن ڏيئي ڇڏبو. زمين جي ادائيگي لاءِ اسان اڳهه ته سرڪاري رکيا، پر قسطون وڌائي ڇڏيو ۽ چيو ته جيئن جيئن سهوليتون ايندڀون وڃن اوهان پئسا ڏيندا وڃو. اهڙي ريت رقم جو دٻاءُ به برداشت جوڳو ٿي ويو. ڪاغذي ڪارروائي جي ناليِ تي اسان هر فيملي جو هڪ ڪارڊ ناهيو، جنهن ۾ سندس ادا ڪيل رقم لکي ويندي هئي. اهڙي ريت ڊگهين ڪارروايِن، قسم نامن يا تصديق ڪان ماڻهو بچي پيا. صورتمندن لاءِ پندرهن ڏينهن رسيپشن ايريا ۾ رهڻ ضروري هو. اسان ان اسڪيم جو نالو ”انڪريمينٽل اسڪيم“ رکيو ڇو ته سهوليتون آهستي آهستي ايندڀون ته آهستي آهستي گهر ٺهندو.

سوال: ان غير روايتي طريقي سببان اوهان کي ڪهڙيون مشڪلاتون آڏو آيون؟

جواب: هر ڪچي آباديءَ جي ٺهڻ ۾ لينڊ مافيا سان گڏوگڏ سرڪاري ادارا ۽ اهلڪار به شامل هوندا آهن. جڏهن انهن سيني ڏٺو ته سندن گراهڪ گهٽجي رهيا آهن ته هنن واويلا شروع ڪري ڏني. ڪجهه ماڻهو وڏي وزير تائين پهچي ويا ته غلط طريقي سان ڪم ٿي رهيو آهي. اسان کي بورڊ آف ريونيو جي عملدارن به ڏاڍا ڏڙڪا ۽ ڌمڪيون ڏنيون. زمين جي ماپ جي ڏس ۾ گهڻا مسئلا اُٿاريا ويا. اسٽاف کي ڌمڪيون ڏنيون ويون ته اوهان جي ٻارن کي اغوا ڪيو ويندو. اسان جي جيپ کسي ويئي. بئي پاسي اسٽاف کي به هنن طريقن جي ڄاڻ نه هئي. ڪين مُنڍ ۾ ڏاڍا مونجهارا ٿيا. ڪجهه ماڻهن جن کي بنيادي سهوليتن مهيا ڪرڻ جا ٺيڪا ملندا هئا ۽ اُهي اُنهن مان ڪميشنون ڪائيندا هئا سي اسان جي اسڪيم ڪان ڏاڍا مايوس ٿيا ۽ هنن اسان تي مختلف الزام مڙهيا

تہ اسان هتي بھارين کي آباد ڪري رهيا آهيون يا اِها ڪنهن قسم جي سازش آهي. بهرحال اسان هنن سمورين ڳالهين جو ڀرپور مقابلو ڪيو. لينڊ مافيا اسان خلاف وڏي پروپيگنڊا ڪئي اسان اُن پروپيگنڊا کي اين جي اوز جي شموليت ۽ ڪُجھ اضافي سهوليتون ڏيئي بي اثر ڪري ڇڏيو.

سوال: غير سرڪاري تنظيمن کان اوهان ڪيئن سهڪار حاصل ڪيو؟
جواب: آباد ٿيل ماڻهن لاءِ اسان هلال احمر جي موبائل وئن جو بندوبست ڪيو، جيئن اُها هفتي ۾ ٻہ ڀيرا اچي. ڪجھ رپيا وٺي، ننڍين ننڍين بيمارين جو علاج ڪري. اسان گهرن ۾ اسڪول کي همٿايو تہ جلد 16 هوم اسڪول قائم ٿي ويا. ڪٽنبي رٿابندي لاءِ اسان فيملي پلاننگ ائسوسيئشن کي پاڻ سان ملايو. فرسٽ ويمن بئنڪ ۽ يو بي ايل جي ساٿ سان ماڻهن کي ننڍا قرض ڏياريا. اچ وڃ لاءِ پهرين سرڪاري بسون هلارايون، پر ڏکيائين سبب خانگي شعبي کي روٽ پرمٽ ڏياريا ۽ عوام جي سفر جي ڏکيائين جو تدارڪ ڪيو. انهن ڪمن کي ڏسي سرڪاري مشينري بہ سرگرم ٿي ويئي ۽ هاڻي اُتي بنيادي صحت مرڪز، بئنڪ، ٽپال گهر، ٿاڻو ۽ سيڪنڊري اسڪول وغيره تعمير ٿي چڪا آهن.

سوال: اوهان جي ڪاميابي ٽيم ورڪ جو نتيجو آهي يا ذاتي اثر رسوخ جو؟
جواب: ٻئي ڳالهيون آهن. اصل ڳالھ خلوص ۽ نيت جي آهي. توهان ڪنهن مقصد حاصل ڪرڻ ۾ جيترا سچا آهيو، اُن جو نتيجو تهڙو ئي نڪرندو. اسان غريبن لاءِ گهڻو ڪجھ ڪري سگهون ٿا، فقط سنجيدگي ۽ همدرديءَ جي ضرورت آهي.

سوال: اوهان جي ڪاميابيءَ مان اسان اهو نتيجو ڪڍي سگهون ٿا تہ سرڪاري ادارن ۾ اهڙا ڀلا ماڻهو موجود آهن، جيڪي چاهين تہ اڻ ٽيڙو ڪم بہ ٿي سگهي ٿو؟

جواب: جي ها.

سوال: ڇا اسان اِهو نتيجو سمورن سرڪاري ادارن تي لاڳو ڪري سگهون ٿا يا ڪجھ اِدارن تائين اهو محدود هوندو؟
جواب: جيڪي ادارا سماجي خدمتن سان لاڳاپيل آهن اُنهن تي ته اِهو نتيجو سؤ سيڪڙو لاڳو ٿي سگهي ٿو. اسان حڪومت کي بيٺل، محدود ۽ هڪ هنڌ تي ڄميل تصور ڪري رکيو آهي. حڪومت ۾ وڏي گنجائش هوندي آهي. پر اِها گنجائش هينئر وڏن ماڻهن لاءِ استعمال ٿي رهي آهي. جيڪڏهن عوام چاهي ته حڪومت سان گڏجي گهڻو ڪجھ ڪري سگهي ٿو.

سوال: اوهان جي ڏنل بنيادي سهوليتن جو معيار سرڪاري اسڪيمن جي برابر آهي؟
جواب: ڪجھ هنڌن تي ته انهن کان به بهتر آهي. جهڙوڪ صفائي، ستُرائي، رسائي وغيره. ڇو ته اسان جيڪڏهن اِهي سيئي مهيا ڪريون ها ته اُتي غريبن بدران آمدنيءَ جي مٿئين طبقي سان واسطو رکندڙ گروھ اچي وڃي ها ۽ اهڙي ريت اسڪيم جو مقصد ئي ختم ٿي وڃي ها. اسان اُتي واٽر سپلاءِ ۽ ڊرئنيج جو بهترين نظام ٺاهيو آهي. ٿي سگهي ٿو ته رستا ڊهي پيا هجن ۽ گند ڪچرو گڏ ٿيل هجي، پر اهي سيئي شيون آهستي آهستي بهتر ٿي وينديون.

سوال: اوهان جي اسڪيم جو رهائشي شعبي تي ڪهڙو اثر ٿيو؟
جواب: رهائشي شعبو ٽن حصن تي ٻڌل هوندو آهي يعني سرڪاري، خانگي، شراڪتي يا ڪوآپريٽو. سرڪاري شعبي ته مُنڍ ۾ اسان کان ڪن ٽار ڪئي بلڪ ڪڏهن ته سخت تنقيد پڻ ٿي. پر هاڻ اهو به اسان جا فائدا ميڄڻ لڳو آهي، ۽ گهاري ۾ بورڊ آف ريونيو جي سهڪار سان اسان اسڪيم شروع ڪئي آهي، ملير ڊيولپمنٽ اٿارٽي سان گڏ تائيسر ٽائون ۾ ڪم ڪري رهيا آهيون. پنجاب جي وڏي وزير ان ڏس

۾ مون کي گهرايو هو، هو ٻه غريبن لاءِ هائوسنگ اسڪيمون شروع ڪرڻ ۾ دلچسپي وٺي رهيو آهي. خانگي شعبي ۾ اهو اثر ٿيو آهي ته هاڻي اُهي ڊائون پئمنٽ گهٽ وٺي رهيا آهن ۽ قسطن جي وچوٽيءَ کي پڻ وڌايو ويو آهي، جيئن ماڻهن تي گهٽ بار پوي. پر ماڻهو اُنهن بابت شڪ شُبهن ۾ آهن ته اُهي ڏهن يا پندرهن سالن بعد قبضا ڏيندا به يا نه. حڪومت کي اُن طرف ڌيان ڏيڻ گهرجي.

سوال: اوهان هڪ اين جي او "سائبان" به ٺاهي آهي، اُن بابت ڪجھ ٻڌايو؟
جواب: عالمي بئنڪ جو هڪ پروگرام انتظامي سڌارن بابت آهي، جنهن هيٺ اُهي مختلف ادارن ۾ سڌارا ڪرڻ چاهين ٿا. هنن اسان جي رٿا تي تحقيق ڪئي ته اُهو ڪين گهٽ آمدني وارن طبقن لاءِ بهترين لڳو. سندن هڪ ٽيم ان رٿا کي پنهنجي ليکي پرکڻ چاهيو ٿي، جيئن نتيجن جي چڪاس بعد حڪومت سان اُن جي سفارش ڪري سگهجي. گڏاري ۾ عالمي بئنڪ، بورڊ آف ريونيو ۽ سائبان جي سهاري اسان هڪ ننڍڙي رٿا ساڳين بنيادن تي شروع ڪئي، جيڪا ڪاميابيءَ سان هلي رهي آهي. اسان ان رٿا ۾ سيلف فنانس جو اصول طئي ڪيو هو ته ماڻهو جيڪي پئسا ڏين ٿا، تن جان ئي ترقياتي ڪم ٿين ٿا. عالمي بئنڪ اُن کي ميچي ورتو آهي. ٻئي پاسي آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته رهائشي شعبي ۾ سرڪاري عمل دخل ختم ڪيو وڃي، چو ته سرڪاري ادارا مثال جي طور تي ڪي ڊي اي رعايتي اگهن تي بورڊ آف ريونيو کان زمين وٺي ٿي ۽ ترقياتي ڪم ڪرائڻ بعد اُن کي مختلف آمدني وارن گروپن کي وڪڻي ڇڏي ٿي. جنهن سان گهٽ آمدني وارو طبقو پوئتي رهي وڃي ٿو. آءِ ايم ايف جو چوڻ آهي ته بورڊ آف ريونيو مارڪيٽ ريٽ تي ڪي ڊي اي کي زمين ڏئي. جنهن کان علاوه ڪو به چاهي ته انهن اگهن تي زمين خريد ڪري سگهي ٿو. ان ريت مقابلو جنم وٺندو. اسان سائبان جي پليٽفارم تان خالي پيل رهائشي اسڪيمن ۽ زمين جي استعمال ۽ ترت قبضي جو خيال پيش ڪري رهيا آهيون، جيئن ڪچين آبادين جي ٺهڻ جو عمل بيهاري سگهجي ۽ گهٽ آمدني واري طبقي جون رهائشي گهرجون پوريون ڪري سگهجن.

سوال: ڇا اوهان جي انڪريمينٽل اسڪيم هر قسم جي حالتن لاءِ ڪارائتي آهي؟

جواب: جي ها. شرط فقط سياسي سنجيدگي ۽ خلوص جو آهي. ڪراچيءَ ۾ سال اندر 1000 ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو ويجي ٿو، جنهن جو مطلب آهي اٽڪل 30,000 پلاٽ. جيڪڏهن زمين جي ايڏي وڏي طلب موجود آهي، ته اُن ڪي عوام جي سهوليت موجب پورو ڇو نٿو ڪيو وڃي. سولو طريقو اِهو آهي ته ڪا تنظيم جوڙي وڃي، جيڪو خالي زمين تي آفيس قائم ڪري، اُتي ماڻهن کي گهرائي، وسائي ۽ سندن آباد ٿيڻ جي عمل تي نظر رکي ۽ وصوليون ڪندي رهي. بجلي، پاڻي، رستا ۽ ٽرانسپورٽ سيئي اچي وجن ٿا. اهڙيون وسنديون آباد ڪرڻ جي ذميداري ڪي ڊي اي، ايچ ڊي اي، ڳوٺ آباد ڪاتي ۽ بورڊ آف ريونيو جي آهي.

سوال: رهائشي مسئلي جي نبيري ۾ اين جي اوز ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: اِها ڳالهه ته طئي آهي ته اين جي اوز رهائشي مسئلي جو نبيرو پوري طرح پنهنجن ذريعن سان نٿيون ڪري سگهن. وٽن ذريعا ۽ وسيلا ڪونه هوندا آهن. البت اُهي سرڪاري ادارن جي مدد ضرور ڪري سگهن ٿيون. مثال جي طور تي اسان جي تنظيم سائبان جو ڪم پيش ڪري سگهجي ٿو. اين جي اوز، حڪومت جو متبادل ڪونهن، پر گڏيل شراڪت سان اڇرج جوڳا نتيجا حاصل ڪري سگهجن ٿا. جهڙوڪ ”خدا جي بستي“ مان اسان اِهو آزمودو حاصل ڪيو ته ماڻهن کي سڌي ريت قرض نه ڏنا وڃن، ڇو ته اُهي سرڪاري مال سمجهي ڦٻائي ڇڏين ٿا. اُن بدران ڪنهن اين جي او کي اڳتي آندو وڃي ۽ اُن وسيلي اهو ڪم ڪيو وڃي ته ماڻهو رقم موٽائي ڏين ٿا. طريقہ ڪار جيڪڏهن شروع ۾ ئي سنو هُجي ته ماڻهن جو رد عمل بہ مثبت ٿئي ٿو. تنهن ڪري چڱي اثر لاءِ سُٺي ساک رکندڙ غير سرڪاري تنظيمن کي پاڻ ساڻ گڏ کڻڻ گهرجي. □

# جسٽس دوراب پٽيل

’پاڪستان جو سڀ کان وڏو مسئلو ئي سياسي شعور جي کوٽ آهي ۽ فقط اين جي اوز ئي پنهنجين سرگرمين ذريعي ان مسئلي جو حل ڳولي سگهن ٿيون. ‘



جسٽس دوراب پٽيل 1924ع ۾ ڪوئيٽا ۾ ڄائو. هُن بمبئي يونيورسٽيءَ مان ايل ايل بي ۽ ايم اي ڪئي ۽ لنڊن اسڪول آف ايڪانامڪس مان بي ايس سي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1967ع تائين هو وڪيل جي حيثيت ۾ قانون جي پريڪٽس ڪندو رهيو. هاءِ ڪورٽ ۽ بعد ۾ سپريم ڪوٽ آف پاڪستان جي جج جي حيثيت ۾ هن پنهنجي پيشي ۾ نمايان ۽ هر حالت ۾ انصاف ڪي مٿيرو رڪنڊز جج واري شهرت حاصل ڪئي. بلوچستان يونورسٽيءَ جي قائم ٿيڻ مهل هو اُن جو پهريون وائيس چانسلر (1970ع کان 1972ع) مقرر ٿيو. 1976ع ۾ ڪيس سپريم ڪورٽ جو جج مقرر ڪيو ويو. مارچ 1981ع ۾ هُن اصولي اختلافن جي ڪري پنهنجي عهدي تان استعيفا ڏيئي ڇڏي. جسٽس دوراب پٽيل هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جو باني ميمبر ۽ چيئرمن هو. ان کان سواءِ هو ڪيترن ئي ادارن سان به لاڳاپيل هو، جن ۾ ايشين هيومن رائٽس ڪميشن (ميمبر 91_1984ع) انٽرنيشنل ڪميشن آف جيورسٽس (1987ع کان ميمبر) شامل آهن. هو 1993ع کان هيومن رائٽس ڪميشن آف پاڪستان جو چيئرمين ايريٽس هو. جسٽس دوراب پٽيل مارچ 1997ع ۾ لاڏاڻو ڪري ويو.

جسٽس دوراب پٽيل جو هي انٽرويو نومبر 1994ع ۾ حارث خليق ورتو هو.

# جسٽس دوراب پٽيل

سوال: پاڪستان ۾ انساني حقن جي صورتحال ۾ اڳ جي ڀيٽ ۾ ڇا ڪا ذڪر جوڳي تبديلي آئي آهي؟
جواب: انساني حقن جي مجموعي صورتحال چڱي سڌري آهي، ۽ اُن جو سڀ ڪان وڏو اظهار صحافت جي آزاديءَ جي شڪل ۾ ٿيو آهي. اهو صحيح آهي ته اخبارون گهڻا ڀيرا غيرذميواريءَ واري انداز ۾ خبرون ۽ مضمون شايع ڪن ٿيون ۽ الزام به مڙهين ٿيون، پر آزاديءَ جو اِهو مُلهه ته اوهان کي ادا ڪرڻو پوندو. جيڪڏهن اخبارون هر خبر جي تصديق ڪرڻ ۽ ثبوت مهيا ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ته اُهي اخبارون ڪونه رهنديون. اخبارن جا ايڊيٽر تاريخدان ڪونه هوندا آهن. تاريخ جي وسيع پس منظر ۾ ڏسجي ته اصل ذميداري ۽ اهميت تاريخدانن ۽ اديبن جي هوندي آهي اخبار نويسن جي نه.

سوال: اسان انساني حقن جي بچاءَ کي به سماجي ۽ اقتصادي ترقيءَ جو هڪ جزو ليکيون ٿا. اوهان جي خيال ۾ انساني حقن جي شعبي ۾ ۽ اقتصادي ترقيءَ جي سلسلي ۾ اين جي اوز جو ڇا ڪردار هجڻ گهرجي؟
جواب: ملڪ ۾ سمورن قسمن جي حقن جي بحالي ۽ حالتن ۾ جوڳي تبديلي آڻڻ لاءِ اين جي اوز کي بنيادي ۽ اهم ترين ڪردار ادا ڪرڻو آهي. پاڪستان جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ئي سياسي شعور جي اڻهوند آهي ۽ فقط اين جي اوز ئي پنهنجين سرگرمين سان ان مسئلي جو حل ڳولي

سگهن ٿيون. سياسي پارٽيون ته ڪڏهن به انساني حقن جو شعور ڏيڻ ۾ سنجيده نه ٿينديون. اها ذميداري اين جي اوز ڪي ئي نڀائڻي آهي. پنهنجي حقن جي ڄاڻ ۽ اُنهن جي حفاظت، سياسي، سماجي ۽ مذهبي آزاديون، انهن سڀني ڪي اين جي اوز جي ڪوشش ۽ لاڳيتي جاکوڙ کان سواءِ حاصل نٿو ڪري سگهجي.

جيستائين اقتصادي ترقيءَ ۾ اين جي اوز جي ڪردار جو تعلق آهي ته وڏي پئماني تي ترقياتي رٿائن لاءِ جيڪي جنادار به هُجن، وڏي سرمائي جي گهرج ٿيندي آهي ۽ اِهو اين جي اوز لاءِ سولو ڪم ڪونهي. البت ماحوليات يا اهڙن ٻين شعبن ۾ اين جي اوز ڀرپور طريقي سان پنهنجي توانائي خرچ ڪري سگهن ٿيون ۽ دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ ائين ئي ٿيو آهي.

معاملو چاهي انساني حقن جو هجي يا سماجي اقتصادي ترقيءَ جو، اين جي اوز لاءِ جيڪو ڪردارپڌرو ٿي سامهون آيو آهي اُهو تعليم ڏيڻ جو آهي ۽ پوئواريءَ جو آهي. هڪ مسئلو اِهو به آهي ته ڳوٺن ۽ ٻهراڙين ۾ ڪيئن ڪم ڪجي وڏن توڙي ننڍين شهرن ۾ ماڻهن ڪي چرپر ۾ آڻڻ وڏيڪ سولو آهي. جڏهن ته وڏين اين جي اوزجي پُهچ ملڪ جي ڳوٺن تائين نٿي ٿئي. تنهن ڪري ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته آزاد غير سرڪاري ريڊيو ۽ ٽي وي اسٽيشن هُئڻ گهرجي، جن ذريعي اين جي اوز مُلڪ جي ڏورانهن علائقن جي ماڻهن تائين پنهنجي ڳالهه پُهچائي سگهن. فلپائن ۾ مارڪوس جي آمريت جي خاتمي ۾ خانگي ريڊيو اسٽيشن جو وڏو ۽ فيصلائتو ڪردار رهيو.

سوال: اسان جي مُلڪ ۾ فرقيواريت ۽ نسلي مسئلن جي خاتمي ۽ نبيري لاءِ اين جي اوز ڇا ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: فرقيوار ۽ مذهبي مسئلن جو نبيرو مختصر عرصي ۾ ٿيندو نظر نٿو اچي اُن جو ڪارڻ غير رواداريءَ جي واڌ ويجهه آهي ۽ هڪ ٻئي لاءِ عزت ۽ احترام جي کوٽ آهي. ٿئي ائين ٿو ته جڏهن ماڻهو پيا عقيدا رکندڙ ۽ ٻين مذهبن جو احترام ڪرڻ ڇڏي ڏين ٿا ۽ اِهو رويو

وڏندي وڏندي سندن پنهنجي مذهب ۾ بہ فرقيواريت جي واڌ جو ڪارڻ بڻجي ٿـو. هاڻي اِهو ئي ڏسو تہ آئين جي شق 295 اي جي هوندي 295 سي کي شامل ڪرڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي. ان سان غير رواداري ۽ هٺ پـئي کي سهي نہ سگهڻ واري لاڙي کي تقويت ملي.

سوال: عوامي سطح تي ٿـيندڙ سرگرمين ۽ غير سرڪاري تنظيمن جي ڪم بابت اوهان ڪهڙي راءِ رکو ٿا؟
جواب: منهنجو خيال آهي تہ عورتن جي تعليم اسان جي بنيادي گهرج آهي، ان ڏس ۾ جيڪي ڪجھ بہ ٿي رهيو آهي، اهو گهڻو اُميد افزا آهي.

سوال: وڏين اين جي اوز تي ويجهڙائي ۾ ڪافي تنقيد ڪئي ويئي آهي تہ سندن ڪارندا وڏيون پگهارون کڻي رهيا آهن ۽ ڏاڍي عيش واري زندگي گذاري رهيا آهن. اِهو بہ چيو پيو وڃي تہ ترقياتي رٿائن ۽ ٻين عملي قدمن تي گهٽ رقم خرچ ڪئي پئي وڃي ۽ غير ضروري خرچن جو تناسب وڌيڪ آهي. اوهان جو ان ڏس ۾ ڇا رايو آهي؟
جواب: مان ذاتي طور تي ڪنهن بہ اهڙي ملڪي اين جي اوجي ڄاڻ نٿو رکان جتي غير ضروري طور تي وڏيون پگهارون ۽ سهوليتون ڏنيون وڃن ٿيون. اوهان کي اِهو ذهن ۾ رکڻو پوندو تہ گهڻ قومي ڪمپنين ۽ واپاري ۽ ماليتي ادارن سندن ملازمن لاءِ ڪهڙيون سهوليتون ۽ اجورا رکيا آهن. زندگيءَ جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ اوهان کي ڪجھ تہ ڏيڻو پوندو. جيڪڏهن ڪنهن اخبار جو ايڊيٽر سموري حياتيءَ جي پورهئي ۽ تجربي کان پوءِ ماهوار 25 هزار رُپيا پگهار تي ڪم ڪري رهيو آهي تہ آخر ڪنهن اين جي او ۾ اُهو 10 هزار رپين تي ڇو ڪم ڪندو، جڏهن تہ اين جي او ۾ بہ ڪيس، فل ٽائم پيشورانہ انداز ۾ ڪم ڪرڻو آهي. منهنجي خيال ۾ اِهو ڪو مسئلو ئي ڪونهي، جنهن کي اُٿاريو پيو وڃي. ڇا ڪڏهن ڪا باقاعده پيٽ ڪئي ويئي آهي تہ قابل ۽ باصلاحيت ماڻهن کي جيڪي اين جي اوز سان لاڳاپيل آهن، خانگي شعبي ۾ ڪهڙيون سهوليتون ملي سگهن

ٿيون. منهنجي ڄاڻ ۾ اهڙو ڪو به جائزو ڪونهي. پوءِ جيڪڏهن اسان اُهي فائدا ۽ سهوليتون نٿا ڏيئي سگهون ته ڪنهن کي سندس جذبي جي سيڪٽ ته نه ڏيون. جيڪڏهن ڪجهه اين جي اوز فنڊن جو غلط استعمال ڪري رهيون آهن ته اُن جو اِهو مطلب ته ڪونهي ته سڀني کي ساڳي قطار ۾ بيهاري ڇڏجي. سرڪاري کاتن ۽ ادارن ۾ ته سالن کان ئي مالي بدعنوانيون ۽ بيقاعدگيون ٿي رهيون آهن. حڪومت کان اِها گهر ته نٿي ڪئي وڃي ته اُنهن کي بند ڪري ڇڏجي. اِهو مسئلي جو حل ڪونهي. ڪنهن تنظيم يا اداري کي ختم ڪرڻ يا ڪنهن سرگرمي تي بندش مڙهڻ وارو قدم لاڀائتو ڪونه ٿيندو. البت ايئن ٿيڻ گهرجي ته اُنهن کي بهتر ۽ اثرائتو بنائڻ جي ڏس ۾ اُپاءَ ورتا وڃن. اصل ۾ سڄي سماج ۾ ڪرپشن پاڙون پختيون ڪري ورتيون آهن. ظاهر آهي ته اين جي اوز ۾ ڪم ڪندڙ سيئي ماڻهو فرشتا ڪونهن. تنهن هوندي به خانگي شعبي ۽ سرڪاري شعبي ۾ ٿيندڙ مالي بيقاعدگين وچ ۾ ڪو به مقابلو ڪونهي. ڪيتريون ئي ڪمپنيون اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ رجسٽرڊ آهن ۽ سالن کان نقصان ڏيکاري رهيون آهن. اهو سڀ ڪجهه حڪومت جي ذميواري آهي. مان اِهو سمجهي نٿو سگهان ته اين جي اوز کي ڇو تنقيد جو نشانو بنايو پيو وڃي. جن قانونن تحت اين جي اوز رجسٽر ٿيل آهن، تن ۾ هر قسم جي بيقاعدگيءَ لاءِ شقون موجود آهن، جن تي عمل ڪرائڻ به حڪومت جي ذميواري آهي.

سوال: اوهان رجسٽريشن جي قانونن جو ذڪر ڪيو. اوهان جي خيال ۾ ڇا ڪنهن نئين قانون جي گهرج آهي، جنهن ۾ سيئي ڳالهيون اچي وڃن يا حڪومت جي خيال ۾ موجوده قانونن ۾ جيڪا کوٽ آهي، تنهن جو پورائو ٿي وڃي؟

جواب: ڪنهن نئين قانون جي ڪا ضرورت ڪانهي. هر قسم جي قانون موجود آهن. مسئلو انهن تي عمل جو آهي. اوهان هڪ نئين قانون جي واڌاري سان بيورو ڪريسي ۾ واڌارو ڪري سگهو ٿا، لاڳو ڪرائڻ وارو معاملو ته پنهنجي جاءِ تي ئي رهندو.□

# رابرٽ چئمبرس

’عوام ۾ پروفيشنل ماڻهن جي تصور کان گهڻي وڏيڪ صلاحيت آهي، غير دلچسپ ۽ خُشڪ طريقہ ڪار جي ڪري ماڻهو پنهنجين صلاحيتن جو اظهار نہ ڪري سگهيا آهن.‘



بين الاقوامي شهرت رکندڙ ترقياتي ماهر رابرٽ چئمبرس انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمنٽ اسٽڊيز، يونيورسٽي آف ساسيڪس برطانيه سان فيلو جي حيثيت ۾ لاڳاپيل آهي. رابرٽ چئمبرس شراڪتي ڳوٺاڻي تجزيي (Participatory Rural Apprisal) جي فلسفي ۽ ڪم جي طريقي جو باني ليکيو وڃي ٿو ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جو وڏو تحقيقي ۽ عملي تجربو رکي ٿو.

هن ڪينيا، بوٽسوانا، سري لنڪا ۽ ڀارت ۾ ڊگهي مدي وارو تحقيقي ڪم ڪيو آهي ۽ ڳوٺاڻي ترقيءَ جي ماهر جي حيثيت ۾ آفريقا ۽ ايشيا جي ٻين ملڪن ۾ به خدمتون انجام ڏيئي چڪو آهي.

رابرٽ چئمبرس ڪيترن ئي ڪتابن ۽ تحقيقي مقالن جو ليکڪ آهي. ڳوٺاڻي ترقيءَ جي موضوع تي سندس ڪتاب Rural Development: Putting the last first کي خاص طور تي ميڃتا ملي آهي. 1997ع ۾ انهي تحقيقي سلسلي جي ٻي ڪڙي Whose Reality counts? پڌري ٿي. رابرٽ چئمبرس پاڪستان جو دورو ڪري چڪو آهي.

هي انٽرويو 1997ع ۾ قدير بيگ لنڊن ۾ ورتو.

# رابرٽ چئمبرس

سوال: اوهان گهڻي عرصي کان پي آر اي ٽيڪنڪ تي عمل ڪري رهيا آهيو؟

جواب: مان 1969ع کان پي آر اي ٽيڪنڪ تي عمل ڪري رهيو آهيان. مون اصل ۾ عوام ۾ پکڙيل هڪ غلط فهمي جي ڄاڻ ٿيڻ کان پوءِ ڪم شروع ڪيو هو. مان پنجاهه جي ڏهاڪي ۾ ڪينيا ۾ پي آر اي جي واڌ ويجهه لاءِ ڪم ڪري رهيو هئس. پر اُتي مون کي محسوس ٿيو ته مون کان سواءِ ڪنهن جي به شموليت ڪانهي. بعد ۾ اهو خيال صحيح ثابت ٿيو ۽ ماڻهن به ان عمل کي رد ڪري ڇڏيو. مون ان صورتحال مان ڪيترائي نتيجا ڪڍيا ۽ پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي. بعد ۾ سري لنڪا ۽ ڀارت ۾ فيلڊ ريسرچ جو موقعو مليو، جيڪو منهنجي لاءِ نهايت معلوماتي ثابت ٿيو. اسان هتي سوالنامن تي ٻڌل ڪيترائي سروي ڪيا جن وسيلي اسان کي عوام جي ڏکيائين ۽ تڪليفن جو اندازو ٿيو. اهڙي طرح هتان کان مون پي آر اي ٽيڪنڪ ۾ وڏيڪ سڌارو آندو ۽ معلوم ڪيو ته مختلف هنڌن تي رهندڙ ماڻهو هڪجهڙن مسئلن کي نبيرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا طريقا اختيار ڪن ٿا.

هنن علائقن ۾ رهندڙ ماڻهو مون کان ڪي گهڻا مطالبا ڪونه ڪندا هئا ۽ مان انهن علائقن ۾ آسانيءَ سان گهمي سگهندو هئس. هي اُهو وقت هو جڏهن ڀارت ۾ موجود غير سرڪاري تنظيمن جا ماڻهو نهايت سٺي نموني ڪم ڪري رهيا هئا. خاص طور تي ڏکڻ ڀارت ۽ گجرات

۾، ڪجھ ماڻھو پي آر اي ٽيڪنڪ ۾ نوان نوان تجربا ڪري رهيا هئا. انهن ۾ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جو ذڪر مان خاص طور تي ڪندس. خاص طور تي مسٽر انيل شاھ جيڪو اُتي ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر هو. جنهن کان علاوه بہ لاتعداد ماڻھو هئا، جيڪي پنهنجي سوچ ۽ عمل ۾ وڏي نواڻ ۽ تازگي رکندا هئا. مان پارٽ جي اُن حصي ۾ ايڊو پلو ڪم ڪندڙن بابت بلڪل ٺيڪ ٿو ڪري سگهان.

سوال: اهو ڪهڙو ڪري 80 واري ڏهاڪي جي آخري حصو هو؟

جواب: اِها 1989ع جي ڳالھ آهي. يعني 89ع جا آخري ڇھ مهينا. پوءِ 1990ع جو پورو سال ۽ پوءِ 91ع جي شروعاتي ڇهن مهينن ۾ مان اُتي هُئس. هي اُهو وقت هو، جڏهن انهن مان گهڻا طريقا اُتي جوڙيا ويا هئا. منهنجي خيال ۾ سڀ کان وڏي ڪاميابي جيڪا ترقيءَ جي ڏس ۾ اُتي حاصل ٿي، ان خيال جي اوسر ۽ استحڪام هو تہ غريب ماڻهو، مقامي ماڻھو نہ فقط پارٽ بلڪ سڄي دنيا ۾ نقشا ٺاهي سگهن ٿا، لسٽون ٺاهي سگهن ٿا، تجزيا ڪري سگهن ٿا ۽ شين جي ڀيٽ ڪري سگهن ٿا. حقيقت ۾ اُهي اهڙا پيچيده مقامي تجز يا ڪري سگهن ٿا، جن بابت ڪڏهن اسان تصور بہ نہ ڪري سگهندا هئاسين تہ اُنهن ۾ اِها صلاحيت هوندي. جينوٽيڪ ان کان اڳ 70ع واري جي ڏهاڪي جي پڇاڙي ۽ 80ع جي مُنڍ ۾ چندي ڳڙھ يونيورسٽيءَ ۾ مستقل تجزئي جا ڪيئي ماڊل ٺاهيا ويا هئا، جن جو استعمال اي ڪي آر ايس پي پارٽ اختيار ڪيو.

اي ڪي آر ايس پي پاڪستان نظام جي تجزئي جو طريقو اختيار ڪيو هو. تفاوت فقط اهو هو تہ پاڪستان ۾ جيڪي نقشا ۽ تصويرون تيار ڪيون ويون هيون اُهي اسان ٺاهيون هيون، جڏهن تہ اي ڪي آر ايس پي پارٽ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي هئي تہ اُتي مقامي ماڻهن ئي سمورا نقشا ۽ تصويرون تيار ڪيون هيون ۽ منهنجي خيال ۾ اِهو سندس وڏو قدم هو. جنهن کان سواءِ اُنهن ڪڏهن پوئتي مُڙي ڪونہ ڏٺو، ڇو تہ ڪين ڄاڻ پئجي ويئي هئي تہ سندن ماڻهن ڪي ڪهڙي شئي جي

گهرج آهي.

سوال: اوهان انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمنٽ اسٽڊيز لنڊن (آءِ ڊي ايس) سان ڪڏهن کان واڳيل آهيو؟
جواب: مان آءِ ڊي ايس سان اعزازي ڪارڪن جي حيثيت ۾ 1969ع ۾ وابسته ٿيس. جنهن بعد مان ڊگهي عرصي تائين مختلف ملڪن ۾ ڪم ڪندو رهيس. خاص طور تي اوڀر آفريقا ۽ ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾.
سوال: اوهان ايشيا ۽ آفريقا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ ڪم ڪري چُڪا آهيو. ترقياتي ڪمن جي حوالي سان اُتي ڪهڙي وڏي تبديلي آئي آهي؟
جواب: منهنجي خيال ۾ ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ ان حقيقت بابت ڄاڻ ۽ ڀڄاڻ ۾ وڌيڪ بهتر ڄاڻ ۽ پروڙ پيدا ٿي آهي ته مقامي ماڻهو پنهنجن وسيلن ۽ مسئلن جي چنڊڇاڻ جي اعليٰ درجي جي صلاحيت رکن ٿا. ان ڏس ۾ ثقافت ۽ روايتن گهڻو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي. مقامي ماڻهن کي پنهنجا تجزيا ڪرڻ بابت گهٽ کان گهڻو باصلاحيت ٿيڻ گهرجي. منهنجي خيال ۾ اها پي آر اي جي نئين شڪل آهي. هاڻي اهو خيال پختو ٿي چڪو آهي ته ماڻهو پنهنجن تجزين سان نتيجن تائين پهچي سگهن ٿا.

هڪ ٻي تبديلي جيڪا ٿي آهي، سا اِها ته جيڪڏهن اسان پنهنجن روين ۽ ورتاءَ کي بدلايون ته مقامي ماڻهن تائين ڄاڻ ۽ تجزين جي پُهچ جو طريقو گهڻو سڌاري سگهون ٿا. اسان پاڻ ۾ تبديلي آڻي کين وڌيڪ بهتر طور تي ٻڌائي سگهون ٿا ته اُهي رٿابندي ۽ تجزيا ڪري سگهن ٿا.

سوال: ڪجهه ماڻهن جي خيال ۾ پي آر اي جو طريقو ايجان ڪچو ۽ اڌورو آهي ۽ ڪجهه اُن کي ناقابل عمل قرار ڏين ٿا؟
جواب: اصل ۾ پي آر اي جي طريقي ۾ ڪيترين ئي ڳالهين شامل

هونديون آهن، جن کي نظر انداز نٿو ڪري سگھجي. هن طريقي کي شروع ڪرڻ کان اڳ ۽ ختم ڪرڻ کان پوءِ به ڪيترائي ڪم جاري رهن ٿا، جن تي رٿا جي ڪاميابيءَ جو دارومدار هوندو آهي. انهن ڳالهين جو واسطو رٿابندي، لاڳو ڪرڻ ۽ گڏيل مالي تجزئي سان هوندو آهي. مون کي ان طريقي ۾ اهائي ڳالهه سڀ کان گهٽي پسند آهي. بدقسمتيءَ سان ان طريقي کي صحيح طور تي نه سمجهندڙن ان خلاف هڪ مهم شروع ڪري رکي آهي ۽ انڊونيشيا ۾ سرڪار اهو حڪم ڏنو آهي ته اُتان جي ڇهه هزار ڳوٺن ۾ هلندڙ پي آر اي اسڪيمن کي مالي سال ختم ٿيڻ کان اڳ بند ڪيو وڃي. اهو طرز عمل عام ماڻهن جي مفاد خلاف آهي ۽ ان جا خراب اثر پوندا. ٻئي طرف پي آر اي جي ناڪاميءَ ۾ ڪجھ هٿ سهوليت ڪارن (Facilitators) جو به آهي. هڪ سٺو سهوليت ڪار ٿيڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان پنهنجن روين ۽ طرز عمل ۾ تبديلي آڻيون. اجهان تائين اسان ذاتي تبديليءَ واري عنصر جي اهميت جي واضح طور تي ڄاڻ نٿا رکون. اسان کي پاڻ ۾ ابلاغ جي گهرج آهي. ڪارڪنن ۽ ڊونر ادارن، سرڪاري ڪاتن، وڏين ۽ ننڍين اين جي اوز ۽ ٻيا سمورا ذريعا جيڪي اهڙن طريقن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن، اُنهن سڀني کي هڪٻئي سان رابطي جي اهميت کي سمجهڻ گهرجي. اسان کي ذاتي تبديليءَ تي ڌيان ڏيڻ گهرجي، جنهن مان مراد اها آهي ته اسان کي حڪم هلائڻ، رنڊڪون وجهڻ، تنقيد ڪرڻ ۽ اجايا انٽرويو ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ جڳائي. ماڻهن جي ذهن ۾ موجود خيالن کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ضروري آهي ته اسان ماٺ رهون، پاڻ کي غير اهم بڻايون. اسان کي ڪم شروع ڪرڻ لاءِ هڪ هنڌ ويهي امداد ۽ سهڪار ڪرڻ گهرجي، جيئن مشاهدو ڪري سگهون، ٻڌي سگهون ۽ ڄاڻي سگهون. اسان کي ماڻهن کي پنهنجا خيال ٺاڦڻ جي ضرورت ڪانهي. بلڪ اهو سمجهڻ جي ضرورت آهي ته ماڻهو پاڻ اظهار ڪري سگهن ٿا.

سوال: اوهان زندگيءَ جي هر سطح تي عوام جي شموليت جي ڳالهه

ڪري رهيا آهيو، چاهي اُن ۾ رٿابندي هُجي، انگ اکر گڏ ڪرڻ هجي يا ڪو ٻيو، پر ڇا اوهان جي خيال ۾ ماڻهن ۾ اِهو سڀ ڪجهه ڪرڻ جي صلاحيت آهي؟

جواب: عوام ۾ اسان پروفيشنل ماڻهن جي تصور کان به گهڻي صلاحيت موجود آهي. مسئلو اِهو آهي ته ڪم جو طريقو غير دلچسپ ۽ خشڪ هجڻ ڪري هيلتائين اِهي ماڻهو پنهنجي صلاحيت جو اظهار نه ڪري سگهيا آهن. هڪ اهم ترين ڪارڻ اِهو به آهي ته ٻاهر کان ايندڙ ماهر ۽ پروفيشنل مهارت رکندڙ ماڻهو عام ماڻهن جي صلاحيتن تي ڀروسو نٿا رکن. پر جيستائين اسان عام ماڻهن جي صلاحيتن تي ڀروسو نه ڪنداسين اُنهن لاءِ به پنهنجن آزمودن ۽ مشاهدن مان ڪڍيل نتيجن جو اظهار ڪرڻ گهڻو ڏکيو ٿيندو.

مان ان ڏس ۾ اوهان کي هڪ مثال ڏيندس. مون کي گهڻا ڀيرا ماڻهن چيو ته اسان نقشا تيار نٿا ڪري سگهون. اهو هڪ بي بنياد مفروضو آهي. مون اڄ تائين ڪو اهڙو ماڻهو ناهي ڏٺو جيڪو نقشو نه ناهي سگهندو هجي. تنهن ڪري جڏهن ڪو چئي ٿو ته مان نقشو نٿو ناهي سگهان. ته منهنجو پهريون رد عمل اِهو هوندو آهي ته ڇو نه، تون نقشو ناهي سگهين ٿو. اسان کي ماڻهن کي سيکارڻ گهرجي ته اُهي نقشا ڪيئن ناهي سگهن ٿا. مان ساڻن دوستاڻو رويو رکندو آهيان ۽ چوندو آهيان ته سامهون ڏسو. اُتي هڪ رستو آهي، چڱو، اُن کي ڏيکارڻ لاءِ ڪاغذ تي ليڪ ڪڍون ٿا. پوءِ ٻئي مرحلي لاءِ مان قلم سندس هٿ ۾ ڏيئي ڇڏيندو آهيان. پوءِ اِهو سلسلو اڳتي وڌندو ويندو آهي. اصل ۾ اهو ماڻهن تي ڀروسي جو سوال آهي. اسان کي سندن مدد ڪرڻ گهرجي ۽ مٿن ڀروسو ڪرڻ گهرجي. تڏهن ئي اها حقيقت پڌري ٿيندي آهي ته اُهي سڀ ڪجهه ڪري سگهن ٿا. پوءِ ڪم جي پُڄاڻيءَ تي ماڻهو پاڻ وائڙا ٿي ويندا آهن ۽ خوشيءَ سان واکا ڪرڻ لڳندا آهن. ڪين ويساهه ئي ڪونه ايندو آهي ته اِهو سڀ ڪجهه هُنن پاڻ ڪيو آهي.

سوال: ڇا اوهان جي خيال ۾ ٽيڪنڪ جا مختلف پاسا ۽ سمجهڻ جا ڪيئي ذريعا موجود آهن؟

جواب: پي آر اي جي استعمال جا لاتعداد مثال آهن. جهڙوڪ ڏکڻ هندستان ۾ خاص قدرتي وسيلن جي استعمال جي سلسلي ۾ پي آر اي کان ڪم ورتو پيو وڃي. اهڙي ريت جنسي صحت ۽ ڄمر (Fertility) جي معاملن ۾ پي آر اي کي استعمال ڪيو پيو وڃي. اُن کان سواءِ زراعت، صحت، تعليم ۽ ٻين لاتعداد شعبن ۾ به اهو لاڀائتو ثابت ٿي رهيو آهي. هاڻي اُن هيٺ تنظيمن جو اڀياس ٿي رهيو آهي. اسڪولن ۽ ڪلاسن ۾ ڇا ٿي رهيو آهي. ماڻهو ان جو تجزيو ڪري رهيا آهن. هاڻ اهي طريقا ڳوٺن کان شهرن جو رخ ڪري رهيا آهن. ۽ هندستان جي شهرن ۾ اهڙن طريقن تي وڏي پئماني تي عمل ٿي رهيو آهي. هندستان جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سڌاري ۽ ڀلائي جون رٿائون ڇالو آهن، اُهي پاڻ کي PALM (پي اي ايل ايم) سڏين ٿيون ۽ پنهنجي بناوت ۾ گهڻو ڪري هڪجهڙيون آهن. مون کي ڄاڻ پيئي آهي ته نئين پنجسالہ رٿا ۾ سندن ارادو اٽڪل ٻہ ڪروڙ ماڻهن جون خدمتون حاصل ڪرڻ جو آهي. پي آر اي ڇئن نهايت وڏن دائرن ۾ پنهنجا اثر وجهي رهيو آهي.

پهرين تبديلي پيشيورانہ فڪر جي آهي. ٻي تبديلي ادارن ۽ تنظيمن سان واسطو رکي ٿي ڇو ته اهو هيٺين بنيادي سطح تي ڳانڍاپي ۽ شموليت جو عمل آهي. ٽين ۽ سيني ۾ اهم تبديلي ذاتي روين ۽ طرز عمل ۾ آئي آهي. جنهن بابت اسان شروع ۾ ڪاٿو نہ لڳايو هو، پر بعد ۾ اهو ئي پاسو گهڻي کان گهڻو اهم ثابت ٿيو. سيني کان آخر ۾ اٿرن جي حوالي سان پاليسين ۾ تبديلين جي شروعات ٿي. دلچسپ ڳالهہ اها آهي ته تبديليءَ جو اهو عمل پهريائين آفريقا ۾ شروع ٿيو ۽ پوءِ ايشيا ۾ اختيار ڪيو ويو. ان جو وڏ ۾ وڏ اهم پاسو مختلف شعبن، پاران تجزيو آهي. ٻيو پاسو پي پي اي سڏجي ٿو، يعني شراڪتي عوامي تجزيو (Participatory Public Assessment). گهانا سڀ کان اڳ پي پي اي کي آزمايو، جنهن بعد زيمبيا، ڏکڻ آفريقا ۽ موزمبيق بہ ان

ڏس ۾ وک وڌائي. تازو يو اين ڊي بنگلاديش ۾ ڪجھ رٿائن جي شروعات ڪئي آهي. جن جا ڏاڍا مثبت اثر ٿيا آهن. هنن رٿائن لاءِ مختلف طريقا اختيار ڪيا ويا آهي. بنگلاديش جو تجزيو به ڏاڍو دلچسپ آهي. هتي پهرين نهايت غريب ۽ پوئتي پيل علائقن جي سڃاڻپ ڪئي ويئي ۽ پوءِ پي آر اي ٽيڪنڪ استعمال ڪندي پاڻ ۾ ڳالهين ڪرڻ کي هٿي ڏني ويئي جيئن معلوم ڪري سگھجي ته سندن اوليتون ڪهڙيون آهن. اُن.وچ ۾ هنن جيڪي ڪجھ ڪيو اُهو ڏاڍو دلچسپ هو، ڇو ته اُن مان اسان کي خبر پئجي رهي هُئي ته ڪين ڇا ڪرڻ گھرجي. ان طريقي سان جيڪي اوليتون سامهون آيون، اُهي اسان لاءِ نهايت اچرج جوڳيون هيون. غريب ماڻهن جي سيني کان اهم ترجيح اِها هئي ته اُتي ڏاج خلاف قانونن کي سختيءَ سان لاڳو ڪيو وڃي. ان حقيقت جي پڌري ٿيڻ سان نهايت تيزيءَ سان ڪوجنا جي نون شعبن جي شروعات ٿي. ڏاج بنگلاديش جي غريبن کي ڏاڍو متاثر ڪري رهيو هو ۽ اُن جي خلاف رد عمل سامهون اچڻ سان پاليسي سازيءَ جي ڏس ۾ اهم پيش رفت ڪري سگھجي ٿي.

سوال: سهوليت ڪار (Facilitator) ان عمل ۾ نهايت اهم ڪردار نڀائي ٿو، مهرباني ڪري سهوليت ڪار ۽ شراڪت بابت ٻڌايو؟

جواب: مان ان ڏس ۾ ڪجھ ڳالهيون چوڻ چاهيان ٿو. سهوليت ڪار بابت گهٽي ۾ گهٽي اهم ڳالھ اِها آهي ته سندس شخصيت ڪهڙي آهي. جيڪڏهن اُهو سخت مزاج، ڪاوڙ ڪندڙ ۽ حڪم هلائيندڙ آهي ته ڪڏهن به سٺو سهوليت ڪار نٿو بڻجي سگهي. ڪيس تبديل ٿيڻو پوندو. اصل ۾ جيڪڏهن اسان ڪاميابي چاهيون ٿا ته سڀني کي بدلجڻو پوندو. اها ڳالھ اسان کي تڏهن نٿي ٻڌائي وڃي، جڏهن اسان سکي رهيا هونداَ آهيون. اصل ۾ اسان کي هر محل سکڻ گھرجي. هڪ اهم خاصيت اِها آهي ته اُهو ماڻهن سان سٺو رويو رکندڙ هجي، ۽ ڪيس ماڻهن سان رلڻ ملڻ ۾ پريشاني نه ٿيندي هجي. اصل ۾ خاموش رهڻ ۽ ڪنهن قسم جي رنڊڪ نه وجهڻ وڏي اهميت رکي ٿو. سهوليت ڪار

جو ڪردار ماڻهن کي عمل جي سگهه ڏيڻ ۽ ترغيب ڏيارڻ آهي. اُهو ماڻهن کي پڌائي سگهي ٿو ته ڪم ڪيئن ڪرڻ گهرجي. پر ڪيس بعد ۾ پٺتي هٽي وڃڻ گهرجي ۽ خاموشيءَ سان عمل جو مشاهدو ڪرڻ گهرجي.

مثال جي طور تي جيڪڏهن ماڻهو ڪو نقشو ناهي رهيا آهن ۽ سهوليت ڪار ڪائنن ڪو سوال پُڇي ٿو ونئي ته اُنهن سيني جو ڌيان نقشي بدران ماڻهوءَ ڏانهن ٿي ويندو. سندن ذهن ۾ هڪدم اِهو خيال جنم وٺندو ته سندن وچ ۾ ڪو اجنبي موجود آهي ۽ هن ريت پورو عمل بيهجي ويندو. ڪجهه هفتا اڳ مان اريٽيريا ۾ هُئس. مون سان پي آر اي ٽيڪنڪ ۾ سکيا ورتل چار ماڻهو به گڏ هئا. اسان اتي ڇهن مختلف زرعي ماحولياتي علائقن جا نقشا تيار ڪري رهيا هئاسين. جن لاءِ اسان کي سؤ کان وڌيڪ فصلن جي چنبچاڻ ڪرڻي هئي. اِهو سمورو ڪم ٽن هارين پن ڪلاڪن جي ٿورڙي مُدي ۾ پورو ڪري ورتو. اهو فقط ان ڪري ٿي سگهيو ته منهنجا ساٿي سموري عمل دوران خاموش رهيا. جيڪڏهن اهي وچ ۾ مداخلت ڪندي سوال ڪن ها ته اهو ڪم ڪڏهن توڙ تي نه پهچي ها. ڪين پي آري جي سکيا ڏني ويئي آهي ۽ اُهي ڄاڻن ٿا ته ڪم ڪيئن ڪرڻ گهرجي.

سوال: چيو وڃي ٿو ته پي آر اي جي مشق ڏاڍي مهانگي هوندي آهي. اهڙا ماڻهو جيڪو ان مشق جي سکيا ڏين ٿا، پاڪستان ۾ ڳري في ۽ پئسو گهرن ٿا، جيڪو عوام جي سهپ کان مٿي هوندو آهي. ڪين امداد ڏيندڙ اداري جي ضرورت پوندي آهي، جيڪو پنهنجا شرط مڙهيندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهي شرط هڪ رڪاوٽ ثابت ٿيندا آهن. اوهان جي خيال ۾ ماڻهن کي ڪهڙي ريت ان قابل ڪري سگهجي ٿو ته اُهي پاڻ اِهو سمورو عمل ۽ مرحلا شروع ڪن ۽ اڳتي وڌن؟

جواب: گهڻو ڪري وسيلن جي اڻاڻ ۽ پئسي جي تنگيءَ جي شڪار ٿيل اين جي اوز بابت ڳڻتي جو اظهار ٿيندو رهندو آهي، ڇو ته اهڙيون تنظيمون ماهرن ۽ صلاحڪارن کي ڳرا اجورا ڏئيون ڏيئي

سگھن. نيپال ۾ هڪ تنظيم ان مسئلي جو اِهو حل ڳوليو آهي ته اُن جا ميمبر سال ۾ پندرهن ڏينهن بنا ڪنهن معاوضي جي خدمتون سر انجام ڏيندا آهن. جنهن ۾ ننڍين تنظيمن لاءِ سکيا به شامل آهي. مان سمجهان ٿو ته اِهو ذاتي لڳاءَ، خلوص ۽ عمل جي جذبي جو بهترين مثال آهي. تازو هنن پي آر اي تي عمل ڪيو آهي. مان پارٽ جي هڪ خاتون کي ڄاڻان ٿو جيڪا ماڻهن لاءِ مفت خدمتون انجام ڏئي ٿي.

سوال: ڇا اوهان جي ذهن ۾ پي آر اي جي ترتيب جو ڪو ادارو ٺاهڻ جو به ارادو آهي؟

جواب: ان ڏس ۾ گهڻي نيٽ ورڪنگ ٿي رهي آهي. اسان مختلف ذريعن مان مالي وسيلا گڏ ڪري رهيا آهيون، جيئن سائوٿ جي مدد ڪري سگهجي. گهڻ ۾ گهڻ ڏهن موقعن تي ڏکڻ آفريقا، ڏکڻ آمريڪا، ڏکڻ ايشيا ۽ ڏکڻ اوڀر ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن جا ماڻهو ڪٺا ٿي چڪا آهن، جتي اُهي هڪ ٻئي سان پنهنجين مشڪلاتن ۽ حالتن بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪندا آهن. اُهي هڪ ٻئي کي پنهنجا تجربا ٻڌائيندا آهن. ان ڏس ۾ هن سال جولاءِ ۾ ڏکڻ هندستان ۾ هڪ ڪانفرنس پڻ سڏائي وئي آهي، جيئن روين ۽ ورتاءُ کي تبديل ڪري سگهجي. مان سمجهان ٿو ته اها هڪ نهايت اهم ڳالهه آهي، ڇو ته پي آر اي کي ترقيءَ جي عمل ۾ اَيڏو اهم ڪڏهن به ليکيو نه ويو هو. اسان ڪهڙي شخصيت جا مالڪ آهيون ۽ اسان جو ورتاءُ ۽ سوچ ڇا آهي. ترقي ۽ تبديليءَ جي ڏس ۾ اهي ڳالهيون نهايت اهميت رکن ٿيون. عجيب ڳالهه اها آهي ته اِهو نقطو ترقيءَ جي ايجنڊا ۾ ڪڏهن به مٿيرو ڪونه رهيو آهي. اُن جي ابتڙ سٺي تقريري صلاحيت، سٺا مضمون ۽ ميموز لکڻ ايجنڊا ۾ مٿيرا هئا. مُنهنجي خيال ۾ اهڙن ماڻهن جي تياري، جيڪي شرڪت جي عمل ۾ ماڻهن جي مدد ڪري سگهن، ترقيءَ جي ايجنڊا ۾ سڀني کان مٿيري هئڻ گهرجي. پر هاڻي اسان ان ڏس ۾ اڳتي وڌي رهيا آهيون.

سوال: ڪيئي ڀيرا اِهو سوال اُٿاريو وڃي ٿو ته پي آر اي ٽيڪنڪ ۾

درستگيءَ جي کوٽ محسوس ٿئي ٿي. ڪڏهن ڪڏهن مون کي به اِهو محسوس ٿيندو آهي ته ان ۾ معاملن بابت نهايت ئي عام ڳالهيون ڪيون وڃن ٿيون ۽ شين کي ڪنهن نقطي تي ٿڌو آندو وڃي، ان ڏس ۾ اوهان جو ڇا رايو آهي؟

جواب: ڪي ماڻهو پي آر اي کي هڪ امدادي عمل ليکين ٿا. جيتوڻيڪ هڪ سٺو پرئڪٽيشنر سمجهي ٿو ته اهو هڪ لاڳيتو عمل آهي، جيڪو هلندو رهندو آهي ۽ ان وچ ۾ شراڪتي ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق به هلندي رهندي آهي. ان عمل سان شراڪت جو دائرو مڪمل ٿيندو آهي، ڇو ته ماڻهن کي ڇنڊڇاڻ ۽ تحقيق جو حق آهي، اُهي پنهنجي تنظيم تي نظر رکندا آهن ۽ جاچيندا آهن ته سندن آسپاس ڇا ٿي رهيو آهي، هُنن پنهنجن هٿن سان ڇا ڪُجھ ڪيو آهي. ان سموري عمل جي اهميت کي محسوس ڪرڻ سندن لاءِ نهايت ضروري آهي.

دُرستگيءَ بابت اوهان نهايت سٺو نقطو ڪنيو آهي. پي آر اي جي طريقن جي هڪ وڏي خاصيت اِها آهي ته ڪڏهن ڪڏهن اهي بلڪل درست ۽ توريل تڪيل ذريعن تي دارومدار نه رکندا آهن. البت جيڪڏهن اسان اهڙن معاملن جي ڳالھ ڪريون، جن کي ڳٽي سگهجي ٿو ته اسان جا طريقا ڏاڍا درست ثابت ٿيندا آهن. جهڙوڪ جيڪڏهن اسان ڪنهن طبقي جو سماجي نقشو جوڙي رهيا آهيون، جتي ماڻهن جي ڳٽپ سولائي سان ٿي سگهي ٿي، ته اهڙو نقشو بهترين ڄاڻ مهيا ڪندو. بلڪ اسان ڪجھ سوالنامن واري سروي کان بهتر ثابت ٿيندا آهيون. سوالناما ظاهري طور درست ڏسڻ ۾ ايندا آهن پر اصل ۾ درست ڪونه هوندا آهن. حقيقت ۾ عام طور تي ماڻهو انهن پنهي وچ ۾ حقيقتن جو تجزيو ڪرڻ بنا پيٽ ڪندا آهن. اسان جي سائنسي سکيا سدائين ماپ تور ۽ پئمائش تي ٻڌل هوندي آهي. تنهن ڪري جيڪڏهن اسان تربيت ڪرڻ چاهيندا آهيون ته اسان هڪ مرحلي تي پئمائش ڪندا آهيون ۽ پوءِ اسان ٻئي مرحلي تي پئمائش ڪندا آهيون، تڏهن ئي اسان کي ڄاڻ ٿيندي آهي ته اتي ڪهڙي قسم جو لاڙو آهي. ماڻهو پئمائش ۽ انگ اکر هٿ ڪرڻ بنا به لاڙي جي عڪاسي ڪري سگهن ٿا. ڪڏهن ڪڏهن ڪجھ عملي مقصدن لاءِ

فقط لاڙن جي پيٽ واري شدت ئي گهربل هوندي آهي. تنهن ڪري تبديلي ۾ لاڙي جي ڇاڻ حاصل ڪرڻ جو گهٽ ۾ گهٽ وقت ۾ اهو هڪ بهترين طريقو آهي. جيتوڻيڪ اسان وٽ انگ اکر نہ هوندا آهن تنهن هوندي بہ اسان کي روڻا ٿيندڙ تبديلين جي ڇاڻ حاصل ٿي ويندي آهي. ان طريقي ۾ گهٽو ڪري اڃرج جوڳا نتيجا بہ سامهون ايندا آهن ۽ اهائي غير درستگي اُن جي سگهہ بڻجي ويندي آهي.

سوال: پي آر اي محدود سطح تي يقيني طور فائديمند ثابت ٿيو آهي، پر اوهان اُن کي وڌي سطح تي ڪيئن لاڳو ڪري سگهو ٿا. اوهان محدود تجزئي کي وسيع رٿابنديءَ سان ڪيئن جوڙي سگهو ٿا؟

جواب: مون ان ڏس ۾ هڪ ڪتاب لکيو آهي، جيڪو هن سال پڌرو ٿيندو. اوهان پي آر اي جو تجزيو ننڍين آبادين تي لاڳو ڪري سائنسي پاليسيون ٺاهي سگهون ٿا، جنهن جا سُٺا نتيجا نڪري سگهن ٿا. مثال جي طور تي زيمبيا جي ڇهہ ڳوناٺين آبادين جي هڪ سروي مان ڇاڻ پيئي تہ اُتي ماڻهن کي اسڪولن جون فيون برساتن دوران پيارڻيون پونديون آهن. اسڪول في پيارڻ لاءِ اهو سال جو بدترين وقت هوندو آهي. ساڳي ڳالهہ گيمبيا ۾ بہ ڏٺي ويئي. پر گيمبيا ۾ جڏهن ان مسئلي جي ڇاڻ پيئي تہ اُتي اسڪول في پيارڻ جو وقت تبديل ڪيو ويو. ان تجربي مان ثابت ٿيو تہ فقط ڇهن آبادين يا طبقن جي تجربن سان بہ پاليسين کي بدلائي سگهجي ٿو. اوهان کي هڪ ئي نظرئي جي پرک لاءِ 100 وسندين جي چنڊڇاڻ ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي.

اوهان اهڙا ئي عقلي نتيجا ننڍن ننڍن مثالن مان ڪڍي سگهو ٿا. جهڙوڪ طبي سهوليتن جو استعمال. جيڪڏهن اوهان فقط ڇهن طبقن يا آبادين جي گهٽائي ۾ اهو محسوس ڪريو تہ اُهي طبي سهوليتن مان جوڳو لاڀ نہ پرائي رهيون آهن تہ اوهان کي ان نتيجي حاصل ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي سروي ڪرڻ جي گهرج ڪانهي. اوهان کي ان ڏکيائي جو تعين ۽ ان جو جوڳو حل ڳولڻ لاءِ ڏورانهن ملڪن جي سفر جي ضرورت ڪانهي. تنهن ڪري اوهان جي سوال جو جواب اهو آهي تہ جتي پاليسين تي اثر ۽ لاڳو ڪرڻ واري ڳالهہ هجي، اُتي چونڊ مثالن

ڪي ضرور ڏسڻ گهرجي.
سوال: ايشيا ۾ اقتصادي اسٽرڪچرل سڌارن جو عمل جاري آهي. جن سان ماڻهن لاءِ وڏيڪ اقتصادي ۽ سماجي مسئلا پئدا ٿي رهيا آهن. اوهان جي خيال ۾ غربت مان ڇوٽڪارو ڪيئن حاصل ڪري سگهجي ٿو؟
جواب: اسان کي غريبن جي گهرجن ۽ اوليت جو تعين ڪرڻ بنا ڪم جي شروعات نہ ڪرڻ گهرجي. ڪڏهن ڪڏهن بسندن اوليتون اسان جي خيال کان قطعي مختلف هونديون آهن. مان اوهان کي بنگلاديش جو هڪ مثال ڏيندس. اسان اُتان جي آبادين جو تجزيو ڪيو تہ خبر پيئي تہ اُتان جي عورتن جو وڏي ۾ وڏو مسئلو ماڻهن جي نظرن کان محفوظ رهي وهنجڻ واري جاءِ جو نہ هجڻ آهي. منهنجو خيال آهي تہ اهو مسئلو اُتان جي پاليسي سازن جي اوليتن ۾ ڪا گهڻي اهميت نہ رکندو هوندو. اسان کي ماڻهن جي جذبن، خيالن ۽ ڏکيائين جي اظهار ۾ مدد ڪرڻ گهرجي، جيئن اُهي پنهنجي زندگي سڌارڻ لاءِ پاڻ تجويزون ڏين. فقط انهي ريت اسان مسئلن جي سڃاڻ ۽ نبيرو ڪري سگهون ٿا. هڪ ٻيو نقطو جيڪو هر هر اسان جي اڳيان ايندو رهيو، سو اهو آهي تہ غريبن جي نظر ۾ غربت کان ڇوٽڪارو ۽ ڏوڪڙ حاصل ڪرڻ ڪا گهڻي ترجيح نٿو رکي. دولت يقيني طور اهميت رکي ٿي، پر غريبن جي اوليتن ۾ گهڻي مٿيري ڪانهي. اهو سبق حاصل ڪرڻ اسان لاءِ نهايت ڏکيو ثابت ٿيو، ڇو تہ اسان کي اُن جي اُبتڙ پڙهايو ويو هو. ان ريت ثابت ٿيو تہ اسان جي ماڻهن کي پئمائش ۽ ڀيٽ ڪرڻ ۾ سولائيءَ لاءِ جيڪي ڪجهہ سيکاريو ويو هو، ممڪن آهي تہ اُهو غريبن ۽ ڏتڙيل ماڻهن لاءِ ڪا دلچسپي ۽ اهميت نہ رکندو هجي. هيلتائين اسان.پيشيور ماهرن ۽ اقتصادي ماهرن جي حيثيت ۾ مٿن پنهنجيون حقيقتون ٺاڦيندا رهيا آهيون، پر هاڻي وقت اچي ويو آهي تہ اسان کين ڳالهائڻ ڏيون ۽ پنهنجن پروگرامن کي سندن خيالن ۽ جذبن مطابق جوڙيون. اڄ اسان کي پنهنجين رٿائن کي ماضيءَ جي ڀيٽ ۾ غريبن جي اوليت جي وڌيڪ ويجهو ڪرڻ جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اسان اهو ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين تہ دراصل اهائي وڏي تبديلي هوندي جنهن جا وڏا فائدا ٿيندا ۽ اسان غريبن جي زندگين کي وڌ کان وڌ بهتر بنائي سگهنداسين.
□

# راجيش تـندن

’اصل مسـئلو، مـسئلي جي سـجاڻپ آهـي ۽ مـسئلا وقت سان گـڏوگـڏ بـدلجندا رهندا آهن. اسـان کـي گـهرجـي تـہ مسئلن تي نظر رکون ۽ اُنهن تي عام بحث سان گڏوگڏ حڪومت کي پنهنجي حق ۾ راضي ڪريون.‘



راجيش تنڊن، سوسائٽي فار پارٽيسپيٽري ريسرچ ان ايشيا (PRIA) جو باني ۽ ڪوآرڊينيٽر آهي. هن انڊين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي ڪانپور مان اليڪٽريڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي. بعد ۾ انڊين انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمنٽ ڪلڪتي مان ايم بي اي جي ڊگري حاصل ڪئي. 1978ع ۾ هن ڪيس ويسٽرن يونيورسٽي ڪليوليند، آمريڪا مان آرگنائزيشنل بي هيوئر ۾ ڊاڪٽريٽ ڪئي. هو ڀارت ۽ ٻين اُسرندڙ ملڪن ۾ رضاڪار سماجي تنظيمن جي لياقت ۽ ادارتي طريقه ڪار کي سگهارو ڪرڻ جي موضوع تي اهم تحقيق، تربيتي ۽ تعليمي ڪم ڪري رهيو آهي.

راجيش تنڊن ايشيا سائوٿ پيسفڪ بيورو آف ايڊلٽ ايجوڪيشن جو صدر، انٽرنيشنل ڪوآرڊينيٽر آف دي پارٽيسپيٽري ريسرچ نيٽ ورڪ جو نائب صدر ۽ اُن جي نيوز ليٽر جو ايڊيٽر آهي. اُن کان علاوه هو انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمنٽ ريسرچ، بوسٽن، آمريڪا جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس ۾ شامل آهي. راجيش تنڊن CIVICU: World Alliance for Citizen Participation جي باني مان آهي. راجيش جي لکڻين ۽ اڀياس جو موضوع رضاڪار ترقياتي تنظيمن جي تاريخ ۽ سندن ڪردار آهي.

هي انٽرويو صادقه صلاح الدين مارچ 1996ع ۾ دهليءَ ۾ ورتو.

# راجيش تـندن

سوال: ڀاءُ راجيش اِهو ٻڌايو ته اوهان جي تنظيم ڪيئن شروع ٿي ۽ اُن جا ڪهڙا محرڪ هئا؟

جواب: اسانِ جي تنظيم جي سرگرمين جي باقاعده شروعات 78_1977ع ۾ اُن وقت ٿي جڏهن مان هڪ ڳوٺ ۾ مختلف گروپن سان ڪم ڪري رهيو هئس. جيتوڻيڪ سماجي ۽ فڪري طور تي اِهي ماڻهو پُٺتي پيل هئا، پر منجهن سڌاري جي خواهش ۽ سکڻ جي جذبي مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو ۽ مان اِهو سوچڻ تي مجبور ٿي ويس ته جيڪڏهن انهن ماڻهن جي طرز عمل ۾ ڪنهن نموني سڌارو آڻجي ته اِهي ڏاڍا سگهارا ٿي سگهن ٿا.

سوال: ڇا اوهان ننڍين رضاڪار تنظيمن جي ڳالهه ڪري رهيا آهيو؟

جواب: ها! جڏهن اسانِ هارين ۽ ٻهراڙيءَ جي ٻين پٺتي پيل طبقن لاءِ پنهنجي خدمت جي دائري کي پکيڙيو ته معلوم ٿيو ته هيستائين ڳوٺن جي ننڍين ننڍين گروپن ۽ تنظيمن جي لياقت ۾ واڌاري جو بنيادي ڪم ته ڪنهن شروع ئي نه ڪيو آهي. اُن ڪان اڳ منهنجو خيال هو ته اهڙا ادارا ضرور سماجي خدمت جي شعبي ۾ سرگرم هوندا. ان خيال تحت مون پهريائين نيشنل ليبر انسٽيٽيوٽ ۽ پوءِ هڪ ٻئي اداري سان رابطو ڪيو هو.

سوال: 1984ع کان اڳ اوهان ڇا ڪري رهيا هئا؟

جواب: منهنجو ماضي ڏاڍو گهڻ پاسائون آهي. مان اليڪٽرانڪس انجنيئرنگ جو گرئيجوئيٽ آهيان. اُن کان پوءِ مون ايم بي اي ڪئي. بعد ۾ ڪلڪتي مان ايم فل جي ڊگري حاصل ڪئي. پوءِ پي ايچ ڊي ڪئي. ان جو ڪارڻ اِهو هو ته منهنجي شروعاتي تعليم نج فني ۽ سائنسي شعبي ۾ هئي. پر ايم بي اي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن مان ڪلڪتي ۾ اسسٽنٽ پروفيسر جي حيثيت ۾ پڙهائي رهيو هئس ته مون کي سماجي عمل ۽ معاشرتي نظم ضبط جي اڀياس ۾ دلچسپي ٿي. مون محسوس ڪيو ته اجان مون کي سماج جي ڳوڙهي اڀياس ۽ مشاهدي جي ضرورت آهي، تنهن ڪري پي ايچ ڊي ڪرڻ کان پوءِ جڏهن مون کي آمريڪا وڃڻ جو موقعو مليو ته مون هڪدم ڊپارٽمنٽ آف آرگنائزيشنل سائنسز ۾ داخلا ورتي. منهنجي اُتي پهچڻ جي فقط هڪ سال بعد ڀارت ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪئي ويئي.

مان 1974ع ۾ اُتي پهتو هئس. جون 1975ع ۾ ايمرجنسي لاڳو ٿي ويئي. آگسٽ 1975ع ۾ پرنسٽن يونيورسٽيءَ ۾ اسان ڀارت سان واسطو رکندڙ شاگردن جي هڪ گڏجاڻي سڏائي، جنهن ۾ ڀارت موٽي ماڻهن جي خدمت ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي ويئي (جيتوڻيڪ ان گڏجاڻيءَ ۾ گهڻا ماڻهو شريڪ ٿيا هئا، پر فقط ٽي ماڻهو وطن وريا جن مان هڪ مان هئس). ٻيو مرحلو پنهنجن استادن کي قائل ڪرڻ هو. اسان پنهنجن پروفيسرن کي ٻڌايو ته اسان فيلڊ ورڪ ڪرڻ انڊيا وڃي رهيا آهيون. هُنن پڇيو ڪهڙي شعبي ۾؟ اسان چيو ڳوٺن جي ترقيءَ ۾. هنن تعجب وچان وري پڇيو ”ڳوٺن جي ترقيءَ لاءِ اوهان ڪيئن ڪم ڪندا؟“ اسان جواب ڏنو ته اِهو ته اُتي وڃي ٻڌائينداسين. فقط اسان کي وڃڻ جي اجازت ڏيو. ان کان اڳ اسان جو واسطو شاگرد تنظيمن سان نهايت گهرو رهيو هو، تنهن ڪري آمريڪا ۾ اسان کي ڏاڍي ڳڻتي هئي ته پنهنجي وطن ۾ اِهو سڀ ڪجھ ٿي رهيو آهي ۽ اسان هتي ويٺل آهيون. بهرحال اسان انڊيا واپس موٽي آياسين.

اچڻ کان ترت پوءِ مون دهليءَ ۾ نيشنل ليبر انسٽيٽيوٽ ۾ ڪم

جي شروعات ڪئي. هي ادارو ڳوٺن ۾ پورهيتن جي سماجي ۽ تنظيمي مسئلن تي تحقيق ڪندو هو. هن اداري تحت ٿورڙي عرصي اندر اسان بهار، آنڌرا پرديش، مڌيه پرديش ۽ راجستان وغيره ۾ تربيتي ڪئمپون قائم ڪيون. مون کي هنن ڪئمپن ۾ ڏاڍو مزو آيو. ڀهراڙيءَ بابت منهنجي تجربي ۽ مشاهدي ۾ ڏاڍي وسعت پئدا ٿي.

ان وچ ۾ اُوڏي پور ضلعي ۾ منهنجي ملاقات راجستان جي ڪجهه ماڻهن سان ٿي، جيڪي پورهيتن لاءِ سيوا مندر جي نالي سان هڪ تنظيم هلائي رهيا هئا. مون محسوس ڪيو ته عوام جي Capacity building لاءِ اها نهايت مناسب جڳهه آهي. ان وقت تائين ايمرجنسي ختم ٿي ويئي هئي ۽ چونڊون ٿي چڪيون هيون. اسان جي ڪم جو نهايت سٺو نتيجو ظاهر ٿيو. ڪجهه وقت ڪم ڪرڻ کان پوءِ اسان نيشنل ليبر انسٽيٽيوٽ موٽي آياسين. پر هاڻي مان ان اداري جي سوچ کان ڪجهه بي اطميناني محسوس ڪرڻ لڳو هئس. اُتي ماڻهو اهو سوچيندا هئا ته اسان پنهنجي شعبي جا ڄاڻو آهيون، جڏهن ته اُهي غريب آهن جاهل آهن جن کي ڪجهه به نٿو اچي تنهن ڪري اسان کين تعليم ڏيڻ ۽ سيکارڻ وڃي رهيا آهيون. ٻئي پاسي منهنجي سوچ اِها هئي ته جيڪڏهن اسان ڪجهه ڄاڻون ٿا ته اُهي به ڪجهه شعبن ۾ مهارت رکن ٿا، تنهن ڪري تعليم ۽ سکيا جو عمل ٻطرفو هئڻ گهرجي، کين حقير سمجهڻ مناسب ڪونهي.

ساڳئي هنڌ هڪ ننڍڙي واقعي منهنجي ان سوچ کي وڌيڪ پختو بڻايو. اسان ڳوٺ ۾ رات جو دير تائين گهمندا هئاسين. ڪڏهن ڪڏهن وٿاڻ ۾ وڃي ويهندا هئاسين ۽ صبح جو ٻنين تي هليا ويندا هئاسين. هڪ ڏينهن آئون ٻنيءَ تي پهتس ته هڪ ٻڍڙو هاري هر ڪاهي رهيو هو. مون چيو "ڪاڪا- اڄ هر مان ڪاهيندس". ان ٻڍڙي مون کي ڏٺو ۽ کلي چيائين "بابو صاحب- اوهان کي قلم هلائڻ اچي ٿو، زبان هلائڻ اچي ٿي، پر توهان هر ڪيئن هلائيندين. تنهنجي پيءَ ۽ ڏاڏي به هر ڪونه هلايو هوندو. خواهه مخواهه ڪجهه ٻيج ڊاهه ٿي پوندي. توهان هيترن ڏينهن کان اسان جي وچ ۾ ڪم ڪري رهيو آهين، اسان کي

ٽريننگ ڏيئي رهيو آهين. چڱو اِهو آهي ته تون اُهو ڪم ڪر، جيڪو توکي اچي ٿو، جيڪو ٿو اچي تنهن کان پري رهه.“

سوال: اِهو ته سِيکڻ لاءِ سبق آهي؟
جواب: اَن کان اڳ اسان کي اهو لڳندو هو ته جيڪڏهن اسان هر شيءِ ڪاهي سگهون ته پوءِ اسان ڇا ڪيو آهي؟ اسان پنهنجي صلاحيت جي نفي کي ئي ڪاميابي سمجهندا هئاسين. پر اُن ٻڍڙي جون ڳالهيون ٻڌي منهنجو ذهن هڪدم صاف ٿي ويو.

بهرحال، نيشنل ليبر انسٽيٽيوٽ گهڻو ڪونه هليو. پر اُتان پنهنجا هم خيال ماڻهو ضرور ملي ويا. جن ۾ سيوا مندر جو ئي هڪ سرجن هو. ان کان سواءِ انڊين سوشل انسٽيٽيوٽ جا ڪجهه ماڻهو هئا. جيڪي اِهو سمجهندا هئا ته تعليم جو عمل ٻطرفو هئڻ گهرجي. ماڻهن جو پنهنجو علم آهي، پنهنجي سمجهه آهي. اُن علم کي استعمال ڪري کين نئين ڄاڻ ڏيڻ گهرجي، ماڻهن جو دماغ خالي ڪونهي، جو اوهان هڪ ڪڏ وانگر اُن ۾ پاڻي ڀري ڇڏيو کين بي عقل ۽ گهٽ سمجهو.

سوال: ته اِها سوچ آهي اوهان جي تعليم پويان؟
جواب: اِها شراڪتي تحقيق جي بنيادي سوچ آهي. تڏهن به اِهو نظريو اجان اُڀري پوري طرح پڌرو ڪونه ٿيو هو. اسان نيشنل ليبر انسٽيٽيوٽ ۾ پنهنجن شهرن کي وٽ ڏيئي وينا هئاسين ته اسان ماهر آهيون ۽ ٻيا سڀئي جاهل آهن، جٽ آهن. مون کي ان ماحول ۾ ڏاڍي تڪليف ٿيندي هئي. تنهن ڪري 1975ع ۾ اسان پنهنجن همخيال ماڻهن سان صلاح ڪئي ته ڇو نه اسان پنهنجن نظرين موجب ڪجهه جوڙيون. ان ڏس ۾ سال کن سوچ ويچار ٿيندو رهيو. انهيءَ وچ ۾ 1978ع ۾ هڪ غير سرڪاري تنظيم بالغن جي تعليم واري عالمي ڪائونسل سان اسان جي لهه وچڙ ٿي، جنهن جي هيڊ آفيس ٽورنٽو ڪئناڊا ۾ آهي. اِها تنظيم به بالغن جي تعليم واري شعبي ۾ ساڳين اصولن تي ڪم ڪري رهي هئي، جيڪي اسان جي سامهون هئا. يعني

ماڻهن کي جيڪي ڪجهه اچي ٿو ٿنهن ۾ ايجان واڌارو ڪيو وڃي، جڏهن ته هتي جيڪي ماڻهو ڪم ڪري رهيا هئا، اُهي عوام جي ڄاڻ کي بلڪل نظرانداز ڪري پنهنجا عقيدا ۽ نظريا مڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا. بالغن جي تعليم واري عالمي ڪائونسل لاطيني امريڪا، فلپائن، ٿائليند ۽ يورپ ۾ ڪم ڪري رهي هئي. اسان لکپڙهه ذريعي ڪين پنهنجي ڪم بابت ڄاڻ ڏني ۽ سندن وسيلي ٻين ملڪن جي ادارن تائين پهتاسين. اسان ماڻهن کي خط لکڻ شروع ڪيا، پر ان مهل ڏاڍي بيزاري ٿيندي هئي، جڏهن اُهي اسان جي ڪم کي بلڪل رد ڪري ڇڏيندا هئا ته اهو ڪميونٽي ڊيولپمنٽ جو ڪم آهي ۽ بيڪار آهي ڇو ته اوهان پنهنجي مهارت تنا ڏيکاريو، جنهن ڪان سواءِ سکيا جو ڪوبه فائدو ڪونهي. مون کي ان سوچ سببان اڪيلائي جو احساس ٿيڻ لڳو هو، تنهن ڪري اڪيلائپ دور ڪرڻ لاءِ مون ايشيا جي ملڪن ڏانهن لکپڙهه شروع ڪئي. جنهن جو واحد مقصد ٻين تنظيمن کي پنهنجي ڪم ڪان علاوه ٻين تنظيمن جي ڪم ۽ رابطي جي هنڌ جي ڄاڻ ڏيڻ هوندو هو. اها هڪ قسم جي رابطي ڪاري (Networking) هئي. ان سان گڏوگڏ مون شراڪتي تحقيق جي ڏس ۾ هڪ نئين تنظيم ٺاهڻ جو پڻ ارادو ڪيو، جيڪا ننڍين ننڍين گروپن ۽ تنظيمن ۾ رابطي سازي ڪان علاوه سندن لياقت ۾ واڌ جو ڪم پڻ ڪري. اسان اهو ڪم ڪنهن قسم جي مالي پنيرائي ۽ امداد ڪان سواءِ ڪندا هئاسين. بهرحال اسان جا اِهي خط جڏهن ماڻهن تائين پهتا ته هنن چيو ته جيئن ته اِها تنظيم سموري ايشيا لاءِ ڪم ڪندي تنهن ڪري اُن کي Society for Participatory Research in Asia جو نالو ڏنو وڃي. تنهن ڪري انهي نالي سان اسان پنهنجي تنظيم کي دهليءَ ۾ رجسٽر ڪرائي ورتو. جنهن کي قائم ٿئي هاڻي 13_14 ورهيه گذري چڪا آهن.

ان ڊگهي عرصي ۾ اسان ٽن شعبن ۾ ڪم ڪيو. پهريون شعوري سگهه وڌائڻ، جنهن لاءِ اسان ڳوٺن جي اهڙن گروپن جي چونڊ ڪئي، جيڪي قدرتي وسيلن لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. اِهي گروپ هماچل پرديش، اُڙيسا ۽ مڌيه پرديش ۾ ڪم ڪري رهيا هئا. اسان جو ٻيو

ڪم اُستادن جي سکيا (لٽريسي ورڪرس ٽريننگ) هئي. اسان خواندگي لاءِ مواد گڏ ڪيو. 84_1983ع ۾ اسان عورتن جي مسئلن تي ڌيان ڏنو ۽ پهرين عورتن جي ڀلائي ۽ پوءِ آمدنيءَ ۾ واڌاري جي شعبن ۾ اڳتي وڌياسين. بهرحال اسان جو بنيادي نظريو شعوري سگهه ئي رهيو. 88_1987ع ۾ اسان ڪارڪردگيءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪئي ۽ انهن سمورن پنجاهه گروپن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي، جيڪي اسان سان گڏ ڪم ڪري رهيا هئا. ان ڇنڊڇاڻ مان ثابت ٿيو ته هاڻي اسان وٽ اُهي گروپ ئي ڪامياب ٿيندا، جيڪي عوامي پذيرائي رکندا هوندا. اسان واپار نه پر خدمت ڪريون ٿا. پر اُن جي شروعات پهرين عوام طرفان ٿئي ٿي. اُهي پنهنجن مسئلن جي ڄاڻ حاصل ڪن ٿا، بعد ۾ اسان سندن مدد لاءِ اڳتي وڌندا آهيون. ان کي شراڪتي ترقيءَ جو نظريو سڏجي ٿو. اسان ماڻهن سان وقتي ناتو نٿا جوڙيون. بلڪ ڊگهي مدي لاءِ ساٿ ڏيون ٿا. اسان تعليم ڏيون ٿا، سکيا ڏيون ٿا. نيٽ ورڪنگ جو هنر سيکاريون ٿا، تحقيق جا گُر ٻڌايون ٿا. مطلب ته اسان فقط اهو ئي نٿا ڏيون جيڪو ماڻهو گهرن ٿا. بلڪ کين آئيندي جي سوچ به ڏيون ٿا.

پهنجي ڪم جي لاڳيتي ڇنڊڇاڻ اسان کي هڪ نئين خيال تي پهچايو. اسان مددي سرگرمين کي ٻين هنڌن تائين پهچائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي ۽ 1989ع کان پوءِ ان ڏس ۾ ڪم شروع ڪيو. هاڻي گجرات، راجستان، لکنو، بهار، ڪيرالا، آندرا پرديش، مڌيه پرديش ۽ اُڙيسا ۾ اسان جي سهڪار سان خودمختيار تنظيمون ڪم ڪري رهيون آهن. وٽن پنهنجو عملو آهي. پنهنجو فنڊ آهي ۽ اسان ٻين تنظيمن سان سندن سهڪار ۽ رابطو ڪرائي رهيا آهيون.

سوال: انهن مڪمل خودمختيار گروپن ۾ باقاعده نيٽ ورڪنگ جو ڪو ناتو آهي؟

جواب: شروع ۾ ته ڪونه هو، پر 1993ع ۾ اسان ان مسئلي جو تجزيو ڪيو ته نيٽ ورڪنگ جي گهرج محسوس ٿي. 1994ع ۾ اسان تنظيمن جي دستاويز سازي ڪئي هاڻ اسان وٽ مدد ڏيندڙ ادارن جي

لسٽ آهي.

سوال: پهرين اهو ٻڌايو ته تعليم، سکيا، تحقيق ۽ شعوري سگهه کان سواءِ مدد ڏيندڙ اداري جي ڇا ذميواري آهي؟

جواب: گذريل ٻن ٽن سالن اندر اسان پنهنجي حڪمت عمليءَ ۾ تبديلي آندي آهي. ان حڪمت عملي جو پهريون نقطو تنظيمن جي قابليت يا لياقت وڌائڻ آهي. ٻيو نقطو اسان اهو شامل ڪيو آهي ته مختلف شعبن وچ ۾ ڪميونيڪيشن ۽ ڳالهه ٻولهه ٿيڻ گهرجي. جهڙوڪ پارٽ ۾ نهايت بنيادي سطح تي ڪيترائي گروپ ڪم ڪري رهيا آهن. اسان اهڙن گروپن وچ ۾ هم آهنگي جي واڌاري تي زور ڀريو ۽ باقاعده حڪمت عملي تحت کين اڪيلائيءَ جي خول مان ٻاهر ڪڍيو. اسان سرڪاري واري جذبي سان گڏيل عمل کي اڳتي وڌايو ۽ سهڪار جي خواهش ۾ واڌارو ڪيو.

اسان سماجي تنظيمن بابت عام راءِ هموار ڪئي ۽ سڄي سماجَ جي ذريعن جي مدد سان ماڻهن ۾ پيدا ٿيل بدگمانيون ختم ڪيون. اڳ ۾ ماڻهو اهو سمجهندا هئا ته جيڪو ڪوبه ڪم نٿو ڪري سگهي، اُهو عام ڀلائي جي تنظيم هلائي سگهي ٿو. اسان ان خيال کي غلط ثابت ڪيو. هاڻي اسان رضاڪار تنظيمن کي معتبر بنائي رهيا آهيون. ماڻهن کي ٻڌائي رهيا آهيون ته انسانيت لاءِ ڪم ڪندڙ ماڻهو ڪنهن کان گهٽ ڪونهن. سماجي خدمت هڪ اهم شعبو آهي، جيڪو ٻين شعبن وانگر ڪم ڪري ٿو ۽ سماج لاءِ ان جو وجود اٽل آهي.

سوال: اوهان انهن سمورين ڏکيائين کي ڪيئن نبيريو ٿا. ان کان علاوه اوهان وٽ ابلاغ جي ذريعن ۽ غير سرڪاري تنظيمن جا لاڳاپا ڪيئن آهن؟ اوهان انهن لاڳاپن جي جوڙجڪ لاءِ ڇا ڪيو آهي؟

جواب: مان اوهان کي سرڪاري شعبي جي ڳالهه ٻڌايان ٿو. تازو پنچايت چونڊن جو قانون ٺهيو آهي. ان قانون هيٺ پنجاهه هزار چونڊيل پنچايتي نمائندن سان اٽڪل چار سئو بنيادي گروپ ڪم ڪندا، جن

وچ ۾ اسان سپورٽ آرگنائزيشن واري ذميواري نڀائينداسين. اهو بلڪل نئون خيال آهي. ان کان اڳ ماڻهو چونڊن جي خفي کان گهبرائيندا هئا. پر مان پڇان ٿو ته جيستائين اسان ڳوٺاڻين تنظيمن ۽ پنچايتن کي سگهارو نه ڪنداسين اسان جا خواب ڪيئن پورا ٿيندا؟ ماڻهن کي ان معاملي تي قائل ڪرڻ کين مقصد ۽ حدف سمجهائڻ نهايت ڏکيو ڪم هو، پر اسان ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ ان کي پورو ڪيو. ٻئي طرف اسان حڪمت عمليءَ جي وسيع تناظر ۾ حڪومت تي اثر وڌو ۽ اُن کي قائل ڪري ڪم لاءِ راضي ڪيو. مطلب ته اصل مسئلو، مسئلي جي سڃاڻپ جو آهي ۽ مسئلا وقت سان گڏوگڏ بدلجندا رهن ٿا. اسان کي گهرجي ته اسان انهن مسئلن تي نظر رکون ۽ پوءِ انهن تي عام بحث سان گڏوگڏ حڪومت کي به پنهنجي حق ۾ راضي ڪندا رهون. ان مقصد لاءِ اسان ميڊيا جو ڀرپور استعمال ڪيو. ۽ مسئلن کي گهٽ اُڀاريو جيئن حڪومت تي دٻاءَ رهي.

اسان هڪ اهم ڪم مسئلن تي کوجنا لاءِ سازگار ماحول پيدا ڪري ڪيو آهي. شروع ۾ اسان ڪنهن جي درخواست تي کوجنا ڪندا هئاسين. پر هاڻ اسان پاڻ مسئلي جو تعين ڪري تحقيق ڪري رهيا آهيون. هن مهل اسان وٽ 5_6 ڪيس آهن. جن تي ڪم پورو ڪري اسان اهم معاملن ۾ سرڪاري پاليسين کي متاثر ڪنداسين. اسان جو مقصد اِهو آهي ته اسان ڄاڻ گڏ ڪري ماڻهن کي آگاهه ڪريون جيئن اُهي پنهنجن حقن لاءِ مختلف هنڌن تي آواز اٿاري سگهن. اڳ ۾ اسان کي آواز اُٿارڻ جي سکيا ڏيڻ ٻاهر کان ماڻهو ايندا هئا. پر هندستان جي عوام جي ترجماني امريڪا جي اصولن سان ڪيئن ٿي سگهي ٿي. هن وٽ ”اطلاع جي آزادي“ جو قانون آهي. اسان وٽ ”راز ڳجها رکڻ جو قانون“ آهي. اسان حقن جي ترجمانيءَ ۾ سندن برابري ڪيئن ٿا ڪري سگهون؟

جيستائين ميڊيا سان لاڳاپن جي ڳالهه آهي ته اُهي يقيني طور تي گهٽا سٺا ڪونهن. شروعاتي ڏهه ٽي سال ته اليڪٽرانڪ ميڊيا حڪومت جي هٿن ۾ هو، جتي اسان جي پهچ ڪانه هئي. هاڻ سيٽلائٽ چئنلس

آيا آهن ته ڪجھ سڌارو ٿيو آهي، پر هاڻ اسان کي پاڻ پروگرام ٺاهڻا پوندا، جنهن جي اشد ضرورت آهي.

ٻئي پاسي مان صحافتي تنظيمن کي پنهنجو فطري ساٿاري ليکيان ٿو. اُهي ڏاڍا روشن خيال، ترقي پسند ماڻهو آهن، جيڪي غير سرڪاري تنظيمن سان ذهني هڪجهڙائي رکن ٿا. اسان کي پاڻ سان صحافين کي گڏ ڪڻ جي ضرورت آهي. اسان جي اڳيان هڪ اهم مسئلو اِهو آهي ته انگريزي ۽ هنديءَ جون وڏيون قومي اخبارون سياسي جوڙ ٽوڙ ۽ سرڪاري اٽڪل بازين ۾ ڦاٿل رهن ٿيون ۽ سندن ڌيان سياست تي گهڻو آهي. البت مقامي ٻولين جون اخبارون، مقامي مسئلن تي ڌيان ڏين ٿيون. ڀوپال، لکنو، چنڊي ڳڙهه، حيدرآباد جي اخبارن ۾ ان ڏس ۾ ڪافي ڪوريج ڏني وڃي ٿي ۽ هاڻي انهن وچ ۾ ڳالهه ٻولهه جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي.

صحافتي تنظيمن جون سياسي وابستگيون به اسان لاءِ هڪ مسئلو آهن جنهن ڪري مقامي مسئلن لاءِ صحافي انفرادي طور تي آواز اُٿاري رهيا آهن. اجتماعي سطح تي اهڙو ڪم نه ٿي رهيو آهي. ساڳيو شاگرد تنظيمن ۾ آهي. جتي تعليمي ادارن ۾ سياسي پارٽيون ٺهيل آهن. حد ته اِها آهي جو هاڻي عورتن جي ڀلائي واري شعبي ۾ به سياست گهڙي پئي آهي.

سوال: اسان کي سول سوسائٽي قائم ڪرڻ لاءِ ماڻهن جي ايجنڊا تي به نظر رکڻي پوندي. ڪجھ ماڻهو ذاتي مسئلن تحت پنهنجي ايجنڊا جوڙين ٿا ۽ ڪجھ ٻين کان متاثر ٿي انهن کي اختيار ڪري وٺن ٿا؟

جواب: هڪ سپورٽ آرگنائزيشن هجڻ ڪري اسان لاءِ اهو ڪردار ڏاڍو اهم آهي. اسان کي ڏاڍو دلير هئڻ گهرجي. مثال جي طور تي 1983ع کان وٺي گذريل سال تائين اسان جي حسابن جي آڊٽ ۾ انڪم ٽيڪس آفيسر هر سال غلط فيصلو ڪندو آهي ۽ اسان هر سال ٽريبونل ۾ ڪيس وڙهي کٽي ويندا آهيون. اسان وٽ ٻاهر کان ماڻهو اچن ٿا. وزارت داخلا وارا گهڻو ڪري اسان وٽ چڪر ڪاٽيندا رهندا آهن

ته ڪير آيو؟ ڪير ويو؟ پر اسان ڪونه ڊناسين، ڇو ته اسان ڪليو ڪلايو ڪم ڪري رهيا آهيون، ڪجھ به لڪ چوري ۾ نه ڪري رهيا آهيون.

سوال: ايشيا جي سطح تي اوهان جا آئيندي جا ڪهڙا ارادا آهن؟
جواب: في الحال اسان تنظيمن جي شعوري سگھه وڌائڻ جي پروگرام کي فقط ڏکڻ ايشيا تائين محدود رکڻ گھرون ٿا ۽ اُن کي سارڪ ملڪن کان ٻاهر نٿا پکيڙڻ چاهيون. البت هن سال اسان وڏين تنظيمن لاءِ ڏهن هفتن جو ڊيولپمنٽ مئنيجمنٽ پروگرام شروع ڪيو آهي. جيڪو سمورن سارڪ ملڪن لاءِ آهي. گذريل سال اسان بنگلاديش ۾ ”ترقياتي حڪمت عملي ۽ بيوروڪريسيءَ جو ادارو“ به قائم ڪيو آهي. جيڪو ڊاڪٽر قاضي فاروق جي نظرداري هيٺ ڪم ڪري رهيو آهي. مان سمجھان ٿو ته ايندڙ سال تائين اسان علائقائي سطح تي پنهنجي ڪم کي اڳيرو ڪرڻ جي لائق ٿي وينداسين. □

# شبانہ اعظمي

’سرڪار جو مسئلو اهو آهي
تہ جن ماڻهن جي زندگيءَ
بابت فيصلا ڪيا وڃن ٿا،
تن جي راءِ کي نہ اهميت
ڏني وڃي ٿي ۽ نہ فيصلن
۾ شامل ڪيو وڃي ٿو.
نتيجو اهو نڪري ٿو تہ
سرڪاري پاليسيون ناڪام
ٿي وڃن ٿيون.‘

# شبانہ اعظمي

سوال: شبانہ اوهان ادڪاره جي حيثيت ۾ پاڪستان ۾ ڏاڍيون مقبول آهيو. اهو ٻڌايو تہ سماجي ۽ ترقياتي ڪمن ۾ اوهان ڪڏهن ڪان دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي ۽ ڏتڙيل طبقن جي خوشحالي لاءِ ڪم ڪرڻ جو خيال اوهان کي ڪڏهن آيو؟

جواب: جهڙي قسم جي ماحول ۾ منهنجي پالنا ٿي، ان جو نتيجو اِهوئي نڪرڻو هو تہ مان ان عمل ۾ شريڪ ٿيان. منهنجو والد ڪيفي اعظمي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو ميمبر هو ۽ اڄان بہ آهي غريب طبقي سان سندس لاڳاپو گهڻو رهيو، هُن پورهيت تنظيمن ۽ هارين سان گڏ ڪم ڪيو آهي.

9 سالن تائين منهنجي پرورش ريڊ فليگ هال ۾ ٿي اسان اُتي ئي رهندا هئاسين. اِها هڪ ڪميون قسم جي شيءِ هئي. اهو بمبئي ۾ هڪ وڏو فليٽ هو. جنهن جا ڪمرا مختلف ڪامريڊن کي ڏنا ويا هئا. اسان سان لڳو لڳ ڪمري ۾ سردار جعفري رهندو هو. سڀني جو باٿ روم ۽ ٽوائليٽ گڏيل هو. ڊرائنگ روم، ريڊفليگ هال سڏبو هو، جتي ڪميونسٽ پارٽيءَ جا اجلاس ٿيندا هئا. دنيا ۾ اکيون کولڻ بعد پهريون رنگ جيڪو مون ڏٺو سو ڳاڙهو هو. مان ننڍڙي هُيس تہ بابا مون کي پارٽي ميٽنگن ۾ وٺي ويندو هو. امان ٿيئٽر ۾ ڪم ڪندي هئي. ڪيئي ڀيرا ايئن بہ ٿيو تہ گهر ۾ منهنجي سارسنڀال لاءِ ڪوبہ نہ

هوندو هو. سياسي گڏجاڻي جي موقعي تي آئون ڳاڙهي جهنڊي کي ڏسندي رهندي هيس، جيڪو اُتي سڀ کان پڌرو هو. ان وقت مون کي ڄاڻ ڪانه هئي، ته ڳاڙهي رنگ جو مطلب ڇا آهي پر مون کي اُتي ڏاڍو مزو ايندو هو. اُتي منهنجا لاڏ ڪنيا ويندا هئا. اُتي شاعر ۽ اديب به ايندا هئا، ڪجھ ٿيئٽر جو به ماحول هو. اُهو سڀڪجھ مون کي ڏاڍو ڀلو لڳندو هو، پر جڏهن مون فلمن ۾ ڪم ڪيو ته اُن بيڪ گرائونڊ کان ڄاڻي ٻجهي ڪن ٽار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيم، مان چوندي هُيس ته گهر تي ايڏي گهڻي سياست ٿئي ٿي جو مان اخبار ٻڌجي ويئي آهيان.

فلمن ۾ ڪڏهن ڪڏهن مون اهڙن ماڻهن جو ڪردار ادا ڪيو، جيڪي ظلم جو شڪار ٿين ٿا. پر اُن ڏاڍ خلاف آواز اُٿارين ٿا. اهي ڪردار ڏتڙيل طبقن جي عڪاسي ڪندا هئا. ۽ اُنهن کي ادا ڪندي به تي اهڙا واقعا پيش آيا جو اِهو سڀڪجھ منهنجي ذات جو حصو بڻجي ويو. اُن وقت منهنجي لاءِ اِهو اڻ ٽيٺو هو ته مان ان ڪم کي نون کان پنجين وڳي تائين جي نوڪري سمجهي ڪريان.

سوال: ڪو خاص واقعو جنهن ڪنهن خاص فلم ۾ اوهان جي رول تي اثر وڌو هجي.

جواب: فلم ”پار“ ۾ مان ڳوٺ جي هڪ اهڙي عورت جو ڪردار ادا ڪري رهي هيس جيڪا پنهنجي مڙس سان روزگار جي ڳولا ۾ نڪري ٿي، (مڙس جو ڪردار نصيرالدين شاه ادا ڪيو هو). ڪلڪتي پرسان نيهائي واري هنڌ تي فلمبندي ٿي رهي هئي پنهنجي ڪردار کي چڱي ريت نڀائڻ لاءِ مون ڪردار سان ملندڙ هڪ مقامي عورت سان دوستي ڪئي، جيئن اِهو مشاهدو ڪري سگهان ته اُها ڪهڙي ريت حياتي گذاري ٿي، ڪيئن اُٿي ويهي ٿي، رڌ پچاءُ ڪيئن ڪري ٿي، ڪهڙي طرح کائي ٿي، وغيره. ٽن ڏينهن بعد اُها عورت مون کي پنهنجي گهر وٺي ويئي. اهو گهر هڪ ننڍڙو ڪمرو هو جنهن ۾ نه سوجهرو هو ۽ نه هوا. اُن ۾ اٺ ڄڻا رهندا هئا مون غربت بابت فقط پڙهيو هو ۽ ٻڌو هو اُن ”گهر“ ۾ غربت منهنجي ڇوڏاري هئي. مان

اهو سوچيندي رهجي ويس تہ جيڪا عورت اهڙين ڏکين حالتن ۾ رهي ٿي، اُها مُرڪي ڪيئن سگهي ٿي! اُن واقعي جذباتي طور مون کي ڏاڍو متاثر ڪيو. مون اُن عورت سان دوستي ڪري ورتي، مون سوچيو تہ اها مون کي پنهنجي دوست ليکي ٿي مان فلمبنديءَ کان پوءِ بمبئي موٽي ويجان ۽ اُن عورت جي زندگيءَ کي بدلائڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪريان تہ اها ان عورت سان ۽ دوستيءَ جي ناتي سان ناانصافي ٿيندي، ڇو تہ مان اُن حيثيت ۾ آهيان جو سندس لاءِ ڪجھ ڪري سگهان.

سوال: پر اوهان اُن عورت جو قرض اُن صورت ۾ بہ چُڪائي سگهو ها تہ پنهنجي پرس مان ڏھ پنج هزار رپيا ڪيس ڏيئي ڇڏيو ها عام طور تي ماڻهو اِهو ئي ڪندا آهن. اوهان پئسا ڏيڻ بدران اهو ڇو سوچيو تہ اُن سڄي طبقي لاءِ ڪجھ ڪريو، جنهن جي اُها نمائندگي ڪري رهي هئي.

جواب: مون کي سدائين اِهو احساس رهيو آهي تہ وقتي امداد ڏيئي ماڻهو اِهو سمجهن ٿا تہ هُنن پنهنجي ذميواري پوري ڪري ورتي، خاص طور تي ڪميونسٽ اِهوئي ڪم ڪندا آهن تہ خيرات ڏيئي جان ڇڏائي وٺندا آهن. نيهائي جي اُن عورت سان ملڻ ۽ سندس جيون کي ويجهڙائي کان ڏسڻ بعد ۾ منهنجا احساس ايڏا شديد هئا ۽ منهنجي اندر هڪ اوبر هئي تہ انهن حالتن کي بدلائڻ لاءِ ڪجھ ڪرڻو پوندو. اُن لاءِ اڳ بہ غريبن جي بيوسيءَ ۽ لاچاريءَ جو نظارو بمبئي ۾ ڏسي چُڪي هُيس. تہ بيدرديءَ سان سندس جهوپڙين کي ڊاٺو ويندو هو. مون کي سخت ڪوفت ٿيندي هئي بابا جي هڪ نظم "گهر" مون کي ان حوالي سان سدائين متاثر ڪيو تہ جيڪو پورهيت پنهنجي رت ۽ پگهر سان خوبصورت محل، فائيواسٽار هوٽل يا عاليشان بلڊنگ جوڙي ٿو، تنهن کي ان عمارت ۾ داخل ٿيڻ تئو ڏنو ويجي تہ توکي اِهو حق ڪونهي. اڳ ۾ مان بہ بمبئي جيَ ٻين ماڻهن وانگر اهو سمجهندي هُيس تہ جيڪڏهن انهن جهڳين کي ٽوڙيو نہ تہ بمبئي ختم ٿي ويندو. پر ان وچ ۾ مون هڪ دستاويزي فلم "همارا شهر" ڏٺي جنهن ۾ ٻڌايو ويو هو تہ جهڳيون ڊاهڻ مسئلي جو حل ڪونهي. هر هر پنهنجو اجهو برباد

ٿيڻ جي باوجود اُهي ماڻهو پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽي نٿا وڃن ڇو ته ڳوٺ ۾ سندن لاءِ روزگار ڪونهي، تنهنڪري ڪيس ڳوٺ اُماڻڻ بدران ڪيس بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اها ڳالهه منهنجي سمجهه ۾ اچي ويئي. ان فلم جو فلمساز آنند هو ۽ ان هلچل ۾ شامل هو، جنهن جو نالو "نبهارا هائوس سريشا سمڪتي" آهي ۽ هاڻي مان به ان جي ميمبر آهيان.

ان دوران هڪ وڏو واقعو ٿيو. مئي 1986ع ۾ بمبئي جي هڪ پوش علائقي ۾ هڪ جهوپڙين جي قطار ڊاٺي ويئي، پر جيڪي غريب بي گهر ڪيا ويا، تن کي متبادل جڳهه ڪانه ڏني ويئي. هنن ماڻهن فيصلو ڪيو ته اهي پنهنجي حقن لاءِ بک هڙتال ڪندا. انهن ڏينهن ۾ مون کي ڪانزجي فلمي ميلي ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ فرانس وڃڻو هو. منهنجي فلم "ڪنيز" ميلي ۾ ڏيکاري پيئي ويئي. ان واقعي ڪانپوءِ مون اعلان ڪيو ته فلمي ميلي ۾ نه وينديس ۽ بي گهر ٿيل ماڻهن سان بک هڙتال ڪنديس. اُهو ٻڌي ياڻ جهوپڙيءَ وارا اچرج ۾ پئجي ويا. هُنن چيو ته شايد اوهان کي ڄاڻ ڪونهي ته اهو ڪيئن ٿيڻو آهي. اسان وچ رستي تي ويهي رهنداسين ۽ جيستائين سرڪار اسان جي ڳالهه نٿي مڃي بک هڙتال جاري رکنداسين. مون پنهنجي مڙس جاويد کي چيو ته، مان ڪانز فيسٽيول ۾ نٿي وڃڻ چاهيان، بلڪ هنن ماڻهن سان گڏ بک هڙتال ۾ شامل ٿيڻ چاهيان ٿي. جاويد چيو ته جيڪڏهن تون اِهو ئي چاهين ٿي ته نه وڃ، پر جيڪڏهن تنهنجو خيال آهي ته اِهو بهادريءَ جو ڪم ڪرڻ تي سڄي دنيا واهه واهه ڪندي ته ائين بنهه ڪونه ٿيندو. ايجا پاڻ ڏاڍا پادر لڳندا، ماڻهو توتي ٺٺول ڪندا، پر انهن ماڻهن کي ضرور فائدو ٿيندو، جن لاءِ تون اِهو ڪرڻ پئي وڃين. جيڪڏهن تو ۾ ايڏي سهپ جي سگهه آهي، ته توتي ڪيڏي به ٺٺولي ڪئي وڃي، ان کي بردباري سان سهي سگهين ته ضرور بک هڙتال ڪر. جاويد جي ان ردعمل سان مون کي حوصلو مليو. اسان پنجن ڏينهن تائين بک هڙتال ڪئي. مئي جو مهينو هو، بمبئي جي هڪ سڙڪ تي هڪ پليٽفارم ٺاهيو ويو. جنهن سان نه ڪو ٽوئلٽ هو، نه ڪا ٻي سهوليت، ايستائين

جو پکو بہ ڪونہ هو. اهو سڀ ڪجھ سرڪاري عملدارن ۽ بمبئي وارن لاءِ عجيب هو، ڇو تہ اڳ ڪڏهن بہ ائين نہ ٿيو هو.

سوال: اوهان سان فقط جهوپڙين وارا هئا، يا فلمي دنيا جا ٻيا ماڻهو بہ شامل هئا؟

جواب: فلمي دنيا مان ڪوبہ ڪونہ هو. سنجي گانڌي نگر جا چار ماڻهو هئا، هڪ آنند ۽ هڪ مان. اسان ڇهہ ماڻهو هئاسين. اخبارن ان واقعي کي زبردست ڪوريج ڏني. پنجن ڏينهن تائين سرڪار جي ڪن تي جونءَ بہ ڪانہ سُري. پنجن ڏينهن بعد هُن منهنجي ماءُ کي سڏايو. (بابا انهن ڏينهن ۾ بمبئي ۾ ڪونہ هو). ۽ چيو تہ هڪ اداڪاره جي حيثيت ۾ شبانہ جي ڏاڍي عزت ڪئي ويجي ٿي. پر ڪيس بي وقوف بنايو پيو وڃي. جڏهن سرڪار وٽ زمين آهي ئي ڪانہ تہ ڇا ڪجي. امان سندن ڳالهين سان گهبرائجي ويئي. هن پٽنا ۾ بابا کي فون ڪيو تہ، تنهنجي ڌيءُ هن حرڪتن ۾ لڳي پيئي آهي. مون کي برداشت نٿو ٿئي، تون هڪدم هليو اچ. ڪيفي صاحب آيو، پر اچڻ کان اڳ هن مونکي هڪ تار موڪلي، جنهن جو پيغام هو ”بيسٽ آف لڪ ڪامريڊ“. ان تار سان مون کي وڏو حوصلو مليو. پنجن ڏينهن کان پوءِ سرڪار آخرڪار اسان جون گهرجون مڃيون ۽ انهن ماڻهن کي متبادل جاءِ ڏني ويئي. اها تمام وڏي ڪاميابي هئي.

سوال: ڇا اها تنظيم مستقل بنيادن تي ڪم ڪري رهي آهي؟

جواب: اسان جو چوڻ اهو آهي تہ جهوپڙيءَ کي ختم ڪرڻ مسئلي جو حل ڪونهي. ڇو تہ اُن سان هڪ ڪچي آباديءَ مان ڪئين ڪچيون آباديون نهي پون ٿيون. فرض ڪريو تہ هڪ وسنديءَ ۾ پاڻي ۽ بجلي آهي، جڏهن اوهان ان کي ڊاهيو ٿا تہ اتان جا ماڻهو ڳوٺ واپس ڪونہ ٿا وڃن، اُهي بہ ئي هنڌ وڃي ساڳي قسم جي وسندي آباد ڪن ٿا. جتي نہ بجلي هجي ٿي، نہ پاڻي، جڻ اڳ کان بہ وڌيڪ خراب هڪ آبادي وجود ۾ اچي ويجي ٿي.

سوال: ان جو متبادل ڇا آهي؟
جوب: ان جو حل اِهو آهي تہ ڪچي آباديءَ کي قبول ڪريو ۽ انهن کي باقاعده بنايو. جيستائين اوهان پنهنجي ڳوناٽي پاليسي ذريعي ڳوٺن کي جتني پارت جي 80 سيڪڙو آبادي رهي ٿي. ان لائق نہ ڪندا تہ ماڻهو اُتان ڪان ڪم لاءِ نہ نڪرن تہ اُهي ماڻهو ضرور شهرن ڏانهن ايندا. شهرن کي مزدورن جي گهرج آهي. تنهن ڪري اوهان ڪچين آبادين جو معيار وڌايو. حڪومت ڪچين آبادين جي رهواسين لاءِ ڪيترائي پيرا فليٽ تعمير ڪيا ۽ کين اُتي آباد ڪيو، پر ڪجهہ وقت بعد اُهي، اُنهن کي وڪڻي هليا ويا.

ان تي ماڻهو چون ٿا تہ کين شرم ڪونہ ٿو اچي. سوال اِهو آهي تہ اُهي ڪهڙا ڪارڻ آهن، جن جي ڪري ائين ٿئي ٿو. ان جو جواب اهو آهي تہ انهن ماڻهن کي رهڻ لاءِ جاءِ سندن ڪم جي هنڌ کان ايڏو پري ڏني وڃي ٿي، جنهن کي اُهي قبول نٿا ڪري سگهن. اُهي جهڙو ڪم ڪن ٿا، تنهن لاءِ ضروري آهي تہ اُهي شهر جي پرسان هُجن. ٻيو سبب اِهو آهي تہ سندن گهرن ۾ نهايت غيرمعياري اڏاوتي سامان استعمال ڪيو وڃي ٿو. اسان جو آزمودو اِهو آهي تہ گهر ٺاهڻ جي ضرورت ڪانهي. کين ضروري ماحول يعني، بجلي، پاڻي، تعليم ۽ علاج جون سهوليتون مهيا ڪريو، ۽ زمين جو ٽڪرو ڏيئي ڇڏيو. گهر اُهي پاڻ ٺاهي وٺندا ۽ جيڪڏهن کين اهو دپ نہ هوندو تہ سپاڻي سندن گهر کي ٽوڙيو ويندو، تہ اُهي جلد پنهنجي ماحول کي سڌاري وٺندا. سرڪار جو مسئلو اِهو آهي تہ جن ماڻهن جي زندگيءَ بابت فيصلا ڪيا وڃن ٿا. تن جي راءِ کي اهميت نٿي ڏني وڃي ۽ نہ ئي فيصلن ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو. نتيجو اِهو نڪري ٿو تہ سرڪاري پاليسيون ناڪام ٿي وڃن ٿيون.

سوال: چڱو اهو ٻڌايو تہ اوهان جو اِهو گروپ ڪيڏو وڏو آهي، اُن ۾ ڪيترا ماڻهو آهن؟
جواب: اِهو دنيا جو ننڍي ۾ ننڍو گروپ آهي. ڇو تہ اسان ٻجي ڪور

گروپ ۾ فقط اڻ ماڻهو آهن. جيڪي پيروڪاري ۽ ماڻهن کي چرپر ۾ آڻڻ جو ڪم ڪن ٿا. اهي ڪچين آبادين ۾ وچي سجاڳي پيدا ڪن ٿا. سچي ڳالهه ته اها آهي ته اهي ماڻهو پنهنجي سگهه کان وڌي ڪم ڪري رهيا آهن. ڪچي آبادين جي وڏيرن کي اسان کان سدائين خطرو رهي ٿو، تنهن ڪري اُهي ماڻهن کي پڙڪائين ٿا ته اوهان هنن کي پنهنجو ليڊر مڃو ٿا، پر اهي اوهان لاءِ ڪجهه به نه ڪندا. هنن جا چاڙتا رات جي هڪ وڳي اچي حملو ڪن ٿا. ته اسان جا ڇوڪرا هڪ وڳي جو سندن بچاءَ ڪرڻ لاءِ پهچي وڃن ٿا ڪميونيڪيشن جو.هڪ اهڙو نظام جوڙيو ويو آهي، جو اطلاع هڪدم پهچي وڃي ٿو، ان ڪري گروپ جي اهميت وڌي ويئي آهي. پر پيروڪار گروپ جو اعتبار انهن وڏيرن جي پيٽ ۾ ايجا گهٽ آهي، ڇو ته جيستائين اسان جي گروپ جو ڪچين آبادين جي رهواسين سان رابطو نٿو ٿئي، تيستائين اُهي اسان جي ڳالهه پوري ريت سمجهي نٿا سگهن. پر اسان جو گروپ ينهه هيٺين سطح تي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪچين آبادين جا رهواسي ان تي پروسو ڪرڻ لڳا آهن.

جڏهن بابري مسجد وارو سانحو ٿيو ته اسان 25 وسندين ۾ ڪم ڪري رهيا هئاسين، جن مان ڪنهن هڪ ۾ به وڳوڙ نه ٿيا. اها اسان جي ڪاميابي هئي. عام طور تي ائين ٿئي ٿو ته ماڻهو وڳوڙن کان پوءِ اچن ٿا، جڏهن ته سڀ کان وڏيڪ ڪم وڳوڙن جي خطري کان اڳ ڪرڻو پوندو آهي ۽ اُهو هيءُ ته اوهان سمورين ڌرين وچ ۾ رابطو رڪندڙ بڻجي وڃو، جيئن ڳالهين جو عمل جاري رهي.

سياسي شعور پيدا ڪرڻ جو عمل لاڳيتو جاري رهي ٿو. اسان کين پاڻي، بجلي ۽ ٻيون بنيادي گهرجون ڏيارڻ لاءِ وڙهندا ته آهيون، پر گڏوگڏ کين اهو به ٻڌايون ٿا ته اهي شيون اوهان کي خيرات ۾ نه ملنديون، انهن لاءِ اوهان کي ٽيڪس ته ڏيڻو ئي پوندو، جيئن ٻيا ماڻهو ڏين ٿا. ان سان گڏوگڏ اسان اسٽريٽ ٿيئٽر، موسيقي ۽ نرت جي پروگرامن ذريعي ڪچين آبادين سان رابطو جاري رکون ٿا. اسان جو ڳچ ڪم احتجاجي قسم جو آهي. ترقياتي ڪم ۽ احتجاجي ڪم ٻئي

گڏوگڏ هلن ٿا. اسان ماڻهن کي شعوري طور تي تيار ڪريون ٿا. جڏهن ڳالهين لاءِ سرڪاري آفيسرن وٽ وڃڻو پوندو آهي ته، اسان ڪين ساڻ وٺي ويندا آهيون، پلي وڏي وزير سان ميٽنگ هجي يا بچاءَ واري وزير سان. ڪچين آبادين جي رهواسين جا عيوضي لازمي طور اسان سان گڏ هوندا آهن. اهڙي موقعي تي سرڪاري ماڻهو ڏاڍو عجيب محسوس ڪندا آهن، پر اُهي اِهو به ڏسا چئي سگهن ته جهوپڙا پٽيءَ جي ماڻهن کي ٻاهر رکيو وڃي. ٻئي پاسي غريب ۾ اهو شعور پيدا ٿئي ٿو ته اهو پنهنجي حق لاءِ وڙهي رهيو آهي ته اُهي چيف منسٽر جي اکين سان اکيون ملائي پنهنجو مسئلو ٻڌائي سگهي ٿو. سندس حوصلو وڌي ٿو ۽ اسان جي به اها ئي ڪوشش هجي ٿي ته اسان ڪين پاڻ پيرو ۽ خوداعتماد بڻايون ۽ منجهن ايڏي سگهه پيدا ڪريون ته اُهي پنهن ڪچين ابادين ۾ وڃي ڪم ڪن. ان کان علاوه ميڊيڪل سينٽر، اسڪول، ووڪيشنل گائيڊينس، اِهي ڪم به گڏوگڏ هلندا رهن ٿا.

سوال: پنهنجي آئيندي جي ارادن بابت ٻڌايو ته ڇا ڪرڻ چاهيو ٿيون. مون کي لڳي ٿو ته اوهان پنهنجي شوق جاري رکنديون، فلم به ۽ ترقياتي ڪم به. اوهان کي انهن ٻنهي وچ ۾ ڪهڙو تعلق نظر اچي ٿو. ڇا اِهي ٻئي هڪ ٻئي کي سگهارو ڪري سگهن ٿا؟

جواب: ها! مان اِهو سمجهان ٿي ته اهي ٻئي هڪ ٻئي کي سگهارو ڪن ٿا، ڇو ته آرٽسٽ جا مسئلا زندگيءَ سان ڳنڍيل آهن. جيڪڏهن اوهان ماڻهن جي عڪاسي ڪري رهيا آهيو ته، اُن لاءِ ضروري آهي ته اوهان زندگيءَ جو ويجهڙائي کان مشاهدو ڪريو، ماڻهن سان سچو تعلق قائم ڪريو. اوهان جو ناتو عام ماڻهن سان جيڏو سگهارو هوندو، اوهان جو فن اوتروئي اُڀرندو. اداڪاريءَ سببان منهنجي پهچ گهٽين جاين تي آهي. پارٽ ۾ فلم ايڪٽر جو اثر ڏاڍو گهرو هوندو آهي، سندن ڳالهيون ٻڌيون وڃن ٿيون ته اُن سگهه کي ترقياتي ڪمن ۾ استعمال ڪرڻ گهرجي.

سوال: ڇا ويجهي مستقبل ۾ اوهان جو پاڪستان اچڻ جو ڪو ارادو آهي؟ ڇو ته اسان چاهينداسين ته اوهان اچو، اين جو اوز سان به ملو ۽

ڪچيون آباديون بہ ڏسو ۽ پاڻ جهڙن اهڙن ماڻهن سان بہ ملو، جن جو ڪلچر سان ڪجھ واسطو آهي .
جواب: مان ضرور اچڻ چاهينديس، پر في الحال ڪو ارادو ڪونهي. جيڪڏهن ڪو گروپ مون کي دعوت ڏيندو تہ ضرور ايندس. مون کي لڳي ٿو تہ اسان کي نهايت سنجيدگيءَ سان پريشر گروپ ٺاهڻو پوندو. اولهہ جي پوئيواريءَ ۾ اسان وڏيون وڏيون رٿائون ٺاهيندا رهيا آهيون. پر ڇا سبب آهي تہ اڄ تائين غربت کي ختم نہ ڪري سگهيا آهيون؟ اڄا بہ ائين ٿيو آهي تہ، امير ۽ غريب وچ ۾ وڇوٽي وڌي ويئي آهي. ڀارت ۾ ڀيلن جي ايراضي فقط 9 سيڪڙو رهجي ويئي آهي. اسان ان ڏس ۾ ڪوبہ ڌيان نہ ڏيئي رهيا آهيون. نرمدا ڊئم جهڙا وڏا وڏا ڊئم ٺاهي رهيا آهيون. جيڪي ڊئم اڳيئي موجود آهن، اهي صحيح ڪم نہ ڪري رهيا آهن، پر اسان انهن بابت نٿا سوچيون. مهاراشٽر ۾ 60 سيڪڙو پاڻي ڪمند جي فصلن کي ڏنو وڃي ٿو، پر فقط هڪ سيڪڙو ڪمند حاصل ٿئي ٿو. ان جو ڪارڻ شگر ملن جي سگهاري لابي آهي. اهڙي قسم جي اڻ برابريءَ بابت ڪوبہ نٿو سوچي .

سوال: ننڍي ڪنڊ ۽ ان جهڙن ٻين علائقن ۾ عورت ۽ مرد وچ ۾ جيڪا اڻ برابري آهي ۽ عورتن جي برابريءَ وارن حقن جي جيڪا ڳالھ ڪئي پيئي وڃي، تنهن بابت اوهان جو ڇا خيال آهي ؟
جواب: عورت تہ ٻنهي پاسن کان پيڙهجي رهي آهي. اُها ٻهراڙيءَ ۾ گهر ۽ ٻنيءَ جا سمورا ڪم ڪري ٿي. شهر ۾ اها ڪنهن بئنڪ ۾ ڪلارڪ آهي، سيڪريٽري آهي، يا ڪنهن ٻئي اداري ۾ ڪم ڪري رهي آهي. پر اقتصادي سرگرميءَ جي ڪري سندس گهرو ذميواريون گهٽ نٿيون ٿين، پر ڪيس ٻيڻو ڪم ڪرڻو پوي ٿو، گهر اندر بہ ۽ گهر کان ٻاهر بہ. ائين نٿو ٿئي تہ سندس مڙس رڌ پچاءُ ڪري رهيو آهي يا سندس هٿ ونڊائي رهيو آهي. ظلم تہ اهو آهي تہ نوڪري پيشہ عورت ان اضافي دٻاءَ سان گڏ اهو ثابت ڪرڻ ۾ لڳل هوندي آهي تہ گهر کان ٻاهر ڪم ڪرڻ سببان اها خراب ماءُ يا خراب زال نہ ٿي ويئي آهي، بلڪ گهر ۽ ٻارن جو بہ خيال رکي ٿي. ساڳئي ٻيو ظلم اهو بہ آهي تہ اُها پورهيو ڪري جيڪي پئسا ڪمائي ٿي، تن تي

سندس حق نٿو هجي. جيڪڏهن اُها هڪ ساڙهي به خريد ڪرڻ گهرجي ته اُن لاءِ مڙس کان ڪيس اجازت وٺڻي پوي ٿي، جڏهن ته مرد جيڪي ڪجھ ڪمائي ٿو، اُهو پنهجي مرضيءَ سان خرچ ڪري ٿو. مان سمجهان ٿي ته گهٽ ۾ گهٽ ٻهراڙين ۾ عورتن کي نهايت معمولي ڳالهين تي گڏ ڪري سگهجي ٿو. موبيلائزيشن جي جيڪا سگھ آهي، تنهن کي شايد پوري طرح نه سمجهيو ويو آهي اصل ڳالهه اِها آهي ته اُنهن کان ئي پڇجي ته سندن مسئلا ڪهڙا آهن ۽ اتفاق راءِ پيدا ڪري کين موبلائز ڪيو وڃي، منهنجي خيال ۾ ان ريت مسئلن جو نبيرو ٿي سگهي ٿو.

سوال: ڳوٺن ۾ ڪم ڪرڻ جو اسان جو تجربو اهو آهي ته عورتون غربت ۽ ٻارن جي گهڻائي مان بيزار آهن. سندن اَٺ اٺ، ڏهه ڏهه ٻار آهن، سندن چوڻ آهي ته ڪٽنب رٿابندي وارن کي آڻيو.

جواب: فيملي پلاننگ جو اولهه جو جيڪو طريقو آهي، تنهن تي ويچار ڪرڻ گهرجي. گهڻن سالن کان اسرندڙ ملڪن کي ڄم روڪ شيون ڏنيون پيون وڃن، پر هاڻي اهو ثابت ٿي چڪو آهي ته اهو طريقو ڪامياب ڪونهي. جيستائين اوهان فيملي پلاننگ کي بنيادي صحت ۽ کير پياڪ ٻارن جي موت جي مسئلي سان نه ڳنڍيندا اهو مسئلو حل نه ٿيندو. هڪ ڳوٺ ۾ ڪم جي دوران مون هڪ عورت کي چيو ته، مان توکي لڪ چوري ڄم روڪ شيون ڏيان ٿي. هو اکيون ڦاڙي مون کي نهارڻ لڳي. پوءِ هُن مُرڪندي چيو ته، منهنجي گهر ۾ ڪاٻه اهڙي جاءِ ڪانهي جتي نويڪلائي هجي. جڏهن هڪ ڪمري ۾ اٺ ڏهه ماڻهو رهندا هُجن ته زالَ ۽ مڙس کي نويڪلائي ڪيئن ٿي ملي سگهي؟

سوال: پاڪستاني اداڪارن لاءِ اوهان ڪجھ چوندا؟

جواب: مان پيغام ڏيڻ کان ڏاڍو ڪيٻائيندي آهيان، ڇو ته منهنجي خيال ۾ اها سڀ کان خطرناڪ شيءِ آهي، مون کي محسوس ٿئي ٿو ته، اوهان جيڪو ڪم ڪري رهيا آهيو، جيڪڏهن ماڻهن کي اُن جي ڄاڻ آهي، ته اِها ڳالهه پنهنجي ليکي هڪ پيغام آهي. □

# شعيب سلطان خان

’ ڪو بہ سماج اڳواڻ ڪان
سواءِ ترقي نٿو ڪري
سگهي، پر اِهو اڳواڻ سماج
يا ڪميونٽيَ جي اندران ئي
هئڻ گهرجي. ‘



شعيب سلطان خان لکنؤ يونيورسٽيءَ مان 1957ع ۾ انگريزي ادب ۾ ايم اي ڪئي. 1955ع ۾ هُن پاڪستان جي سول سروس ۾ شموليت اختيار ڪئي. ۽ ان وچ ۾ هُن ڪيمبرج يونيورسٽيءَ مان پبلڪ ائڊمنسٽريشن جو ڪورس ڪيو ۽ هُن پشاور يونيورسٽيءَ مان قانون جي ڊگري حاصل ڪئي. پاڪستان سرڪار جي ملازم جي حيثيت ۾ هُن سول سروس اڪيڊمي جي ڊپٽي ڊائريڪٽر، پشاور ۽ ڪوهاٽ ۾ ڊپٽي ڪمشنر ۽ ڪراچيءَ جي ڪمشنر جون ذميواريون نڀايون. هو صحت، تعليم، سماجي ڀلائي جي وزارتن ۽ سرحد صوبي جي حڪومت جو سيڪريٽري ۽ پاڪستان اڪيڊمي آف رورل ڊيولپمينٽ جو ڊائريڪٽر رهيو آهي.

ڳوناٺي ترقيءَ جي شعبي ۾ شعيب سلطان خان 1959ع کان خدمتون انجام ڏيئي رهيو آهي. اختر حميد خان جي ڪوميلا پائلٽ پراجيڪٽ جي نموني تي هن پاڪستان ۾ ڳوناٺي ترقيءَ جي مربوط پروگرام جي طور تي 1972ع ۾ دائود زئي پائلٽ پراجيڪٽ شروع ڪيو. 1978ع ۾ هو گڏيل قومن جي صلاحڪار جي حيثيت سان جپان ويو. 1979ع کان 1982ع تائين هن بنگلاديش ۾ يونيسيف جي صلاحڪار جي حيثيت سان ڪم ڪيو. شعيب سلطان خان 1982ع کان آغا خان رورل ڊيولپمينٽ پروگرام جي اوُسر جي نظرداري ڪري رهيو آهي.

ڳوناٺي ترقي ۽ سماجي خدمت جي شعبي ۾ سندس ملهائتين خدمتن جي ميڃتا طور شعيب سلطان خان کي ڪيترائي قومي ۽ بين الاقوامي اعزاز ڏنا ويا آهن، جن ۾ ميگسيسي ايوارڊ بہ شامل آهي.

شعيب سلطان خان پاڪستان ۾ ترقياتي شعبي جي پاليسي سازيءَ ۾ شامل آهي ۽ هن وقت هو نيشنل رورل سپورٽ پروگرام، سرحد رورل سپورٽ ڪارپوريشن، غازي بروٿا ڊيولپمينٽ پراجيڪٽ ۽ آغا خان فائونڊيشن جي قومي ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي.

شعيب سلطان خان کان انٽرويو مئي 1998ع ۾ قدير بيگ ۽ ظفر جوڻيجي ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# شعيب سلطان خان

سوال: سڀ کان اڳ پاڻ بابت ڪجھ ٻڌايو؟

جواب: مون لکنو يونيورسٽيءَ مان انگريزي ادب ۾ ماسٽرس جي ڊگري حاصل ڪئي آهي. 1955ع ۾ پاڪستان جي سول سروس ۾ شامل ٿيس ۽ اوڀر پاڪستان ۾ ڊگهي عرصي تائين خدمتون انجام ڏنيون، پر ان کان اڳ ڪجھ سال هڪ ڪاليج ۾ ليڪچرار جي حيثيت ۾ ڪم ڪيو. 1955ع ۾ جڏهن مان اوڀر پاڪستان ۾ ئي هيس، منهنجي ملاقات ڊاڪٽر اختر حميد خان سان ٿي. حقيقت ۾ ان ملاقات منهنجي زندگيءَ جو رخ تبديل ڪري ڇڏيو. هن مون ۾ غريبن جي مدد جو جذبو جاڳايو ۽ اڄ تائين منهنجي رهنمائي ڪري رهيو آهي. مون ڳوٺاڻي ترقيءَ بابت ڪانئن گهڻو ڪجھ سکيو آهي. 25 ورهيه حڪومت سان گذارڻ بعد مون ڊاڪٽر اختر حميد خان کان حاصل ڪيل علم کي استعمال ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. پر اُن لاءِ مون کي پاڪستان کان ٻاهر ويڃڻو پيو. سڀ کان اڳ گڏيل قومن جي علائقائي ترقيءَ واري مرڪز ۾ مون کي ڪم ڪرڻ جي آڇ ٿي، جيڪو ناگويا جپان ۾ واقع هو. تڏهن کان اڄ تائين مان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ ۽ هڪ رِتا کان ٻي رِتا لاءِ سفر ڪري رهيو آهيان. جپان کان پوءِ مون سريلنڪا جي مهاويلي پراجيڪٽ ۾ چار سال خدمتون سرانجام ڏنيون.

1982ع ۾ جناب رابرٽ شا مون سان رابطو ڪيو ۽ آغا خان

فائونڊيشن جي پليٽفارم تان پاڪستان جي اُترين علائقن ۾ ترقياتي رٿائن ۾ شامل ٿيڻ جي آڇ ڪئي. اِها آڇ جڻ منهنجي من جي مراد هئي. ڊسمبر 1982ع ۾ گلگت جي ڌرتيءَ تي پير رکيو ۽ لاڳيتو 12 سال اُتي ڪم ڪندو رهيس. آغا خان رورل سپورٽ پروگرام اصل ۾ منهنجي خوابن جي ساڀيان آهي. مون ڪيئي ڀيرا هزهاءِنيس جناب ڪريم آغا خان سان به ان ڳالھ جو اعتراف ڪيو آهي ته مون کي زندگيءَ تي سونهري موقعا عطا ڪيا. پهريون پاڪستان جي سول سروس، ٻيو گڏيل قومون، جتي مون کي بهترين ماڻهن سان ملڻ جو موقعو مليو، پر مون محسوس ڪيو ته گڏيل قومن جا ترقياتي پروگرام انهن حڪومتن جا محتاج هجن ٿا، جتي اهو ڪم ٿي رهيو آهي. ڪين آزاديءَ سان ڪم ڪرڻ جو موقعو نهايت گهٽ ملي ٿو ۽ جيڪڏهن حڪومتون نه چاهين ته ڪنهن لاڀائتي رٿا کي توڙ تائين پهچائڻ به ناممڪن ٿيو پوي.

منهنجو ٽيون موقعو آغا خان رورل سپورٽ پروگرام آهي، جتي اسان ڊور رس پاليسيون جوڙيون ٿا. سالن تي پکڙيل رٿائون تيار ڪريون ٿا ان لحڪ ۽ سهڪار مون کي ڊاڪٽر اختر حميد خان کان سکيل لاتعداد ٽيڪنيڪن ۽ خيالن کي عملي شڪل ڏيڻ جو موقعو ڏنو آهي. 1994ع ۾ آغا خان رورل سپورٽ پروگرام جي عملي تجربي جي روشنيءَ ۾ گڏيل قومن مون کي ٻيهر مدعُو ڪيو ۽ انهن تجربن کي ڏکڻ ايشيا ۾ ڦهلائڻ جي دعوت ڏني. آغا خان رورل سپورٽ پروگرام ۾ اسان عوام جي اقتصادي حالتن کي سڌارڻ سان گڏوگڏ ترقيءَ جو هڪ عملي پروگرام تيار ڪرڻ لاءِ به جاکوڙ ڪئي هئي. هاڻي گڏيل قومن ذريعي مون کي ٻين ملڪن ۾ انهن تجربن کي لاڳو ڪرڻ جو موقعو مليو آهي. تنهن ڪري گذريل چئن سالن کان مان ڪشور گنج ڊسٽرڪٽ (بنگلاديش) آنڌرا پرديش (ڀارت) سنجي ڊسٽرڪٽ (نيپال)، نونواتان (مالديپ) ۽ پاڪستان جي ڪوهاٽ ڊسٽرڪٽ جي علائقي لاچي ۾ ڏکڻ ايشيا غربت مٽايو پروگرام هيٺ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيو آهيان.

سوال: اڄڪلهه هڪ نعرو ڏاڍو عام آهي ته ”غربت جو خاتمو سماجي تحريڪ ذريعي“ اوهان ان ڏس ۾ ڇا ٿا چئو؟

جواب: اها ڳالهه ڏاڍي حيران ڪندڙ آهي ته اسان شين تي ڪهڙا ليبل چنبڙائي ڇڏيون ٿا. اصل ۾ سماجي تحريڪ (Social Mobilization) جو تصور گهٽ ۾ گهٽ ٻه سؤ سال آڳاٽو آهي. رائف هائزين جرمني ۾ اهو ڪم ڪيو هو. هن ڳوٺاڻن غريبن ۽ نادارن کي ڇيو هو ته توهان کي ٽي بلائون برباد ڪري رهيون آهن. يعني وياج خور، جاگيردار ۽ دڪاندار، ان پر ماريت جي انت لاءِ اوهان کي منظم ٿي، پنهنجي بچت سان پنهنجو سرمايو پيدا ڪرڻو پوندو. اوهان کي پيشوارانه نه بلڪ پيداواري ۽ انتظامي معاملن ۾ مهارت حاصل ڪرڻي پوندي. جيئن ترقيءَ جي واٽ تي سفر ڪري سگهو. ان طرز فڪر 19هين صديءَ جي يورپ ۾ بائيتال مچائي ڇڏيو هو. ساڳيو تجربو هن صديءَ جي منڍ ۾ جپان ۾ ڪيو ويو. تائيوان ۾ عالمي ڳوٺاڻي نئين سر اڏاوت پروگرام جي شروعات ٿي. جڏهن ته تازو ڏکڻ ڪوريا ان ڏس ۾ سفر شروع ڪيو آهي. اهي سيئي سماجي تحريڪ جا عمدا مثال آهن. ڪوميلا ۾ ٻه اختر حميد خان جو عمل وارو فلسفو اهو ئي هو. مصر جي فلاحين ۽ تبت جي غريب ماڻهن ان نظرئي تحت جاکوڙ ڪئي، اهي سيئي مختلف نالن سان ساڳئي مقصد لاءِ ڪم ڪري رهيا هئا. ڏکڻ ايشيا تناظر ۾ غربت جي خاتمي واري ڪميشن ٻه سندس رپورٽ ۾ اها ئي رٽ ڏني آهي ته غربت جي هيٺين سطح تي حياتي گذاريندڙ 40 ڪروڙ کان وڌيڪ ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تبديليءَ لاءِ سماجي تحريڪ کان وڌيڪ ڪارائتو طريقو ڪوبه ڪونهي. هتي غربت نه فقط جمهوريت پر هر نظرئي ۽ عمل جي رستي ۾ رنڊڪ بڻيل آهي. تنهنڪري هتي ترقيءَ لاءِ هر پاليسيءَ ۾ جيستائين سماجي تحريڪ يا هلچل جو عنصر شامل نه ڪبو ته غربت ۾ گهٽتائي يا ان جي پڄاڻي نه ٿي سگهندي.

سوال: اوهان هڪ عام ماڻهو لاءِ سماجي تحريڪ يا هلچل جي وضاحت ڪيئن ڪندا؟

جواب: اصل ۾ اهو عام ماڻهن منجهه پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ جي صلاحيت سجاڳ ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ آهي. سماجي هلچل جي فلسفي جو پهريون تصور اهو آهي ته، ماڻهو پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ چاهين ٿا. جيڪڏهن اُهي ائين نٿا ڪرڻ چاهين، ته پوءِ اوهان منجهن ڪهڙي خواهش اُڀاريندا. ماڻهن کي سماجي اڳواڻيءَ جي گهرج آهي. تنهن ڪري ڪنهن نه ڪنهن کي اتي وچي پهچڻو پوندو ته جيڪڏهن اوهان ڪجهه ڪرڻ چاهيو ٿا ته سڀ کان اڳ پاڻ کي منظم ڪريو. انفرادي عمل لاءِ به ماڻهن کي منظم ٿيڻو پوندو. ڇو ته اڪيلي ماڻهو جي ڳالهه ڪو به نٿو ٻڌي ۽ نه ئي ان کي وسيلا مهيا ڪيا وڃن ٿا. سماجي هلچل جو ٻيو مرحلو اڳواڻ جي ڳولا آهي، ڪو به سماج اڳواڻ بنا ترقي نٿو ڪري سگهي. پر اِهو اڳواڻ سماج يا ڪميونٽي جي اندران ئي هئڻ گهرجي. ڪو ٻاهر جو ماڻهو سندن ڏک، درد ۽ مسئلن کي نٿو سمجهي سگهي. هڪ سپورٽ آرگنائيزيشن ڪميونٽي کي منظم ته ڪري سگهي ٿي، پر هڪ ديانتدار، مخلص ۽ لاطمع اڳواڻ ماڻهن کي پاڻ ئي ڳولڻو پوندو آهي، جيڪو شروع ۾ ڪنهن مالي مفاد بنا ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي. سماجي اڳواڻي کين وسيلا ۽ صلاحيتون پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿي. اصل ۾ سماجي تحريڪ مختلف عملن جو هڪ سلسلو آهي.

ٿئين ڏاڪي ۾ کين اهو طئي ڪرڻو پوندو آهي ته اُهي ڇا چاهين ٿا؟ اِها سيني ۾ اهم ڳالهه آهي، ڇو ته اوهان اڳ کان طئي ٿيل منصوبي تي عمل نٿا ڪري سگهو. اصل ۾ هتي ئي اسان جون گهڻي ڀاڱي اين جي اوز ۽ سي بي اوز ناڪام ٿي وڃن ٿيون. ڇو ته اُهي تعليم، صحت، آبپاشي، واٽر سپلاءِ، نيڪال، ٻيلن يا ماحوليات سان لاڳاپيل سندن تيار ٿيل رٿائن کي لاڳو ڪرڻ لاءِ زور ڀرين ٿيون، جڏهن ته سماجي هلچل جي عمل ۾ اسان کي ڳولڻو پوندو آهي ته ماڻهو ڇا چاهين ٿا. هتي اوهان کي موقعن جو خزانو ملي ٿو. اوهان کين ٻڌايو ٿا ته اوهان سندن گهرجن بابت ٻڌڻ ڪونه آيا آهيو، پر منجهن ڪجهه ڪري سگهڻ واري صلاحيت ڳولڻ آيا

آهيو. اوهان سندن ٻي عملي جا سبب ڳولهڻ چاهيو ٿا. جيڪڏهن اُهي ڪجھ ﺑہ نہ ڪري رهيا آهن تہ سندن واٽ ۾ ڪهڙيون رنڊڪون ۽ ڏکيائيون آهن.

هتان چوٿون ڏاڪو شروع ٿئي ٿو، جڏهن اوهان موقعن جي ڳولا ۽ وسيلن جا امڪان تلاش ڪري ونو ٿا تہ پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو تہ، ڪين ٻي ڪهڙي مدد جي گهرج آهي ۽ ڪهڙا وسيلا گهربل آهن. پنجين ڏاڪي ۾ سندن پاٽيرائپ ڏانهن سفر شروع ٿئي ٿو، ان ڏاڪي ۾ ڪين اهڙن ادارن ۽ ايجنسين سان لھ وچڙ ڪرائي وجي ٿي، جيڪي ڪجھ ڪرڻ چاهين ٿا. اسان اهڙين ڪيترين ئي تنظيمن ‑وچ ۾ شراڪت ڪرائي چڪا آهيون. منهنجي نظر ۾ انهن پنجن ڏاڪن کان سواءِ سماجي هلچل يا تحريڪ جو عمل مڪمل نٿو ٿئي. اسان جون ڪيئي سرڪاري ۽ غيرسرڪاري تنظيمون انهن پنجن مرحلن بنا ﺑہ خدمتون سرانجام ڏيئي رهيون آهن. جيڪا ڪا غلط ڳالھ ڪانهي، پر ان خدمت کي سماجي تحريڪ نٿو سڏي سگهجي.

سوال: ڇا سماجي تحريڪ ۽ جٽادار تنظيم وچ ۾ ڪو ڳانڍاپو هوندو آهي؟

جواب: جڏهن اوهان پاٽيرائپ جي سکيا ڏيو ٿا تہ صلاحيتن جي واڌويجھ ڪريو ٿا، تہ شين جي جٽادار ۽ پائدار رهڻ جي صلاحيت پاڻ مرادو وڌي وڃي ٿي. جٽادار تنظيم لاءِ پاٽيرائپ نهايت ضروري آهي. آغا خان رورل سپورٽ پروگرام سان پنهنجي پندرهن سالن جي آزمودي جي روشنيءَ ۾ هاڻي مان اها ڳالھ خاطريءَ سان چئي سگهان ٿو تہ، غريب ۽ وسيلن کان محروم ماڻهو امداد يا گرانٽ جي خواهش نہ ٿا رکن. بلڪ ڪين قرض جي گهرج هوندي آهي، جنهن کي اهي پوره‍يو ڪري موٽائي سگهن. مون اهو جذبو فقط اُترين ايراضين ۾ ئي نہ، بلڪ سموري پاڪستان توڙي ڏکڻ ايشيا جي ٻين ڪيترن ئي ملڪن ۾ ﺑہ ڏٺو آهي. غريب، ٻڪري يا مينهن خريد ڪرڻ لاءِ قرض کڻن ٿا، جيئن کير وڪڻي اهو قرض موٽائي ڏين. اُهي موچي، واڍي يا ڪنهن

پـئي شعبي وارا دڪان کولين ٿا ڪاروبار ڪن ٿا. پر امداد نٿا گهرن. سندن دلين ۾ قرض کي ڦٻائڻ جي خواهش نہ هوندي آهي، بلڪ اُهي باقاعدگيءَ سان قرض واپس ڪن ٿا، جنهن جي نتيجي ۾ اُهي ٿـورڙي ئي وقت ۾ پاڻيپرائپ جي منزل حاصل ڪري وٺـن ٿا.

سوال: ڇا اوهان ننڍين قرضن جي اهميت تي زور ڏيئي رهيا آهيو؟
جواب: مان سماجي تحريڪ جي عمل تي زور ڏيئي رهيو آهيان. مان اهڙي امدادي تنظيم ڏانهن اشارو ڪري رهيو آهيان، جيڪا عوام جي سماجي شعور ۾ واڌارو ڪري. سماجي تحريڪ جا پنج ئي ڏاڪا ڪنهن سکيا بنا مڪمل نٿا ٿي سگهن. هڪ ڀيرو موقعن جي ڳولا کان پوءِ امدادي تنظيم جي سهڪار سان وسيلن جي سڃاڻ ۽ ڏکيائين جي نشاندهي کان پوءِ عوام جي صلاحيتن کي وڌائي سگهجي ٿـو. اترين ايراضين ۾ پيداواري انفرا اسٽرڪچر جي هڪ عظيم رٿا تي عمل ڪيو ويو، پر ان ۾ ننڍيا قرض شامل نہ هئا. پر ڪڏهن ڪڏهن رٿائن کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اسان کي قرضن جي ضرورت بہ پيش اچي ٿي. حقيقت ۾ ان جو واسطو ان ڳالھ سان آهي تہ اوهان ڪيئن ڪم ڪري رهيا آهيو. مثال جي طور تي، مون جڏهن نيشنل رورل سپورٽ پـروگرام شروع ڪيو تہ مون کي اندازو ٿيو تہ اتي ماڻهو اهڙيون تجـويزون کڻي اچي رهيا هئا، جن ۾ قرضن جي واقعي گهرج هئي. هاڻي سوال اِهو هو تہ ڇا اسان سندن گهرج پٽاندر وسيلا ڏيئي سگهون ٿا يا نہ؟ اسان وٽ واحد ذريعو اِهو ئي هو تہ اسان مالياتي ادارن سان لھ وچڙ ڪريون، پر مالياتي ادارا قرض ڏيڻ لاءِ ضمانتون گهرن ٿا، جيڪي ڏيڻ ننڍين تنظيمن لاءِ ڏکيو هوندو آهي، پر لاڳيتن ڪوششن سان اسان ڪجھ اهڙا ادارا ڳولڻ ۾ ڪامياب ٿي وياسين، جن اسان جي ساک ۽ ڪارڪردگيءَ کي آڏو رکيو ۽ قرض ڏيڻ لاءِ تيار ٿي ويا.

حقيقت ۾ اها گهڻي وڏي ڪاميابي هئي. اسان ڇھ ڪروڙ رپين جي قرضن جو بندوبست ڪيو هو. جنهن سان گڏ هنن اِهو بہ چيو هو تہ،

جيڪڏهن اسان اِها رقم مناسب نموني خرچ ڪئي ته اُهي اسان کي وڏيڪ قرض به مهيا ڪندا. اهڙي ريت ترقيءَ جو ڦيٿو ڦرڻ شروع ٿي ويو. تنهن ڪري منهنجي نظر ۾ سماجي تحريڪ فقط قرض ڏيڻ ڪونهي. نه ئي اِهو تعليم، صحت يا ڪنهن ٻئي شعبي ۾ پروگرام جو نالو آهي. سماجي تحريڪ ماڻهن جي پنهنجو پاڻ تي ڀروسي جو نالو آهي، سندن صلاحيتن کي وڌيڪ اثرائتو بنائڻ جو عمل آهي، جيڪڏهن هڪ ڀيرو پاٽيرائپ جو عمل شروع ٿي وڃي ته پوءِ اڳتي وڌي سگهجي ٿو.

سوال: غربت جي خاتمي لاءِ حڪومت ۽ غير سرڪاري تنظيمن وچ ۾ سهڪار بابت اوهان جو ڇا چوڻ آهي؟

جواب: مان حڪومت يا غيرسرڪاري تنظيمن ٻنهي بابت ڪجهه نٿو چوان. منهنجي دلچسپيءَ جو مرڪز ته غريب آهن. اسان غربت ڪيئن گهٽائي يا ختم ڪري سگهون ٿا. مان هر اُن تنظيم سان گڏجي هلڻ لاءِ تيار آهيان، جيڪا سماجي تحريڪ جي پنجن اصولن تي عمل لاءِتيار هجي. مان اهڙي ڪنهن تنظيم سان گڏ وک نٿو کڻي سگهان، جيڪا غربت جي انت جي دعويٰ ڪري رهي هجي، پر سماجي تحريڪ جي پنج رهنما اصولن تي عمل ڪرڻ لاءِ راضي نه هجي. مان اِهو نٿو چوان ته اهي ڀلو ڪم نه ڪري رهيون آهن. بلاشڪ اُهي ڀلو ڪم ڪري رهيون آهن. منهنجي نظر ۾ سرڪار ۽ اين جي اوز گڏيل سهڪار جي ڳالهه وڏيڪ اهم ڪانهي. غربت جي خاتمي بابت قائم ٿيل ڪميشن پنهنجي سفارشن ۾ چيو آهي ته، حڪومت تي سماجي ڀلائي جي بنيادي ذميواري لاڳو ٿئي ٿي، پر اها به مجيل ڳالهه آهي ته سرڪار ان ذميواريءَ کي اڪيلي سر پورو نٿي ڪري سگهي. ان مرحلي تي سوچيو ويو ته اين جي او سيڪٽر کي اڳيرو ڪيو وڃي، پر اُن لاءِ ضروري آهي ته موجوده اين جي اوز جي نظرين ۽ عمل جي سماجي تحريڪ جي فلاسافي تحت جوڙجڪ ڪئي وڃي. ڪين چيو وڃي ته اُهي اڳيئي تيار ٿيل رٿائن ۽ پروگرامن تي زور نه ڀرين، ڪين تبديليءَ لاءِ

تيار ڪيو ويجي.

منهنجي خيال ۾ غربت جي خاتمي لاءِ سڀ کان اڳ ان امدادي تنظيم (سپورٽ آرگنائزيشن) جي ڳولا ضروري آهي، جيڪا ڪجھ ڪري سگهي. ٻئي مرحلي ۾ اُها تنظيم هم خيال اين جي اوز کي گڏ ڪري. جيڪڏهن اهي سماجي تحريڪ جي فلاسافي کي اختيار ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃن ته پوءِ حقيقي ڪم جي شروعات ٿيندي. تڏهن ئي تنظيمن کي نئين سر منظم ڪرڻو پوندو. سندن هر ممڪن طريقي سان مدد ڪرڻي پوندي. مون کي ان قسم جي ڪم جو آزمودو آغا خان رورل سپورٽ پروگرام، نيشنل رورل سپورٽ پروگرام، غازي بروٿا ڊيولپمينٽ پروگرام ۽ هاڻي پنجاب رورل سپورٽ پروگرام ۾ نهايت چڱي ريت ٿي چڪو آهي. هاڻي ان تجربي کي اڳتي وڌائڻ جي ضرورت آهي. اوهان کي ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪم ڪرڻو پوندو. اوهان هڪ وقت هڪ ئي هنڌ ڪم ڪري سگهو ٿا. ماڻهن جي صلاحيتن کي سجاڳ ڪري سگهو ٿا. امداد ڏيڻ سرڪار جي ذميواري آهي ۽ مون کي ترقيءَ لاءِ سرڪاري وسيلن جي استعمال ۾ ڪا به خرابي نظر نٿي اچي. پر مسئلو اهو آهي ته اسان وٽ حڪومتون نهايت تيزيءَ سان بدلجن ٿيون. نيشنل رورل سپورٽ پروگرام جي شروعات ڪرڻ مهل به مون اها گهر ڪئي هئي ته مون کي امدادي رقم جي هيڪاندي ادائيگي ڪئي وڃي، جيئن مون کي بعد ۾ بدلجندڙ پاليسين جي ڪري ڏکيائون آڏو نه اچن. اسان غربت ختم ڪريو فنڊ استعمال ڪري سگهون ٿا. اسان تنظيمن جي صلاحيت ۾ واڌاري، سندن سماجي اڳواڻي ۽ سماجي تحريڪ جي رُخ ۾ سفر لاءِ سندن مدد ڪري سگهون ٿا.

اين جي اوز ڪجھ ٻين شعبن ۾ به تمام ڀلو ڪم ڪري سگهن ٿيون. قانوني اڳواڻي، ماحول، صحت، تعليم، آبادي ڀلائي وغيره، پر غربت جي انت لاءِ فقط سرڪار کي ئي وسيلا ۽ ذريعا مهيا ڪرڻ گهرجن. حڪومت کي ان ڏس ۾ قائل ڪرڻ جي ضرورت آهي. منهنجي خيال ۾ سماجي تحريڪ کان سواءِ وسيلن جي موجودگي به

فائديمند ڪانہ ٿيندي. اسان کي سوشل ايڪشن پروگرام، ننڍين قرضن جي پروگرام ۽ اهڙين ئي ٻين رٿائن کي پاڻ ۾ ڳنڍڻ جي ضرورت آهي.

سوال: رورل سپورٽ پروگرام هڪ اين جي او آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو ساڳئي سِڪي جو ٻيو رخ نظر ايندو آهي؟

جواب: اِها فقط نظرئي کي سمجهڻ جي ڳالهہ آهي. منهنجو خيال آهي تہ غربت ختم ڪرڻ حڪومت جي ذميواري آهي. حڪومت کي ان ڏس ۾ وسيلا مهيا ڪرڻ گهرجن، جيئن سپورٽ آرگنائزيشن قائم ٿين، جيڪي سرڪاري اثرن کان آجيون ٿي سماجي اڳواٽيءَ جو فرض پورو ڪن. مثال طور تي، مون ڪيترين ئي اين جي اوز کي همٿايو تہ اُهي ڳوٺن جو رخ ڪن ۽ اتي ڪم ڪن، پر اهي اين جي اوز اوڏانهن وڃڻ کان لنوائين ٿيون، ڇو تہ ڪين سندن موجوده ڪمن جي خاتمي ۽ ٻين مسئلن جو ڊپ هو. جيتوڻيڪ اُهي اين جي اوز ڪنهن هڪ ڳوٺ ۾ نهايت ڀلو ڪم ڪنديون رهيون هيون، پر پاڪستان جي 40,000 ڳوٺن ۾ پنهنجي ڪم کي پکيڙڻ وڏي حوصلي جو ڪم آهي ۽ اوهان سوچي سگهو ٿا تہ ڪم جي شروعات ڪٿان کان ڪجي. مون بہ ڪجهہ اين جي اوز پاران اِها ڳالهہ ٻڌي آهي تہ رورل سپورٽ پروگرامس اين جي اوز ڪونهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ رورل سپورٽ پروگرامس روايتي وصف جي لحاظ کان اين جي اوز ليکي نٿا سگهجن.

سوال: پر اُهي پاڪستان ۾ اين جي او سيڪٽر جو هڪ اهم حصو آهن؟

جواب: بلاشڪ! ان ۾ تفاوت بہ ضروري آهي، اسان هڪ ٻن ماڻهن جي نہ پر ٽي ڪروڙ ماڻهن جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون. انهن ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ٻنهي ۾ سهڪار ضروري آهي. جيڪڏهن اين جي او وٽ ڪو پروگرام آهي تہ رورل سپورٽ پروگرام اُن ۾ ڪيئن مدد ڪري

سگھن ٿا؟.

سوال: اين جي او رورل سپورٽ پروگرام، ڪيئن پاڻ ۾ سهڪار ڪري سگھن ٿا؟

جواب: جڏهن بہ ڪا اين جي او اسان سان رابطو ڪندي، اسان ان سان سهڪار ڪنداسين. اسان اهڙو تجربو غازي بروٿا ڊيولپمينٽ پراجيڪٽ آرگنائيزيشن ۾ ڪري چڪا آهيون، جتي غازي بروٿا ترقياتي اداري هڪ سپورٽ آرگنائيزيشن جو ڪردار ادا ڪيو هو ۽ اسان ساڻن اشتراڪ ڪيو هو. اُهي مقامي آباديءَ جي قانوني حقن لاءِ جاکوڙ ڪري رهيا آهن ۽ اسان سندن ساٿ ڏنو هو، پر اسان جي ايجنڊا ترقي بہ هئي.

سوال: اوهان غربت جي انت لاءِ سماجي تنظيمن جو ڪهڙو ڪردار چاهيو ٿا؟

جواب: سماجي تنظيمن سان ڪم ڏاڍو سولو ٿي ويجي ٿو. رورل سپورٽ پروگرام رهنمائي ڪري ٿو. جيڪڏهن اُهي ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃن ٿا، جتي اڳيئي ڪا سماجي تنظيم موجود هجي تہ ڪين شروعاتي ڪم ۾ وقت سيڙائڻ جي گهرج نٿي ٿئي. يعني ڪين ماڻهن کي منظم ڪرڻ ۾ ڏکيائي نٿي ٿئي. اهڙي ريت محنت ۽ وقت ٻنهي جي بچت ٿئي ٿي. اوهان ڪنهن ڳوٺ ۾ وڃو ٿا ۽ اتي موجود تنظيم سان ساٿ جي شروعات ڪريو ٿا تہ سڀ کان پهرين اها ڳالهہ ڏسڻ جي ضرورت آهي تہ اُتي گهڻا غريب آهن، يا اُتي ضرورتمندن جو ڳاڻيٽو گهڻو آهي؟ جڏهن اوهان غريبن ۽ ضرورتمندن جي سڃاڻپ ڪري ونو ٿا تہ پوءِ سندن گهرجن جي پورائي لاءِ وسيلن جي ڳولا جو مرحلو اچي ٿو. جيڪڏهن اسان قرضن جي ورهاست جي ڳالهہ ڪري رهيا آهيون تہ بہ غريبن کي اوليت ڏيڻ گهرجي. ڏکڻ ايشيا جا ماڻهو خيرات جي معاملي ۾ ڏاڍا جذباتي هوندا آهن، ڪين مذهبي حوالي سان غريبن جي مدد لاءِ تيار ڪري سگهجي ٿو.

سوال: اسان خيرپور ۾ بچت ۽ قرض جو هڪ پروگرام شروع ڪيو هو، جنهن لاءِ آءِ ايل او شروعاتي موڙي مهيا ڪئي هئي. ان پروگرام کي شروع ۾ مقامي سماجي تنظيم هلايو هو ۽ ان جا لاپائتا نتيجا نڪتا هئا.
جواب: اصل ۾ اهو مائيڪرو پلان يعني موقعن جو خزانو وڏي اهميت رکي ٿو، ڇو ته اُن وسيلي اسان سماج جي رستي کان فرد تائين پهچون ٿا. ان عمل ۾ هر گهر بهرو وٺي ٿو. اُهي پنهنجي صلاحيتن جو اندازو لڳائين ٿا ۽ تجربو ڪن ٿا ته اهي اڳتي وڌڻ ۾ ڇو ڪامياب نه ٿي رهيا آهن. مثال جي طور تي، اسان تازو شڪردره ڪوهاٽ ۾ پنهنجي مائڪرو پلان جي شروعات ڪئي، جتي 200 ڪٽنب آباد هئا. جن مان 37 بيماري يا غربت سببان نهايت پٺتي پيل هئا. هنن 37 ڪٽنبن کي ڇڏي ٻيا ڪٽنب گهڻو ڪجهه ڪري سگهيا ٿي ۽ انهن ۾ ڪجهه ڪرڻ جو لڳاءُ به هو. ڪين ڳئون يا مينهن ڏيارڻ لاءِ وسيلا گهربل هئا. يقيني طور اُتي ڪجهه رنڊڪون به هيون، پر اسان انهن کي دور ڪيو. اسان جي ڪوشش هئڻ گهرجي ته، ڪوبه شخص سماجي تحريڪ جي عمل ۾ پوئتي نه رهجي وڃي. هڪ ڏکيائي اها به هئي ته اسان ڪنهن ضمانت کان سواءِ ڪين قرض ڪيئن ڏيون. اُهي به اسان جي ڳالهه سان سهمت ٿيا، پر گڏوگڏ اسان کي خاطري ڏني ته اُهي ايماندار ۽ سچا ماڻهو آهن، جيڪي ورتل قرض موٽائي ڏيندا. تجربي سان هُنن پنهنجي ڳالهه کي سچ ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ پنهنجي چوڻ تي پورا لٿا.

سوال: هن آزمودي ۾ اوهان ڪنهن ڳالهه کان سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيا؟
جواب: مان جن ماڻهن سان گڏ ڪم ڪري رهيو هئس، تن کان ئي گهڻي ۾ گهڻو متاثر ٿيس. منجهانئن گهڻا ماڻهو تعجب ڪندا هئا ته مان اهو سڀڪجهه ڇو ڪري رهيو آهيان؟ مون ڏکڻ ايشيا جي ڇهن ملڪن ۾ ڪم ڪيو آهي ۽ هر هنڌ مون کان ساڳيو سوال پڇيو ويو. اصل ڳالهه اها آهي ته مون کي هن ڪم ۾ ڏاڍي خوشي ۽ اطمينان ملي

ٿو مان خدمت ڪندي ڪڏهن بور نٿو ٿيان. جيڪڏهن مون کي اهو ڪم پسند نہ هجي ها تہ مان ڪڏهوڪو ان کي ڇڏي چڪو هجان ها. مثال جي طور تي، آنڌرا پرديش جي هڪ ڳوٺ ۾ ڪم ڪرڻ جي آزمودي کي آئون ڪڏهن نٿو وساري سگهان. مان گذريل ٽن سالن کان اتي ڪم ڪري رهيو آهيان. اُتي 500 کان مٿي ڪٽنب نهايت پوئتي پيل ۽ غربت جا ماريل آهن. اسان سندن لاءِ موقعن ۽ امڪانن جي ڳولا ڪئي تہ اچرج ۾ پئجي وياسين. اُهي ماڻهو گهڻو ڪجھ ڪري سگهندا هئا. مسئلو اهو هو تہ اسان وٽ قرض لاءِ فقط پندرهن لک رپيا هئا. پوءِ بہ اسان ڪم شروع ڪيو تہ ٿورڙي وقت ۾ ڳوٺ جي شڪل ئي بدلجي ويئي. اُتي قسمين قسمين ننڍين ننڍين اقتصادي سرگرمين جي شروعات ٿي ويئي. ڪنهن اتي جي چڪي لڳائي تہ ڪنهن هوٽل کوليو. ڪنهن ڏاند گاڏي خريد ڪئي تہ ڪنهن بوتيڪ هلائڻ شروع ڪيو. ماڻهو پورهيو ڪندا رهيا ۽ سندن پورهيو مون کي همٿائيندو رهيو. ماڻهن جو ردعمل ئي مون لاءِ اطمينان جو وڏي ۾ وڏو ذريعو آهي. مان ان ڪيفيت مان بنگلاديش ۾ پڻ گذريس. مون ڏٺو تہ اُتي ڪجھ ڪمن ۾ اقتصادي سرگرمين خلاف سماجي رنڊڪون هيون، پر ماڻهن ڪم ڪرڻ گهريو ٿي، عام ماڻهن ۾ پورهئي لاءِ لڳاءُ هو. فقط ٿورڙي مدد ۽ رهنمائي سان اسان اُنهن ماڻهن کي ڪم تي لڳائي ڇڏيو. اسان جي ٿورڙي دلچسپيءَ جي ماڻهن اتساهہ سان موٽ ڏني. مون کي انهن ماڻهن ڏاڍو متاثر ڪيو آهي. جيڪي حل پيش ڪن ٿا، مان پنهنجا ڀاڳ ڀلارا سمجهندو آهيان، جو مون کي اهڙن ماڻهن جو ساٿ سدائين ملندو رهيو آهي. اهڙا ماڻهو ايڪڙ ٻيڪڙ نہ پر هزارن جي ڳاڻيٽي ۾ آهن، سندن خلوص ۽ وابستگي منهنجي زندگيءَ جو سرمايو آهي.

سوال: اوهان هڪ فيلسوف ۽ سماجي خدمتگار وچ ۾ توازن کي ڪيئن قائم رکندا آهيو؟

جواب: مان ڪجھ بہ نہ ڪندو آهيان، فقط زندگي گذاريندو آهيان.

جھڙوڪ، مان نيپال جي هڪ ڳوٺ ويس، جتي صاف پاڻي نہ هو. ٽوائلٽ نہ هو، مون کي فرش تي ويھڻو پوندوهو، جيتوڻيڪ مان هڪ فائيواسٽار هوٽل کان سڌو اُتي پهتو هئس، پوءِ بہ مون لاءِ ڪا ڏکيائي ڪانہ هئي. ڇو تہ اُتي منهنجا ساٿي بہ ساڳي ئي زندگي گذاري رهيا هئا. مون لاءِ انهن ڳالهين سان ڪوبہ فرق نٿو پوي. جيڪڏهن پيا ڏينهن رات ساڳين حالتن مان گذرن ٿا تہ مان ڇو نہ ٿو ڪري سگهان. جيستائين توازن قائم رکڻ جي ڳالھ آهي تہ جيڪڏهن مون کي ڪٿي ڪيٽس ۽ شيلي جو حوالو ڏيڻو پوي ٿوتہ مان سولائي سان ائين ڪريان ٿو. جيڪڏهن مون کي ڪڏهن سرڪاري ڪامورن سان ڪل پوڳ، يا چرچا ڪرڻا پون ٿا تہ، اهو بہ سولائي سان ڪريان ٿو.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ ترقيءَ جو ڪو فلسفو آهي؟

جواب: مون کي فلسفي بابت تہ ڄاڻ ڪانهي، پر جڏهن مان آنڌرا پرديش پارت ويس تہ منهنجا تاثرات نهايت عجيب هئا. مان يعني هڪ پاڪستاني، هڪ اهڙي ملڪ ۾ سفير جي طور تي ڪم ڪرڻ وڃي رهيو هئس، جتي اڳيئي سماجي ترقي ۽ اين جي اوز جو نيٽ ورڪ ڏاڍو وسيع ۽ سگهارو هو، پرپوءِ بہ مون وٽ، ڪين پڌائڻ لاءِ گهڻو ڪجھ هو. اصل ۾ اسان وٽ سالن جي تجربي جو نچوڙ آهي. اهو تجربو جيڪو ڊاڪٽر اختر حميد خان حاصل ڪيو ۽ مون جهڙن اڻ ڳڻين ماڻهن کي سالن تائين اهو پهچايو. اها ڪا ايجاد ڪانهي، اختر حميد خان سدائين چيو آهي تہ، ترقيءَ جا اصول قدرت جي اصولن جيان هوندا آهن. جيڪڏهن اسان قدرت جي اصولن جي پوئواري نہ ڪنداسين تہ ڄڻ اسان واريءَ جي ديوار تعمير ڪنداسين. تنهن ڪري فلسفو اهو آهي تہ ماڻهن ۾ گهڻي صلاحيت آهي. ان صلاحيت جي مدد سان ڊاڪٽر اختر حميد خان اورنگيءَ ۾ نهايت شاندار ڪم ڪيو آهي. ماڻهو صحت ۽ صفائي، پاڻيءَ جي سپلاءِ ۽ نيڪال جي صلاحيت رکن ٿا. هنن ڪمن ۾ سرڪار ڪروڙين رپيا ۽ هزارين ماڻهن جو پورهيو خرچ ڪندي بہ ناڪام ٿي وڃي ٿي، ان ڪي عوام جي سوچ کان سواءِ

ڪھڙو نالو ڏيئي سگھجي ٿو.

سوال: عمل ۾ سهڪار لاءِ اوهان اسان کي ڪهڙي صلاح ڏيندا؟
جواب: مان اوهان جي رٿائن بابت گهٽي ڄاڻ نٿو رکان. هن محل اسان وٽ 8000 کان وڌيڪ سماجي تنظيمون آهن. جيڪڏهن اوهان اُنهن تائين ڪجھ پهچائڻ گهرو ٿا ته اسان هڪ چينل بڻجي سگهون ٿا. اوهان پنهنجي رٿا سامهون آڻيو. تنظيمون پاڻ اُن جي ڪارج هجڻ يا نه هجڻ جو فيصلو ڪنديون. ٿي سگهي ٿو اوهان جي رٿا پهلي هُجي. پر جيڪڏهن تنظيمون دلچسپي نٿيون رکن ته ان جو ڪو به فائدو ڪونهي. اوهان جيئن ئي پنهنجي رٿا پيش ڪندا، ڪٿان نه ڪٿان پنهنجو ردعمل ضرور حاصل ڪري وٺندا. □

# عارف حسن

’غير سرڪاري تنظيمون حڪومت جو ڪردار نٿيون اختيار ڪري سگهن، پر اقتصادي ۽ سماجي انقلاب لاءِ جن تبديلين جي گهرج آهي، تن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.‘



عارف حسن 1943ع ۾ دهليءَ ۾ جنم ورتو ۽ 1947ع ۾ سندس والدين سان ڪراچي آيو. تڏهن کان ئي هو ڪراچيءَ جو شهري آهي. هُن 1960ع تائين آڪسفورڊ پوليٽيڪنڪ ۾ آرڪيٽيڪچر جو ابياس ڪيو ۽ ٽي سال برطانيه، فرانس ۽ اسپين ۾ ڪم ڪرڻ بعد 1968ع ۾ ڪراچي واپس اچي پنهنجي پرئڪٽس شروع ڪئي.

عارف حسن پاڪستان ۾ ڪيترين ئي رهائشي، واپاري ۽ تعليمي عمارتون ڊزائن ڪيون آهن. 1982ع کان هو اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ جو ڪنسلٽنٽ آهي. جنهن کان علاوه هُن ڪيترين ئي عوامي تنظيمن، غير سرڪاري تنظيمن، سرڪاري ادارن ۽ بين الاقوامي ادارن ۾ صلاحڪار طور ڪم ڪيو آهي. ڪيس سندس پيشيورانه ڪم جي سلسلي ۾ ڪيترائي قومي توڙي بين الاقوامي اعزاز ملي چڪا آهن. عارف حسن، آغا خان آرڪيٽيڪچر ايوارڊ جي اسٽينڊنگ ڪميٽيءَ جو ميمبر آهي.

1979ع کان عارف حسن داؤد ڪاليج آف انجنيئرنگ ائنڊ ٽيڪنالاجي ڪراچيءَ جي فن تعميري جي شعبي سان استاد جي حيثيت ۾ لاڳاپيل آهي. سندس ڪوشش سان ان شعبي ۾ اهڙيون تبديليون آيون جن تعميرات فن جي تعليم کي سماجي تقاضائن سان نهڪائي ڇڏيو آهي. هُن همخيال استادن سان گڏجي ڪاليج ۾ هڪ ڪوجنائي مرڪز قائم ڪيو، جنهن کي 1991ع ۾ هڪ خودمختار اداري جي شڪل ڏني ويئي.

عارف حسن جي نظرداريءَ ۾ اربن ريسورس سينٽر، شهري معاملن، خاص طور تي رهائش، آبادڪاري ۽ ٽرانسپورٽ بابت کوجنا ۽ بيوروڪاريءَ جو ڪم ڪري رهيو آهي.

عارف حسن جو انٽرويو آگسٽ 1996ع ۾ زينت حسام ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# عارف حسن

سوال: اڏاوتي ماهر جي حيثيت ۾ اوهان پنهنجي ڪم جي شروعات 1986ع ۾ ڪئي. اهڙ بنيادي طرح شهري معاملن سان اوهان جي دلچسپي ۽ وابستگيءَ جا ڪهڙا ڪارڻ هئا؟

جواب: منهنجي تعليم ڏاڍي روايتي قسم جي رهي. شاگرديءَ واري زماني ۾ به جيستائين مون کي ياد آهي، مون ڪنهن به ٽائون پلاننگ پراجيڪٽ تي ڪم نه ڪيو، نه واسطو رکيو. هاڻ اِن دلچسپيءَ ڪيئن جنم ورتو؟ فرض جو احساس ته الائي ڪيترو آهي، پر دلچسپ ۽ لڳاءَ ضرور آهي. جنهن جا شايد ڪيئي ڪارڻ آهن. هڪ ڪارڻ ته شايد سياست سان دلچسپي آهي، جيڪا هڪ خاص سياسي ماحول ۾ پالنا جي نتيجي ۾ پيدا ٿي هئي. هونئن سياست سان ڪو خاص واسطو ڪونه رهيو. رڳو دلچسپي ئي هئي. ٻيو ڪارڻ اهو آهي ته شاگرديءَ واري وقت ڪنهن حد تائين منهنجا واسطا سياسي تحريڪن سان به ٿي پيا هئا، تاريخ ۽ ادب سان به دلچسپي هئي. منهنجو خيال آهي ته اِهي ئي ڪارڻ هُئا جن جي ڪري مون تعميراتي فن کي فقط عمارتن تائين محدود نه رکيو، بلڪ اُن جو سماجي سياسي ۽ اقتصادي حوالن سان به تعلق پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. تاريخ ۽ ثقافت سان دلچسپيءَ سببان شاگرديءَ توڙي ان کان بعد جي وقت ۾ مون چڱو موچارو سفر ڪيو ۽ مختلف ملڪن ۾ رهيس. 1986ع ۾ مون پريڪٽس جي شروعات ڪئي ۽

منهنجي خيال ۾ بعد جي ڏهن سالن تائين مون ماڻهن لاءِ جايون ناهيون. پر هر محل اِهو احساس رهندو هو ته اُن سان سماج تي ڪو خاص فرق نه پيو، بس هڪ انفرادي عمارت نهي، بيهي رهندي هُئي. ان وقت مون ملڪ جي پري پري تائين علائقن جو سفر ڪيو. مختلف هنڌن تي ويس، اُتان جون تصويرون ڇڪيون ۽ اُنهن علائقن بابت مضمون لکيا. ادب جي شوق جي ڪري ماڻهن جي مسئلن ۾ به دلچسپي پئدا ٿي. انهن سمورين شين گڏجي اڏاوتي فن کي منهنجي لاءِ هڪ مختلف شئي ڪري ڇڏيو.

سوال: غير سرڪاري تنظيمن سان اوهان جو واسطو ڪڏهن ۽ ڪيئن شروع ٿيو؟

جواب: منهنجو اسڪول ڪوئنس روڊ تي هو، جنهن جي چوڌاري اُن محل آباديون هونديون هُيون. اُتان جي رهواسين سان لاڳاپا ۽ دوستيون ٿي پيون هيون. اُهي پنهنجن مسئلن جو ذڪر ڪندا هئا ته گهر ناهڻو آهي جنهن لاءِ پئسا ڪونهن، رستي کي نيڪ ڪرڻو آهي ڪيئن ڪجي وغيره. ته 71_70ع کان ماڻهن سان منهنجا اهڙا لاڳا رهيا. ڪميونٽي گروپس ۽ انفرادي گهرجن تحت مان ماڻهن سان ڪم ڪندو رهيس. 74_1973ع ۾ مون ڳوناٽي سنڌ جا دورا ڪيا ۽ اُتي به ساڳئي قسم جا مسئلا آڏو آيا. باقاعده طور تي غير سرڪاري تنظيمون ته نه، پر اُپرندڙ مقامي تنظيمون سامهون اچڻ لڳيون. اُتي اچڻ وڃڻ هو. رشتا ناتا هئا ته ڪم ڪيو. ڪٿي پُل ناهڻ جي ضرورت هوندي هئي، ڪٿي ڪميونٽي لاءِ جڳهه اڏڻ جي. ڳوٺن ۾ گهٽ ڪمائي واريون آباديون وڏيون ته منهنجي دلچسپي ۾ به واڌارو ٿيو ۽ اهو احساس ٿيڻ لڳو ته اِهو اصل ۾ هڪ گهر ناهڻ يا بلڊنگ تعمير ڪرڻ جو مسئلو ڪونهي، بلڪ اُن کان وڏو ۽ وسيع آهي. جنهن ۾ پيا مختلف شعبا به اچن ٿا. ستر جي ڏهاڪي جي پڇاڙيءَ ۾ تنظيمون نهڻ شروع ٿيون ۽ ڪجهه ماڻهو اچڻ شروع ٿيا ته اسان تنظيم جوڙي آهي. اوهان ڪجهه ٽيڪنيڪي مشورو ڏيو. 79_1978ع کان مان اهو

ڪري رهيو آهيان.

سوال: اندرون سنڌ ۾ جن ننڍين گروپن جو اوهان ذڪر ڪيو، تن سان اوهان جو واسطو ڪنهن پراجيڪٽ جي ڪري ٿيو، يا ذاتي ملاقاتن جو نتيجو هو؟

جواب: گهڻي ڀاڱي ذاتي ملاقاتون هونديون هيون. مون کي شهر کان ٻاهر نڪرڻ جو شوق هو. بس هلي ويجهو هو.

سوال: اربن ريسورس سينٽر (يو آر سي) جو خيال اوهان کي ڪيئن ٿيو، ۽ اِهو سلسلو ڪيئن شروع ٿيو؟

جواب: يو آر سي جو هڪ پس منظر آهي. 1979ع ۾ مون داؤد ڪاليج ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو. پڙهائڻ کان اڳ مون اڏاوتي فن جي تعليم بابت ڪيئي مضمون لکيا، جن ۾ آرڪيٽيڪچرل ايجوڪيشن جون اوڻايون بيان ڪيون. وڏي ۾ وڏي اوڻائي اِها هُئي ته اڏاوتي، فن جا سماجي، اقتصادي ۽ سياسي پاسا تعليم ۾ شامل نہ ڪيا ويندا هئا. تنهن ڪري جيڪي شهري، ڳوٺاڻا، سماجي ۽ سياسي ماحوليات جا مسئلا آهن، تن سان تعميراتي ماهر سرچاڻ ٿئو ڪري سگهي. جنهن ڪري مسئلا وڌندا وڃن ٿا. گهٽ ڪمائي وارن گهرن ۾ اِهو هڪ مسئلو آهي، پر فن. تعمير جو ان ۾ ڪو خاص ڪردار ڪونهي. مون جڏهن دائود ڪاليج ۾ پڙهائڻ شروع ڪيو تہ ڪوشش ڪئي تہ تعليم کي انهن معاملن سان ڳنڍيو وڃي، جيڪي هڪ بهتر ماحول ناهين ٿا. منهنجي خوش قسمتي هُئي تہ مون کي ڪاليج ۾ همخيال ماڻهو مليا ۽ اسان گڏجي تعليم ۾ ڪيتريون ئي تبديليون آنديون. پوءِ ائين ٿيو تہ اسان وٽ اهڙا گرئجويٽ پئدا ٿيڻ شروع ٿي ويا جيڪي اڏاوتي فن کي شهري ۽ ڳوٺاڻي پلاننگ جو هڪ ڀاڱو سمجهندا هئا. پر تعليم حاصل ڪرڻ بعد ڪين پنهنجي اُن تعليم کي استعمال ڪرڻ جو موقعو نہ ملندو هو. جنهن جي نتيجي ۾ اُهي هڪ ٻہ سال ڪم ڪري پوءِ ڇڏي ڏيندا هئا. تہ داؤد ڪاليج جي اُستادن سوچيو تہ هڪ مرڪز داؤد ڪاليج ۾ ئي

جوڙين، جيڪو انهن معاملن تي کوجنا ڪري، جيئن شاگردن جي دلچسپي برقرار رهي ۽ شهري ماحول ۽ پلاننگ کي به لاڀ ملي. اهو ان مرڪز جو بنيادي مقصد هو. پر اُن جي قائم ڪرڻ بعد جلد ئي اهو احساس ٿيو ته هڪ لابي جي گهرج آهي، جيڪا سرڪار جي رٿائن کي ڏسي، انهن رٿائن جو جائزو وٺي، ۽ اُنهن سان جيڪي مسئلا پيدا ٿين ٿا، ٿن کي عوام تائين ڪٽي وڃي. جنهن سان گڏوگڏ جيڪڏهن حڪومت جا منصوبا مناسب نه هجن ته متبادل رٿائون تجويز ڪري. تنهن ڪري 1991ع ۾ اُن مرڪز کي دائود ڪاليج کان هٽائي هڪ خودمختيار ادارو ٺاهيو ويو.

سوال: اوهان داؤد انجنيئرنگ ڪاليج ۾ هڪ پراجيڪٽ جو بنياد وڌو هو، تنهن بابت ٻڌايو؟

جواب: اسان دائود ڪاليج ۾ هڪ پراجيڪٽ شروع ڪيو، جنهن جو نالو ڪمپريهينسو انوائرامينٽل ڊزائن پراجيڪٽ هو. پراجيڪٽ جو مقصد اهو هو ته شاگردن کي انهن ڳالهين جي ڄاڻ پوي، جيڪي اڏاوتي ماحول تي اثرانداز ٿين ٿيون. تنهن ڪري ائين ڪبو هو جو، شاگردن کي شهر جو هڪ پرابلم علائقو ڏنو ويندو هو ۽ اهو ڏسبو هو ته اُن جي مسئلن جا سماجي، اقتصادي ۽ انتظامي ڪارڻ ڪهڙا آهن ۽ اهو به ته باقي شهر ڪهڙي طرح ان علائقي کي متاثر ڪري ٿو. مسئلا سمجهڻ بعد اُهي اُن جي ڏور رس اثر کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا هئا ۽ پوءِ ڪو حل پيش ڪندا هئا. جيئن ته اُهي سمورين ڳالهين کي نظر ۾ رکندا هئا، تنهن ڪري مسئلي جو نبيرو فقط فزيڪل نه پر سماجي ۽ انتظامي اثر به رکندو هو. اهڙي ريت شهر جا مسئلا به سمجهه ۾ ايندا ويا، ۽ گڏوگڏ انهن جا ڪارڻ ۽ ڳانڍاپا به. اهو ڪم اسان ڏهن سالن تائين ڪيو ۽ دائود ڪاليج وٽ ان جو نهايت سٺو رڪارڊ آهي. ان عمل جي جاري رهڻ ڪري دائود ڪاليج مان پڙهي نڪرندڙ شاگردن جو Vision چڱو وسيع هوندو آهي. اُهي اڏاوتي فن کي مسئلن کان ڌار نٿا ليکين.

سوال: اوهان ايشين ڪوليشن فار هائوسنگ رائٽس (رهائشي حقن بابت ايشيائي اتحاد) جي ايگزيڪيوٽو بورڊ جا ميمبر آهيو، اهو ڪهڙي قسم جو فورم آهي ۽ ڪهڙي ريت ڪم ڪري رهيو آهي؟

جواب: سموري دنيا جي اُنهن تنظيمن کي، جيڪي آبادڪاري ۽ رهائش جي مسئلن بابت ڪم ڪن ٿيون متحد ڪرڻ لاءِ هڪ ادارو هيبيٽاٽ انٽرنيشنل ڪوليشن نهيو آهي، جنهن جي ايشيا پيسفڪ ريجن جي ميمبرن هڪ ڌار ادارو ناهڻ جو فيصلو ڪيو، ڇو ته ايڏي وڏي اداري ۾ شامل ٿيڻ سان هن علائقي کي ڪو خاص فائدو نه ملي رهيو هو، تنهن ڪري 1987ع ۾ اسان اهو ادارو قائم ڪيو. اداري جو مقصد اِهو هو ته اسان جي علائقي ۾ گهٽين ئي تحريڪون ۽ تنظيمون آهن جيڪي آبادڪاريءَ تي ڪم ڪري رهيون آهن. اُهي هڪٻئي سان له وچڙ ۾ رهن ۽ هڪٻئي جي تجربن مان لاڀ پرائين. تنهن ڪري اسان ان جو سيڪريٽريٽ بئنڪاڪ ۾ قائم ڪيو. هن ۾ ٽي اهم پروگرام آهن هڪ ته ريسرچ پروگرام آهي، جيڪو لاڙن جي رُخ جو تعين ڪري ٿو، ڪجھ انگ اکر گڏ ڪري ٿو جيڪي مقامي سرڪار جي انگن اکرن کان گهڻو مختلف هوندا آهن. ان ريسرچ جي بنياد تي گڏيل قومون، مختلف بين الاقوامي ادارا، مالي مدد ڏيندڙ ايجنسيون انهن لاڙن جو رخ طئي ٿيڻ مان لاڀ پرائينديون آهن. ٻيو پروگرام ٽريننگ جو آهي. پروگرام اهو آهي ته جيڪي اهم تنظيمي پراجيڪٽ آهن، جيئن اسپارڪ آهي هندستان ۾، اربن پوئر فنڊ آهي فلپائن ۾، اورنگي پائلٽ پراجيڪٽ آهي پاڪستان ۾. تن ۾ مختلف تنظيمن ۽ گروپن کي ٽريننگ لاءِ آندو وڃي ۽ کين ٻڌائجي ته ڪم ڪيئن ٿي رهيو آهي؟ اها ڳالهه انهن معاملن بابت هڪ قسم جي ڄاڻ وڌائڻ جي ڳالهه آهي. ان فورم جي ڪري ڪيترين ئي نين رٿائون شروع ٿيون. ائين سمجهو ته شراڪتي پلاننگ جو پيغام سڄي علائقي ۾ پکڙيو آهي. ٽيون پروگرام آهي نوجوان ماهرن جو. اسان داؤد ڪاليج ۾ جيڪو ڪم شروع ڪيو هو اسان جو ارادو آهي ته اُن کي مختلف تعليمي ادارن ۾ پکيڙيو وڃي ۽ جيڪي نوجوان ماهر آهن، تن کي فيلو

شپ ڏنيون ويجن، جيئن اُهي ٻن ٽن سالن تائين ترقياتي رٿائن سان گڏ رهي سگهن. جنهن کان علاوه هڪ ٻيو پروگرام آهي، جيتوڻيڪ اهو ريگيولر پروگرام ڪونهي ۽ اُهو هي آهي ته جن ملڪن ۾ آبادڪاريءَ جي حوالي سان انساني حقن جون تمام گهڻيون ڀڃڪڙيون ٿي رهيون هُجن، تن لاءِ هڪ ڪميشن جوڙيو ويندو آهي. اُتي ويجي جاچ ڪبي آهي ۽ باقاعده رپورٽ لکبي آهي، جيڪا سرڪار تائين پهچائبي آهي. اهڙا مقامي گروپ جيڪي اهڙين ڏاڍ وارين ڪارروائين خلاف جاکوڙ ڪندا آهن تن جي مدد ڪبي آهي. اسان ڪوريا، فلسطين ۽ هانگ ڪانگ ۾ اهو ڪيو. ڪوريا ۾ اُن ڪميشن جي رپورٽ ۽ دٻاءَ جي نتيجي ۾ ڪجھ تبديليون آيون. اُتي تمام وڏي پئماني تي ڪچين آبادين کي ڊاٺو پئي ويو، ۽ ماڻهن کي سيول شهر کان ٻاهر ڌڪو ڪيو پئي ويو، ڪامتبادل جڳهه به نٿي ڏني ويئي. ماڻهو ٻي گهر ٿي وياهئا ۽ سخت سياري ۾ خيمن ۾ رهي رهيا هئا. ريجن ۾ ماڻهن دٻاءَ وڌو. سيني احتجاج نامي تي صحيحون ڪيون، جيڪو سرڪار تائين پهچايو ويو، جنهن سان گهڻو فرق پيو، پاليسيون تبديلي ٿيون ۽ ٻي گهر ماڻهن کي گهر ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو. زمينون به ڏنيون ويون ۽ نئين آبادڪاريءَ لاءِ فنڊ قائم ڪيو ويو. هانگ ڪانگ ۽ فلسطين ۾ به اِهي سمورا مسئلا آڏو آندا ويا آهن. اتحاد جوڙڻ جو فيصلو 1987ع ۾ ٿيو ۽ اُن ڪم 1989ع ۾ شروع ڪيو. جيتوڻيڪ اسان جي مختلف گروپن وچ ۾ لاڳاپا 1985ع کان هئا. جيڪي مُنڍ ۾ چند گروپ هئا ۽ هاڻي سؤ کان مٿي ٿي ويا آهن.

سوال: ڳوٺاڻي آبادڪاريءَ بابت ڪجھ ٻڌايو ته اُن کي ڪهڙي ريت سڌاري سگهجي ٿو ۽ اُن جي پلاننگ ڪهڙي سطح تي ٿيڻ گهرجي، جيئن اُتان جي رهواسين کي مناسب ماحول ملي سگهي؟

جواب: مان ان سوال جو جواب نٿو ڏيئي سگهان، فقط مسئلا ٻڌائي سگهان ٿو، جن تي ايجان تائين ويچار نه ٿيو آهي. اسان وٽ ماحوليات جو مسئلو اِهو آهي ته اڳوڻو نظام جيڪو گهر ٺاهيندو آبادڪاري

ڪندو ۽ سهوليتون ڏيندو هو سو ختم ٿي ويو آهي. جنهن بعد اهڙي
تائين ڪو اهڙو نظام پئدا نہ ٿيو آهي، جنهن کي عام ماڻهو پنهنجو
اجهو ٺاهڻ لاءِ ڪم ۾ آڻي سگهي. اڳ ۾ شاملات يعني گڏيل زمين
تي ڳوٺاڻا رهندا هئا. پاڪستان جي اڪثر ڳوٺن ۾ مختلف ذاتيون
هونديون هيون. ڪمي ڪاريگر هئا، جن کي پئسو نہ ڏبو هو پر سندس
سارسنڀال زرعي طبقو ڪندو هو ساڳي ريت وادا، رازا، ڪنڀار وغيره
هئا جيڪي هڙئي زرعي طبقي جي زندگيءَ جون ضرورتون پوريون
ڪندا هئا ۽ زرعي طبقو سندن گهرجون پوريون ڪندو هو اهو بارٽر
سسٽم هاڻي ڊهي پيو آهي. ڪٿش ايڪا نامي اچي ويئي آهي. ڪمي
شهر هليا ويا آهن، جتي سندن ڪمائي گهٽي وڌي ويئي آهي. طبقاتي
سرشتو پڄي پُري پيو آهي. شاملات زمين تي ڏاڍن ماڻهن قبضو ڪري
ورتو. هاڻي ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ اهو ڏٺو وڃي تہ ڀراڙين ۾ ڇا
ٿي رهيو آهي ۽ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي تنهن کي سپورٽ يا
ريگيوليٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي. بهتر طريقا لاڳو ڪيا وڃن،
جيڪي حل پيش بہ ڪجن ٿا تہ اُهي شهري زندگيءَ سان لاڳاپيل
آهن. هاڻ مسئلو اهو آهي تہ ڀراڙين ۾ زمين ڪانہ رهي آهي، جتي
ڪو پنهنجو گهر جوڙي سگهي. شهرن کان وڌيڪ ڏکيون حالتون آهن
اوهان گهر ٺاهيندا تہ ڪنهن پئي جي زمين تي، جيڪو اوهان کان اُن
جو اجورو ونندو. جيڪڏهن پئسي جي شڪل ۾ معاوضو نٿو ڏجي تہ
پوءِ اوهان سندس غلام بڻجي پوندا. اڳ ۾ گهڻا ئي سماجي متيپيد هئا،
تہ بہ ان نظام جا ڪجهہ اصول، ڪا اخلاقيات هُئي هاڻ جيستائين سماجي
حقيقت کي قبول ڪندي هڪ نئون نظام وجود ۾ نٿو آندو وڃي،
مسئلن جو نبيرو نہ ٿيندو. هيستائين جيڪي حل پيش ڪيا ويا آهن،
اُهي نہ تہ غريبن جون گهرجون پوريون ڪن ٿا ۽ نہ ڪري سگهن ٿا
ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ جيڪي ڪجهہ ٿي رهيو آهي تنهن کي
صحيح طور تي سمجهي، اُن جي هاڪاري پاسن جي پٺڀرائي ڪجي ۽
منفي پاسن کي بُنجو ڏجي. ان ڏس ۾ بہ تي پائلٽ پراجيڪٽ هڪ
علائقي ۾ شروع ڪجن تہ سمورا مسئلا سمجهڻ ۾ سولائي ٿي پوندي.

سوال: ڇا ان ڏس ۾ غير سرڪاري تنظيمون ۽ ادارا ڪو ڪردار ڪري سگهن ٿا؟
جواب: منهنجي خيال ۾ پهريائين ته اُن تبديليءَ کي صحيح نموني سمجهجي. پراڻي سسٽم جي پيچ ڊاهه ته اسان سمجهي چڪا آهيون، ڇو ته ان بابت ڪوجنا ٿي ۽ گهڻو ڪجهه لکيو به ويو. پر جيڪو نئون سسٽم وجود ۾ آيو آهي، تنهن کي اسان چڱي ريت سمجهي نه سگهيا آهيون. ڇو ته اُن تي ڪم نه ٿيو آهي. جيستائين ڪوجنا جو بنيادي ڪم نه ٿيندو، منهنجي خيال ۾ اسان، توهان ڪجهه به ٿٿا ڪري سگهون. سرڪار جو ڪهڙو ڪردار هوندو، اسان کي ڄاڻ ڪانهي، پر پنج مرلا، ست مرلا، زڪوات وغيره جون اسڪيمون سڀئي ناڪام ٿي وينديون ڇو ته جيڪا ڊمانڊ آهي، تنهن کي اُنهن پورو نه ڪيو آهي. ٽارگيٽ گروپن تائين اهي ڪونه پهتا آهن، ۽ مسئلن کي ڪونه سمجهيو آهي.

سوال: ڇا پاڪستان ۾ ڪو ڪوجنائي ادارو ان ڏس ۾ ڪم ڪري رهيو آهي؟
جواب: مون کي ڄاڻ ڪانهي. هونئن شهري گهٽ آمدني وارن گهرن جي ڏس ۾ به سرڪار ڪم نه ڪيو هو. اهو ڪم ڪجهه ماڻهن جو هو جن جي ڪري سرڪار ۽ ٻين ڊرين تائين ان جي سمجهه ۽ ڄاڻ پهتي. مان ته اهو ڪونه چوندس ته فقط ٻن ماڻهن يا سندن گروپن اُن تي ڪم ڪيو. هڪ فري يونيورسٽي ايمسٽرڊم جو پروفيسر ڦان ڊان لنڊن هو. جنهن ڪيئي سال ڪم ڪيو ۽ پيو اسان به گهڻو وقت ان ڪم کي ڏنو. گهٽ آمدني وارين رهائشي رٿائن بابت سموري ڄاڻ، انهن ئي وسيلن وٽان هٿ آئي. ڳوناٽي آبادڪار جي مسئلن ۽ نظام جي پيچ ڊاهه بابت ٿوري گهڻي ڪوجنا به اسان جي ڪيل آهي. ان کان علاوه ڪو به ڪم نه ڪري رهيو آهي ۽ جيڪڏهن ڪري رهيو آهي ته اُهو ڇپيو ڪونهي اهو مسئلن جو حل ته ڪونهي، پر اسان اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون ته مسئلو ڇا آهي. پهرين سماجي ويڇوٽين جو

مسئلو ضرور هو، پر اُنهن حدن ۾ رهندي گهر نـهندا هئا، اڏاوتي سامان مهيا ٿـيندو هو ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته گهرن جي سارسنڀال ٿـيندي هئي، صفائي ٿيندي هُئي. اهو سڀ ڪجهه بارتـر جي ڪري هو. نظام ختم ٿـيڻ بعد نئين شڪل ڪهڙي هُئڻ گهرجي يا ڪهڙي ٿي رهي آهي. اُن بابت ڪا خاص کوجنا ڪانه ٿي آهي.

سوال: اوهان جي خيال ۾ غير سرڪاري تنظيمن جو پاڪستان جي ترقياتي عمل ۾ ڪهڙو ڪردار رهيو آهي؟

جواب: منهنجي خيال ۾ غير سرڪاري تنظيمن جو ڪردار بنيادي طور تي ماڻهن کي باشعور ڪرڻ آهي. وڌ ۾ وڌ اهم ڳالهه اِها آهي، پر اِهو بہ ڏنـو ويو آهي، ته اِهو شعور فقط ڳالهين سان نہ پر ترقيءَ لاءِ عمل ڪرڻ سان اچي ٿـو. ته اُن عمل ڪرڻ جي سگهه جي واڌ ويجهه جي ضرورت آهي. پر ٿـورڙيون غير سرڪاري تنظيمون اِهو ڪري سگهيون آهن. ان جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته سماجي تحقيق جا جيڪي ٽيڪنيڪي پاسا آهن، تن تي غير سرڪاري تنظيمون ڪم نہ ڪري سگهيون آهن. پر هاڻ آهستي آهستي اُن ۾ تبديلي اچي رهي آهي. جيئن جيئن جاڳرتا وڌي رهي آهي، تنظيمن جي سوچڻ جي انداز ۾ بہ فرق اچي رهيو آهي. جيڪڏهن اهو دباءُ قائم رهيو ته اُن جي نتيجي ۾ بنيادي ادارتي ڦير گهير ٿـيندي. غير سرڪاري تنظيمون سرڪار وارو ڪردار تہ نٿيون نڀائي سگهن، پر هڪ اقتصادي ۽ سماجي انقلاب لاءِ جن ادارتي تبديلين جي گهرج آهي، تن ۾ اِهي اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿـيون ۽ ڪري رهيون آهن. ڳوٺـاڻين تنظيمن جي وڏي اهميت آهي. اڳوڻو جاگيردار سرشتو جيڪو ٻهراڙين جي رهواسين ۽ رياست وچ ۾ رابطي جي حيثيت رکندو هو، سو پنهنجي حيثيت وڃائي چڪو آهي، تنهن ڪري پراڻن ادارن جي ختم ٿـيڻ سان پئدا ٿـيل خال کي پـرڻ لاءِ ڪيترن ئي ڳوٺـن ۾ ماڻهن پنهنجون تنظيمون جوڙي ورتيون آهن ۽ اُنهن کي فلاح بهبود وارين تنظيمن جي حيثيت ۾ رجسٽر ڪرائي ورتو آهي. انهن جا چونڊيل عهديدار اسڪول ۽ ڊسپنسريون قائم ڪرڻ، رستن ۽ پلن جي اڏاوت ۽ پاڻي ۽ نيڪال جي سهولتن جي

فراهمي لاءِ مقامي سرڪاري ڪاتن تي دٻاءُ وجهن ٿا. اُهي غيرسرڪاري تنظيمن ۽ پروفيشنل ماڻهن سان له وچڙ ڪري ٽيڪنيڪي صلاحون ۽ مدد حاصل ڪن ٿا ۽ ٻڳوٺ ۾ ۽ اُن جي آسپاس امن قائم رکڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. انهن مان ڪجھ تنظيمن پنهنجي ليکي علاج ۽ تعليم جا ادارا قائم ڪيا آهن. ڪجھ هنڌن تي هُنن يونين ڪائونسلن جي چونڊن ۾ تر جي وڏيرن کي به شڪست ڏني آهي. اهي ڳوٺاڻيون تنظيمون ايجا ڳاٽيتي ۾ گهٽ آهن، پر آهستي آهستي اُنهن ۾ واڌارو ٿيڻ اٿئر آهي، جو ته في الحال سنڌ جي معاشرتي تبديلين جي اظهار جو ڪو ٻيو طريقو موجود ڪونهي. ڪين ان ڳالھ جي پوري ڄاڻ آهي ته سندن ڪاميابيءَ جي ڪُنجي يونين ڪائونسلن تي اقتدار حاصل ڪرڻ آهي.

سوال: ڇا اوهان مستقبل ۾ غير سرڪاري تنظيمن جي ڪردار ۾ سڌارو ڏسو ٿا؟

جواب: منهنجي خيال ۾ سڌارو ايندو، ڇو ته جيڪي جعلي تنظيمون آهن جيڪي ڪم نٿيون ڪري سگهن، ماڻهو اُنهن کي رد ڪري ڇڏيندا. منهنجي خيال ۾ اهو شروع ٿي ويو آهي. پڇاڙيءَ ۾ اُهي تنظيمون قائم رهنديون، جيڪي ڪو مناسب ۽ ڪارائتو ڪردار ادا ڪنديون.

سوال: هڪ نقطہ نظر اِهو آهي ته غير سرڪاري تنظيمن جي ٺهڻ سان سياسي تحريڪ ختم ٿي وڃي ٿي ۽ ڪنهن ڏور رس انقلاب جا امڪان ختم ٿي وڃن ٿا ان ڏس ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: منهنجو خيال آهي ته نظرياتي انقلاب وارو دؤر ڪيئي سال اڳ ختم ٿي ويو آهي ۽ اُهي نظرياتي انقلاب جيڪي آيا هئا، سي به فقط نعريبازيءَ سان ڪونہ آيا هئا، انهن جي پويان به تنظيم هئي، فڪر هو، ڪم هو، منهنجو خيال ناهي ته هاڻي ڪو اهڙو انقلاب اچي سگهي ٿو. انقلاب هاڻي ان ريت ئي ايندو ته ماڻهن ۾ ساڃھ هجي، پنهنجي تر جي

معاملن ۾ سندن ڪنٽرول هجي، اُن بابت اُهي پاڻ فيصلا ڪن ۽ سرڪارن تي دٻاءُ وجهي اهڙا ادارا جوڙين، جو مقامي سطح تي اُهي پاڻ فيصلا ڪري سگهن. منهنجو خيال ناهي ته تنظيمن اهڙي ڪنهن وڏي سياسي تبديليءَ کي روڪيو آهي. بلڪ هُنن هڪ نئون سياسي لاڙو شروع ڪيو آهي، جيڪو منهنجي خيال ۾ اڳتي هلي بهتر نمونو پڌرو ٿيندو. ڇو ته شيون آهستي آهستي سياسي رنگ اختيار ڪري رهيون آهن. ته جيڪي مسئلا تنظيمن اُٿاريا آهن، يا جن ۾ اُهي ڪم ڪري رهيون آهن، سي روايتي سياست کان پاسيرا آهن.

سوال: ڇيو ويجي ٿو ته جيستائين سرڪار مقامي ۽ قومي تنظيمن کي ڪميونٽي جي حصيداري ذريعي شامل نه ڪندي ترقياتي رٿائون ڪامياب نه ٿي سگهنديون. پر ڏٺو ويو آهي ته اين جي اوز ۽ رياست جا ناتا پيچيدا ۽ ٽڪراءَ وارن مفادن تي ٻڌل هوندا آهن. جيڪڏهن ڪين گڏجي ڪم ڪرڻو آهي ته اهو ڪهڙي ريت سڌاري سگهجي ٿو؟ ٻنهي پاسن کان ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن؟

جواب: ڏسو، حڪومت جي ادارن جي ٽيڪنيڪي ترقيءَ تي گهڻو زور پريو ويو آهي، ڪروڙين رپيا سندن ڪارگذاري ۽ اهليت وڌائڻ تي خرچ ڪيا ويا آهن. جنهن کان علاوه اُن تي به زور پريو ويو آهي ته حڪومت جي پروگرامن ۾ تنظيمون ڀرو وٺن. اِهي ٻئي ڳالهيون اڃان ڪامياب نه ٿيون آهن. اِهي ڪامياب تڏهن ٿينديون، جڏهن سندن ناتن ۾ شفافيت ۽ جوابداري پڌري ٿيندي، نه ته اِها ڳالهه اڳيري نه ٿي سگهندي. مثال جي طور تي سرڪار پروگرام جوڙي ٿي ۽ تنظيمن کي چئي ٿي ته اسان سان شامل ٿي ان کي عمل ۾ آڻيو. اصولي طور پروگرام سرڪار کي جوڙڻ گهرجن، يا ڪين عام ماڻهن جي پروگرامن جي پنيرائي ڪرڻ گهرجي. اِهو بنيادي فرق حڪومت ۽ بين الاقوامي ايجنسين جي نقطه نظر ۾ آهي. اصل ۾ هتي غير رسمي سيڪٽر، ڪميونٽيز ۽ تنظيمون گهڻو ڪم ڪري رهيون آهن. سرڪار کي گهرجي ته ڪين سمجهي ۽ سهڪار ڏئي. ٻيو اِهو آهي ته جيڪي به

پراجيڪٽس، رٿائون، اسڪيمون هجن، تن کي فڪري سطح تي بحث هيٺ آندو ويجي. شهرين جون ڪميٽيون هجن جيڪي مشاهداتي ڪميٽين ۾ ويهن. عام حيثيت ۾ نہ پر سندن کا ايگزيڪيوٽو طاقت بہ هجي. منهنجي خيال ۾ رويا بدلائڻ جي ڳالهہ وڏ ۾ وڏ اهم آهي. سرڪار کي عوامي پراجيڪٽس جي پٺڀرائي ڪرڻ گهرجي. پوءِ رٿابندي ۽ عمل جي مرحلن ۾ مفاد رکندڙ گروهن کي شامل ڪجي، دلچسپي رکندڙ گروپن جا عيوضي هن ڪمن جي نظرداري ڪن، مفاد رکندڙ گروپن جي نظرداري ڪن ۽ ڪم ڪان سواءِ سندن سارسنڀال لاءِ بہ ذميوار هجن. اِهي بہ گهڻا مختلف رويا آهن. هڪ سرڪار جو آهي فراهمي جو ۽ ٻيو تنظيمن جي مدد لاءِ درخواست جو ۽ ان ۾ سرچاءُ فقط شهري ڪميٽين وسيلي پئدا ڪري سگهجي ٿو، جنهن ۾ ايجان وقت لڳندو. اصل ۾ اسان وٽ پلاننگ جهڙي طرح ٿئي ٿي ۽ جيڪا پلانرس ۽ منتظمين جي تعليم ۽ سکيا آهي سا حقيقت جي ابتڙ آهي. جهڙوڪ اوهان شهر جي رٿابنديءَ کي ڏسو، تہ پلانر شهر تہ پلان ڪري سگهي ٿو پر جيڪو شهر جيڪي حقيقتون آهن، مثال جي طور ٽرانسپورٽ ڪير ڏيندو، زمين ڪير مهيا ڪندو ڇا ڪميونٽيز صفائي ۽ پاڻيءَ جي نيڪال سرشتي جي ڏيک ويک پاڻ ڪنديون وغيره. اهي حقيقت بنهہ رد ڪري ڇڏجن ٿيون. رٿابنديءَ ۾ فقط سرڪار جو ڪردار ڏٺو وڃي ٿو ۽ اِهو تہ ڪيس مختلف گروپن کان ڪهڙي طرح سپورٽ ملي سگهي ٿي. مفاداتي گروهن جي عيوضين جي رٿابندي ۾ ڪا شرڪت نٿي هجي، جيتوڻيڪ اِهي گروپ ئي شهرن ۽ ڳوٺن جي شڪل بدلائي رهيا آهن. جيستائين پلانرس جي روين ۾ تبديلي نہ ايندي، پلاننگ بہ مناسب نہ ٿي سگهندي.

سوال: شايد ان تبديليءَ جو اسان جي تعليمي ادارن ۾ رائج تعليمي طريقي ۽ سکيا سان واسطو آهي؟

جواب: نهايت ويجهو واسطو آهي ۽ اِها تبديلي هڪ نهايت بنيادي تبديلي هوندي. هڪ نئين قسم جو پلانر ۽ منتظم جيڪو شهر ۽ سماج

جي حقيقت کي سمجهي اُن کي همدرديءَ سان ڏسي، شڪ ڪرڻ بدران ۽ اُن کي ساڻ کڻي هلڻ جي ڪوشش ڪري.

سوال: اُهي تنظيمون جيڪي پرڏيهي امداد جي سهاري پنهنجا پروگرام هلائين ٿيون، تن بابت اِهو تاثر عام آهي ته پرڏيهي ڊونر ايجنسين جي هڪ ڳُجهي ايجنڊا هوندي آهي، ان ڏس ۾ اوهان جو ڇا خيال آهي؟

جواب: منهنجي خيال ۾ ايجنڊا ڳجهي نه ڪانهي، سندن ايجنڊا پڌري آهي، سچو فنڊنگ جو مسئلو آهي. ڪجهه خيرات جي حوالي سان هُجي ٿي ۽ ڪجهه سياسي ۽ اقتصادي فائدا حاصل ڪرڻ لاءِ هوندي آهي. ان جو دارومدار ته اين جي او ڪميونٽي تي آهي ته اُها ڪنهن حد تائين سمجهوتو ڪري ٿي ۽ ڪنهن حد تائين پنهنجي ڳالهه تي قائم رهي ٿي. منهنجي خيال ۾ ته اُن ۾ ڏاڍي لچڪ آهي. اوهان اُن پئسي کي جيئن گهرو استعمال ڪري سگهو ٿا. جيڪڏهن اوهان شهرين کي مناسب پروگرام ڏيو ٿا ۽ ان جو صحيح استعمال ڪري سگهو ٿا ته ايجنڊا ته باءِ پاس به ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن باءِ پاس نه ٿيندي ته پئسا اچڻ بند ٿي ويندا.□

# فضل حسن عابد

’جيڪو ماڻهو فقط هڪ
ڏينهن جي لحاظ کان
سوچي ٿو، اهو ڪڏهن
به مستقبل بابت نٿو
سوچي سگهي. جو ته
مستقبل چوويهه ڪلاڪن
کان اڳتي آهي.‘



بنگلاديش رورل ائڊوانسمنٽ ڪميٽي (بريڪ) جو باني ۽ قائد فضل حسن عابد ڪرت جي لحاظ کان اڪائونٽنٽ، جاکوڙي صلاحيت ۽ ڪوشش جي اعتبار کان ڪنهن ڪارپوريشن جو ايگزيڪيوٽو ۽ سماجي شعور جي لحاظ کان سماج سڌارڪ آهي.

فضل حسن عابد يورپ ۽ ڪئنادا جي گهڻ قومي ڪمپنين ۾ ڪم ڪيو. 1971ع ۾ بنگلاديش جي آزاديءَ جي جنگ ۾ اُن کان متاثر ٿيندڙن جي حالت سندس زندگيءَ جي رخ کي بدلائي ڇڏيو. 1972ع ۾ هن بريڪ جو بنياد وڌو ۽ سرحد پار کان موٽندڙ وطن واسين جي بحالي ۽ آبادڪاري جو ڪم شروع ڪيو. هن ڪم دوران هن محسوس ڪيو ته ٻهراڙين جي عوام جي حالت ۾ سُٺي تبديلي فقط تڏهن ئي اچي سگهي ٿي، جڏهن منجهن مقامي ۽ ٻاهرين وسيلن کي تحرڪ ۾ آڻڻ، انهن جو بندوبست ۽ انهن تي ڪنٽرول ڪرڻ جي صلاحيت کي ترقي وٺرائي وڃي.

بريڪ هڪ نندي تنظيم طور قائم ڪئي وئي هئي، پر 20 ورهين اندر ان جي ڳڻپ دنيا جي وڏين اين جي اوز ۾ ٿيڻ لڳي آهي. بريڪ جو ڄار بنگلاديش جي 50 هزار ڳوٺن ۾ پکڙيل آهي. ان جا 18 هزار فل ٽائم ۽ 34 هزار پارٽ ٽائم ڪارڪن ۽ آفيسر 22 لک ڪٽنبن سان گڏ ڪم ڪري رهيا آهن. بريڪ ڳوٺاڻن ڪٽنبن جي آمدني ۾ واڌ کان سواءِ صحت، آبادي رٿابندي ۽ پرائمري تعليم جي شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي.

فضل حسن عابد جي خدمتن جي ميڃتا طور 1980ع ۾ کيس ڪميونٽي ليڊرشپ لاءِ ميگسيسي ايوارڊ ڏنو ويو.

فضل حسن عابد جو هي انٽرويو آگسٽ 1995ع ۾ سيئول ڪوريا ۾ صادق صلاح الدين ورتو هو.

# فضل حسن عابد

سوال: هڪ ڪاسٽ اڪائونٽنٽ هُجڻ جي حيثيت ۾ اوهان ڪي ڪارپوريٽ سيڪٽر ۽ خانگي ڪاروباري ادارن ۾ ڪم ڪرڻ گهربو هو. اوهان کي ڏتڙيل طبقن جي ترقيءَ سان دلچسپي ڪيئن پيدا ٿي؟

جواب: ان لاءِ مون کي ماضيءَ ۾ جهاتي پائڻي پوندي. 1970ع جي ڳالهه آهي، جڏهن مان شيل آئل ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هئس، ان وقت بنگال اُپسمنڊ ۾ زبردست طوفان آيو هو. هڪ فرد جي حيثيت ۾ مون کي احساس ٿيو ته مون کي ڪجهه ڪرڻ گهرجي. تنهن ڪري مون پنهنجن ڪجهه دوستن سان گڏجي امدادي پروگرام شروع ڪيو. تڏهن پهريون ڀيرو ڀهراڙين جون حقيقتون منهنجي آڏو آيون ۽ مون ڏٺو ته هنن علائقن جي ماڻهن کي ڪهڙي قسم جي قدرتي آفتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

اوير پاڪستان ۾ پاڪستاني فوج جي ڪارروائي جي آخري ڏينهن ۾ مون آزاديءَ جي هلچل ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. جڏهن بنگلاديش ٺهي ته مون سوچيو ته مون کي پنهنجي حياتيءَ جا ڪجهه سال بنگلاديش کي ڏيڻ گهرجن. جنهن کي گهرو ويڙهه برباد ڪري ڇڏيو هو. مون ڍڪ يونيورسٽي گرئيجوئيٽن کي ملازم رکيو ۽ ڏورانهين اتر اُيرندي علائقي ڏانهن هليو ويس، جيڪو پوري طرح تباهه ٿي چڪو هو. اها ترقياتي شعبي ۾ منهنجي شموليت جي شروعات هئي.

بعد ۾ پنهنجي سماج جي غربت کي آڏو رکندي مون فيصلو ڪيو ته فقط مدد سان اصل مسئلو حل نٿو ٿي سگهي، بلڪ هڪ ڊگهي مدي واري ترقياتي پروگرام جو هجڻ ضروري آهي. اهڙي ريت مان ترقياتي ڪم ۾ شريڪ ٿي پيس. مون 1972ع ۾ بنگلاديش ۾ ڪم شروع ڪرڻ لاءِ پنهنجو لنڊن وارو فليٽ وڪڻي ڇڏيو.

سوال: پنهنجي ڪم جي شروعاتي مرحلي بابت ڪجھ ٻڌايو؟
جواب: اسان اُتر اُپرندي بنگلاديش جي نهايت ڏورانهين علائقي جي ٻه سو ڳوٺن ۾ ڪم شروع ڪيو. گهر اڏيا، مُهاڻن لاءِ ٻيڙيون جوڙيون، ٻارن لاءِ بنيادي طبي سهولتون ۽ حفاظتي سرشتو ڏنو. اسان جي ڪوشش هئي ته ڳوٺ جو هرهڪ ماڻهو انهن سرگرمين ۾ ڀرو وٺي. سال کن بعد جڏهن اسان جو شروعاتي امدادي مرحلو مڪمل ٿيڻ ويو ته اسان سوچيو ته هاڻ اسان کي ترقياتي مرحلي ۾ داخل ٿيڻ گهرجي، يعني ٻين لفظن ۾ ماڻهن کي ڪوآپريٽو گروپس جي شڪل ۾ منظم ڪرڻ گهرجي.

ڪجھ سالن بعد ڳوٺن ۾ ان ڪم جو اثر ڏسڻ ۾ اچڻ لڳو ۽ اسان کي ڄاڻ پيئي ته اُهي ماڻهو جن وٽ ٿوري گهڻي زمين هئي، بي زمين هارين جي ڀيٽ ۾ اسان جي ڪم مان وڌيڪ لاڀ پرايو آهي. تنهن ڪري 1975ع کان پوءِ اسان پوري ڪميونٽي تي ڌيان ڏيڻ دوران نهايت ڏتڙيل ماڻهن تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو. اسان ٽين ڌر طور جسماني پورهيو ڪندڙن کي پنهنجو نشانو بڻايو، جيڪي بي زمين هئا ۽ ڪنهن به قسم جي ملڪيت نه رکندا هئا، اهي ئي ماڻهو هئا، جن لاءِ اسان ڪم ڪرڻ گهريو ٿي.

سوال: شروعاتي مرحلي ۾ اوهان کي ڪهڙي قسم جي مسئلن کي مُنهن ڏيڻو پيو، مون کي خاطري آهي ته اهي انهن مسئلن کان مختلف هوندا، جن کي اوهان هاڻي منهن ڏيئي رهيا آهيو؟
جواب: شروعاتي مسئلو اُها ڏکيائي هئي، جيڪا اسان تي پنهنجي سماج

جي گوناگونيءَ کي سمجهڻ ۾ پيش اچي رهي هئي. آئون ۽ منهنجا ڪارڪن ان لاءِ اڻ ڄاڻ هئا. اسان سيئي عمل وسيلي سکي رهيا هئاسون. مان هر مهيني ڪنهن هڪ ڳوٺ جو دورو ڪندو هئس. اسان گڏجاڻيون ڪندا هئاسين، جنهن ۾ اهو بحث ٿيندو هو ته گهربل ڇو حاصل نه ٿي رهي آهي ۽ ڪاميابي ماڻڻ لاءِ حڪمت عملي ۾ ڪهڙي قسم جي تبديلي آڻڻ گهرجي. شروعاتي مرحلي ۾ اهو فيصلو ڪرڻ به ڏکيو هو ته ڪوشش ڪهڙي ڏس ۾ ڪرڻ گهرجي. اوليت جي لحاظ کان سرگرمين جي درجي بندي جي به ضرورت هئي.

سوال: ته پوءِ اوهان جون شروعاتي اوليتون ڪهڙيون هيون؟

جواب: مان اوهان کي اهو ٻڌائيندو هلان ته ان وقت اسان اهو سوچيندا هئاسين ته بالغن جي تعليم کي اوليت ڏجي. پر بعد ۾ اسان سکيو ته ٻارن کي پڙهائڻ وڌيڪ لاڀائتو ٿيندو، ڇو ته بالغ ته تعليم پرائڻ جي شروعات ڪرڻ بعد ڪڏهن به ڇڏي سگهن ٿا، ۽ پوءِ سيکيا وساري ويهن ٿا، جيتوڻيڪ اسان هُن لاءِ گهڻي توانائي ۽ وقت ڏنو، پر ڪوبه فائدو نه ٿيو.

وقت گذرڻ سان گڏوگڏ اسان ٻين شعبن ۾ گهڙياسين. مُنهِنجو اهو خيال هو ته اسان کي پهرين هڪ پراجيڪٽ کي ترقيَ ڏيڻ گهرجي. هڪ اهڙو پروگرام جوڙڻ گهرجي، جيڪو اثرائتو هجي ۽ جنهن کي چڱي طرح هلائي سگهجي. جيئن ٻيا ماڻهو، سرڪاري يا غيرسرڪاري تنظيمون ان جي پوئواري ڪن. اسان پاڻ کي گهڻو پکيڙڻ نٿي چاهيو، پر جلد ئي اسان تي اها ڳالهه واضح ٿي پيئي ته ڪوبه اسان جي پروگرام جي پوئواري نه ڪندو. اسان کي پاڻ اهو ڪرڻو پوندو. جڏهن اها ڳالهه پڌري ٿي پيئي ته اسان پنهنجي پروگرام کي اڳتي وڌائڻ جو فيصلو ڪيو. 1976ع کان اسان ٻين علائقن ۾ به تنظيم جي حيثيت ۾ ترقي ڪرڻ لڳاسين. پهريون ٻيرو اسان 1979ع ۾ هڪ قومي پروگرام "ٻارن جو سال" شروع ڪيو. اسان سوچيو ته، هڪ هزار مان 125 ٻار پنهنجي حياتيءَ جو پهريون سال پورو ڪرڻ کان اڳ ئي مري

وڃن ٿا، ۽ اٽڪل چوٿون حصو ٻار پنهنجي پنجين سالگره ملهائڻ لاءِ اڳ ئي اجل جو شڪار ٿين ٿا ته ڇا اسان ٻارن جي موت جي شرح ۾ لاٿ لاءِ ڪجهه ڪري سگهون ٿا؟ اسان ان نتيجي تي پهتاسين ته جيڪڏهن ٻارن کي ڊائريا يا دستن جي صورت ۾ بدن ۾ لوڻن جي گهٽتائي کي لوڻ وارو پاڻي پيئاري دور ڪرڻ جو عمل مائرن کي سيکاري سگهون ته ٻارن جي موت جي شرح کي گهٽائي سگهجي ٿو. اسان اندازو ڪيو ته ان ريت ٽيهه سيڪڙو ٻارن کي مرڻ کان بچائي سگهجي ٿو. تنهن ڪري فيصلو ڪيو ويو ته ملڪ جي سمورين مائرن وٽ وڃجي، (جن جو ڳاڻيٽو اُن مهل 30.9 ملين هو) ۽ ڪين نمڪول جو استعمال سيکارجي. سوين گشتي ٽيمن اها ذميواري سنڀالي ته اهي مائرن وٽ وڃن ۽ کين ٻڌائن ته ڊائريا ڇا آهي؟ ڪيئن ٿئي ٿي؟ ڪيئن هڪ کان ٻئي کي وچڙي ٿي؟ لوڻن وارو پاڻي پيئارڻ جو عمل ڇا آهي؟ گهر ۾ کنڊ، لوڻ ۽ پاڻيءَ سان اهو محلول ڪيئن تيار ڪري سگهجي ٿو؟ ايمرجنسي ۾ ڇا ڪرڻ جڳائي؟ ۽ ڊائريا ۾ ڪهڙو کاڌو کارائڻ گهرجي؟

مون پنهنجو پاڻ کان سوال ڪيو ته مون کي ڪيئن ڄاڻ پوندي ته منهنجا ڪارڪن پيغام درست نموني پهچائي به رهيا آهن يا نه! ڇو ته جيڪڏهن ڪا ماءُ پاڻيءَ ۾ وڌيڪ لوڻ وجهي ڇڏيندي ته اهو ٻارن لاءِ هاڃيڪار ٿيندو ۽ جيڪڏهن گهٽ لوڻ وجهي ٿي ته ان جو ڪوبه اثر نه ٿيندو. مون اهو ڏسڻ لاءِ چڪاس جو هڪ سرشتو جوڙيو. اسان جي ڪارڪن کي اجورو اُن بنياد تي ڏنو وڃي ٿو ته هُن جيڪو ڪجهه سيکاريو آهي، سو هڪ ماءُ کي ڇهن بعد به ياد هجي. اسان ڪن به ڏهه سيڪڙو ڪٽنبن ۾ وڃي جاچ ڪندا هئاسين ته ماءُ اسان جي ڏهن نقطن بابت ڄاڻي ٿي ۽ صحيح طريقي سان لوڻ وارو پاڻي ناهي سگهي ٿي. اسان جو مانيٽر پنهنجي سامهون لوڻ وارو پاڻي ٺهرائي اسان وٽ آڻيندو هو ۽ اسان فيلڊ ليبارٽري ۾ ان جي جزن جي چڪاس ڪندا هئاسين. جيڪڏهن اُهو صحيح نهيل هوندو هو ۽ ماءُ کي اسان جي ڪارڪن جا ٻڌايل ڏهه نقطا ياد هوندا هئا ته ان کي ”اي“ گريڊ ملندو هو ۽ ڇهه

نقاطي ڪُنب جي حساب سان اجورو ملندو هو. جيڪڏهن ماءُ ڏهه ڪان گهٽ ۽ اٺ کان وڌڪ نقطا ياد هوندا هئا ته ڪيس اڌ رقم ملندي هئي. جيڪڏهن ماءُ کي ان کان به گهٽ نقطا ياد هوندا هئا ته پوءِ اُن کي ڪوبه معاوضو ڪونه ملندو هو. اسان کي اها خاطري به ڪرڻي پوندي هئي ته مانيٽر پنهنجو ڪم صحيح نموني ڪيو آهي. سندس نگرانيءَ لاءِ اسان وٽ هڪ سرشتو هو. اسان ڪارڪن ۽ مانيٽر ٻنهي کان سپ کان نندي ٻار جو نالو پڇندا هئاسين. ٻنهي کي نالو لکي ڏيڻو پوندو هو، جيئن ان ڳالهه جي خاطري ٿي سگهي ته اهي ٻئي اُن گهر ۾ ويا هئا. ان پروگرام اچرج ۾ وجهندڙ نموني ترقي ڪئي. اسان بنگلاديش جي سمورين عورتن سان رابطو ڪيو ۽ ان جي نتيجي ۾ ٻارن ۾ موت جي شرح هزار تي 135 مان گهٽجي 110 تي وئي.

ان ڪم سان ثابت ٿي ويو ته اسان هڪ ملڪ گير پروگرام ڪري سگهون ٿا. فقط نمڪول واري قومي پروگرام لاءِ اسان وٽ ٻه هزار ماڻهن جو اسٽاف هو. اسان ملڪ جي گهر گهر وياسين ۽ هرڪو بريڪ (BRAC) کي سڃاڻڻ لڳو ۽ اها هڪ قومي تنظيم بڻجي پيئي. تڏهن اسان اهو سوچيو ته جيڪڏهن اسان اهو پروگرام ڪري سگهون ٿا ته ٻيا به ڪري سگهن ٿا. تنهن ڪري جڏهن بنگلاديش ۾ بيمارين کان بچاءُ جي سگهه پيدا ڪرڻ وارا ٽُڪا هڻڻ جو پروگرام يعني Im-munization جو پروگرام شروع ٿيو ته اسان کي سڏايو ويو، ڇو ته سرڪار کي احساس ٿي ويو هو ته اها تنظيم ڪم ڪرڻ چاهي ٿي ۽ ان سان شراڪت ڪارائتي ٿيندي.

سوال: ڇا بنگلاديش جي صحت واري وزارت به اهو نه چيو ته ”هي اسان جو ڪم آهي، اوهان اسان جي ڪم ۾ ڇو دخل ڏيئي رهيا آهيو؟“

جواب: شروع ۾ ڪين ڪجهه شڪ شبها هئا. پر جلد ئي ماڻهو قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي اسان جي پروگرام کان واقف ٿي ويا ۽ هر سال شايع ٿيندڙ گڏيل قومن جي رپورٽ ”دنيا جي ٻارن جي حالت“ ۾ به ان جو ذڪر ڪيو ويو.

سوال: اوهان ڳوٺ جي سطح تي مزاحمت بابت ڪجھ چئي رهيا هئا؟
جواب: جڏهن اوهان غريبن کي گڏ ڪريو ٿا ته، ڳوٺن جي سطح تي اوهان کي مزاحمت کي منهن ته ڏيڻو پوندو، ڇو ته اُن سان يقيني طور تي اختيار رکندڙ زميندار، مُهاجن ۽ سرڪاري آفيسرن تي دٻاءُ پوي ٿو. جڏهن غريب پاڻ ۾ منظم ڪن ٿا ته اُهي پنهنجي ڪم ڪرڻ جو وڌيڪ اجورو طلب ڪن ٿا. مهاجن ان ڪري ڊپ محسوس ڪري رهيا هئا ته بريڪ قرض به ڏيئي رهي هئي.

هن مهل اٽڪل 36 هزار اهڙا ڳوٺ آهن، جتي اسان ڪم ڪري رهيا آهيون، بي زمين ماڻهن، خاص طور تي عورتن کي منظم ڪري رهيا آهيون، هاڻ اسان جي گروپ جي ميمبرن جو 75 کان 80 سيڪڙو تعداد عورتن تي ٻڌل آهي، ڳوٺاڻي ترقياتي پروگرام جا ٻه مقصد آهن. هڪ ته غربت جو خاتمو ۽ ٻيو غريبن کي بااختيار بنائڻ. اهي ٻئي ان معنيٰ ۾ پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن ته اوهان غريبن کي بااختيار ڪرڻ کان سواءِ غربت جو انت نه ٿا آڻي سگھو. اهي ٻئي ڪم اوهان کي گڏوگڏ ڪرڻا پوندا. هن سمورن ڳوٺن ۾ اسان مُنڍ ۾ هڪ گروپ گڏ ڪندا آهيون، اهو گروپ عام طور تي 35 کان 40 ميمبرن تي ٻڌل هوندو آهي. گهڻي ڀاڱي عورتون هونديون آهن.

سڀ کان اڳ پنهنجي عزت جو احساس پيدا ڪرڻ لاءِ جاڻ ۽ ساڃھ جو رستو ڏيکارڻ ضروري آهي ۽ اهو هڪ تعليمي عمل آهي، پهريون سبق جيڪو اسان سيکاريندا آهيون، سو اهو آهي ته، انسان شين کي بدلائي سگھي ٿو ۽ شين کي بدلائڻ جي عمل ۾ هو سماج کي، ماحول کي ۽ پنهنجو پاڻ کي تبديل ڪري ٿو. ان پهرئين سبق بعد اسان ان نقطي تي ايندا آهيون ته ڪين پاڻ کي ڇو منظم ڪرڻ گهرجي؟ ڇو ته هڪ فرد جي حيثيت ۾ اوهان بي اختيار آهيو ۽ هڪ تنظيم جي حثيت ۾ اوهان بااختيار آهيو. اهڙي ريت اسان سندن اهميت وڌائڻ لاءِ لاڳيتي ڪوشش ڪندا آهيون.

اسان کين ڳوٺاڻي سماج جي حرڪيات جو تجزيو ڪرڻ به سيکاريندا آهيون. استحصال ڪيئن ٿئي ٿو؟ ڇا استحصال ڪندڙ

جائي جم ڪان استحصالي هوندو آهي يا سماج ڪيس استحصال ڪندڙ ٿاهي ڇڏيندو آهي؟ اُهي ڪهڙيون ڳالهيون آهن، جڪي استحصال ڪندڙن جي تخليق ڪن ٿيون؟ استحصال جا ڪارڻ ڇا آهي؟ اهو اسان جي سماج ۾ ڪيئن ظاهر ٿئي ٿو؟

اهڙن سبقن سان اسان ڪين سماجي حرڪيات جو تصور ڏيندا آهيون ۽ ڪين ان ڏس ۾ بحث لاءِ آماده ڪندا آهيون ته اُهي پنهنجي حياتين، پنهنجي رويي ۽ پنهنجي ماحول ۾ ڪيئن تبديليون آڻي سگهن ٿا ۽ تڏهن اسان ڪين ڊسپلين سان ڪجھ سرگرميون سيکاريندا آهيون. اسان سمجهون ٿا ته، ڊسپلين ڏاڍو اهم آهي. مثال جي طور تي، بچت ڪرڻ، هر هفتي به ٽڪا بچائڻ نهايت ضروري آهي.

سوال: شروع ۾ سندن ردعمل ڇا هوندو آهي؟

جواب: شروع ۾ اُهي چوندا آهن ته، ”اسان ڏاڍا غريب آهيون.“ پر اسان ڪين ٻڌائيندا آهيون ته، هر پيري مانيءَ جي ويلي تي جيڪڏهن اُهي چانورن جي مٺ بچائين ته اهي ائين ڪري سگهن ٿا. اوهان ڪي اهو ڏاڪي به ڏاڪي ڪرڻو پوندو آهي، ڇو ته اها وسيلن جي تنظيم ۽ ڪين چرپر ۾ آڻڻ آهي. پنهنجي ذهن ڪي تحرڪ ۾ آڻڻو پوندو. بچت پاڻ هڪ انعام آهي. بچت سان اوهان ڪي واڌو نفعو ملي ٿو. ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ پورهيت ڪي جيڪڏهن هڪ ڏينهن ڪم نه ملي ته ڪيس بک ڪاٽڻي پوي ٿي، پر بچت جو انعام اهو آهي ته، جيڪڏهن ڪيس ڪنهن ڏينهن ڪم نه ملندو ته سندس ڪٽنب ڪي بک نه ڪاٽڻي پوندي.

ٻي اهم ڳالھ اها آهي ته، جيڪڏهن ڪو ماڻهو فقط هڪ ڏينهن جي لحاظ ڪان سوچي ٿو ته اڄ هو ماني ڪائيندو يا نه ته! اُهو ڪڏهن به آئيندي بابت نٿو سوچي سگهي، ڇو ته آئيندو چوويھ ڪلاڪن ڪان اڳتي آهي. پر جيڪڏهن ڪو ماڻهو سؤ ٽڪا بچائڻ جي قابل ٿي وڃي ٿو ته پوءِ اُهو مستقبل جي رٿابندي ڪري سگهي ٿو ته اهو ان رقم مان ڇا ڪندو يا ڪندي. تنهن ڪري بچت سان گڏ رٿابنديءَ جو عمل شروع ٿي وڃي ٿو. هڪ ڀيرو اُهي بچت ڪرڻ شروع ڪن ته

اوهان ڪٽنبي رٿابندي ۽ ٻي هر قسم جي رٿابنديءَ جي عمل جي ڳالهه ڪري سگهو ٿا، پر جڏهن ماڻهو چوويهه ڪلاڪ جي چڪر بابت سوچي رهيا هجن اُهي، انهن ڳالهين بابت نٿا سوچي سگهن. تنهن ڪري بچت لاءِ ڊسيپلن نهايت اهم آهي.

اسان اهو به سيکاريون ٿا ته، انسان ماحول مان لاڀ پرائي سگهي ٿو. هڪ وڻ يا مڇيءَ تلاءَ مان فائدو پرائي سگهي ٿو. اسان چاهيون ٿا ته اُهي ملڪ ۾ موجود سمورن قدرتي وسيلن کي استعمال ڪن. جيڪڏهن ڪو ويجهڙائي واري تلاءَ مان لاڀ نه وٺي رهيو آهي ته اسان کيس چئون ٿا ته پهرين ان ۾ ڪجهه مڇيون ڇڏ. (اهو مقامي وسيلن کي تحرڪ ۾ آڻڻ آهي) اسان اُن علائقي ۾ حڪومت جي ٻين وسيلن جي فراهمي جو بندوبست ڪريون ٿا. جيڪڏهن ڪو صحت مرڪز موجود آهي، پر ڪم نه ڪري رهيو آهي ته اسان اُتي دٻاءَ وجهندا آهيون ته اهي خدمت جو ڪم ڪن. اهڙي ريت اسان ڪنهن خاص علائقي ۾ سرڪاري وسيلن مان فائدو وٺندا آهيون. ٻاهريان وسيلا تڏهن ئي ايندا آهن، جڏهن اسان سمورا مقامي وسيلا استعمال ڪري چڪا هوندا آهيون. اِهو نهايت اهم آهي. پوءِ ٻاهريان وسيلا قرض جي شڪل ۾ مهيا ڪيا ويندا آهن.

سوال: قرض ڪميونٽي کي ڏنو ويندو آهي؟

جواب: قرض ماڻهن کي ڏنو ويندو آهي. هاڻي اسان جو ڪريڊٽ پروگرام ٻارهن لک قرض وٺندڙن تائين پهچي چڪو آهي. اسان عام ريت تي قرض ڏيندا آهيون ۽ ان مان اسان جا گهڻا خرچ پورا ٿي ويندا آهن. سن 2000ع تائين اسان ملڪ جي ڪُل 80 هزار ڳوٺن مان 50 هزار ۾ ڪم ڪري رهيا هونداسين ۽ 25 لک ڪٽنب اسان جا ميمبر هوندا. اسان کي اميد آهي ته اسان جي هاڻوڪي ڪريڊٽ پروگرام مان حاصل ٿيندڙ وياج مان سمورا خرچ پورا ٿي ويندا.

اسان غريب ماڻهن کي منڊيءَ جي نظام سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. منڊيءَ سان ڳنڍجڻ بنا غريب ماڻهو ڪناري تي ئي

رهندا، اسان ڪين وهڪري جي وچ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. اوهان پڇندا ته اسان اِهو ڪيئن ڪندا آهيون؟ ڪنهن مون کان سوال ڪيو هو ته اوهان جي پروگرام ۽ گرامين بئنڪ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ مون چيو ته، گرامين بئنڪ هڪ بئنڪ آهي. اُها پئسو سيڙائي ٿي ۽ رقم وصول ڪري ٿي، پر اسان اِهو ڪريون ٿا ته، جيڪڏهن ڪا عورت اسان وٽ پولٽري فارمنگ جي ارادي سان اچي ٿي ته اسان کيس فقط قرض نه ڏينداسين، پر ان ڳالهه جي به خاطري ڪنداسن ته، سندس ڪُڪڙين کي ٽُڪا هڻڻ جو بندوبست ڪيو وڃي، ڇو ته جيڪڏهن اوهان ائين نه ڪندا ته موت جي شرح تمام گهٽي ٿيندي ۽ اها عورت ڪو نفعو ڪمائي نه سگهندي. تنهن ڪري اسان 27 هزار ڳوٺن ۾ عورتن کي ٽڪا هڻڻ جي سکيا ڏني آهي. اهي عورتون جانورن جي پالنا واري ترقياتي کاتي سان له وچڙ ڪنديون آهن، جيڪو مفت وئڪسين ڏيندو آهي. اِهي هڪ ٽُڪو هڻڻ جا ويه پئسا وٺنديون آهن ۽ اسان به سندن خدمتن جو اجورو ڏيندا آهيون. ۽ انهن سرگرمين جو نتيجي ۾ ڪُڪڙين مرڻ جي شرح گهٽ ٿي ويندي آهي. تنهن ڪري اسان هرمهيني اِهو طئي ڪندا آهيون ته ڪهڙي ڳوٺ کي هڪ خاص وئڪسين ملندي. اسان عورتن کي ڳڏيل نسل واريون ڪڪڙيون به ڏيندا آهيون، هڪ مهيني ۾ 580 هزار هڪ ڏينهن جي ڄمار وارا چوزا. انهن مان ڪجهه چوزا حڪومت مهيا ڪري رهي آهي. هاڻي اسان ڪڪڙين پالڻ جو خواهشمند غريب عورتن جون گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ فارم قائم ڪري رهيا آهيون.

اسان کي معلوم آهي ته جيڪڏهن هڪ عورت ويه ڪڪڙيون ۽ ڪُڪڙ پالي ته اها گهر کان ٻاهر نڪرڻ بنا، پنهنجين سمورين گهرو ذميوارين ۾ مشغولين سان گڏوگڏ چار سؤ ٽڪا ماهوار آمدني طور ڪمائي سگهي ٿي. اهو پروگرام هيستائين اٽڪل پنج لک عورتن تائين پهچي چڪو آهي، اسان ان کي ڏهه لک عورتن تائين پهچائڻ گهرون ٿا.

سوال: پنهنجي تعليمي پروگرام بابت ڪجهه ٻڌايو؟
جواب: اسان جو تعليمي پروگرام بنيادي طور تي غريبن جون گھرجون پوريون ڪري رهيو آهي، ڇو ته اهي غريب ماڻهو ئي هئا، جيڪي پنهنجي غربت يا جنس سببان پرائمري تعليم مان لاڀ پرائي نٿي سگهيا. اسان هڪ سادو ۽ غير رسمي تعليمي سرشتو اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو، ڇو ته اسان ڪين لکڻ ۽ پڙهڻ جي بنيادي سيکارڻ چاهيندا هئاسين ۽ ڪين اهو سمجهڻ جي قابل ڪرڻ گھرجندا هئاسين ته، ماحول ڪيئن ڪم ڪري ٿو. مختصر طور اسان ڪين زندگيءَ جون بنيادي حقيقتون ٻڌائيندا آهيون. اسان پنهنجو ڪورس اهڙي ريت تيار ڪيو آهي جو ڪين ٽن سالن ۾ اهو سيڪجهه پڙهائي ونيو، جيڪو پرائمري تعليم واري سرشتي ۾ پنجن سالن ۾ پڙهايو ويجي ٿو. اسان ٻاويهه اسڪولن کان ڪم شروع ڪيو، اسان چاهيو ٿي ته، آخرڪار ڪميونٽي پاڻ ان پروگرام کي هلائي ۽ برقرار رکي. تنهنڪري تعليم جو هڪ سادو نظام هئڻ گھرجي. ٽيهه يا پنجٽيهه شاگرد ۽ هڪ استاد، ان کي هلائيندڙ هڪ وليج ڪميٽي هجي، جيڪا ٻارن جي مائٽن، استاد ۽ بريڪ جي هڪ عيوضي تي ٻڌل هجي. پهريان ٻاويهه اسڪول حيرت انگيز طور تي ڪامياب ٿيا. ٻارن باقاعده نظام جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪاميابي ماڻي. اسان تعليم کي هڪ وڻندڙ عمل بنائي ڇڏيو هو. مان چاڻان ٿو ته منهنجا پنهنجا ٻار به ان وقت اسڪول ويندا، جڏهن ڪين استاد پسند هوندو. تنهن ڪري پهرين اوليت تعليم کي وڻندڙ بنائڻ آهي ۽ ٻي اوليت اها آهي ته ٻار ضرور سکن. ڪين سيکت نه ڏني ويجي، تنهن ڪري اسان ڊرامي، ناچ ۽ ڳائڻ تي گھڻو زور ڏنو.

اسان اهو به سوچيو ته گهڻن باقاعده اسڪولن ۾ پڙهائي نٿي ٿئي. عام طور تي پرائيويٽ ٽيوٽر يا مائٽ ٻارن کي گھرن تي پڙهائين ٿا ۽ اسڪولن ۾ ٻارن کي گهڻا ڪم ڏنا وڃن ٿا. اسان ان ڳالهه جي خاطري ڪئي ته سکڻ جو سمورو عمل ڪلاس روم ۾ ئي مڪمل ٿئي. اِها هڪ وڏي تبديلي هئي، مجموعي طور تي اِهو سرشتو نهايت سٺي نموني هليو. جڏهن پهريون گروپ اسڪول مان نڪتو ته اسان جي 84 شاگردن

کي باقاعده اسڪولن جي چوٿين يا پنجين درجي ۾ داخلا ملي ويئي.

اسان ڏٺو آهي ته جڏهن ان تعليمي عمل وسيلي ٻارن ۾ پاڻ لڳاءُ پيدا ٿئي ٿو ته، اُهي اڳتي وڌڻ گهرن ٿا. اُهي ٽن سالن جي تعليم تي راضي نٿا رهن. ان ڪان پوءِ اسان سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم پرائڻ ۾ سندن مدد ڪندا آهيون، هاڻي اسان جا 95 سيڪڙو شاگرد سيڪنڊري اسڪولن ڏانهن ويندا آهن.

سوال: ڇا حڪومت وٽ گهڻي تعداد ۾ سيڪنڊري اسڪول آهن؟

جواب: گهٽائي آهن، پر نظام اهڙو آهي ته انهن اسڪولن ۾ وڏيڪ پڙهائي نٿي ٿئي. تنهن ڪري بعد ۾ ٻارڙا اسڪول ڇڏي ڏين ٿا. اسان جو نظام غريب شاگردن جي گهرجن موجب ڪونه جوڙيو ويو آهي. هن مهل بنگلاديش ۾ اسان جا 33 هزار اسڪول آهن، جن ۾ 11 لک ٻار پڙهن ٿا. هاڻي اها ڳالهه ثابت ٿي چڪي آهي ته غيرسرڪاري تنظيمون قومي سطح جا پروگرام هلائي سگهن ٿيون. مون کي سدائين اهو محسوس ٿيو آهي ته سرڪار اهو سوچي ٿي ته غيرسرڪاري تنظيمون ننڍيءَ سطح تي ڪم ڪنديون آهن. تنهن ڪري جيڪڏهن ڪين ڪو وڏو ڪم ڏنو ويو ته اُهي نه ڪري سگهنديون.

سوال: بنگلاديش ۾ ماڻهن جو چوڻ آهي ته اوهان سڄي ملڪ ۾ ڪارپوريٽ سيڪٽر ۽ حڪومت سوڌو، شايد وڏ ۾ وڏ لائق ۽ ڪارائتا ائڊمنسٽريٽر آهيو ۽ اوهان کي دنيا جي شايد سڀ کان وڏي غيرسرڪاري تنظيم هلائڻ جو تجربو به آهي، ڇا اوهان اسان کي غير سرڪاري تنظيمن کي هلائڻ جي بنيادي اصولن بابت ڪجهه ٻڌائي سگهو ٿا؟

جواب: منهنجي خيال ۾ اهو جوش ۽ جذبي جو احساس آهي، جيڪو اهم آهي. فقط اڳواڻن جو جوش ۽ جذبو نه، بلڪ هر ان شخص جو جيڪو تنظيم ۾ ڪم ڪري ٿو. ڪم بابت اُتساهه محسوس ڪرڻ مان مراد اها آهي ته اوهان محسوس ڪريو ٿا ته اوهان تنظيم جا مالڪ آهيو.

هر ڪارڪن اِهو محسوس ڪري ٿو تہ اهو بريڪ کي ناهيندڙ آهي، نہ فقط عابد صاحب يا ڪو ٻيو مٿين سطح جو ماڻهو. اِهو نهايت ضروري آهي، ٻيو اصول اهو آهي تہ ڪنهن بہ وڏي تنظيم ۾ هدايتون هيٺانهين ڏانهن وينديون آهن، ”هي ڪريو“ ”هو ڪريو“ بلاشڪ بريڪ ۾ بہ اسان هڪ ڪم جو دائرو ڏيندا آهيون، پر جيڪي ڪجھ ٻاهر وڃي ٿو، اُهو ملازمن کي نشانن بدران قدر پهچائڻ هوندو آهي. تنهن ڪري جڏهن ڪو ڪارڪن اسان وٽ اچي ٿو تہ اسان ڪوشش ڪريون ٿا تہ اُهو اسان جي قدرن کي سمجهي وڃي، جيڪي اسان کي ڏاڍا پيارا آهن. عملي کي هڪ خاص رخ تي هلائڻ ڏاڍو اهم آهي. اوهان اهي ويليوز ڪلاس روم ۾ نٿا سيکاري سگهو. انهن تي ان ميدان ۾ ئي عمل ڪرڻو پوندو. جڏهن اُهي پنهجن ٻين ساٿين کي ڏسن ٿا تہ اِهو سکي وٺن ٿا تہ، بريڪ جا پنهنجا قدر آهن، بريڪ جا پنهنجا ڪم ڪرڻ جا طريقا آهن ۽ ان سان مدد ملي ٿي.

منهنجو خيال آهي تہ اسان جي ڪم جو اثر انيڪ شعبن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. بنگلاديش ۾ ٻارن جي موت جي شرح ۾ چٽي طرح لاٿ آئي آهي. تعليم جي شرح خاطريءَ سان سڌري آهي ۽ انهن ٻارن جي وڏو ٿيڻ سان اِجا بہ واضح ٿي ويندي. ملڪ جي نظام تي اسان جي ڪم جو اثر سٺي نصاب، سٺي تدريسي سکيا، اسڪول جي نظام جي سُٺي بندوبست ۽ ڪنهن حد تائين احتساب جي شڪل ۾ ڏسي سگهجي ٿو.

اوهان ڏسندا تہ اسان جي ڪم جي نتيجي ۾ بنگلاديش ۾ غربت واري صورتحال ايڏي خراب نہ ٿي آهي، جيڏي غيرسرڪاري تنظيم جي ڪم کان سواءِ ٿئي ها. مون کي اهو بہ چوڻ ڏيو تہ، معمولي ئي سهي، پر غيرسرڪاري تنظيمن جي ڪم سببان بنگلاديش جي غربت ۾ گهٽتائي ٿي آهي. جيڪڏهن 1975ع ۾ 70 سيڪڙو ماڻهو پاورٽي لائين کان هيٺ هئا تہ هاڻي اُهي 43 سيڪڙو ٿي ويا آهن، اها چڱي موچاري گهٽتائي آهي. مان اهو نٿو چوان تہ سڀ ڪجھ غير سرڪاري تنظيمن ڪيو آهي. تہ بہ سندن چڱو وڏو حصو آهي.

جيڪڏهن تفاوت اسان مستقبل ۾ ڏسڻ چاهينداسين، اُهو ان معنيٰ ۾ وڏيڪ ڊرامائي هوندو تہ بنيادي سطحن تي غيرسرڪاري تنظيمن جو ڪم سماج کي، سماجي حرڪيات کي تبديل ڪري ڇڏيندو. ٿي

سگهي ٿـو تہ هن مرحلي تي قومي سياست کي تبديل نہ ڪري، پر ڏهہ ويهہ سالن جي وقت اندر قومي سياست پڻ تبديلي ٿـي وينديء چـو تہ اهي ماڻهو پارليامينٽ جي ميمبرن تي مثبت دٻاءُ وجهڻ جي قابل ٿـي ويندا. اُهي جنهن قسم جي ماڻهن کي ووٽ ڏيندا، سڀ بهتر ماڻهو هوندا. اُميد آهي تہ ان سان گهٽـي تبديلي ايندي. آخرڪار اسان سماج ۾ غريب ماڻهن جي زندگيءَ ۾ تمام گهڻو فرق ايندي ڏسنداسين.

سوال: ڇا اوهان جي خيال ۾ ان تحريڪ جي ڪري ڪجهہ اهڙا سماجي رواج بہ بدلجي ويندا، جيڪي ترقيءَ جي راهہ ۾ رنڊڪ بڻجي رهيا آهن؟
جواب: منهنجي خيال ۾ ائين گهڻـي حد تائين ان معنيٰ ۾ ٿـي چڪو آهي، بنگلاديش جي سماج ۾ عورت جي ڪردار ۾ ڊرامائي تبديلي اچي ويئي آهي. اوهان جو ڇا خيال آهي، مولوي اسان جي خلاف ڇـو آهن؟ سندن چوڻ آهي تہ بريڪ ۽ گرامين بئنڪ بنگلاديش ثقافت، بلڪ هڪ اسلامي ثـقافت کي تباهہ ڪري رهيا آهن. اسلامي ثـقافت ڇا آهي؟ ان جو مطلب آهي اسان کي عورت کي پردي ۾ گهر ۾ ويهاري ڇڏڻ گهرجي. اها سخت پورهيو ڪري ٿـي، پر ڪيس پنهنجي زندگيءَ تي ۽ پنهنجو پاڻ تي اختيار ڪونهي. سندس مڙس يا ڪو پيو آهي، جيڪو سندس سرپرست آهي. اهو سڀڪجهہ بدلجي رهيو آهي. اڳئي گهڻو فرق اچي چڪو آهي، خاص طور تي عورتن جي زندگين ۾. تنهن ڪري مولوي حضرات ڊنل آهن، ۽ سمجهن ٿا تہ ان سڀ کي روڪڻ جي لاءِ ڪجهہ ڪرڻ گهرجي. اُهي اسان کان ڊنل آهن، ڇـو تہ اسان انهن سماجي تبديلين جي شروعات ڪئي آهي. سندن خيال آهي تہ بنگلاديش مان، جيڪڏهن بريڪ ۽ گرامين بئنڪ جي پاڙ پٽي ڇڏجي تہ جنهن قسم جي ڪيفيت تبديلي ٿـي رهي آهي، تنهن کي تڏهن ئي شايد روڪي سگهجي.

سوال: اوهان بنگلاديش ۾ آبادي کي ڪنٽرول ڪرڻ بابت ڪجهہ چوڻ پسند ڪندا؟ ان حوالي سان تہ هڪ اسلامي ملڪ هجڻ جي باوجود اُتي اهو پروگرام ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي، غير سرڪاري تنظيمن جو اَن ۾ ڪهڙو ڪردار آهي؟
جواب: 1974ع ۾ اسان جي پهرئين منصوبي مان اِهو ظاهر ٿـيو تہ جن

علائقن ۾ بريڪ ڪم ڪي رهي هئي، اُتي 27 سيڪڙو ڪٽنب خانداني رٿابنديءَ تي عمل ڪري رهيا هئا، جڏهن ته بنگلاديش جي ٻين حصن ۾ ست سيڪڙو خاندان، ڪٽنب رٿابنديءَ تي عمل ڪري رهيا هئا. اسان اهو ثابت ڪري ڇڏيو آهي ته جيڪڏهن اوهان ڳوٺن ۾ وڃي در تي خدمتون مهيا ڪريو، جيڪڏهن عورتن کي چونڊ جو حق ڏنو وڃي، ٻارن جي موت جي شرح گهٽ ٿي وڃي، ته ماڻهو ڪٽنبي رٿابندي تي عمل ڪرڻ پسند ڪندا. شروعات ۾ گهڻا مڙس حضرات ان جي خلاف هئا، مُلان اُن جي خلاف هئا، پر سڀني ترقياتي ڪم جي ڪري ڏاڪي به ڏاڪي معاملو سڌرندو ويو. هڪ شيءِ جيڪا بنگلاديش ۾ آهي ۽ پاڪستان ۾ ڪانهي، اُهو اهو طبعي احساس آهي ته اسان گهڻا سارا آهيون. اهو احساس ئي ڏاڍو مددگار آهي. اهو ته جيڪڏهن اسان گهڻو ٻار جنم ڏينداسين ته زمين ڪٿان ايندي؟ اهو احساس موجود آهي، عورتن جي بااختيار ٿيڻ سان ڪٽنبي رٿابندي لاءِ هڪ شاندر صورتحال پيدا ٿي پئي آهي.

اسان اميد ڪري رهيا آهيون ته سن 2007ع تائين اسان NRR_2 حاصل ڪري وٺنداسين، يعني واڌ جي خالص شرح- جنهن مان مراد آهي ته آبادي واڌ جي شرح تبديلي، ٻئي جي جاءِ وٺڻ واري عمل جي سطح تائين پهچي ويندي. جيڪڏهن اسان ائين ڪري ورتو ته ان جو مطلب اهو ٿيو ته آباديءَ ۾ واڌ بيهجي ويندي ۽ سن 2056ع تائين بنگلاديش جي آباديءَ ۾ استحڪام پيدا ٿي پوندو.

سوال: مان اوهان کي اهو ٻڌائڻ چاهيان ٿي ته اوهان پاڪستان جي غيرسرڪاري تنظيمن لاءِ رول ماڊل آهيو. اوهان ڪهڙي صلاح ڏيڻ پسند ڪندا؟

جواب: مان فقط اها ئي صلاح ڏيئي سگهان ٿو ته ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ ۽ سکڻ ماڻهن سان گڏ ڪم ڪرڻ سان ئي اچي ٿو. اهو ڪو نظرياتي فريم ورڪ ڪونهي، جنهن تي اوهان ڪم شروع ڪريو. اوهان اصل ۾ ڪم ڪرڻ سان ئي سکو ٿا، اسان جو طريقو هي آهي: "ماڻهو اوهان کان سکن ٿا، اوهان ماڻهن کان سکو ٿا." سکڻ جي ان عمل جو ڪو به شارٽ ڪٽ ڪونهي. □

## ڪرن بيدي

’سماج کي ان ڳالھ ۾
دلچسپي آھي تہ ڌوھاري
سُتري پون ۽ اُھي ڪنھن
باعزت روزگار جي قابل
ٿين. ‘



ڪرن بيدي 1949ع امرتسر ۾ جنم ورتو. هن گورنمينٽ ڪاليج امرتسر مان گريجوئيشن ڪئي. پنجاب يونيورسٽي چنڊي گڙھ مان پوليٽيڪل سائنس ۾ ماسٽرس ڊگري ۽ دهلي يونيورسٽيءَ مان قانون جي سند حاصل ڪئي. 1972ع ۾ ٻاويھ سالن جي ڄمار ۾ هن پوليس کاتي ۾ نوڪري شروع ڪئي ۽ ڀارت جي ايليٽ فورس سروس جي پهرين خاتون آفيسر هجڻ جو اعزاز حاصل ڪيو. دهليءَ جي اُلهندي ۽ اُترئين ضلعي جي ڊپٽي ڪمشنر پوليس جي حيثيت ۾ هن پوليس جي سپاهين جون چوڪيون قائم ڪيون، جتي عام ماڻهو اچي مشورا ونندا هئا. سندس ڪوشش سان عورتن جون امن ڪميٽيون قائم ڪيون ويون. نشي جي واهپي ۽ ڏوهن جي پاڙ ۾ تعلق کي ڏسندي ڪرن بيدي عوام جي سهڪار سان نشي لاءِ ڇوٽڪاري جون ڪلينڪون قائم ڪيون. بعد ۾ نارڪوٽڪس ڪنٽرول بيورو جي ڊپٽي ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ انهن ڪلينڪس کي ملڪي سطح تي استعمال ڪيو ويو. 1994ع ۾ هن ميگسيسي ايوارڊ حاصل ڪيو.

1995ع ۾ انسپيڪٽر جنرل جي حيثيت ۾ هن تهاڙ جيل، دهليءَ ۾ ذميواري سنڀالي، جيڪو ڀارت جي وڏي ۾ وڏي جيل آهي.

ڪرن بيدي دهلي پوليس فائونڊيشن هيٺ قائم ڪيل تنظيم ”نوجوتي“ جي باني ميمبر آهي. اها هڪ رجسٽرڊ سوسائٽي آهي، جيڪا نشي جي عادي ماڻهن کي ان لعنت لاءِ ڇوٽڪارو ڏيارڻ جو پروگرام هلائي رهي آهي. ڪرن بيدي نشي ۽ تشدد جي موضوع تي ڊاڪٽريٽ جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي آهي. ڪرن بيدي جو انٽرويو صادقہ صلاح الدين مارچ 1995ع ۾ ڪوپن هيگن ۾ ورتو.

# ڪرن بيدي

سوال: ڪرن بيدي صاحبا! اسان اوهان جو نالو ته گهڻو ٻڌو آهي، پر پاڪستان جا رهواسي اوهان بابت تفصيل سان نٿا ڄاڻن، تنهن ڪري اوهان اسان کي پاڻ بابت ڪجهه ٻڌايو؟

جواب: مان 1972ع ۾ انڊين پوليس سروس ۾ شامل ٿيس. مان هندستان جي پهرين خاتون پوليس آفيسر هئس، انٽرويو وقت مون پڇيو ويو ته، تو پوليس جي نوڪريءَ جو فيصلو ڪيو آهي، ڇا توکي اندازو آهي ته هن ڪرت ۾ ڪهڙي قسم جي ڏکيائين ۽ مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو؟ تون انهن سمورين ڳالهين جي ڄاڻ رکين ٿين يا توکان غلطي ٿي وئي آهي؟ مون چيو، نه! مون نهايت سوچي سمجهي اِهو فيصلو ڪيو آهي، ڇو ته مان سمجهان ٿي ته، پوليس آفيسر کي اهڙا اختيار هوندا آهن، جو اُهي چاهين ته سماج جي ڀلائي لاءِ گهڻو ڪم ڪري سگهن ٿا.

منهنجي نوڪري کي 23 سال ٿي چڪا آهن، مون ان وچ ۾ قسمين قسمين ڪم ڪيا آهن، ڊپٽي ڪمشنر پوليس رهي آهيان، دهلي جي ٻن ضلعن ۾ نارڪوٽڪس ڪنٽرول بيورو ۾ ڪم ڪيو آهي، ڊپٽي انسپيڪٽر جنرل پوليس رهي آهيان. هڪ صوبي ۾ هڪ اجا به اهم ذميواري ڏني وئي. جنهن وقت دهليءَ ۾ ايشيائي رانديون ٿي رهيون هيون، اُن وقت مان ٽريفڪ جي انچارج هئس. مون اِها ڪوشش

ڪئي ته جديد اوزارن ۽ انتظامن کان سواءِ فقط انساني سگهه کي ڪم ۾ آڻي، ٽريفڪ کي ڪهڙي طرح بهتر بنائي سگهجي ٿو. هن مهل مان جيلن جي آءِ جي آهيان ۽ منهنجي حوالي چار جيل آهن. اهي چار ئي جيلون هڪ ٻئي سان جڙيل آهن ۽ شايد ايشيا ۾ ڪنهن هڪ هنڌ تي ايڏي وڏي جيل ۽ ايڏا گهڻا قيدي ڪٿي به ڪونهن. دهلي جي ان جيل جو نالو تهاڙ جيل آهي. هتي نو هزار ست سئو قيدي رهن ٿا.

سوال: پوليس آفيسر هئڻ جي باوجود اوهان ماڻهن جي ڀلائي لاءِ گهڻائي ڪم ڪيا آهن، انهن سمورن ڪمن پٺيان اوهان جي سوچ ڪهڙي هئي؟

جواب: منهنجي عادت هئي ته مان ڏوهه جي پس منظر ۾ وڃڻ چاهيندي هئس. مان اهو ڄاڻڻ چاهيندي هئس ته ڪنهن ڏوهاري جيڪڏهن ڏوهه ڪيو آهي ته اُن جو ڪارڻ ڪهڙو آهي؟ ڪهڙيون حالتون ۽ سبب هئا، جن ڪارڻ هو ائين ڪرڻ تي مجبور ٿيو؟ ۽ شايد اُن ۾ منهنجي عورت هجڻ جو به هٿ آهي. عورت هجڻ جي ڪري مون ۾ ماڻهن جي نشو و نما ۽ واڌ ويجهه ڪرڻ جو جذبو به هو ته مان ان ڳالهه ۾ رڌل هوندي هئس ته ڪيئن مان کين بهتر شهري ٿيڻ لاءِ راغب ڪريان.

مون ائين ڪڏهن به نه سوچيو ته، پوليس آفيسر جو ڪم گرفتاريءَ کان پوءِ ختم ٿي وڃي ٿو، بلڪ مون کي سدائين اهو محسوس ٿيندو هو ته جوابدار جي گرفتاريءَ کانپوءِ هاڻي منهنجو ڪم شروع ٿيو آهي ۽ مون کي اها ڪوشش ڪرڻي آهي ۽ ڪو اهڙو سڌاري وارو قدم کڻڻو آهي، جيئن اهو ڏوهاري جنهن هڪ ڀيرو ڏوهه ڪيو آهي، ٻيهر اهڙو ڪم نه ڪري. پوليس جي سکيا جي ڪتابن ۾ به لکيل آهي، ٽريننگ ۾ به اسان کي پڙهايو ويو آهي ته پوليس جو ڪم ڏوهن کي روڪڻ ۽ انهن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ آهي. پر اسان عملي دنيا ۾ ڏٺو آهي ته پوليس جو زور فقط تفتيش ۽ گرفتارين تي هجي ٿو. ڏوهن کي روڪڻ تي ڌيان ڪونهي. اهو ڪو به نٿو سوچي ته ماڻهن کي ڏوهن کان ڪيئن جهليو وڃي.

هندستان ۾ پوليس آفيسرن کي نهايت ٿورڙا جُڊيشل اختيار بہ حاصل آهن. ان ڪري سندن عدالت ۾ ڏوهاري بہ آندا ويندا آهن. مون کي ياد آهي تہ جڏهن منهنجي عدالت ۾ ڏوهاري آندا ويندا هئا تہ، مان ڏسندي هئس تہ ڪڏهن ڪڏهن انهن ۾ نوجوان بہ هوندا هئا. مان انهن نوجوانن جي گهرياتين کي سڏائيندي هئس. سندن مائرن کي سڏائيندي هئس ۽ ساڻس ڳالهہ ٻولهہ ۽ صلاح ۽ مشورو ڪندي هئس. مان سدائين پبلڪ کي پاڻ سان گڏ کڻي هلندي آهيان ۽ مون سدائين ڪوشش ڪئي آهي تہ پوليس جي ڪمن ۾ ماڻهو ڀرو ونـي سگهن، ڇو تہ پوليس تڏهن ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري سگهي ٿي، جڏهن ماڻهو سندس ڪمن ۾ دلچسپي ونـن. مون ڏنـو تہ جوابدارن جي گهر ياتين کي ساڻ کڻڻ ۽ ساڻن صلاح ۽ مشورو ڪرڻ جو ڏاڍو سٺو اثر ٿـئي ٿـو ۽ ڏوهاريءَ ۾ ڪافي سڌارو اچي ويجي ٿـو.

ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا هئا، جن جي ڪـتـب تائين منهنجي پهچ ڪانہ ٿـيندي هئي، يا انهن جو ڪـتـب هن شهر ۾ ئي ڪونہ هوندو هو. ان صورت ۾ سندس ڀين مٽن مائٽـن کي، سندن پاڙيسرين کي، يا جتي اُهي ڪم ڪندا هئا، اهڙن ماڻهن کي يا سندن دوستن کي گهرائيندي هُئس. اِهو سيڪجھ مون ڪنهن ڪتاب ۾ نہ پڙهيو هو. پر منهنجي تجربي اهو ٻڌايو تہ جيڪڏهن ڏوهن کي روڪڻو آهي، سماج ۾ ڏوهن کي گهٽائڻو آهي تہ ان لاءِ ماڻهن کي ساڻ کڻي هلڻو پوندو ۽ اهڙين ڳالهين جا ڪي ميجيل اصول بہ ڪونهن، اها عام سمجھ جي ڳالهہ آهي ۽ اها سمجھ ۽ ادراڪ وقت سان ۽ تجربي سان گڏ وڌن ٿا.

منهنجو اِهو ئي شوق آهستي آهستي مون کي ڪميونيٽي ورڪ ڏانهن ونـي ويو ۽ مون ڏنـو تہ جيڪڏهن اسان صحتمند سماج کي ساڻ ڪنداسين تہ ان سان سماج جي صحت اچا بہ سڌرندي.

مان اوهان کي ٻـڌايان تہ، 1980ع ۾ ڇا ٿـيو هو. 1980ع ۾ مان دهلي جي اولهہ ضلعي ۾ ڊپٽي ڪمشنر هيس. ماڻهو اُن کي ويٽ ڊسٽرڪٽ (Wet District) سڏيندا هئا، ڇو تہ اهو ضلعو ڪچي شراب ٺاهڻ، وڪڻڻ لاءِ مشهور هو. ضلعي ۾ ڪيترين ئي عورتون ۽ مرد ڪچو

شراب نـاهيندا ۽ وڪڻندا هئا. جنهن ڪري پاڙن ۾ داداگيري به گهٽي هئي، جوئا به ٿيندي هئي، هر قسم جون برايون اُتي هونديون هيون. جڏهن مون شروع ۾ ماڻهن کي سوگهو ڪرڻ شروع ڪيو ته مان اِهو سوچيندي هيس ته اسان گهٽِن ماڻهن کي سوگهو ڪنداسين. گرفتارين سان گڏوگڏ اسان کي گهرجي ته اسان ڪچي شراب جي نهڻ کي بند ڪرائي ڇڏيون. ڇو ته جيڪڏهن اهو ڪچو شراب نهڻ بند نه ٿيندو، ته ماڻهو پڪڙجندا رهندا، پر اِهو ڪم ائين ئي هلندو رهندو. اسان هڪ ڏينهن ۾ ڇئن کي جهليندا‌سين. پنجن کي سوگهو ڪنداسين، هڪ ڏينهن ۾ پيو اسان گهٽِن ماڻهن کي جهلي سگهون ٿا.

مون هڪ پيرو اِها ڪوشش ڪئي ته جيڪي ماڻهو ڪچو شراب نـاهين ۽ وڪڻن ٿا، تن کي سڏايان، پهريائين ماڻهو پوليس وٽ اچڻ کان ڪيبائي رهيا هئا، پر مون کين چيو ته ڪنهن کي ڪابه سزا نه ملندي، ڪنهن کي ڪجهه به نه چئبو. مان فقط ڳالهائڻ چاهيان ٿي ۽ اوهان سان ملڻ گهران ٿي. ته ائين ٿيو جو هڪ ڏينهن ۾ 12 کان 15 سؤ ماڻهو جي لڳ ڀڳ ماڻهو منهنجي آفيس ۾ آيا. مون کين چيو ته، ڇا ائين ٿي سگهي ٿو ته اُهي اِهو ڪم ڇڏي ڏين. ڇا اوهان جي دل نٿي چاهي ته اوهان جا ٻار به اسڪول وڃن ۽ اوهان جي زندگيءَ جو طريقو يا جيڪو معيار زندگي آهي، اُهو به صاف سٿرو هجي. هنن ورندي ڏني ته، وٽن روزگار جو ڪو ٻيو وسيلو ڪونهي. مون کين چيو ته، جيڪڏهن سرڪار مدد ڪري ۽ اوهان کي متبادل روزگار ملي وڃي ته ڇا اوهان اهو ڪم ڇڏي ڏيندا؟ هنن چيو ته، ها! اسان ڏس ۾ ڪوشش ڪري سگهون ٿا.

مون چيو ته، ان سلسلي ۾ مان اوهان جي ڪهڙي مدد ڪري سگهان ٿي. ڇو ته منهنجي ڪوشش اِها آهي ته، ماڻهن کي گرفتار ڪرڻ بنان سماج کي سڌاري سگهجي. اُهي ماڻهو حيران ٿي ويا، ڇو ته اڄ ڏينهن تائين کين ڪنهن به اِهو نه چيو هو ته، اسان اوهان کي سڌارڻ چاهيون ٿا، سيئي منجهائن بيزار هئا. جيڪو به پوليس آفيسر ايندو هو، اُهو کين گرفتار ئي ڪندو هو. اِهي ويچارا وڪيلن کي به ڏوڪڙ ڏيندا هئا،

رشوتون بہ ڏيندا هئا ۽ ائين پنهنجي حياتي گذاري رهيا هئا.

ان ڪم جي شروعات ۾ اسان هڪ ياداشت تي ڪانئن صحيحون ڪرايون، پر مون ڏٺو تہ ان ياداشت تي سيني ديانتداريءَ سان صحيحون نہ ڪيون هيون. ڪجھ ماڻهو دوکو ڏيڻ گهريو ٿي، جن سان سختي ڪئي ويئي. منهنجي پوليس جون بسون ويندڙيون هيون، جنهن ۾ عورتن جي پوليس بہ هوندي هئي ۽ جتي بہ شراب جي ٿورڙي بُو سونگهبي هئي، تہ اتي گهرن تي چڙهايون ڪري ماڻهن کي سوگهو ڪبو هو.

تہ مون ماڻهن کي پڪڙيو بہ ۽ کين سزاريو بہ، مون ڪوشش اها ڪئي تہ زيادتي نہ ٿئي، بي ايماني نہ ڪجي ۽ مون ڏٺو تہ قانون اندر رهي ايمانداريءَ سان سزاري بہ سگهجي ٿو ۽ مون اهو بہ ڏٺو تہ ڪجھ ماڻهو ان عمل ۾ خوشيءَ سان شريڪ ٿيا ۽ ڪجھ قانون کان ڊڄي آيا.

مون ماڻهن کي ان ڳالھ تي راضي ڪيو تہ اهي گورنر وٽ وفد وٺي وڃن ۽ کين چون تہ سرڪار کين ڪو متبادل ڪم ڏئي. گورنر ساڻن سهڪار ڪيو. پوءِ مون ائين بہ ڪيو تہ بئنڪن جي مئنيجرن سان ميٽنگ ڪئي. کين ان مسئلي بابت ٻڌايو ۽ کين چيو تہ اوهان هنن ماڻهن کي روڪ رقمون نہ ڏيو، چو تہ ٿي سگهي ٿو تہ اهي پئسي کي هيڏانهن هوڏانهن کپائي ڇڏين. اوهان کين ڪجھ مشينري ڏيو، ڪجھ ٽريننگ ڏيو. اهڙيون شيون ڏيو جن جي مدد سان اِهي پنهنجو ڪم شروع ڪري سگهن. اهڙي ريت اُتي مثبت تبديليءَ جو عمل شروع ٿي ويو. ويٽ ڊسٽرڪٽ پيهر ويسٽ ڊسٽرڪٽ سڏجڻ لڳو ۽ ماڻهن جون حالتون بهتر ٿي ويون.

ان سموري عمل ۾ مون ماڻهن کي پاڻ سان گڏ رکيو. مون ماڻهن کي چيو تہ جيڪڏهن ڪو هڪ بہ ڪچي شراب جو ڪم ڪري تہ اوهان مون کي ٻڌايو، مان وائرليس تي هر وقت هر ڪنهن لاءِ موجود رهندي هيس. جنهن جي دل چاهي اُهو مون کي اِهو ٻڌائي تہ ڪٿي ڪهڙو ڏوھ ٿي رهيو آهي، ۽ اُن کي ڪيئن روڪي سگهجي ٿو. اخبار وارن بہ ان مهم ۾ دلچسپي ورتي. ان بابت خبرون، فيچر، انٽرويوز

۾ مضمون شايع ٿيا. جنهن سان انهن ڏوهن ۾ انهن کي ٻُنجو ڏيڻ جي ڏس ۾ سماج جي شعور ۾ واڌارو ٿيو.

اُن وقت مون وٽ ته هڪ ضلعو هو، پر دهليءَ ۾ پنج ضلعا هئا. مون اهو ڏٺو ته هر ضلعي جي پوليس آفيسرن جون جيڪي رپورٽون هيڊ آفيس پهتيون، تن مان هرهڪ رپورٽ ۾ اهو ئي لکيل هو ته ڪنهن گهڻا ڪيس پڪڙيا ۽ ڪيترو شراب هٿ آيو. منهنجا ٻيا ساٿي ته پنهنجي سموري ڪارگذاري ان طريقي سان ظاهر ڪندا هئا، پر منهنجو ڪم ماڻهن کي سوگهو ڪرڻ هو ئي ڪونه، منهنجو مقصد ڏوهن کي روڪڻ هو ۽ اهڙو ڪوبه طريقو نه هو مان ڏوهن جي سدباب بابت ٻڌائي سگهان. ته منهنجو اسڪور پنهنجن ساٿين کان گهٽ هوندو هو، اصل ۾ پوليس ڪاتو گرفتاريءَ تي ڪريڊٽ ڪُندو آهي، هتي تخليقي ڪم ماپڻ جو ڪو پائمانو آهي ئي ڪونه.

1986ع ۾ مون کي دهليءَ جو ٻيو ضلعو مليو، اُتي وڃي مون کي ائين لڳو ته، منهنجي سموري ڄاڻ ۽ تجربو مدي خارج ٿي چڪو آهي، ڇو ته ان ضلعي ۾ مسئلو ڪچي شراب جو نه هو. هن ضلعي ۾ وڏ ۾ وڏ گنڀير مسئلو منشيات جو هو ۽ ان سان سڄي ساري مافيا هئي.

مان ڏسندي هيس ته جيڪو چور مان سوگهو ڪيان ٿي، اُهو ته سنئين سڌي نموني ڳالهائي به نٿو سگهي. مون اها بيماري اڳ ڏٺي ئي ڪانه هئي. ان زماني ۾ دهلي نشي جي واپار لاءِ گذرگاه بڻجي ويو هو ۽ جڏهن مون ڪين اسپتال اماڻڻ چاهيو ته خبر پيئي ته اُهي نشي جا هيراڪ آهن، اسپتالن مان ڀڄيِ وڃن ٿا.

مون هڪ پوليس اسٽيشن ۾ نشي کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ جو مرڪز کوليو. اها به ماڻهن لاءِ تعجب جهڙي ڳالھ هئي ته ٿاڻي ۾ اسپتال کولي وڃي. اُتي هڪ ڪئمپ به لڳائي ويئي، جتي 110 مريض رکي سگهبا هئا. ڪجھ ڏينهن ۾ ئي اِها اسپتال سوڙهي ٿي پيئي، ڪجھ ٻيا سينٽر کوليا ويا ۽ انهن ٿاڻن ۾ ڇھ ست سؤ ماڻهن جو علاج ٿيڻ لڳو. انهن مرڪزن تي اسان مختلف قسم جون شيون استعمال ڪيون. يوگا جي تعليم ڏني. ڪين ايڪسرسائيز ڪرائي ويئي، سندن

لاءِ ٿـي وي لڳائي ويئي. جيئن سندن دل لڳل هجي ۽ هو سڪون سان هجن. ان ڏس ۾ اسان کي سموري مدد رضاڪارانہ طور تي ملندي رهي، ڇـو تہ سرڪار جي بجيٽ ۾ تہ انهن ڳالهين جي گنجائش ڪونہ هوندي هئي. مون سماج کي ان جو حصيدار بنائي ڇڏيو ۽ عام ماڻهن جو وڏو تعداد رضاڪار طور ڪم ڪندو رهيو. ماڻهو هنن مرڪزن ۾ مريضن لاءِ بستراِ ڪاڌي جو سامان ۽ ٻيون شيون کڻي ايندا هئا. ان ڳالھ جو خاص خيال رکيو ويو تہ اتي منشيات نہ پهچي.

جڏهن ماڻهن اهو ڏٺـو تہ اِها هڪ اهڙي جاءِ آهي جتي عزت سان ماڻهن جو علاج ٿـئي ٿـو، هتي مارڪُٽ نٿي ٿـئي، پر مسئلن جو نبيرو ڪيو وڃي ٿـو، تہ ماڻهن انهن ٿـاڻن جي سهوليت مان وڏو لاڀ پرايو.

سوال: ڪرن بيدي صاحبہ اهو ٻڌايو تہ اوهان پوليس آفيسر آهيو، سرڪاري ملازم آهيو، اوهان جون جلديءَ ۾ بدليون بہ ٿـينديون هونديون، تہ اهڙي قسم جا ڪم جيڪي اوهان شروع ڪيا سي تہ اوهان جي وڃڻ بعد ختم ٿي ويا هوندا، انهن کي جاري رکڻ لاءِ اوهان ڇا ڪيو؟

جواب: جڏهن ٻن سالن کان پوءِ منهنجي هن ضلعي مان بدلي ٿـيڻ لڳي تہ مون اهو ئي سوچيو تہ آئون هن ضلعي مان هليو ويندس تہ اُن کانپوءِ ڇا ٿـيندو. تنهن ڪري مون هڪ اين جي او ٺـاهي ۽ اهو طئي ڪيو تہ ان ڪم کي اين جي او سنڀاليندي، ان اين جي او جو نالو ”نو جوتي“ يعني نئين زندگي آهي. نشي جي عادي ماڻهن جي علاج ۽ بحالي جا سمورا مرڪز نوجوتي جي حوالي ڪيا ويا. دهلي جي پوليس ڪمشنر کي اسان ان جو صدر بنايو. دهلي پوليس فائونڊيشن نوجوتي جي سارسنڀال ڪري ٿي. مان نوجوتي جي جنرل سيڪريٽري آهيان. بعد ۾ اسان کي هند سرڪار جي گرانٽ بہ ملڻ شروع ٿي ويئي. هن وقت نوجوتي تحت 9 هزار ماڻهن جو مفت علاج ٿـئي ٿـو.

سوال: ڪرن بيدي صاحبہ! نشي جي عادي مريضن جو فالو- اَپ تمام گهڻو ڪرڻو پوندو آهي. اِهي سينٽرن تي تہ علاج ڪرائي نڪرا وڃي

سگهن. اوهان ڦالو- اَپ بابت ڇا ڪيو؟
جواب: اصل ۾ اسان سموري هندستان ۾ نيٽ ورڪنگ ڪئي آهي، ۽ اها هن ريت آهي ته، فرض ڪريو اسان وٽ مٿرا کان ڪو مريض اچي ٿو، ۽ جڏهن اُهو اسان جي سينٽر مان علاج ڪرائي وڃي ٿو ته اسان جي جيڪا نيٽ ورڪ آرگنائيزيشن مٿرا ۾ آهي، اسان ان کي اطلاع ڏيون ٿا. اهڙي ريت جتي جتي اسان جو نيٽ ورڪ آهي، اُتي مقامي ماڻهو واسطيدار مريض جي سارسنڀال لهن ٿا. هاڻي اسان جو نيٽ ورڪ سائوٿ انڊيا تائين پکڙجي ويو آهي. دهلي ۾ ته ڦالو اپ ڪرڻ سولو آهي، هتي رضاڪار گهرن تي وڃي ملندا آهن.

سوال: اهو ٻڌايو ته اوهان جي انهن ڪمن سان پوليس جو نئون ڪردار اُڀريو آهي. اوهان جا اهڙا ساٿي پوليس آفيسر جن کي هڪ خاص طريقي سان زندگي گذارڻ جي عادت هوندي، تن لاءِ ته اها ڪا ايڏي سُٺي ڳالھ ڪانہ هوندي. جيڪا پوليس آفيسرن کي ان قسم جي سڌاري وارن ڪمن ڏانهن وٺي وڃي. ته اهو ٻڌايو ته انهن جو ردعمل ڇا هو. هُنن ڪنهن نموني اوهان جي ان ڪم جي مزاحمت ته نہ ڪئي؟
جواب: مون کي اهو ياد ناهي ته ڪنهن ڪڏهن ڪا گهڻي مخالفت ڪئي هجي. پر، ها ائين ضرور ٿيو ته ڪجھ ماڻهن ساراهيو، پر ڪجھ ماڻهن جي سمجھ ۾ اِها ڳالھ نہ ايندي هئي ته مان پوليس جي ڪردار جي جنهن سماجي رخ ۾ ڳالھ ڪريان ٿي، اُهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو؟ ها! فقط پوليس واري نہ، سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ جا اسان جا ڪجھ ساٿي بہ ائين ئي سوچيندا هئا ته اِهو پوليس جو ته ڪم ڪونهي، اهو ته اسان جو ڪم آهي، اوهان اسان جي ڪم ۾ ڇو دست اندازي ڪري رهيا آهيو؟ پر مون کي ماڻهن کان وڏي مدد ۽ حوصلو مليو. ڏاڍو دٻاءُ وڌو ويو، پر ماڻهن جي مدد ۽ سهائتا سان اهو ڪم هلندو رهيو، جيتوڻيڪ مون کي گهڻي جاکوڙ ڪرڻي پيئي، پر ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هاڻي پوليس جي ڪم بابت تصور بدلجڻ لڳو آهي. پوءِ 1994ع ۾ مون کي جيڪو ميگيسيسي ايوارڊ مليو، ان بہ نهايت اهم رول

ادا ڪيو. اهو هن ريت ته اسان جي معاشري ۾ ٿئي ائين ٿو ته جڏهن بين الاقوامي سطح تي ڪنهن ڪم کي ميڃتا ملي ته ملڪ ۾ به ماڻهن کي خبر پئي ٿي ته اهو ڪو ڏاڍو ڀلو ڪم آهي ۽ پوليس جي ماڻهن کي انهي نموني ڪم ڪرڻ جڳائي.

اسان جو ته لاڳيتو پرچار اهو ئي آهي ته پوليس ۾ ماڻهو ساٿي آهن ۽ ڪين گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي. شروع ۾ مون کي ائين لڳندو هو ته مان شايد سمنڊ ۾ هڪ ڦڙو آهيان. هاڻي ائين ناهي، هاڻي مون کي لڳي ٿو ته گهڻا سارا ڦڙا آهن ۽ هاڻي ماڻهن جي رويي ۾ تبديليءَ جو اثر نظر اچڻ لڳو آهي.

سوال: اهو ٻڌايو ته اوهان جي سوچ جيڪا ماڻهن کان ڌار آهي، تنهن جا ڪهڙا ڪارڻ آهن. اوهان جي ننڍپڻ جي سکيا يا ڪو ٻيو اهڙو خاص سبب آهي، جنهن اوهان کي ماڻهن کان مختلف بنايو آهي؟

جواب: ها! ڪجھ ته منهنجو خيال آهي ته گهرو سکيا جو مسئلو آهي ۽ ڪجھ مزاج جو. گهر ۾ اسان چار ڀينرون هئاسين، منهنجو والد صاحب ٽينس جو رانديگر هو ۽ مان به هندستان ۾ ٽينس جي نمبر ون رانديگر رهي آهيان. منهنجو نالو شاديءَ کان اڳ ڪرن پشاوريه هو، ڇو ته منهجو لاڳاپو پشاور سان آهي. منهنجا وڏڙا پشاور کان آيا هئا ۽ مون کي پنهنجي پشاور جو هجڻ تي وڏو ناز آهي. ته اسان جي والد جي تربيت ڪجھ اهڙي قسم جي هوندي هئي ته اسان کي سدائين اهو چيو ويندو هو ته وقت نه وڃايو ۽ گهر ۾ ٻن ڪمن کان سواءِ اسان ڪو ٻيو ڪم نه ڪندا هئاسين، يا ته اسان سورين ڀينرن کي تعليم جي مشغولي هوندي هئي يا راند روند ۾ مصروف هوندا هئاسين.

اصل ۾ منهنجي جيڪا راند جي سکيا هئي، يا راندين جي دنيا سان منهنجو جيڪو رابطو هو، اُن به منهنجي زندگيءَ بابت رويي کي تبديل ڪيو ۽ اهو هن ريت ته جدوجهد ذريعي ڪنهن ڪم کي ممڪن بنائڻ جو هڪ شوق پيدا ٿي پيو. ها اهو ٿي سگهي ٿو، مان ڪري سگهان ٿي، جيڪڏهن مان ڪوشش ڪريان، پوءِ ان سان گڏ اهو به اثر ٿيو ته

مون کي ٻيو فيصلو ڪرڻ جي عادت تي پيئي. پوءِ ڪتڻ جي ٻه خواهش ٿي پيئي، جهڙي راندين جي دنيا ۾ ٿئي ٿو ته ماڻهن کي ڪتڻ جو شوق ٿيندو آهي. زندگيءَ ۾ ٻه شوق ٿي پيو.

جنهن ڪان سواءِ اسان جي گهر ۾ اخلاقي قدر ٻه اهڙا هئا، جن ۾ ايمانداريءَ جو، محبت ۽ اهڙين ٻين ڳالهين جو وڏو دخل هو. مان هڪ هندو گهراڻي ۾جنم ورتو ۽ هندو آهيان، پر هن محل اوهان ڏسي سگهو ٿا ته منهنجي ڳچيءَ ۾ صليب پيل آهن ۽ صليب ان ڪري ته مان حضرت عيسيٰ جو احترام ڪريان ٿي ۽ اُهو ان لاءِ ته هو آهنسا جو پرچار ڪندڙ هو. جيڪو ٻه آهنسا جو پرچارڪ آهي، اهو اسان لاءِ احترام لائق آهي. پوءِ اُهي هندو ڌرم مان هجي، سک مت مان يا مسلمان هجي.

سوال: اوهان پنهنجي موجوده ڪم بابت اسان کي ٻڌايو؟

جواب: مان اوهان کي ٻڌائي رهي هيس ته اسان جي ٽريننگ ۾ اها ڳالهه اهم هئي ته وقت وڃائڻ نه گهرجي. مان جڏهن جيل جي آفيسر ٺهڻجي پيس ۽ آءِ جي ٿيس ته مون کي اهو خيال آيو ته، منهنجو پوليس جو جيڪو تجربو آهي، اهو سدائين اهو چئي ٿو ته اُهي ماڻهو جيڪي ڪيسن هلندي ٻه سال، ٽي سال يا چار سال جيل ۾ گذاري اچن ٿا، سي جيل جي ماحول جي ڪري اچا ٻه وڏا ڏوهاري ٺهڻجي پون ٿا.

ته مون سوچيو ته هاڻي اِهي مون سان گڏ آهن ۽ هاڻ ته اهي منهنجي ذميواري آهي. هاڻي مان انهن لاءِ ڪجهه ڪري سگهان ٿي. هن جيل ۾ 9 هزار کان مٿي ماڻهو آهن، اٽڪل هزار کن کي سزا ٿي چڪي آهي ۽ جن کي سزا ٿي چڪي آهي، تن لاءِ ڪا نه ڪا مشغولي آهي، ڪا دستڪاري آهي، ڪو پورهيو آهي ۽ ڪنهن قسم جو ڪو ڪم آهي. پر جيڪي رهيل ماڻهو آهن، اُهي هزارين ماڻهو فقط وقت وڃائي رهيا آهن. مون پوليس آفيسر جي حيثيت ۾ سوچيو ته هاڻي مان ڪنهن سان ان ڳالهه جي دانهن ڪريان، هاڻي ته مان پاڻ ان لاءِ ذميوار آهيان، مون کي حالتون سڌارڻ گهرجن. منهنجي اها پوسٽنگ پهرين مئي 1993ع تي ٿي هئي. مون پهريائين اهو ڏٺو ته گهڻا ماڻهو اڻپڙهيل آهن، جيڪي

ڪيسن جي شنوائي ۽ سزا جو اوسيئڙو ڪري رهيا آهن. منجهانئن اٽڪل 80 سيڪڙو ماڻهو اڻپڙهيل هئا. اهي غريب ماڻهو هئا، پر اهي پڙهڻ چاهيندا هئا، تنهن ڪري مون لٽريسي ڪلاسن جو پروگرام ترتيب ڏنو.

هن وقت حالت اها آهي ته اسان جي جيل ۾ 9 کان هڪ وڳي تائين چار لٽريسي ڪلاس ٿين ٿا. پولين جا ڪلاس به آهن. اوهان کي اهو ٻڌي خوشي ٿيندي ته اسان جي جيل ۾ عربي، فارسي، جرمن، اسپيني، اردو ۽ ٻين ڪيترين ئي زبانن جا توڙي بيسڪ لٽريسي ڪلاس هلي رهيا آهن. جيڪي پڙهيل لکيل قيدي آهن، اُهي پڙهائين ٿا، يا زبانن جي ڪلاسن ۾ ويهن ٿا، باقي اڻپڙهيل قيدي آهن، جيڪي پڙهن ٿا. پوءِ اهڙا قيدي به آهن، جيڪي ستون يا اٺون درجو پاس آهن، اُهي مئٽرڪ پاس ٿي ويندا. جيڪي انٽر پاس آهن، سي بي اي پاس ٿي ويندا. ته اهڙي ريت اندراگانڌي اوپن يونيورسٽيءَ جا سينٽر به اسان جي جيل ۾ کليل آهن.

45 پبلشرس ڪتابن جا عطيا ڏنا. هن مهل جيل جي هر هڪ بلاڪ ۾ اوهان کي هڪ ننڍڙي لائبريري نظر ايندي. اسان مسئلن جو حل ان نموني ڳوليو ته اهو اعلان ڪري ڇڏيو ته جيل ۾ اسان جي لٽريسي ڪلاسن لاءِ ڪاپين ۽ ڪتابن جي ضرورت آهي. اوهان يقين ڪندا ته اسان وٽ سليٽن، چاڪن، پينسلن ۽ پراڻن ڪتابن جون ترڪيون پرچي پهچڻ لڳيون. اسان اهو به ڪندا آهيون ته اهڙا قيدي جن جي ملاقات ايندي آهي ته اسان کين چوندا آهيون ته اوهان، ان قيدي کي 5 رپين جي ڪاپي خريد ڪري ڏيو ۽ اهڙا ماڻهو جيڪي ايڏا بي سهارا آهن، جو سندن ملاقات به نٿي اچي، تن کي اسان هر شيءِ مفت ڏيندا آهيون. اسان سڀ اسڪولن سان ڪانفرنس ڪئي، کانئن پڇيو ته اهي اسان جي ڪهڙي مدد ڪندا. اسڪولن اسان جي ڀرپور مدد ڪئي. ان ڪري ته سموري سماج کي ان ڳالهه ۾ دلچسپي آهي ته ڏوهاري سڌري پون ۽ اُهي ڪنهن باعزت روزگار جي لائق ٿي پون، جيئن سماج ۾ امن امان ٿي سگهي.

اوهان کي هن وقت جيل جي هر بلاڪ اندر هڪ اسٽور ڏسڻ ۾ ايندو، جن ۾ ڪاپيون، ڪتاب ۽ اسٽيشنري وڪرو ٿئي ٿي. جنهن کان علاوه لائبريري آهي، جتي ويهي اخبارون پڙهن ٿا ۽ مون کي ڏاڍي خوشي ٿئي ٿي ته اها ڳالھ جيڪا منهنجي تعليم هئي ته، وقت نه وڃايو، سا هاڻي مان قيدين کان به پڌندي آهيان. قيدي به اسان کي گهڻو ڪري اهو جواب ڏيندا آهن. فلاڻي شيءِ لاءِ اسان وٽ وقت ڪونهي. مون جڏهن پوليس جي نوڪري شروع ڪئي ته مون کي به ڏکيائيون سامهون آيون، هڪ ته مان عورت آهيان، ٻيو ته مان پوليس جي آهيان. پر مون انهن ٻنهي اهنجن کي وقت سان گڏوگڏ سهنجن ۾ تبديل ڪري ڇڏيو.

سوال: اهو ٻڌايو ته هندستان ۾ هاڻي پوليس ۾ گهڻيون خواتين آهن، انهن لاءِ يقيني طور تي اوهان هڪ رول ماڊل هونديون؟

جواب: اِهو صحيح آهي ته مان هندستان جي پهرين پوليس آفيسر هيس، پر هن مهل هندستان ۾ 45 خواتين پوليس آفيسر آهن، جيڪي نهايت ڀلو ۽ اهم ڪم ڪري رهيون آهن، ۽ شايد ڪنهن حد تائين اُهي مون کي هڪ رول ماڊل جي روپ ۾ ڏسن ٿيون. مان ڪجھ ريسرچ به ڪنديَ آهيان، مون کي نهرو فيلوشپ ملي آهي. نهرو فيلو شپ ۾ مان مختلف جيلن جو جائزو وٺڻ گهران ٿي ۽ ڏسڻ چاهيان ٿو ته انهن جيلن ۾ ڪهڙي طرح ڪم ٿي رهيو آهي. پاڪستان جي جيلن جو اڀياس ڪرڻ جو مون کي ڏاڍو شوق آهي.

مون کي اميد آهي ته ايندڙ سال مان پاڪستان جو دورو ڪري سگهنديس، مون کي پاڪستان سان هوندڻ به دلچسپي آهي. ڇو ته منهنجو واسطو پشاور سان آهي، منهنجي والد گورنمينٽ ڪاليج لاهور ۾ تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ مون کي ڏاڍو شوق آهي ته مان پنهنجي والد صاحب کي هڪ ڀيرو گورنمينٽ ڪاليج لاهور وٺي وڃي سگهان. □

## پروفيسر محمد يونس

’اسان جو مقصد اهو هئڻ
گهرجي ته هڪ خاص
مرحلي کان پوءِ دنيا ۾
ڪو به اهڙو انسان نه هجي
جنهن کي غريب چئي
سگهجي.‘



گرامين بئنڪ (بنگلاديش) جو باني ۽ مئنيجنگ ڊائريڪٽر پروفيسر محمد يونس ڏکڻ ايشيا ۾ سماجي ترقي جي شعبي جي ممتاز شخصيت آهي. سماج جي نهايت ئي غريب ماڻهن کي بنا ڪنهن ضمانت جي قرض ڏيڻ جي خيال کي هُن گرامين بئنڪ جي شڪل ۾ حقيقت جو روپ ڏنو. اپريل 1998ع جي صورتحال موجب بنگلاديش جي 38 هزار ڳوٺن ۾ آباد 20 لکن کان وڌيڪ غريب ماڻهن کي گرامين بئنڪ طرفان 1106 شاخن وسيلي ننڍا قرض ڏنا پيا وڃن.

پروفيسر محمد يونس 1969ع ۾ آمريڪا مان اقتصاديات ۾ پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪئي. هو 1971ع ۾ بنگلاديش موٽي آيو ۽ چٽاگانگ يونيورسٽي ۾ اقتصاديات واري شعبي جو هيڊ مقرر ٿيو. گرامين بئنڪ جي رٿا تي هن 1976ع ۾ ڪم شروع ڪيو، ۽ 1983ع ۾ ان کي هڪ ڪامياب عملي رٿا جسي شڪل ۾ ڪم ڪندي ڏنائين.

پروفيسر محمد يونس سماجي ترقيءَ جي شعبي ۾ ڪيل خدمتن جي حوالي سان ڪيترائي بين الاقوامي اعزاز حاصل ڪيا آهن، جن ۾ فلپائن جو ميگسيسي ايوارڊ (1984ع)، فني تعمير لاءِ آغا خان ايوارڊ (1989ع) ۽ ورلڊ فوڊ پرائيز فائونڊيشن پاران ملنڊڙ ورلڊ فوڊ پرائيز شامل آهي. بنگلاديش جي سرڪار کيس 1978ع ۾ صدارتي تمغو ڏنو. جنهن کان علاوه هُن ٻيا قومي اعزاز پڻ حاصل ڪيا.

فبروري 1997ع ۾ واشنگٽن ۾ ٿيندڙ ننڍن قرضن جي بين الاقوامي ڪانفرنس ڪرائڻ ۾ پروفيسر محمد يونس مکيه ڪردار ادا ڪيو.

پروفيسر محمد يونس جو هي

# پروفيسر محمد يونس

سوال: اوهان جو چوڻ آهي تہ غربت جو انت آڻي سگهجي ٿو ۽ اوهان وڏي پئماني تي اهو ڪم ڪري رهيا آهيو، ان وچ ۾ اوهان جيڪو ڪمائتو تجربو حاصل ڪيو آهي، ڇا اوهان اسان کي ان ۾ شريڪ ڪندا؟

جواب: ارڙهن سالن تائين اهو ڪم ڪرڻ کان پوءِ مون کي پڪو يقين ٿي ويو آهي تہ، غربت کان ڇوٽڪارو حاصل ڪري سگهجي ٿو. نہ ئي اهو رڳو هڪ نظريو آهي ۽ نہ ئي قياس آرائي، ڇو تہ گرامين بئنڪ عملي طور ان کي سچ ڪري ڏيکاريو آهي. هيل تائين اسان جي بئنڪ 20 لک ڪٽنبن کي قرض ڏنا آهن. هن بئنڪ ۾ لاڳيتو تحقيقي ڪم هلندڙ آهي ۽ وڏي تعداد ۾ ماڻهو اچي اسان جي ڪم جي طريقي ۽ نتيجن بابت ريسرچ ڪندا آهن. ان تحقيق جي نتيجي ۾ اِهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ ماڻهن جي چوٿين پتي غربت جي حد مان ٻاهر نڪري چڪي آهي ۽ ٻہ ڀاڱي ٽي اهڙا آهن، جيڪي غربت جي حد مان نڪرڻ وارا آهن. انهن حالتن کي ڏسندي اسين چئي سگهون ٿا تہ ايندڙ پنجن سالن ۾ اهي ماڻهو بہ غربت جي حد کان ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندا. جنهن کي ڏسندي اسان جي اها دعويٰ سچائي تي ٻڌل آهي.

اهو ڪوبہ ٿئو چئي سگهي تہ اسان جي غربت ڏاڍي پيچيده آهي ۽ ان جون سماجي ۽ تهذيبي پاڙون نهايت اونهيون آهن. اصل ۾ غربت هڪ اقتصادي مسئلو آهي ۽ اسان جي بئنڪ جو ڪم فقط اِهو آهي تہ

اسان ماڻهن کي پئسا ڏيندا آهيون، جيئن اُهي ڪوشش ڪري سگهن. پنهنجي ليکي کو ڪم ڪري سگهن. پيو تہ ان آزمودي مان مونکي اها خاطري ٿي ويئي آهي تہ هر انسان وٽ قابليت هوندي آهي، ايستائين جو اها عورت جيڪا پنهنجو پاڻ کي بنهہ جاهل ۽ بيڪار ليکيندي آهي، اُها بہ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهي ٿي. جيڪڏهن اُها اِهو چئي تہ ڪيس ڪجهہ بہ نہ ٿو اچي تہ اها ان ڳالهہ جي ڪافي ثابتي ڪانهي تہ واقعي اُها ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهي.

ڳالهہ فقط اها آهي تہ هيلتائين کيس، پنهنجو پاڻ کي سمجهڻ جو، پنهنجي ذهن ۽ پنهنجي لياقت کي ڪم ۾ آڻڻ جو موقعو ئي نہ مليو آهي. هي بئنڪ جو قرض فقط هڪ ٽڪيٽ آهي. هڪ وسيلو آهي، پنهنجي پاڻ کي ڳولڻ جو ۽ پاڻ سڃاڻڻ جو. ماڻهو ان ننڍڙي قرض مان ڪم شروع ڪن ٿا ۽ پوءِ کين ڄاڻ پئجي ٿي ويجي تہ اُهي ڇا ڇا ڪري سگهن ٿا کين احساس ٿي ويجي ٿو تہ اُهي اجا بہ اڳتي وڃي سگهن ٿا. پوءِ اهي پنهنجي ڪم کي وڌائين ٿا. ٽين ڳالهہ اِها آهي تہ جنهن گهڙي اوهان ڪنهن تي ڀروسو ڪريو ٿا، اهو اوهان جي ڀروسي جي لائق بڻجي ويجي ٿو. اُن جو عمل اهڙو ٿي ويجي ٿو تہ مٿس ڀروسو ڪجي. ڇو تہ هاڻي هو ان ڀروسي کي ڇيهو رسائڻ نٿو چاهي. اسان جي سموري گرامين بئنڪ فقط ۽ فقط ان ڀروسي ۽ اعتماد جي بنياد تي بيٺل آهي. قرض ڏيندڙ ۽ قرض وٺندڙ وچ ۾ ڪوبہ قانوني معاهدو ڪونهي. اسان روزانو اٽڪل 20 لک ڊالرن جا قرض ڏيون ٿا. ان ريت هڪ سال جي مدي ۾ اٽڪل پنج ارب ڊالرن جي رقم جا قرض ڏنا وڃن ٿا. جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ قرض وٺڻ وارا ڀروسي جوڳا آهن. جڏهن کين اهو احساس ٿي ويجي ٿو تہ مٿن ڀروسو ڪيو ويو آهي تہ ان سان سندن عزت نفس وڌي ٿي. پوليس يا قانون جي دٻ ڪان ڪوبہ قرض واپس نہ ڪندو، پر ان ڪري واپس ڪندو تہ اُهو اِهو ئي چاهي ٿو.

سوال: مان گرامين بئنڪ وڃي چُڪي آهيان، اُتي مون کي هڪ

ميٽنگ ۾ شريڪ ٿيڻ جو موقعو مليو آهي، جيڪا شايد بنهه هيٺاهين سطح تي ٿي هئي. اُتي گهڻو ڪري سڀُ عورتون هيون، جيڪي گهٽي پاڳي بچت ۽ قرضن بابت ڳالهه ٻولهه ۾ ڀرپور ونڊ وٺي رهيون هيون. مون اوهان جو قسم نامو به ڏٺو ۽ اهو محسوس ڪيو ته ان ۾ گهٽي پاڳي قرض ۽ بچت جي ڏس ۾ تفصيل ڏنل هئا. ٻين مسئلن تي زور نه ڀريو ويو هو. شايد اوهان جو ڌيان ان تي هجي ته پهرين غربت گهٽجي، جنهن بعد سماجي مسئلن کي ڏٺو وڃي. ته منهنجو سوال هي آهي ته اوهان جيڪو ذڪر ڪيو آهي ته ڪٽنبن جي چوٿين پتي غربت جي حد کان ٻاهر نڪري چڪي آهي، ڇا هاڻي اوهان جو ڪو اهڙو منصوبو آهي ته هاڻي اهي ڪٽنب اهڙن نئين نئين ادارن ڏانهن اڳتي وڌن، جن جي مدد سان سماجي مسئلن جا حل ڳوليا وڃن؟

جواب: پنهنجي زباني تقريرن ۾ اسان گهڻو ڪري قرض ۽ اهڙن ٻين موضوعن ڏانهن وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهيون ۽ ماڻهو به گهڻو ڪري ان ڏس ۾ دلچسپي رکندا آهن، جو ته اسان پنهنجو پاڻ کي گرامين بئنڪ سڏيون ٿا. 16 نقطن تي ٻڌل اسان جو جيڪو قسم نامو آهي، تنهن ۾ هڪ نقطو اهو به آهي ته ڪوبه ماڻهو نه سندس ڌيءُ جي شاديءَ تي ڏاج ڏيندو ۽ نه پٽ جي وهانءَ ۾ ڏاج وٺندو. اهو نقطو خاص اهميت رکي ٿو، خاص طور تي بنگلاديش جي سماجي پاسي کي آڏو رکندي. هتان جي عورتن لاءِ ته ڏاج جڻ هڪ مذهبي ذميواري آهي.

قسم نامي جو ٻيو نقطو اهو آهي ته هر عورت سندس ٻارن کي اسڪول اماڻيندي ۽ سندس مدد ڪندي ته اهو پنهنجي پڙهائي جو خرچ پاڻ ڪڍڻ جي لائق ٿي پوي. ان تي ڏاڍو بحث ٿيندو آهي ته اسان پنهنجن ٻارن تي ڪيئن سندس پڙهائي جو خرچ پاڻ ڪڍڻ جو بار وجهون. بنگلاديش ۾ تعليم مفت آهي. تنهن هوندي به عورتون اهو چونديون آهن ته، اسان ٻارن کي اسڪول ڪيئن موڪليون. جڏهن ڪين اهو چيو ويجي ٿو ته تعليم ته مفت آهي ته سندن جواب هوندو آهي ته ڪپڙن، ڪاپين ۽ قلم وغيره لاءِ به ته ڏوڪڙ کپن، اِهي ڏوڪڙ اسان وٽ ڪونهن. پوءِ اسان ساڻن ڳالهائيندا آهيون ته قرض ڪريو ته اوهان وٽ

پڻ ڪدو جا ٻج آهن، جيڪڏهن اوهان انهن کي زمين ۾ پوکيو ته گهڻا ڪدو نڪرندا. اُهي اندازو لڳائيندا آهن. پوءِ اسان اهو چوندا آهيون ته پنهنجي ٻار کي پوکڻ لاءِ اهي ڪدوءَ جا ٻج ڏيئي ڇڏيو ۽ سندن مدد ڪريو ته اهي ان ٻوٽي جي سارسنڀال لهن. ان ٻوٽي مان جيڪا ڪمائي ٿيندي سان سندن اسڪول جي خرچ لاءِ واپرايو. اهڙي ريت انهن عورتن تي تعليم جو بار به نه پوندو.

ساڳي ريت ٻارڙائي دورن جي، ڪڪڙين جي سارسنڀال ڪندا آهن. جيڪڏهن اوهان پنهنجي ٻار کي ڪجھ چوزا خريد ڪري ڏيئي ڇڏيو ته انهن ڪڪڙين جي آنن مان جيڪا ڪمائي ٿيندي اها اوهان ٻار جي پڙهائي تي خرچ ڪريو. اهي ننڍيون ننڍيون ڳالهيون آهن، جيڪي اوهان ڪري سگهو ٿا. پر انهن ڏانهن اوهان جو ڌيان نٿو وڃي. اسان اوهان جي ٻار لاءِ قرض ڏيڻ لاءِ تيار آهيون، جيئن اوهان ٻه ٻڪرون خريد ڪري سگهو، جن جي آمدني اوهان ٻارن جي تعليم تي خرچ ڪنديون. اهڙي قسم جون ڳالهيون گهڻو ڪري ٿينديون آهن. قسم نامي جا ٻيا نقطا هي آهن، ته اوهان ڪٽنب ننڍو رکندا. خرچ گهٽ ڪندا ۽ آمدني وڌائيندا. اسان جي بئنڪ ۾ هيستائين جيڪا ڪوجنا ٿي آهي، تنهن مان اهو ظاهر ٿئي ٿو ته، گرامين بئنڪ وارن ڪٽنبن ۾ ڄم جي شرح ٻين ڪٽنبن جي ڀيٽ ۾ گهڻي گهٽ آهي.

گرامين بئنڪ، قاهره ڪانفرنس ۾ ڏاڍي تفصيل سان بحث هيٺ آئي هئي، بزنس ويڪ جي قاهره ڪانفرنس بابت خاص شماري ۾ ٽائيٽل اسٽوري انهي ڪانفرنس تي هئي. ان جو ٽيون حصو، فقط گرامين بئنڪ جي ڪاميابي بابت هو. اسان جو ادارو ڪٽنبي رٿابندي جو ادارو ڪونهي. پر اسان اهو ڏٺو آهي ته جڏهن عورت ڪٽنب ۾ فيصلا ڪرڻ جي قابل ٿئي ٿي، قرض کڻڻ ۽ قرض کي استعمال ڪرڻ لڳي ٿي ته، فيصلا به پاڻ ئي ڪرڻ لڳي ٿي ان وقت هو پنهنجي بابت، پنهنجي زندگيءَ بابت فيصلو ڪري سگهي ٿي. اُها فقط هڪ حقير ۽ عاجز هستي ڪانه ٿي رهي. ڄم جي شرح تي ان جو وڏو اثر پوي ٿو. ٻي ڳالھ اها به آهي ته گرامين ڪٽنبن ۾ ٻارن کي ايڊاپٽ ڪرڻ جي

شرح قومي سطح جي پيٽ ۾ پيٽي آهي، جيتوڻيڪ اسان جو ادارو آباديءَ جي سڏاري وارو ادارو ڪونهي.

قسم نامي جو هڪ ٻيو نقطو هي آهي ته هر ڪٽنب ڏرتيءَ تي ڪڏ ڪوٺي ۾ ان کي ڪاڪوس طور استعمال ڪري ۽ پوءِ جيترو جلد ٿي سگهي، هڪ باقاعده ڪاڪوس ٺاهي ۽ ان کي استعمال ڪري ان نقطي جو قرض ڏيڻ سان ڪوبه واسطو ڪونهي. هي به نقطو آهي ته ڪوبه خاندان ڊٺل ۽ زبون گهرن ۾ نه رهندو پنهنجن گهرن کي مضبوط ڪندو ۽ جيترو جلد ٿي سگهي، هڪ سٺي ۽ مضبوط گهر جي اڏاوت ڪندو.

ٻيو نقطو هي به آهي ته هر ڪٽنب هڪ ٻئي جي مدد ڪندو. ته اهڙي قسم جا حلف ورتا ويندا آهن، جيڪي قرض وٺندڙن لاءِ هڪ مڪمل سماجي منشور يا عمل نامو بڻجي ويندا آهن. پوءِ سندن وچ ۾ جڏهن هڪ چٽاڀيٽي شروع ٿي وڃي ٿي ته ڪنهن قسم نامي جي شرطن تي عمل ڪيو. جيڪڏهن اوهان 16 مان 8 شرط پورا ڪريو ٿا ۽ ٻي عورت فقط 5، ته اوهان يقيني طور ڪائنس بهتر آهيو. اهڙي ريت گرامين جي زندگيءَ جي هر شعبي تي والار آهي. اهو فقط پيسا ڏيڻ تي ئي راضي نٿو رهي. پئسو ته فقط هڪ ذريعو آهي، هڪ طريقهءِ ڪار آهي، جيڪو اوهان جي زندگيءَ جا مختلف پاسا اوهان تي نروار ڪري ٿو.

سوال: ڇا اوهان جو اهو خيال آهي ته اهي ڪٽنب جن کي هاڻي گرامين بئنڪ جي ضرورت ناهي، جيڪڏهن گرامين انهن تان ڌيان هٽايو ته اهي سماجي مسئلا اُنهن وٽ ٻيهر وڌي پوندا؟

جواب: مان اوهان جي سوال جو هن ريت جواب ڏيڻ چاهيندس ته جڏهن هڪ عورت قرض لاءِ گرامين بئنڪ سان له وچڙ ۾ اچي ٿي ته اها هڪ خاص سطح تي هوندي آهي. ائين سمجهو ته اها سطح ٻڙي آهي. هڪ سال بعد قرضن جو هڪ دور مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن اوهان ساڻس ملندا ته اها بنھ بدلجي ويندي آهي. اُها هڪ مختلف عورت هوندي آهي، سوچ، انداز، طور طريقن، سندن هر ڳالھ ۾ فرق نظرايندو آهي.

هاڻي قرض ڪريو ته هو پوءِ پيو، تيون، چوٿون قرض کڻي ٿي ۽ پوءِ ان بعد گرامين بئنڪ کيس قرض ڏيڻ بند ڪري ڇڏي ٿي، ڇا هو ٻڙي ڏانهن پيهر موٽي سگهي ٿي؟ ان سطح تي جتي اُها پنج سال اڳ هئي؟ نه، اهي ٻڙي ڏانهن نٿي وڃي سگهي. اُهي سموريون ڳالهيون جيڪي هُن سکيون، پئسي جو صحيح استعمال، فيصلي ڪرڻ جي همٿ ۽ سگهه. اهو هو وساري نٿي سگهي. پر سوال اِهو آهي گرامين بئنڪ سندس مدد ڪان پاسو ڇو ڪري؟ گرامين سندن پنهنجي بئنڪ آهي. اهي ئي عورتون اُن بئنڪ جون مالڪ آهن. ها، جيڪڏهن ڪا عورت بئنڪ ڇڏڻ چاهي، تڏهن ٻي ڳالهه آهي، پر گرامين بئنڪ پاڻ کين ڇڏي ڏئي، اها اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي.

سوال: ڇا اوهان بئنڪ جي نئين ۽ جوان عملي سان پاڻ ملي ڳالهائيندا آهيو؟
جواب: گرامين بئنڪ شروع ٿيڻ وقت ساڻن ملڻ ۽ ڳالهائڻ جو جيترو وقت ۽ موقعو ملندو هو، هاڻي ئٿو ملي. شروع ۾ ته مان منجهانئن ئي هُئس ۽ ساڻن گڏجي سيئي ڪم ڪندو هئس. پر گرامين جي ڪم وڌڻ سان مان ڪانئن نسبتا پري ٿي پيو آهيان. ساڻن ملاقات هاڻي گهٽ ٿئي ٿي ۽ اها به ڪجهه ماڻهن سان ئي، جيئن ته هاڻي ٽيم ۾ ٻيا ماڻهو به شامل ڪيا ويا آهن، تنهن ڪري هاڻي منهنجي ملاقات فقط انهن ماڻهن سان ٿيندي آهي، جيڪي نسبتا مٿين عهدن تي آهن. هيٺين سطح جي ڪارڪن سان ملڻ ممڪن نه هوندو آهي. هاڻ مان ڪوشش ڪندو آهيان ته، ڪڏهن ڪڏهن قرض وٺندڙن سان ۽ پنهنجي ان اسٽاف سان، جيڪي انهن ڪٽنبن سان له وچڙ ۾ رهندا آهن، ذاتي طور ملان. اهي ئي ماڻهو اصل ۾ بئنڪ آهن. اسان ته فقط ڪاغذ پٽ هيڏانهن هوڏانهن ڪندا آهيون. پر اسان سان گڏ 12 هزار ماڻهو آهن. جن مان گهڻا سينٽر جي سطح تي ڪم ڪندا آهن. منهنجي لاءِ اهو ممڪن نه آهي ته مان سيني سان ملي سگهان.

سوال: مان چاهيان ٿي ته اسان سماجي سربراه ڪانفرنس جي حوالي سان

ڪجھ ڳالھيون ڪريون. ماڻھو ان مان سٺيون اميدون رکن ٿا ۽ مون کي اميد آھي تہ ان جي نتيجي ۾ اسان پنھنجون سماجي حالتون بہ سڌاري سگھنداسين، اوھان اِھو ڏنو ھوندو تہ اِن ڏس ۾ اين جي اوز جو ڪردار گھڻو اھم رھيو آھي، جيتوڻيڪ فيصلن ۾ سندن ڪوبہ ڪردار نہ ھو، پر ڳالھ ٻولھ مسئلن جي سڃاڻپ ۽ مباحثن ۾ شرڪت جي حوالي سان اُھي اڳيريون ھيون. ھر اجلاس کان پوءِ اھو مسئلو ٿئي ٿو تہ ان جي فيصلن تي عمل ڪيئن ڪرايو وڃي. ان وچ ۾ جيڪي بہ نقطا اٿاريا ويا آھن، اُنھن تي ڳالھ کي اڳتي ڪيئن وڌائبو، اوھان جي خيال ۾ ان ڪم ۾ اين جي اوز ڪھڙي طرح مدد ڪري سگھن ٿيون؟

جواب: اھا سماجي سربراھ ڪانفرنس پنھنجي ليکي بہ ڏاڍي اھم آھي. دنيا ۾ پھريون ڀيرو بين الاقوامي سطح تي ماڻھو گڏ ٿيا ۽ غربت جي مسئلي تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. جڏھن تہ ھيلتائين اھا ئي سوچ ھئي تہ ترقيءَ سان غربت ختم ٿي ويندي، ھڪ ٻي سٺي ڳالھ اِھا آھي تہ اُن تي ڪا ٿيوري ڪانھي. نہ ئي ڪو اختلاف آھي. منھنجي خيال ۾ تہ ھي ھڪ نھايت اھم موقعو آھي. اھو چوڻ ڏکيو آھي تہ، ان جو ترت ڪو نتيجو نڪرندو. دنيا جي دانشورن وٽ ڪنھن بہ مسئلي جو ترت حل ڪونھي، جو اُھي اچن ۽ ٻڌائين تہ ان جو ھي حل آھي.

ڳالھيون گھڻيون ٿينديون آھن، ڪو نوس حل نٿو ملي. ان خال ۾ شايد ماڻھو گرامين کي ھڪ مثال جي حيثيت ۾ ڏسي سگھن. جيڪا ھڪ نوس عمل، ھڪ نوس حقيقت آھي ۽ ان جھڙا پيا نوس عمل ڪري سگھجن ٿا. ان ريت شايد دنيا کي پنھنجي غربت خلاف ويڙھ ڪرڻ جا طريقا معلوم ٿي ويندا. اسان جو اھو مقصد ھئڻ گھرجي تہ ھڪ خاص مرحلي کانپوءِ سموري دنيا ۾ ڪوبہ انسان اھڙو نہ ھجي، جنھن کي غريب چئي سگھجي. اھو چئي سگھجي ٿو تہ اھا ئي سوچ ۽ اھو ئي مقصد ھو جيڪو ھن سربراھ ڪانفرنس ۾ بحث ھيٺ آيو. اھڙو وقت اچڻ گھرجي تہ جڏھن گڏيل قومون يا ڪو ٻيو ادارو اعلان ڪري تہ جيڪڏھن ڪنھن ماڻھو کي سڄي دنيا ۾ ڪو غريب ڪٽنب ملي تہ ان کي ھڪ لک ڊالر انعام ڏنو ويندو. اھو اھڙو وقت ھوندو، جنھن تي

اسان فخر ڪري سگهون ٿا اسان جا ايندڙ نسل غربت کي عجائب گهرن ۾ رکي سگهندا ته جيئن اسان جا پڙپوٽا ۽ پوٽيون ۽ ڏوهٽا ۽ ڏوهٽيون اهو ڏسي سگهن ته غربت ڪيڏي نه خراب شيءِ هوندي هئي ۽ سندن وڏڙا ڪيڏا نه بيوقوف ۽ بيهوش هئا، جن ائين ٿيڻ ڏنو.

هاڻي ڇا ڪرڻ گهرجي؟ اسان کهڙيون ڳالهيون چيون ۽ هاڻي اسان ڪهڙا قدم کڻي رهيا آهيون، اُهي صحيح رخ ۾ آهن يا غلط رخ ۾؟ اسان هڪ ٻئي کي ڏسون ته هتي ڪهڙو ڪم ٿي رهيو آهي. ۽ مان سنجيدگيءَ سان اهو چئي رهيو آهيان ته اين جي اوز کي انهن سمورن ڪمن جي نظرداري ڪرڻ گهرجي. ڇو ته اسان هن ڪم کي حڪومتن تي ڇڏي ڏنو ته اهي اُن کي هڪ سالياني ڪارروائي جي طور تي ڪجهه نقلي تفصيل گڏ ڪري بنه غلط تصوير پيش ڪري سگهن ٿيون. منهنجي خيال ۾ اين جي اوز کي اِهو ڪم ڏيڻ گهرجي ته اهي ان ڪم جي پيش رفت کي ڏسن، نظرداري ڪن ۽ ٻڌائين ته ڪٿي ڇا نه ٿي رهيو آهي، جيئن هڪ سال يا ٻن سالن بعد اُهي هي چئي سگهن ته اسان ته هڪ انچ به اڳتي نه وڌيا آهيون.

مارچ 1995ع ۾ اسان چيو هو ته دنيا ۾ هن مهل 1.2 ارب غريب ماڻهو آهن ۽ هاڻي 1.4 ارب آهن. ته آخر اسان ڇا ڪيو؟ ڪو ته اهڙو هئڻ گهرجي جيڪو دنيا کي ٻڌائي سگهي ته اوهان جنهن ڪم جو ذمو کنيو هو، اُهو ڪم نه ڪري رهيا آهيو. ته انهيءَ لاءِ مان چوان ٿو ته اين جي اوز جو نهايت اهم رول ٿي سگهي ٿو.

سوال: منهنجي خيال ۾ پاڪستان جي بجيٽ ۾ ايڏي گنجائش آهي، جو 30 سيڪڙو سماجي شعبي لاءِ رکي سگهجي. پر اصل ڳالهه اها آهي ته فقط رقم رکڻ سان مسئلي جو نبيرو نٿو ٿئي. هاڻي ڪالهه ئي بنگلاديش جي هڪ وزير صاحب ٻڌايو ته اُتي 28 سيڪڙو بجيٽ سماجي شعبي ۾ استعمال ٿئي ٿي. اصل مسئلو اِهو آهي ته استعمال ڪهڙي طرح ٿي رهي آهي. سرڪار جو مسئلو اُهو آهي ته اها غريبن تائين پهچي نٿي سگهي يا ته اها وسيلن کي محسوس نٿي ڪري سگهي يا اها

اهڙن ڪمن ۾ ڏانهن گهٽو ڌيان ڏئي ٿي، جن مان ترت نتيجا ملي سگهن.
تہ اهڙين حالتن ۾ اوهان جي خيال ۾ اين جي اوز جي حڪمت عملي ڇا هئڻ گهرجي. اهي بجيٽ جي رڪجڻ يا رڪائڻ کان علاوه جيڪي مسئلا آهن، تن ڏانهن ڪهڙي طرح ڌيان ڏين؟

جواب: اوهان بنه درست چيو تہ مسئلو بجيٽ يا رقم جو ڪونهي. سماجي سربراه ڪانفرنس ۾ بہ گهڻن ماڻهن اها ئي ڳالهہ چئي هئي تہ پئسن کي هر مسئلي جو حل قرار نٿو ڏيئي سگهجي. اُهي ماڻهو جن اِها تجويز پيش ڪئي هئي، تن جو مقصد منهنجي خيال ۾ هي هو تہ ائين ڪرڻ سان هڪ عزم ۽ ارادو ظاهر ٿيندو. اها پهرين وک هوندي. جيئن بنگلاديش کي گذريل 20 سالن ۾ 27 ارب ڊالر امداد طور مليا، پر ان سان غريبن کي ڪوبہ فائدو نہ مليو. ڇو تہ اهي 27 ارب ڊالر صحيح طريقي سان استعمال نہ ٿيا. اسان کي اهڙا مستقل ادارا ٺاهڻ جي ضرورت ٿيندي، جيڪي ان ڪم کي اڳيرو ڪري سگهن. جيئن بئنڪ. جيڪڏهن بئنڪون ساڳئي ئي پراڻن مول متن تي قائم ٿيون تہ ڪهڙو فائدو؟ بئنڪون غريبن جي خدمت نہ ڪنديون آهن. اوهان کي اهڙيون بئنڪون گهرجن، جيڪي غريبن سان گڏ اُنهن لاءِ ڪم ڪري سگهن. نيون پاليسيون جوڙيون وڃن.

اڳوڻين پاليسين سان اوهان جيتري بہ رقم خرچ ڪندا، اُن سان فقط نوڪرشاهي جي واڌ ويجهہ ٿيندي. ساڳيو حال صحت جي شعبي جو آهي، يا تعليم جو. تعليم ۾ اسان 17 سيڪڙو ۽ صحت لاءِ 13 سيڪڙو بجيٽ رکندا آهيون. پر ٿئي ڇا ٿو؟ صحت جي شعبن ۾ غريبن کي ڪوبہ لاڀ نٿو ملي. اهي امير آهن، جن کي مفت علاج جون سهوليتون ملن ٿيون. جيڪڏهن اوهان انهن سهوليتن کي بيٺو ڪري ڇڏيو، تہ بہ غريبن کي تہ ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو. تنهن ڪري ضرورت اها آهي تہ ان طريقي کي بدلائجي، جيئن ڏتڙيل ماڻهن کي فائدو ملي سگهي. جيڪڏهن اسان غربت جي خاتمي بابت واقعي سنجيده آهيون تہ اسان هيٺ کان شروع ڪريون. پهرين ڏهہ سيڪڙو ماڻهن کي ڏسون، ڪين مٿي آڻيون، سندن غربت ختم ڪريون. رهيل نوي سيڪڙو از خود بهتر ٿي پوندا.

سوال: پروفيسر صاحب! آخر ۾ ڪو پيغام ڏيو، پاڪستان جي غريبن جي نالي؟

جواب: مان فقط اهو چئي سگهان ٿو ته، سياسي عمل ۾ سندن شرڪت سان، شايد هڪ اهڙو نظام ٺهي پوي، جڪو سندن گهرجن کي سمجهي. ڇو ته بنگلاديش ۽ پاڪستان جو جيڪو سياسي سرشتو آهي، اُهو شهري سياست، ڇاڙي بازي ۽ ذاتي مقصد کي آڏو رکي ٿو. اوهان کي ڪجهه ماڻهو گهرجن، جيڪي رستن تي نڪري اچن. اوهان کين ڪجهه ڏوڪڙ ڏيو ۽ اُهي ٻاهر نڪري نعري بازي ڪن ٿا. کين پاڻ اها ڄاڻ ڪانهي ته اهي ڇا چئي رهيا آهن. اُن بدران جيڪڏهن ماڻهو پنهنجا مسئلا پاڻ بيان ڪن، ته اهو سڌاري جو هڪ طريقو هوندو.

ٻيو اهو ته، اين جي اوز ۽ اهڙا ماڻهو جن جي سماجي حس سجاڳ آهي، اُهي عوام وٽ وڃن، کين ٻڌائين ته ڪهڙيون حالتون آهن ۽ انهن ۾ سندن حق ۽ فرض ڪهڙا آهن، جيئن غريبن ۾ اهو احساس پيدا ٿيڻ کپي ته کين اُهو ملڻ گهرجي، جيڪو نه ملي رهيو آهي. سارڪ ملڪن ۾ دنيا جا اڌو اڌ غريب موجود آهن. ته اسان ئي جيڪڏهن پنهنجي غربت ختم نه ڪنداسين ته سڄي دنيا جي غربت تي ڪو خاص اثر نه پوندو. يا انفرادي طور تي هڪ ملڪ جي حيثيت ۾ يا سارڪ سان گڏجي پاڪستان کي اهو ڪرڻ کپي. سارڪ غربت جي خاتمي لاءِ حدف جو اعلان ڪيو آهي ۽ چيو آهي ته سندس 2002ع تائين سارڪ ملڪن مان غربت ختم ٿي ويندي. جيتوڻيڪ 2002ع گهٽو پري ڪونهي ۽ اهو نشانو حاصل ڪرڻ بنه اڻ ٿيڻي ڳالهه آهي. ته ٻه جيڪڏهن اسان ان نشاني جو 50 سيڪڙو ئي حاصل ڪري وٺون ته تمام وڏي ڳالهه ٿيندي. پوءِ رهيل 50 سيڪڙو ايڏو ڏکيو ڪونه هوندو. مون کي اُميد آهي ته اسان جا سياسي اڳواڻ ان ذميواريءَ کي سنجيدگيءَ سان منهن ڏيندا.

□

# وجي ڪمار سرڏنا

’منهنجي نظر ۾ پئسو سي
ڪان اهم شيءِ ڪانهي،
بلڪ مان انساني وسيلن
کي وڌ ۾ وڌ اهم قرار
ڏيان ٿو.‘



وجي ڪمار سرڏنا انڊين انسٽيٽيوٽ آف ٽيڪنالاجي کڙگ پور مان زرعي انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪئي. بعد ۾ هُن دهلي يونيورسٽيءَ مان ايم بي اي ۽ ايم فل جون ڊگريون به حاصل ڪيون.

عملي زندگيءَ جي شروعات هن 1967ع ۾ راڪ فيلر فائونڊيشن نئين دهليءَ ۾ ائگريڪلچرل انجنيئر جي حيثيت ۾ ڪئي. ادائي سالن کان پوءِ هن ايڪشن فار فوڊ پراڊڪٽس پروگرام ۾ ملازمت اختيار ڪئي. جتي 14 سالن تائين خدمت ڪرڻ کان پوءِ 1993ع ۾ ڪنٽري ڊائريڪٽر جي حيثيت ۾ فورسٽر پيرنٽس انٽرنيشنل ڏانهن هليو ويو، جتي بعد ۾ کيس ڏکڻ ايشيا واري ريجنل ڊائريڪٽر جي عهدي تي ترقي ڏني ويئي. ٻن سالن بعد هن فري لائنس ڪنسلٽنٽ جي حيثيت ۾ ڪيترن ئي ادارن لاءِ ڪم ڪيو ۽ 1994ع ۾ چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر طور هن آغا خان فائونڊيشن (انڊيا) ۾ ملازمت اختيار ڪئي.

وجي ڪمار سرڏنا کي ڪيترن ئي ادارن ۾ اعزازي عهدا مليل آهن، جن مان ڪجھ هي آهن: ٽرسٽي ۽ (موجوده) چيئرمن سائوٿ ايشين فنڊس ريزنگ گروپ، ميمبر ڪميٽي آف لٽرري اينڊ ايڊيوڪيشن ڪنفيڊريشن آف انڊين انڊسٽري، ميمبر، پراجيڪٽ ائڊوائيزري ڪميٽي پارٽنرس اِن چينج.

سماج جي تنظيمن جي استعداد ڪاري (Capacity building)، انهن جي واڌاري ۽ ترقي، حڪومت، خانگي شعبي، تعليمي ۽ تحقيقي ادارن ۽ بين الاقوامي عطيا ڏيندڙن سان ڀائيواريءَ جي واڌاري ۾ وجي ڪمار سرڏنا قابل قدر خدمتون سرانجام ڏنيون آهن.

وجي ڪمار سرڏنا کان هي انٽرويو آفتاب اقبال آڪٽوبر 1997ع ۾ ڪراچيءَ ۾ ورتو.

# وجي ڪمار سرڏنا

سوال: سماج ۾ همدرديءَ هيٺ ٿيندڙ مختلف ڪمن ۽ سماجي خدمت جي مختلف پاسن کي اوهان ڪهڙي نظر سان ڏسو ٿا؟

جواب: منهنجي خيال ۾ اسان جي سماج ۾ خدمت، ڀائيچاري ۽ گڏيل سهڪار جي عنوان سان ٿيندڙ گهڻي ڀاڱي سرگرميون حقيقت ۾ رحم، همدردي ۽ ترس جي جذبي سان شروع ٿين ٿيون ۽ اسان مان گهڻا ماڻهو ڪنهن انسان جي مدد پنهنجو فرض سمجهي نٿا ڪن، بلڪ ڪنهن کي مسڪين، بي سهارا ۽ ڪمزور سمجهي مٿن رحم کائي مدد لاءِ اڳتي وڌن ٿا. منهنجي خيال ۾ مدد ڪندڙ پاڻ کي مٿيرو سمجهي ٿو، ۽ جنهن جي مدد ڪئي پيئي وڃي، تنهن کي پاڻ کان گهٽ ليکي ٿو. همدرديءَ ۾ هيٺ مٿانهين، ننڍي ۽ وڏي جو متڀيد رکيو وڃي ٿو ۽ اها ڪا چڱي ڳالهه ڪانهي. منهنجي آزمودي موجب سماج ۾ هيٺان کان مٿي ويندڙ طبقو وڌيڪ همدرد هوندو آهي، ڇو ته کيس غريب ۽ ڪمزور ماڻهوءَ جي اهنجن جو آزمودو هوندو آهي. ٻئي طرف خانداني رئيس ۽ نوابن ۾ همدرديءَ پويان ”گناهه جو احساس“ لڪل هوندو آهي.

پنهنجي ڪيئي سالن جو آزمودي مان مون اهو نتيجو ڪڍيو آهي ته اسان ڪنهن انسان جي ٽن مرحلن ۾ مدد ڪري سگهون ٿا ۽ اُن لاءِ زندگيءَ کي آسان ڪري سگهون ٿا. پهرئين مرحلي ۾ اسان فقط ذاتي مفاد سوچيون ٿا ۽ ڪنهن انسان جي مدد ان لاءِ ڪريون ٿا، ته جيئن

اسان کي بهشت ۾ گهر ملي. ٻئي مرحلي ۾ اسان انسان جي ڀلائي جو خيال به رکون ٿا ۽ پنهنجي لاءِ تسڪين جي واٽ به ڳوليون ٿا تيون ۽ وڏ ۾ وڏ ڏکيو مرحلو اهو هوندو آهي، جڏهن اسان همدرديءَ جو جذبو وساري فقط پنهنجو فرض سمجهي ڪنهن انسان جي مدد ڪريون ٿا ۽ صلي جي تمنا بلڪل نٿا رکون. جيتوڻيڪ ان ٽئين مرحلي ۾ به اسان گهڻو پري وڃي پنهنجو مفاد ئي ڳولهيون ٿا، پر مان ان سطح تي سماجي خدمت جي مرحلي ۾ قدم وڌ ۾ وڌ اهم سمجهان ٿوءِ ان ڪي "عظيم تر ذاتي مفاد" واري منزل جي نالي سان سڏيان ٿو، ان منزل تي اسان قوم، ملڪ، ايستائين جو سموري دنيا لاءِ سوچيون ٿا ۽ سموري دنيا ۾ ڪنهن به علائقي ۾، ڪنهن به انسان لاءِ ڪم ڪري سگهون ٿا. اسان ڪنهن تنظيم کي تعصب کان سواءِ بنا ڀيد ڀاو جي سرمايو ڏيون ٿا. جيئن اُها پنهنجي ليکي فيصلو ڪري ته ڪنهن جي، ڪٿي ۽ ڪيئن سهائتا ڪرڻي آهي. اصل ۾ اسان ڪنهن اهڙي منزل جي ڳولا ۾ ئي آهيون.

سوال: سماجي خدمت جي عمل ۾ ڪنهن مقصد جي سڃاڻپ ڪيئن ٿيڻ گهرجي؟

جواب: ڪوشش اُها ئي ڪامياب ٿئي ٿي، جنهن ۾ سڀئي شامل هجن. اسان غريب انسان بابت اهو سمجهون ٿا ته ڪيس زندگيءَ بابت ڪا خبر ڪانهي ۽ مسئلن جي حل بابت هو ڪجهه به نٿو ڄاڻي. اصل ۾ ائين سوچڻ غلط آهي. غريب ماڻهوءَ ۾ اينري سگهه ضرور آهي ته هو سمورين ڏکيائين جي باوجود پنهنجو وجود قائم رکي ٿو ۽ ڀلي سندس ڪيسي ۾ ڏوڪڙ نه هجن هو خوش رهي ٿو. مقصد جي سڃاڻپ واري عمل ۾ اسان کي هن ماڻهوءَ کي ساڻ رکڻ گهرجي. اسان کي هن ماڻهوءَ تي پنهنجو خيال ٿاڦڻ جي ضرورت ڪانهي. بلڪ سندس ڳالهه کي اهميت ڏيڻ گهرجي ۽ مون اڪثر ڏٺو آهي ته مسئلن جي نبيري لاءِ خيال انهيءَ غريب ماڻهوءَ وٽان اچي ٿو فقط پڙهيل ماڻهو ئي سڃاڻ ڪونه هوندو آهي، پر اڻپڙهيل ماڻهو به سڃاڻ هوندا آهن. اسان کي فقط اهڙو ماحول

پيدا ڪرڻو پوندو آهي، جيئن اُهي پنهنجن جذبن ۽ سوچ جو اظهار ڪري سگهن. تڏهن ئي اسان سندس سپنن کي ساڀيان جو روپ ڏيئي سگهون ٿا.

ٻئي طرف گروپ سازيءَ لاءِ پڻ مڙني ماڻهن جي شموليت ضروري هوندي آهي. گروپ ۾ ڪنهن کي ڪم جو تجربو هوندو آهي ته ڪنهن کي رٿابندي جو، اهڙن ماڻهن کي ساڻ رکڻ نهايت ضروري هوندو آهي. تنظيم ۽ گروپ اُهي ئي ڪامياب ٿين ٿا جن ۾ هر هڪ شعبو ڀرپور خدمت ڪري رهيو هجي.

سوال: سماجي تنظيمن لاءِ شهرن ۽ وسيلن جي ڳولا سولو ڪم آهي، پر ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ ڪم ڪندڙ ننڍين ننڍين تنظيمن لاءِ سرپرست ڳولڻ ۽ سماجي خدمت جي رٿائن لاءِ سيڙپڪار ڳولڻ ڏاڍو ڏکيو هوندو آهي. اوهان جي خيال ۾ اهڙين تنظيمن کي ڪهڙي حڪمت عملي اختيار ڪرڻ گهرجي؟

جواب: قانونن جي نفاذ ۽ تحقيق جي راهه ۾ موجود رنڊڪن سببان ڳوٺن ۾ رٿائن لاءِ وسيلن جي ڳولا ڏاڍو ڏکيو مرحلو هوندو آهي. وڏا ادارا ٻهراڙين جو رخ نٿا ڪن ۽ پئسو سيڙائڻ لاءِ ٻهراڙين کي پنهنجي اوليت ۾ شامل نٿا ڪن. منهنجي خيال ۾ ان مسئلي جو نبيرو اين جي اوز ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر وچ ۾ سرچاءَ ۽ ابلاغ ذريعي ڳولي سگهجي ٿو. ڪمپنين کي اهو سمجهائڻ جي ضرورت آهي ته جيئن جيئن ٻهراڙين ۾ زندگيءَ جون حالتون سڌرنديون، تيئن تيئن سندن وڪري ۽ نفعي ۾ ٻه فائدو ٿيندو. تنهن ڪري ماڻهن جون زندگيءَ جون حالتون سڌارڻ لاءِ صنعتي ۽ واپاري ادارن کي سماجي خدمت جي شعبي ۾ اڳتي وڌڻو پوندو ۽ وسيلا مهيا ڪرڻا پوندا. مثال جي طور تي اڄڪلهه ڀارت ۾ آبادگار اهو محسوس ڪن ٿا ته زرعي دوائن جو گهڻو استعمال ٺيڪ ناهي ۽ ڪيميائي دوائن کي سوچي سمجهي استعمال ڪرڻ گهرجي. اها سوچ جيئن جيئن سگهاري ٿي رهي آهي، زرعي دوائون ناهيندڙ ڪمپنين لاءِ پنهنجي پراڊڪٽ جو وڪرو ڏکيو ٿيندو وڃي.

جيڪڏهن ڪنهن ڪمپنيءَ جو نمائندو ڪڙميءَ وٽ وڃي ٿو ته ڪيس صحيح ردعمل نٿو ملي. آبادگار ان نمائندي تي ڀروسو نٿا ڪن ۽ سوچين ٿا ته جيئن ته ڪيس مال جو وڪرو ڪرڻو آهي، تنهن ڪري اُهو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي. ان مرحلي تي هڪ ٻئي تي ڀروسو ڪرڻ لاءِ اين جي اوز جو ڪردار سامهون اچي ٿو.

جيڪڏهن ڪمپنيءَ جو نمائندو ڪنهن اين جي او سان گڏ وڃي، جيڪا عوام ۾ سٺي ساک رکندڙ هجي ته آبادگار به نمائندي تي ڀروسو ڪندا. اسان ڪاروباري ادارن کي پاڻ سان شامل ڪري سندن مسئلا نبيري سگهون ٿا، جڏهن ته ٻئي طرف ڪمپنيون به اين جي اوز جي مدد ۽ امداد ڏانهن ڏيان ڏينديون. ان نقطهءِ نظر جي واڌ ويجهه لاءِ ضروري آهي ته سٺي ساک رکندڙ تنظيمون ميدان ۾ اچن. جڏهن اهي ڪم ڪنديون ته عام ماڻهن کي به خاطري ٿيندي ته اُهي جنهن سان ڪم ڪري رهيون آهن، اُهو ڀلو ادارو آهي. مان سمجهان ٿو ته تنظيمن کي پنهنجي ساک ناهڻ ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي ۽ سٺن ادارن سان رابطا وڌائڻ گهرجن. جهڙوڪ، گهٽيون تنظيمون اِهو چونديون آهن ته، اسان سگريٽ ناهيندڙ ۽ هٿيار ناهيندڙ ادارن کان امداد نه وٺنداسين، اهڙي قسم جو رويو عوام ۾ اين جي اوز جو ساک کان علاوه سندن اثر رسوخ ۾ واڌاري جو پڻ ڪارڻ ٿيندو.

سوال: ڏکڻ ايشيا جي عوام کي ”عظيم تر ذاتي مفاد“ جي منزل حاصل ڪرڻ لاءِ سخت محنت جي ضرورت آهي. هن مهل هتان جون اين جي اوز ئي فڪري طور تي تيار ڪونهن. مثال جي طور تي ڪين اِهو وهم آهي ته اُهي سيڪجهه ڄاڻن ٿيون ۽ سماجي ترقيءَ جي عمل لاءِ ڇا ٿيڻ گهرجي، ڪين سيڪجهه معلوم آهي. تنهن ڪري ادارن ۽ امداد ڏيندڙن کي گهرجي ته اُهي ڪين پئسا ڏين، ڇو ته اُهي سماج جي خدمت ڪري رهيون آهن. مان سمجهان ٿو ته، اسان کي خدمت جي عمل ۾ پهرئين مرحلي کان سڌي ريت ٽئين مرحلي ۾ پهچڻ جي بدران وچئين يا ٻئي مرحلي ۾ وڌيڪ وقت گذارڻ جي ضرورت آهي، جيڪو

”ڪجھ وٺو ۽ ڪجھ ڏيو،“ جي اصول تي ڪم ڪري ٿو، اسان کي هن مرحلي ۾ رهڻ لاءِ حڪمت عملي ٺاهڻي پوندي. اسان کي اُن ننڍڙي پار بابت بہ سوچڻو پوندو، جنهن کي گهٽن ويلن کان ڪائڻ لاءِ ڪونہ مليو آهي. اسان کي ذميوار ٻڌجڻ جي خواهش رکندڙ ڪارپوريٽ سيڪٽر سان بہ رابطورکڻو پوندو ۽ ان جون گهرجون پوريون ڪرڻيون پونديون.

سوال: وسيلن حاصل ڪرڻ ۾ اوهان گهٽي ۾ گهٽي اهميت ڪهڙي ڳالھ کي ڏيو ٿا؟

جواب: مان وسيلن جي ڏس ۾ ٿورڙو ڌار نقطہ نظر رکان ٿو منهنجي خيال ۾ پئسو سڀ کان اهم ڪونهي، بلڪ مان انساني وسيلن کي وڏ ۾ وڏ اهم قرار ڏيان ٿو. جنهن بعد مادي وسيلا ۽ بنھ پڇاڙيءَ ۾ پئسي کي اهميت ڏيان ٿو انساني.وسيلن کي گڏ ڪرڻ ئي اصل ۾ اسان جي ڪاميابي آهي. مون ان ڏس ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي. هم خيال ماڻهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪري بہ انساني وسيلا جمع ڪري سگهجن ٿا. ڪو ماڻهو اخبار ۾ مضمون لکي ٿو، ڪو پنهنجي ڪميونٽي لاءِ آفيسرن سان ملاقاتون ڪري ٿو، ڪتاب لکي ٿو، مظاهرن ۾ بهرو وٺي ٿو، اهي سڀئي انساني وسيلن جي ڇُرپُر جا ڪجھ مثال آهن.

سوال: ڏکڻ ايشيا جي ملڪن ۾ غربت، جهالت، بيماري ۽ مشڪلات جو انت آڻڻ لاءِ اين جي اوز ڪهڙو ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون؟

جواب: منهنجو خيال آهي تہ ڏکڻ ايشائي ملڪن جي عوام وچ ۾ اختلاف ڪونهن، بلڪ سياسي، سفارتي ۽ بيورو ڪريسي جي سطح تي اختلاف آهن. ڏکڻ ايشيا ۾ علائقائي سهڪار لاءِ ”سارڪ“ سٺو پليٽفارم آهي، پر بيوروڪريسي جي ڪري ايڏو اثرائتو ڪونهي. اسان کي هن علائقي ۾ وسيلا ميسر ڪرڻ لاءِ انفرادي ڪوشش ڪرڻي پوندي. سائوٿ ايشين فنڊريزنگ گروپ جي هيستائين ٿيندڙ گڏجاڻين ۾ اسان اِهو فيصلو ڪيو آهي تہ پاڪستان، نيپال، بنگلاديش ۽ سريلنڪا

۾، قومي سطح تي آرگنائزيشن جي قيام ۾ مدد ڏيبي. جڏهن ٻه اسان کي مقامي مقبوليت نظر ايندي ۽ اسان کي محسوس ٿيندو ته ماڻهو هڪ هنڌ گڏ ٿي ڪجھ ڪرڻ چاهين ٿا ته وسيلا گڏ ڪرڻ ۾ اسان اهڙين تنظيمن جي جيتري ٿي سگهي مدد ڪنداسين. اسان ڪين فقط خيال ئي نه پر سکيا ۽ فنڊ ٻه ڏينداسين.

سوال: ڏکڻ ايشيا جا گهڻا ملڪ اندرين ٽڪرائن جا شڪار آهن ۽ لساني، علائقائي، مذهبي، سياسي ۽ نسلي تعصب جي ڪري هڪ ملڪ ڪيترن ئي حصن ۾ ورهايل آهي، هتان جا ماڻهو پاڻ ۾ ننڍين ننڍين ڳالهين جي ڪري هڪ ٻئي سان سهڪار نٿا ڪن؟

جواب: يقيني طور گهڻن سماجن ۾ ان حوالي سان ڏکي صورتحال آهي ۽ چيڪتاڻ سببان سماجي ڪارڪن لاءِ ڪم ڪرڻ سولو ڪونهي، پر جيڪڏهن اسان ان منجهيل صورتحال کان شڪست مڃي وٺون ته ڪم نه ٿيندو. اسان کي حالتن کي منهن ڏيڻو پوندو ۽ هم خيال ماڻهن ۽ تنظيمن کي پاڻ سان گڏ ڪٺي ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي.

سوال: غير سرڪاري تنظيمن تي اڪثر الزام لڳندو آهي ته اُهي ڪنهن ٻڄهي ايجنڊا تي ڪم ڪري رهيون آهن ۽ سندن پويان ڪا سازش آهي. ساڳيو ڏوهه گهڻ قومي ادارن کي ٻه ڏنو ويندو آهي. جڏهن اهي ٻئي گڏجي ويندا ته ڇا اوهان جي خيال ۾ عوام جو ردعمل منفي نه هوندو؟

جواب: مان سدائين اِهو چوندو رهيو آهيان ته اين جي اوز کي پنهنجو ڪم بلڪل صاف سٿرو ۽ شفاف رکڻ گهرجي. اهو پڌرو هئڻ گهرجي. ڇو ته جيڏي ڪشادگي ٿيندي، سندن ڪم ايڏو ئي سولو ٿيندو. ٻئي طرف ڪين ٻاهر جي دنيا سان ٻه لهه وچڙ ضرور رکڻ گهرجي. مناسب اهو آهي ته تنظيم جيڪڏهن ڪنهن ملٽي نيشنل ڪمپنيءَ سان گڏ ڪم ڪري رهي آهي ته ڪيس پنهنجو طريقهِ ڪار بلڪل صاف شفاف ۽ کليل رکڻ گهرجي. ڪيس کليل نموني اِهو ٻڌائڻ

گهرجي ته اسان اِهو ڪم ڪري رهيا آهيون ۽ هن مقصد لاءِ ڪري رهيا آهيون. اصل ۾ ڏکيائي ان مهل پيدا ٿئي ٿي، جڏهن اوهان ڄاڻ ۽ اطلاعن ۾ ڪنهن کي شامل نٿا ڪريو. عام طور تي اين جي اوز سوچين ٿيون ته اسان ايمانداريءَ سان ڪم ڪري رهيا آهيون، ته پوءِ اسان کان ڪو به سوال نه پڇيو وڃي. جيڪڏهن ڪو ڪائين سوال پڇي ٿو اُهي احتجاج ڪن ٿيون ته سندن نيت تي شڪ ڪيو پيو وڃي. منهنجي خيال ۾ اهڙي ريت جذباتي ٿيڻ جو ڪو به فائدو ڪونهي، بلڪ اسان کي گهرجي ته پاڻ کي ٻين جي تنقيد لاءِ تيار رکون. اسان پنهنجي ڪشادگي ۽ شفاف نموني ڪم ڪرڻ سان ئي تنقيد جو رستو روڪي سگهون ٿا. هوئنئن به اسان جيڪڏهن ڪنهن ٻئي جو پئسو ڪپائي رهيا آهيون ته اسان جي جوابداري آهي ته خرچ ٿيندڙ رقم بابت جواب ڏئي سگهون.

سوال: ڪارپوريٽ سيڪٽر تي پورهيتن جي استحصال جو ڏوهه مڙهيو ويندو آهي. اوهان اين جي اوز ۽ ڪارپوريٽ سيڪٽر وچ ۾ عملي اشتراڪ جي ڳالهه ڪريو ٿا، ڪٿي ائين ته نه ٿيندو ته اين جي اوز تي ڪارپوريٽ سيڪٽر لاءِ عام راهه هموار ڪرڻ جو الزام لڳي. اڻ ڄاڻائي ۾ اين جي ڪارپوريٽ سيڪٽر جي هٿان استعمال ٿي وڃن؟

جواب: ائين يقيني طور ٿي سگهي ٿو، پر ان جو سدباب فقط ۽ فقط پاڻ ۾ خيالن جي ڏي وٺ يا ڊائلاگ ذريعي ٿي سگهي ٿو. مثال جي طور، غاليچا، جوڙيون ناهڻ ۽ ڦٽاڪن جي ڪارخانن ۾ ٻارن کان پورهيو ورتو ويجي ٿو، جو ته اُهي چون ٿا ته، ٻار جون آڱريون سنهيون ۽ ڪونئريون هونديون آهن. اسان کين چئون ٿا ته، اُهي ٻارن جي تعليم ۽ ڀلائي لاءِ به سوچين ۽ هڪ خاص ڄمار کان ننڍين ٻارن کان ڪم نه وٺن. اُهي پنهنجي پورهيتن لاءِ حالتون بهتر ڪن ۽ سندن لاءِ تعليم جو بندوبست ڪن. اسان کين چيو آهي ته اوهان ٻارن کان اٺ ڪلاڪ ڪم وٺو ٿا، جن مان ٻه يا ٽي ڪلاڪ اسان کي ڏيو. اسان فيڪٽري ۾ ئي ڪلاس وٺنداسين ۽ سندن تعليم جو بندوبست ڪري ڇڏينداسين.

پر اها پڙهائي انهن اٺن ڪلاڪن اندر ئي ٿئي. ائي نه ٿئي ته

اوهان اٺ ڪلاڪ پورهيو ونڻ بعد ٻار کي پڙهڻ لاءِ اُماڻيو. ان حالت ۾ اُهو ڪيئن پڙهي سگهندو، صبح ڇهين کان شام ڇهين تائين ڪم ڪندڙ ٻار ڪيئن پڙهندو. ان ريت ته اسان ٻارڙي تي وڌيڪ بار وجهي ڇڏيندا آهيون، تنهن ڪري اسان جيڪڏهن انهن ڳالهين جو خيال رکون ته پنهنجي ساک ۽ ڏار سڃاڻپ کي بچائي سگهون ٿا.

سوال: پاڪستان ۽ ڀارت وچ ۾ ناتن جي سڌاري لاءِ اين جي اوز ڪيئن ڪارائتيون ثابت ٿي سگهن ٿيون؟

جواب: اڳ ۾ ته اين جي اوز کي پنهنجن لاڳاپن کي وڌائڻو پوندو. ناتا وڌائڻ لاءِ پئسو ضروري ڪونهي. مثال جي طور تي جيڪڏهن سائوٿ ايشين فنڊريزنگ گروپ وٽ سماجي ترقيءَ لاءِ ڪا تجويز آهي ته ان کي پاڪستان ۾ آڻيو، بنگلاديش ۾ آڻيو، اهڙي ريت گڏيل امداد سان سرچاءُ ۽ ويجهڙائپ ۾ واڌارو ٿيندو. اسان ۽ اسان جا ساٿي پاڪستان جي مدد لاءِ سدائين هتي اچڻ لاءِ تيار آهيون. منهنجي خيال ۾ پئسي سان گڏوگڏ اسان کي صلاحيتن جي ترقي، علم ۽ فن جي اشتراڪ تي ب ڌيان ڏيڻ گهرجي. اسان کي هڪ ٻئي کي ڏسڻ ۽ سکڻ گهرجي ۽ ان عمل ۾ اين جو اوز نهايت اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون. ساڳي ريت پاڻ ۾ واپار سان ب حالتن ۾ گهڻو سڌارو پيدا ٿيندو.

سوال: هن مهل سڄي دنيا هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ بدلجي ويئي آهي، جتي ڪوب اڪيلو ڪونهي. ان صورتحال ۾ جيڪڏهن ڀارت جو ڪو ادارو پاڪستان ۾ سماجي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ چاهي ته ڇا اهو ٿي سگهي ٿو؟

جواب: في الحال سڌي طرح ته اهو ڏکيو آهي، البت انهن ملٽي نيشنل ڪمپنين ذريعي اهو ڪم آسان ٿيندو، جيڪي ساڳئي وقت پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. اسان ڪينيڊا جي اهڙين ڪمپنين جي لسٽ حاصل ڪري رهيا آهيون، جيڪي پاڪستان ۽ ڀارت ۾ ڪم ڪري رهيون آهن. ڀارتي ادارا جيڪڏهن چاهين ته اهڙن گهڻ قومي ادارن ذريعي پاڪستان ۾ رقم خرچ ڪري سگهن ٿا. □

# فرهنگ

# مخفف نالا

# فرهنگ

(سنڌي لپيءَ مُوجب ترتيب ڏنل)

| | |
|---|---|
| آزمائشي رٿا | Pilot Project |
| اداري جا خرچ گھٽائڻ لاءِ اُپاءَ | Down Sizing |
| استعداد ڪاري- لياقت وڌائڻ | Capacity Building |
| اڳواٽ ادائيگي | Down Payment |
| اقتصادي ڍانچي جا سڌارا | Structural Adjustment |
| انساني وسيلا | Human Resources |
| انڪريمينٽل اسڪيم- گهرج آهر ڏاڪي بڏاڪي سھوليتون ڏيڻ | Incremental Scheme |
| ايراضي جي نبيري وارو سرشتو- لينڊ سيٽلمينٽ | Land Settlment |
| باهمي ابلاغ- خيالن جي ڏي وٺ | Inter-personal Communication |
| ترقياتي ڪم | Development Work |
| پاڻپرائپ | Self- Reliance |
| جٽادار ترقي | Sustainable Development |
| جهنگلي جيوت | Wildlife |
| حفاظتي ٽُڪا هڻڻ | Immunization |
| ڇڏيل ملڪيت- ترڪ ڪيل ملڪيت | Evacuae Property |
| دستاويز سازي | Documentation |
| رابطا ڪاري، رابطا سازي | Networking |
| راضاڪار تنظيم | Voluntary Organization |
| رول ماڊل- مثالي ڪردار | Role Model |
| روڪ يا نقل معيشت | Cash Economy |
| زرخيزي- ڀڳيرڻ | Fertility |

| | |
|---|---|
| Agro-ecological Zone | زرعي ماحولياتي علائقو |
| Support Organization | سپورٽ آرگنائزيشن، مددگار تنظيم |
| Social Mobilization | سماجي تحريڪ، سماجي هلچل |
| Sungi | سنگي ڊيولپمينٽ فائونڊيشن |
| Social Summit | سوشل سمٽ- سماجي سربراهه ڪانفرنس |
| Andg Zdls | مارچ 1995ع ۾ ڪوپن هيگن ۾ ٿيل عالمي سربراهه ڪانفرنس، جنهن جو موضوع سماجي ترقيءَ لاءِ پاليسي سازي ۽ رٿابندي هو. |
| Civil Society | سول سوسائٽي- غير سرڪاري نظام ۽ ادارن تي ٻڌل سماجي ترقيءَ جو شعبو |
| Facilitator | سهوليت ڪار |
| Collective Land Property | شاملات |
| Participation | شراڪت |
| Participatory Research | شراڪتي تحقيق يا کوجنا |
| Participatory Planning | شراڪتي رٿابندي |
| Welfare Work | عام ڀلائي جو ڪم |
| Poverty | غربت، اٿوند |
| Poverty Line | غربت جي حد |
| NGO's Sector | غيرسرڪاري تنظيمن جو شعبو |
| Cairo Conference | قاهره ڪانفرنس- آبادي رٿابنديءَ جي موضوع تي 1996ع ۾ قاهره ۾ ٿيل گڏيل قومن جي عالمي ڪانفرنس |
| Corporate Sector | ڪارپوريٽ سيڪٽر- وڏن ڪاروباري ادارن وارو شعبو |
| Advocacy | ڪنهن نظرانداز ٿيل موضوع يا مسئلي کي سامهون آڻڻ ۽ پاليسي سازن کان پنهنجو موقف مڃرائڻ |

| | |
|---|---|
| ڪوآپريٽو، اقتصادي سهڪار جون انجمنون | Cooperatives |
| ڪئنيڊا جي اين جي او | Inter Pares |
| ڪيئر انٽرنيشنل، هڪ آمريڪي اين جي او | CARE |
| گهڻ قومي ادارا | Multinationals |
| لوڪل گورنمينٽ، مڪاني ادارا | Local Government |
| مال جي عيوض مال، بارٽر سسٽم | Barter System |
| محدود تجزيو، ڇنڊڇاڻ | Micro Analysis |
| مددي سرگرمي | Support Activity |
| مقامي آبادي، برادري | Community |
| ورلڊ بئنڪ، عالمي بئنڪ | World Bank |
| وسيع پاليسيون | Macro Policies |
| همخيال بنائڻ | Lobbying |

# مخفف نالا
(Acronyms)

| | |
|---|---|
| آءِ ايل او | (انٽرنيشنل ليبر آرگنائزيشن) پورهئي وارو عالمي ادارو |
| آءِ ايم ايف | (انٽرنيشنل مانيٽري فنڊ) بين الاقوامي مالياتي فنڊ |
| آءِ ڊي ايس | (انسٽيٽيوٽ آف ڊيولپمينٽ اسٽڊيز 'لنڊن') |
| آءِ يو سي اين | (انٽرنيشنل يونين فار ڪنزرويشن آف نيچر) ماحول جي بچاءَ واري بين الاقوامي تنظيم |
| اين ايس سي اين | (نيشنل اسٽريٽجي فار ڪنزورويشن آف نيچر) ماحول جي بچاءَ واري قومي حڪمت عملي |
| ايس اي اي آر سي | (سارڪ) سائوٿ ايشين ايسوسيئيشن فار ريجنل ڪوآپريشن |
| ايس اي پي اين اي | (سپنا) سائوٿ ايشين پراسپيڪٽو نيٽ ورڪس ائسوسيئيشن |
| ايس اي پي اي پي | (سائوٿ ايشيا پاورٽي ايليويئيشن پروگرام) ڏکڻ ايشيا غربت مٽايو پروگرام |
| ايس اي پي | (سيپ) سوشل ايڪشن پروگرام |
| ايس پي اي آر سي | (اسپارڪ) سوسائٽي فار دي پروموشن آف ايريا ريسورس سينٽرس، ممبئي |
| ايس سي او پي اِي | (اسڪوپ) سوسائٽي فار ڪنزرويشن ائنڊ پروٽيڪشن آف انوائرنمينٽ |
| ايس آءِ ڊي | (سڊ) سوسائٽي فار انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ |
| اين آر ايس پي | نيشنل رورل سپورٽ پروگرام |
| اي سي ايڇ آر | ايشين ڪوليشن فار هائوسنگ رائٽس |

| | |
|---|---|
| اي ڪي آر ايس پي | آغا خان رورل سپورٽ پروگرام |
| بي سي سي آءِ | بئنڪ آف ڪريڊٽ ائنڊ ڪامرس انٽرنيشنل |
| بي آر اي سي | (بريڪ) بنگلاديش رورل ائڊوانسمنٽ ڪميٽي |
| پي ايل اي | (پارٽيسپيٽري لرننگ اسيسمنٽ) |
| . | سکڻ جي عمل جو شراڪتي جائزو |
| پي پي اي | (پارٽيسپيٽري پبلڪ اسيسمنٽ) |
| | شراڪتي عوامي تجزيو |
| پي آر اي | (پارٽيسپيٽري رورل اپريزل) |
| | شراڪتي ڳوٺاڻو جائزو |
| پي آءِ ڊي | پارٽيسپيٽري انسٽيٽيوٽ فار ڊيولپمينٽ |
| ٽي وي او | ٽرسٽ فار والنٽري آرگنائزيشن |
| سي اي آر اِي | (ڪيئر) ڪيئر انٽرنيشنل (هڪ آمريڪي اين جي او) |
| سي بي اوز | (ڪميونٽي بيسڊ آرگنائزيشنز) |
| . | سماجي ترقياتي لاءِ ڪم ڪندڙ مقامي تنظيمون |
| سي يو ايس او | ڪينيڊين يونيورسٽيز سروس اوورسيز |
| سي آءِ ڊي اي | (سيڊا) ڪينيڊين انٽرنيشنل ڊيولپمنٽ ايجنسي |
| ڪي ايڇ اي ايس ڊي اي ايڇ | (خاصداه) ڪراچي هليٿ ائنڊ سوشل ڊيولپمنٽ ايسوسيئيشين |
| يو آر سي | اربن ريسورس سينٽر |

سماج جا اڳواڻ

# سماج جا اڳواڻ

’جن شخصيتن جي ڪم ۽ خيالن کي اسان هن ڪتاب ۾ پيش ڪري رهيا آهيون اُهي بنيادي طور تي اهڙا حساس ۽ عملي ماڻهو آهن، جن پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي دائري ۾ سماج جي ڏک کي محسوس ڪيو ۽ اُن ڏک کي گهٽائڻ لاءِ ڪجھ ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. هر هڪ پنهنجي پنهنجي ڏار واٽ کان سماجي عمل سان ڳنڍجڻ واري ماڳ تي پهتو. هنن سورهن ماڻهن مان گهڻا اهڙا ماهر آهن، جن ڪنهن خاص شعبي ۾ نمايان خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ پوءِ پنهنجو رستو بدلائي ڇڏيو. انهن سمورن ماڻهن ۾ جيڪي ڳالهيون هڪجهڙيون آهن، تن مان سڀ کان ذڪر جوڳو اهو ڀروسو آهي ته ديانتداري ۽ خلوص سان سماج کي تبديل ڪري سگهجي ٿو، پر اهو تڏهن ٿي سگهندو، جڏهن اسان پنهنجن مسئلن ۽ پنهنجي سماج کي سمجهي سگهون.

هن ڪتاب ۾ مختلف ملڪن جي سماجي اڳواڻن جا تجربا آهن، پر گهڻو ڌيان ڏکڻ ايشيا تي آهي، ڇو ته هن علائقي جي ملڪن جي مسئلن ۾ گهڻي ڀاڱي هڪجهڙائي آهي. جيڪي مغربي ماهر هن لسٽ ۾ شامل آهن، تن جو تجربو به ڏکڻ ايشيا يا ٽين دنيا جي ملڪن سان واڳيل رهيو آهي.‘

اين جي او ريسورس سينٽر
(آغا خان فائونڊيشن جو پراجيڪٽ)

Rs. 150

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڄُرندڙ، ڪِرَندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياجوڳَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان ڪٽي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ٺاهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَ نَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَ نَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بِہ ڪُوڙو آهي.

جھڙيءَ طَرَح وٽن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙھندڙ، بَرندڙ ۽ پڙھندڙ، سُست ۽ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۽ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾ پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَن پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، جاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻجاڻائي کي ڀاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ڀاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڃي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻجاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين

ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چوڻ، چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن کي هر بيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ياڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)